(سنڌي)

# بياناتِ عطاريه (حصو3)



- انمول هيرا
- باحيا نوجوان
- ظلم جو انجام
- پوڙهو پوڃاري
- چار سنسني خيز خواب
- سياه فام غلام (12 معجزا)
- وضوءِ سائنس
- كراماتِ فاروقِ اعظم رضي الله تعالیٰ عنه
- مٺا ٻول
- كراماتِ عثمانِ غني رضي الله تعالیٰ عنه
- سامونڊي گنبذ
- قبر جي پهرين رات


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

## محمّد الياس عطّار قادري رضوي

دامت بركاتهم العالية



مكتبة المدينة
MAKTABA TUL MADINAH

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَكَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



13 شوال المڪرم 1428ھ

رسالي جو نالو: بيانات عطاريہ حصو ٽيون
ڇاپو پهريون: جمادي الاخريٰ 1437ھ، اپريل 2016ع
تعداد: ....

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ، عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ، بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

# بَيانَاتِ عَطّارِيّہ

## (حصو ٽيون)

هن مجموعہ ۾ پندرهين صدي جي عظيم ۽ روحاني شخصيت شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا هيٺ ڏنل 12 سنّتن ڀريا تحريري بيانات آهن، جيڪڏهن توهان اوّل کان آخر مڪمل پڙهندؤ تہ معلومات ۾ اضافو ٿيندو ۽ علم حاصل ڪرڻ جو ثواب بہ حاصل ٿيندو.

### ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ مجلسِ تراجم کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي مندي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست



| نمبر | بَيَاناتِ عَطّارِيّہ | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | 1 انمول هيرا | 1 |
| 2 | دُرود شريف جي فضيلت | 1 |
| 3 | زندگي جون گهڙيون بہ انمول هيرا آهن | 2 |
| 4 | زندگي جو وقت ٿورو آهي | 3 |
| 5 | ساھہ جي لڙي | 4 |
| 6 | ”ڏينهن“ جو اعلان | 5 |
| 7 | جناب يا مرحوم | 5 |
| 8 | اوچتو موت اچي ويندو آهي | 6 |
| 9 | جنّت وارن جو افسوس! | 7 |
| 10 | قلم جو قط | 7 |
| 11 | جنت ۾ وڻ لڳايو! | 7 |
| 12 | دُرود شريف جي فضيلت | 8 |
| 13 | سٺ سالن جي عبادت کان بهتر | 9 |
| 14 | پنجن کي پنجن کان پهريان | 9 |
| 15 | ٻہ نعمتون | 10 |
| 16 | حُسنِ اسلام | 11 |
| 17 | انمول لمحن جو قدر | 11 |
| 18 | وقت جي قدر دانن جا ارشاد ۽ منقولات | 11 |
| 19 | نِظام الاوقات جي ترکيب ڪريو | 13 |
| 20 | صبح جي فضيلت | 15 |
| 21 | سمهڻ ۽ جاڳڻ جا 15 مدني گل | 16 |
| 22 | 2 باحيا نوجوان | 20 |
| 23 | شفاعت جي بشارت | 20 |
| 24 | حيا ڇا کي چئبو آهي؟ | 23 |
| 25 | سڀني کان وڌو باحياء اُمّتي | 24 |
| 26 | فطري ۽ شرعي حياء | 24 |
| 27 | حياء ۾ سڀئي اسلامي احڪام پوشيده آهن | 25 |
| 28 | حياء جا احڪام | 25 |



www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| 29 | حياء جو ماحول سان تعلق | 26 |
| 30 | خُلقِ اسلام | 26 |
| 31 | ايمان جي علامت | 27 |
| 32 | حياء ايمان مان آهي | 27 |
| 33 | حياء جي گهٽائيءَ کان منع نہ ڪريو | 27 |
| 34 | حياء ۾ ڀلائي ئي ڀلائي آهي | 28 |
| 35 | گهوٽ ڇوڪرين جي جُهرمٽ ۾ | 28 |
| 36 | غيرت موڪلائي وئي | 29 |
| 37 | نازڪ شيشيون | 30 |
| 38 | ڇوڪريءَ ڪي اڳ ۾ ئي سنڀاليو... | 30 |
| 39 | مولانا صاحب! مجرم ڪير؟ | 31 |
| 40 | جنّت کان محروم | 32 |
| 41 | "دَيّوث" ڇا کي چئبو آهي؟ | 32 |
| 42 | عورتن جي اصلاح جو طريقو | 33 |
| 43 | شادي ۾ ناچ رنگ | 34 |
| 44 | گهرو بي حيائيون | 35 |
| 45 | ذرائِعِ اِبلاغ | 36 |
| 46 | رسولن (عَلَيۡهِمُ السَّلَام) جون چار سنتون | 37 |
| 47 | بي حياء نيڪ نٿو ٿي سگهي! | 37 |
| 48 | نفلي عبادت کان افضل عمل | 39 |
| 49 | سيني کان بُرو | 39 |
| 50 | مٿي جو حياء | 40 |
| 51 | زبان جو حياء | 41 |
| 52 | ڪُتي جي شڪل ۾ | 42 |
| 53 | اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڀ ڳالهيون ٻڌندو آهي | 42 |
| 54 | اکين جو حياء | 44 |
| 55 | ملعون آهي | 44 |
| 56 | پردي جو اهتمام | 45 |
| 57 | بدنگاهي سان حافظو ڪمزور ٿئي ٿو | 46 |
| 58 | قضاءِ حاجت جي وقت جي هڪ سنت | 47 |
| 59 | اکين ۾ ٻاهر پري ويندي | 47 |
| 60 | ٻاهر جي سرائي | 47 |

| | | |
|---|---|---|
| 61 | جهنم جو سامان | 48 |
| 62 | گندي ذهنيّت جا سببَ | 49 |
| 63 | نامحرمن کان پاسو ڪجي | 50 |
| 64 | ڪنن جو حياء | 51 |
| 65 | ناجائز پڙهڻ جا مختلف عذاب | 51 |
| 66 | پردي ۾ پردي جا مختلف طريقا | 53 |
| 67 | جيئڻ چاهين تئين ڪر | 55 |
| 68 | باحياء با ادب ٿيندو آهي | 56 |
| 69 | حياء جي ڪري مٿو مٿي ڪڻڻ جي همّت نہ ٿي | 57 |
| 70 | بُزرگن جي بارگاهہ ۾ حاضري جو انداز | 58 |
| 71 | اکيون نڪتل هجن ها تہ بهتر هو | 58 |
| 72 | نِچ ڏيڻ جي آداب جا 17 مدني گل | 60 |
| 73 | (3) ظلم جوانجام | 64 |
| 74 | موتين وارو تاج | 64 |
| 75 | خوفناڪ ڏاڙيل | 65 |
| 76 | ظالِم کي مهلت ملندي آهي | 66 |
| 77 | منهن ڀر جهنم ۾ | 67 |
| 78 | باهہ جون زنجيرون | 67 |
| 79 | مُفلِس ڪير؟ | 68 |
| 80 | ڏکي وجو! | 69 |
| 81 | اَڌ صوف | 70 |
| 82 | خِلال جو وبال | 70 |
| 83 | ڪٽڪ جي داڻي پچڻ سبب آخرت جو نقصان | 71 |
| 84 | ست سؤ باجماعت نمازون | 72 |
| 85 | قرض جي ادائيگي ۾ بنا سبب دير ڪرڻ گناهہ آهي | 73 |
| 86 | غيرتمندي جو تقاضو | 74 |
| 87 | نيڪين جي ذريعي مالدار | 75 |
| 88 | اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذا ڏيڻ وارو | 75 |
| 89 | دل ڏکائيندڙ خارش | 76 |
| 90 | جنّت ۾ گهمڻ وارو | 77 |
| 91 | آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي اِنتِها عاجزي | 78 |


www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| 92 | مون تنهنجو ڪن مَروڙيو هو | 79 |
| 93 | مسلمان جي وصف | 79 |
| 94 | مسلمان کي ڇِتّائي نهارڻ، ڏيڇارڻ | 79 |
| 95 | اسان شريفن سان شريف ۽ .... ... | 80 |
| 96 | جيڪو برائي ڪري ان تي بہ ظلم نہ ڪريو | 81 |
| 97 | پرايو قلم واپس ڪرڻ لاءِ سفر | 82 |
| 98 | بنا اجازت جي ڪنهن جو چپل پائڻ ڪيئن؟ | 82 |
| 99 | خوشبو سنگهڻ ۾ احتياط | 84 |
| 100 | ڏيئو وسائي ڇڏيو! | 84 |
| 101 | باغ يا جهنم جو ڪڏو | 85 |
| 102 | اڌ ڪجور | 85 |
| 103 | شاهي ٽڦڙ جو انجام | 86 |
| 104 | فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سادگي | 87 |
| 105 | بري خاتمي جا سببَ | 88 |
| 106 | پاڻ کي ڪنهن جو "غلام" چوڻ ڪيئن؟ | 88 |
| 107 | ڇا حال آهي؟ | 89 |
| 108 | منافق چورائيندس جي وضاحت | 90 |
| 109 | مظلوم جي مدد ڪرڻ ضروري آهي | 90 |
| 110 | قبر ۾ شعلا پڙڪي رهيا هئا! | 91 |
| 111 | مسلمانن جو غم | 91 |
| 112 | چور جو غم | 92 |
| 113 | چوري جو عذاب | 92 |
| 114 | گناهن جي مريضن جو علاج ڪرڻ وارن جي لاءِ مدني گل | 93 |
| 115 | مختلف حقَ سکڻ جو طريقو | 94 |
| 116 | ظالم جي مختلف انداز جي نشاندهي | 94 |
| 117 | ڪنهن تي کلڻ گناهہ آهي | 95 |
| 118 | مذاق ڪرڻ جو عذاب | 96 |
| 119 | مُعافي گهري وٺو | 96 |
| 120 | مون معاف ڪيو | 98 |
| 121 | رقم واپس ڪرڻي پوندي | 99 |
| 122 | جيڪي ياد نہ آهن انهن کان ڪهڙي طرح معاف ڪرايون؟ | 100 |
| 123 | اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ صلح ڪرائيندو | 101 |

| | | |
|---|---|---|
| 124 | گفتگو ڪرڻ جا 12 مدني گل | 103 |
| 125 | 4 پوڙهو پوڄاري | 107 |
| 126 | دُرود شريف جي فضيلت | 107 |
| 127 | دنيا جي بدحالي | 109 |
| 128 | آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت تي | 109 |
| 129 | غارِ حرا ۾ عبادت | 111 |
| 130 | نُبُوّت جو اعلان | 111 |
| 131 | پهرين وحي | 112 |
| 132 | دعوتِ اسلام جي شروعات | 113 |
| 133 | مسلمان ٿيندي ئي نيڪي جي دعوت جي ڌوم | 113 |
| 134 | ڪاش اسان نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجؤن | 114 |
| 135 | هڪ هيروئني جي توبهہ | 115 |
| 136 | ڪفر جي ايوانن ۾ ترٿلو | 118 |
| 137 | ساڃي هٿ ۾ سچ .......... | 119 |
| 138 | بدنام ڪرڻ جي سازش | 120 |
| 139 | دل جو مريض ٺيڪ ٿي ويو | 121 |
| 140 | ڪافرن جي گهيري ۾ .... | 122 |
| 141 | چادر جو قندو | 124 |
| 142 | ڏاچي جي ڀچيداڻي | 125 |
| 143 | ننهن ڪٽڻ جا 9مدني گل | 127 |
| 144 | 5 چار سنسني خيز خواب | 130 |
| 145 | دُرود شريف جي فضيلت | 130 |
| 146 | اصلاح جو راز (فرضي حڪايت) | 130 |
| 147 | مُردو جيڪڏهن ڀڄائي تہ ...... | 136 |
| 148 | تڙپندڙ مردو | 136 |
| 149 | باهہ جو هار | 138 |
| 150 | زانين جو انجام | 138 |
| 151 | زانين جو انجام | 138 |
| 152 | زاني کي شرمگاهہ سان لٽڪايو ويندو | 139 |
| 153 | خوفناڪ شينهن | 139 |
| 154 | پُلصراط جي دهشت | 141 |

| | | |
|---|---|---|
| 155 | پُلصراط تلوار کان وڌيڪ تکي آهي | 142 |
| 156 | صحابي جو روئڻ | 142 |
| 157 | وَارِدُها مان مراد | 143 |
| 158 | پُلصراط پندرهن هزار سالن جي راهه آهي | 143 |
| 159 | پُلصراط تان گذرڻ جو منظر | 143 |
| 160 | هر هڪ پُلصراط تان گذرندو | 144 |
| 161 | مجرم جهنم ۾ ڪري پوندا | 145 |
| 162 | جُتي پائڻ جا 7 مدني گل | 145 |
| 163 | پاربي ماڙ تان ڪري پيو! | 147 |
| 164 | قبر مان پار زنده نڪتو! | 148 |
| 165 | سياهه فام غلام (12 معجزا) | 151 |
| 166 | دُرود شريف جي فضيلت | 151 |
| 167 | 6 سياهه فام غلام | 152 |
| 168 | روشن چهرو | 154 |
| 169 | سراپا نور جي روشني | 155 |
| 170 | ديوارون روشن ٿي ويون | 155 |
| 171 | گمشده سُئي | 155 |
| 172 | آقا ﷺ جي بشريت جو انڪار ڪرڻ ڪيئن؟ | 156 |
| 173 | حافظو عطا فرمائي ڇڏيو | 158 |
| 174 | سنتن ڀريا بيان ٻڌندا رهو | 158 |
| 175 | مون گمراهي ڪيئن ڇڏي | 159 |
| 176 | غيبي خبر | 160 |
| 177 | خوفناڪ اَٽ | 162 |
| 178 | شينهن اچي ويا! | 164 |
| 179 | پنهنجي والدين سڳورن کي زنده ڪيو | 165 |
| 180 | والدين ڪريمين توحيد تي هئا | 166 |
| 181 | يُونُس عَلَيۡهِ السَّلَام جي مڇي جنت ۾ ويندي | 167 |
| 182 | وَالِدينِ ڪريمين جنّتي آهن | 167 |
| 183 | مئل ٻڪري زنده ٿي پئي | 167 |
| 184 | فوت ٿي ويل مدني مُنّا زنده ٿي ويا! | 169 |
| 185 | گستاخ کي زمين قبول نه ڪيو | 172 |

| | | |
|---|---|---|
| 186 | علمِ مُصطفيٰ ﷺ تي اعتراض ۾ هلاڪت آهي | 173 |
| 187 | هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل | 174 |
| 188 | ديدار مصطفيٰ ﷺ | 176 |
| 189 | مان غير ملڪي فلمن جو شوقين هئس | 177 |
| 190 | نيڪن جي محبت ڪڍهن ثواب جو ڪم آهي | 178 |
| 191 | الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکڻ جا 8 فضائل | 179 |
| 192 | **(7) وُضُوءِ سائنس** | 182 |
| 193 | دُرود شريف جي فضيلت | 182 |
| 194 | وُضُو جون حڪمتون ٻڌي اسلام قبول ڪيو | 182 |
| 195 | مغرِبي جرمني جو سيمينار | 183 |
| 196 | وُضُو ۽ هاءِ بلڊ پريشر | 184 |
| 197 | وضو ۽ فالج | 184 |
| 198 | مسواڪ جو قدردان | 185 |
| 199 | حافظو مضبوط ڪرڻ لاءِ | 186 |
| 200 | مِسواڪ جي باري ۾ ٻه مبارڪ حديثون | 186 |
| 201 | وات جي ڇالن جو علاج | 186 |
| 202 | ٽوٿ برش جا نقصان | 187 |
| 203 | ڇا توهان کي مسواڪ ڪرڻ ايندو آهي؟ | 187 |
| 204 | مِسواڪ جا 20 مدني گل | 188 |
| 205 | هٿ ڌوئڻ جون حڪمتون | 190 |
| 206 | گرڙي ڪرڻ جون حڪمتون | 191 |
| 207 | نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جون حڪمتون | 192 |
| 208 | منهن ڌوئڻ جون حڪمتون | 193 |
| 209 | انڌائپ کان حفاظت | 194 |
| 210 | ٺونٺيون ڌوئڻ جي حڪمت | 195 |
| 211 | مسح جون حڪمتون | 195 |
| 213 | چرين جو ڊاڪٽر | 195 |
| 214 | پير ڌوئڻ جون حڪمتون | 197 |
| 215 | وضو جو بچيل پاڻي | 197 |
| 216 | انسان چنڊ تي | 198 |
| 217 | نور جو رانديڪو | 199 |


www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| 218 | شَق القَمر جو مُعجزو | 200 |
| 219 | صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ | 201 |
| 220 | تَصوف جو عظيم مدني نسخو | 202 |
| 221 | سُنت سائنسي تحقيق جي محتاج ناهي | 203 |
| 222 | 8 ڪرامات فاروق اعظم | 206 |
| 223 | دُرود پاڪ جي فضيلت | 206 |
| 224 | صداءِ فاروقي ۾ مسلمانن جي ڪاميابي | 207 |
| 225 | سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو تعارف | 209 |
| 226 | قُربِ خاص | 211 |
| 227 | صاحبِ ڪرامت | 212 |
| 228 | ڪرامت حق آهي | 212 |
| 229 | ڪرامت ڇا کي چئبو آهي | 212 |
| 230 | اَفضلُ الاولياءِ | 213 |
| 231 | درياءِ نيل جي نالي خط | 214 |
| 232 | ناجائز رَسُم و رَواج ۾ مسلمانن جي نازڪ حالت | 216 |
| 233 | 3 بيماريون | 218 |
| 234 | ذڪر ڪيل بيمارين جو علاج | 218 |
| 235 | قبر واري سان گفتگو | 220 |
| 236 | عرش جي ڇانوَ حاصل ڪرڻ وارا خوش نصيب | 222 |
| 237 | اوچتو ٻه شينهن ظاهر ٿيا | 223 |
| 238 | گهر وارن کي تَهَجُّد لاءِ جاڳائيندا هئا | 223 |
| 239 | فاروق اعظم جن جو محبوب | 224 |
| 240 | ماکيءَ جو پيالو | 225 |
| 241 | فاني دنيا جو نقصان برداشت ڪندا ڪريو | 225 |
| 242 | فاروق اعظم جو روئڻ | 225 |
| 243 | پاڻ کي عذاب کان ڊيڄارڻ جو نرالو طريقو | 226 |
| 244 | ٻڪريءَ جو ٻچّو به مري ويو ته ... | 226 |
| 245 | جهنّم کي گهڻو ياد ڪيو | 227 |
| 246 | ماڻهن جي اجازت سان بَيْتُ المال مان ماکي کڻڻ | 227 |
| 247 | لاڳيتو روزا رکندا هئا | 227 |
| 248 | ست يا نوَ گرهه | 228 |

| | | |
|---|---|---|
| 249 | اُنن کي تيل هٽي رهيا هئا | 228 |
| 250 | فاروقِ اَعظم جو جنتي محل | 228 |
| 251 | دُرّو لڳنديئي زَلزَلو ختم ٿي ويو | 229 |
| 252 | فضائلِ حضرتِ عمر بزبان محبوب رب اڪبر | 230 |
| 253 | اسان کي حضرت عمر سان پيار آهي | 231 |
| 254 | جنهن سان محبّت، ان سان گڏ حشر | 232 |
| 255 | عظمتِ صحابہ | 233 |
| 256 | مردو رڙيون ڪرڻ لڳو ساٿي ڀڄي ويا | 235 |
| 257 | فاروق اعظم بابت اهلسنت جو عقيدو | 239 |
| 258 | بد مذهبيّت سان نفرت | 240 |
| 259 | بد مذهبن وٽ ويهڻ حرام آهي | 240 |
| 260 | آقا پنهنجي مشتاق کي سيني سان لڳايو | 241 |
| 261 | عمر جي موت تي اسلام روئندو | 243 |
| 262 | مرض الوصال ۾ به نيڪي جي دعوت | 243 |
| 263 | سَخت زخمي حالت ۾ نماز | 244 |
| 264 | قبر ۾ جسم سلامت | 244 |
| 265 | پاٽي پيئڻ جا 13 مدني گل | 245 |
| 266 | مٺا ٻول (9) | 249 |
| 267 | قبر ۾ سزا جو هڪ سبب | 249 |
| 268 | مٺي زبان | 252 |
| 269 | گوشت جي نَنڍي ٻوٽي | 252 |
| 270 | هر ڳالهہ تي هڪ سال جي عبادت جو ثواب | 253 |
| 271 | عاشِقان رسُول جي مٺن ٻولن جون برڪتون | 253 |
| 272 | مغفرت جي بشارت | 256 |
| 273 | حورون حاصل ڪرڻ جو عمل | 256 |
| 274 | ديوانا ٿي وڃو! | 257 |
| 275 | وڻ لڳائي رهيو آهيان | 257 |
| 276 | 8 سالن جا گناهہ معاف | 258 |
| 277 | بسم الله ڪيو چوڻ منع آهي | 259 |
| 278 | ڪڏهن بِسم الله پڙهڻ ڪفر آهي | 259 |
| 279 | ڪڏهن ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ گناهہ آهي | 260 |


www.dawateislami.net

| | | |
|---|---|---|
| 280 | ڪِڇڙي ڪي حليم چوڻ ڪيئن؟ | 260 |
| 281 | لک پيرا وڏيڪ ثواب | 261 |
| 282 | حاجت روائي ۽ بيمار پُرسي جي فضيلت | 261 |
| 283 | عيادت جو عظيم الشان ثواب | 262 |
| 284 | جنّت جا ٻہ جوڙا | 263 |
| 285 | زبان فائديمند بہ آهي نقصان واري بہ | 263 |
| 286 | روزانو صبح جو سڀئي عضوا زبان جي خوشآمد ڪندا آهن | 263 |
| 287 | زبان جي بي احتياطي جون آفتون | 264 |
| 288 | دائمي راضپو ۽ ناراضگي | 265 |
| 289 | دِل جي سخُتيءَ جو انجام | 266 |
| 299 | زبان ڏندن هيٺان ڏئي ڇڏي! | 266 |
| 300 | واتان فضول ڳالهہ نڪري وڃي تہ ڇا ڪجي | 267 |
| 301 | فضول جملن جا 14 مثال | 268 |
| 302 | فضول سوالن جا 13 مثال | 270 |
| 303 | بري يا گناهن ڀري بڪواس جا 4 مثال | 270 |
| 304 | فُضول سوالن جا 19 مثال | 271 |
| 305 | فون تي فضول ڳالهين جا 5 مثال | 272 |
| 306 | ڪوڙ تي مجبور ڪندڙ سوالن جا 14 مثال | 272 |
| 307 | سڀ کان خطرناڪ اَبُوالفُضُول | 273 |
| 308 | فضول ڳالهہ ڇا کي چئبو آهي؟ | 274 |
| 309 | جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ آخرت تي ايمان رکندو هجي | 276 |
| 310 | عجيب فضول ڳالهائيندڙ | 276 |
| 311 | گفتگو جو جائزو | 277 |
| 312 | گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل | 279 |
| 313 | 10 ڪراماتِ عثمانِ غني | 283 |
| 314 | دُرود شريف جي فضيلت | 283 |
| 315 | پُراَسرار مَعذور | 283 |
| 316 | ڪُنيّت ۽ لَقَب | 285 |
| 317 | ٻہ ڀيرا جنّت خريد ڪيائون | 285 |
| 318 | 950 اَٺ ۽ 50 گهوڙا | 287 |
| 319 | نيڪ ڪمن جي لاءِ چندو ڪرڻ سنّت آهي | 288 |

| | | |
|---|---|---|
| 320 | عثمانِ غني جو اتّباع رسول | 289 |
| 331 | ڪاڏي ۾ مثالي سادگي | 290 |
| 332 | ڪڏهن ساڄو هٿ شرمگاهہ کي نہ لڳايائون | 290 |
| 333 | بند ڪمري ۾ بہ عجيب شرم ۽ حيا | 291 |
| 334 | هميشہ روزا رکندا هئا | 291 |
| 335 | خادم کي تڪليف نہ ڏيندا هئا | 291 |
| 336 | ڪائين جي پري ڪٽي اچي رهيا هئا | 292 |
| 337 | مون توهان جو ڪَن مَروڙيو هو | 292 |
| 338 | قبر ڏسي سَيِّدُنا عثمان غني رضي الله تعالٰی عنہ زارو قطار روئندا هئا | 292 |
| 339 | ... تہ مان هي پسند ڪندس تہ خاڪ تي وجان | 293 |
| 340 | آخرت جوفڪر دل ۾ نور پيدا ڪندو آهي | 293 |
| 341 | عثمان غني رضي الله تعالٰی عنہ تي ڪرم | 294 |
| 342 | بيڪسن جو سهارو اسان جو نبي | 295 |
| 343 | رتو چاڻ نامنظور | 296 |
| 344 | حَسنَين ڪرِيمَين پهرو ڏنو | 297 |
| 345 | گستاخ پولو بڻجي ويو | 297 |
| 346 | ايمان تي خاتمو | 299 |
| 347 | بدنگاهي جي خبر پئجي وئي | 300 |
| 348 | اکين ۾ پگهريل شيهو | 301 |
| 349 | مختلف عُضون جو زنا | 301 |
| 350 | اکين ۾ باهہ پري ويندي | 302 |
| 351 | باهہ جي سَرائي | 302 |
| 352 | نظر دل ۾ شهوَت جو ٻج پو کيندي آهي | 302 |
| 353 | ڪرامت ڇا کي چئبو آهي | 303 |
| 354 | پنهنجي مَدفن جي خبر ڏنائون! | 304 |
| 355 | شهادت کان پوءِ غيبي آواز | 305 |
| 356 | تدفِين وقت فِرشتن جو هجوم | 305 |
| 357 | گستاخ کي درندي ماري وڌو | 306 |
| 358 | صديق اڪبر رضي الله تعالٰی عنہ مدني آپريشن فرمايو | 307 |
| 359 | هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل | 309 |
| 360 | 11 سامونڊي گنبذ | 313 |

| | | |
|---|---|---|
| 361 | وڏي آواز سان درود شريف پڙهڻ واري جي بخشش ٿي وئي | 313 |
| 362 | زخمي آگر | 316 |
| 363 | روزانو جنّت جي چانئٺ چُمو | 316 |
| 364 | ماءُ جي اڳيان آواز بلند ٿيڻ تي ٻہ غلام آزاد ڪيا | 317 |
| 365 | بار بار حج مَبرور جو ثواب ڪمايو | 317 |
| 366 | جنت جو ساٿي | 318 |
| 367 | ماءُ پيءُ جي نافرمان کي زندگيءَ ۾ سزا ملندي آهي | 320 |
| 368 | ماءُ کي جواب نہ ڏيڻ وارو گونگو ٿي ويو | 320 |
| 369 | ماءُ پيءُ بددعا ڏيڻ کان بچن تہ سٺو آهي | 320 |
| 370 | والدين ٻئي ملڪ مان گهرائن تہ بہ اچڻو پوندو | 321 |
| 371 | ڪير پياڪ ٻار ڳالهايو! | 322 |
| 372 | ماءُ کي ڪلهن تي کڻي گرم پٿرن تي ڇهہ ميل... | 323 |
| 373 | جيڪڏهن عورت بدران مرد کي ٻار ڄڻڻو پوي ها تہ..! | 324 |
| 374 | زال همدردي جي حقدار هوندي آهي | 325 |
| 375 | ڪير پيارڻ جي مسئلي جي وضاحت | 325 |
| 376 | ظالم والدين جي بہ فرمانبرداري لازمي آهي | 326 |
| 377 | ننڍپڻ ۾ ماءُ بہ تہ اولاد جي ”گندگي“ برداشت ڪندي آهي | 327 |
| 378 | گڏهہ جهڙو مردو | 328 |
| 379 | والدين جي نافرمان جي ڪا عبادت قبول ناهي | 329 |
| 380 | ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيارڻ وارا | 330 |
| 381 | باهہ جي تارين سان لٽڪڻ وارا | 331 |
| 382 | برسات جي قطرن برابر تاندا | 332 |
| 383 | قبر پاسريون پيچي ڇڏيندي آهي | 332 |
| 384 | جنت ۾ نہ ويندا | 332 |
| 385 | جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ جهگڙو ڪن تہ اولاد ڇا ڪري؟ | 332 |
| 386 | والدين ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو حڪم ڏين تہ نہ مڃي | 333 |
| 387 | جيڪڏهن والدين ناراضگيءَ ۾ فوت ٿين تہ ڇا ڪري؟ | 334 |
| 388 | ماءُ پيءُ جو قرض لاهيو | 334 |
| 389 | جمعي جي ڏينهن والدين جي قبر تي حاضريءَ جو ثواب | 335 |
| 390 | مدني چينل گهر گهر سنتن جون بهارون آڻيندو | 335 |
| 391 | ماءُ جي بد دعا سان تنگ ڪتجي وئي | 337 |
| 392 | پير پڪڙي ماءُ پيءُ کان معافي وٺي ڇڏيو | 338 |

| | | |
|---|---|---|
| 393 | هلڻ جون 15 سنتون ۽ ادب | 339 |
| 394 | ﴿12﴾ **قبر جي پهرين رات** | 344 |
| 395 | دُرود شريف جي فضيلت | 344 |
| 396 | قبرون ڏسڻ ۾ هڪجهڙيون پر اندر...... | 348 |
| 397 | هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي | 351 |
| 398 | اسان دنيا ۾ ترتيب وار آيا آهيون پر..... | 352 |
| 399 | پهريان ڪا اهڙي رات نہ گذاري هوندي | 353 |
| 400 | اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وصيت | 354 |
| 401 | سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ جي وصيت | 355 |
| 402 | محبوبِ باري صلى الله عليه وسلم جي اشڪباري | 355 |
| 403 | آخرت جي پهرين منزل قبر آهي | 356 |
| 405 | جنازو خاموش مبلغ آهي | 356 |
| 406 | اونداهي خوف جو سبب آهي | 357 |
| 407 | عاليشان محل جو عبرتناڪ واقعو | 358 |
| 408 | دنيا جا طلبگار | 359 |
| 409 | دنيا جو ڏوکو | 360 |
| 410 | دنيا ۾ مسافر ٿي رهو | 361 |
| 411 | دنياء آخرت جي تياري لاءِ خاص آهي | 361 |
| 412 | ميّت جو اعلان | 362 |
| 413 | مُردي جي پڪار | 363 |
| 416 | قَبَر جي پڪار | 363 |
| 417 | جنت جو باغ يا جهنم جو کڏو | 365 |
| 418 | فرمانبردار تي قبر جي رحمت | 365 |
| 419 | پاڙي واري مردن جي پُڪار | 366 |
| 420 | مُردن سان گفتگو | 366 |
| 421 | ڪٿي آهن اهي خوبصورت چهرا | 367 |
| 422 | هينئر کان ئي تياري ڪريو | 367 |
| 423 | فنڪار دعوتِ اسلامي ۾ ڪيئن آيو؟ | 369 |
| 424 | الله عَزَّوَجَلَّ جي 99 نالن جي خواب ۾ ترغيب | 373 |
| 425 | لباس جا 14 مدني گل | 374 |
| 426 | مَدَني حُليو | 376 |

بيان 1

# انمول هيرا

تخريج شده

- ڏينهن جو اعلان
- جنت وارن جو افسوس!
- انمول لمحن جو قدر
- وقت جي قدردانن جا ارشادءِ منقولات
- نِظام الاوقات جي ترڪيب ڪريو
- صبح جي فضيلت
- سمهڻ ءِ جاڳڻ جا 15 مدني گل

پنو اٿلايو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# انمول هيرا[1]

شيطان پلي ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي وٺو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جا بي شمار فائدا حاصل ٿيندا.

## دُرود شريف جي فضيلت

**منهنجا** آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويّہ شريف جلد 23 صفحي 122 تي نقل فرمائن ٿا: حضرت اَبُوالْمواهِب رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ فرمائيندا هئا تہ مون خواب ۾ رَسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو، حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: "قيامت جي ڏينهن تون هڪ لک ٻانهن جي شفاعت ڪندين" مون عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان ان قابل ڪيئن ٿيس؟ ارشاد فرمايائون: "انهيءَ ڪري جو توهان مون تي درود پڙهي ان جو ثواب مون کي نذر ڪندا آهيو". (الطبقات الکبريٰ للشعراني ص 101)

ثواب نذر (يعني پيش) ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ پڙهڻ وقت دل ۾ نذر ڪرڻ جي نيّت ڪري يا پڙهڻ کان پهريان يا بعد

---

[1] هي بيان امير اهلسنّت (دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀريي اجتماع (25 صفر المظفر 1430هہ 2009) ۾ صحراءِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي ۾ فرمايو. ضروري ترميم سان گڏ تحريري طور تي حاضر خدمت آهي. (مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

۾ زبان سان بہ چئي وٺي تہ هن دُرُود شريف جو ثواب جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پيش ڪيان ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

چون ٿا تہ هڪ بادشاھ پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪنهن باغ ڪان گذري رهيو هو تہ ان ڏٺو، باغ مان ڪو شخص سنگريزا (يعني ننڍيون ننڍيون پٿريون) اڇلائي رهيو آهي، هڪ پٿري ان ڪي بہ اچي لڳي، ان نوڪرن ڪي موڪليو تہ وڃي پٿريون اڇلائڻ واري ڪي مون وٽ حاضر ڪيو، نوڪرن هڪ ڳوناٺي شخص ڪي حاضر ڪيو، بادشاھ چيو: اهي پٿريون تون ڪٿان حاصل ڪيون؟ ان ڏڄندي جواب ڏنو: مان ويراني ۾ گهمي رهيو هئس تہ منهنجي نظر ان خوبصورت پٿرين تي پئي، مون اهي جهولي ۾ وڌيون، ان ڪان پوءِ گهمندي گهمندي ان باغ ۾ اچي نڪتس ۽ ميوا ٽوڙڻ جي لاءِ اهي پٿريون استعمال ڪيون، بادشاھ چيو: تون انهن سنگريزن جي قيمت ڄاڻين ٿو؟ ان عرض ڪيو: نہ، بادشاھ چيو: اهي پٿريون دراصل انمول هيرا هئا جن ڪي تون ناداني جي سبب ضايع ڪري چڪو آهين، ان تي اهو شخص افسوس ڪرڻ لڳو، پر هاڻي ان جو افسوس ڪرڻ بيڪار هو جو اهي انمول هيرا ان جي هٿ مان نڪري چڪا هئا.

## زندگي جون گهڙيون بہ انمول هيرا آهن

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهڙي طرح اسان جي زندگي جا لمحا بہ انمول هيرا آهن جيڪڏهن اسان انهن ڪي بيڪار ضايع ڪيو تہ حسرت ۽ ندامت ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ هٿ ايندو.

دن بھر کھیلوں میں خاک اُڑائی
لاج آئی نہ ذرّوں کی ہنسی سے

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انسان کي هڪ مقرر وقت تائين خاص مقصد جي تحت هن دنيا ۾ موڪليو آهي جيئن سيپاري 18 سورة المومنون جي آيت نمبر 115 ۾ ارشاد آهي:

اَفَحَسِبۡتُمۡ اَنَّمَا خَلَقۡنٰكُمۡ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمۡ اِلَيۡنَا لَا تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۱۱۵﴾ (پ 18 المومنون 115)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ ڇا توهان اهو سمجهيو آهي تہ اسان اوهان کي بيڪار پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان جي طرف موٽڻو نہ آهي.

”خزائن العرفان“ ۾ هن آيت شريف تحت لکيو آهي: ۽ (ڇا توهان کي) آخرت ۾ حساب ڪتاب جي لاءِ اٿڻو ناهي، بلڪ توهان کي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ جيئن توهان تي عبادت لازم ڪريون ۽ آخرت ۾ توهان اسان جي طرف موٽي اچو تہ توهان کي توهان جي عملن جي جزا ڏيون.

موت ۽ حيات جي پيدائش جو سبب بيان ڪندي 29 سيپاري سورة الملڪ جي آيت نمبر 2 ۾ ارشاد آهي:

الَّذِیۡ خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَ الۡحَیٰوۃَ لِیَبۡلُوَكُمۡ اَیُّكُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ (پ 29 الملك 2)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهو جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي جيئن توهان جو امتحان ٿئي توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ چڱا آهن.

## زندگي جو وقت ٿورو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذڪر ڪيل آيت کان علاوه قرآن پاڪ ۾ ٻين جڳهن تي بہ تخليقِ انساني يعني انسان جي پيدائش جو مقصد

بيان ڪيو ويو آهي، انسان کي هن دنيا ۾ تمام ٿوري وقت جي لاءِ رهڻو آهي ۽ ان کي وقفي ۾ ان کي قبر ۽ حشر جي وڏن معاملن جي تياري ڪرڻي آهي. تنهنڪري انسان جو وقت بيحد قيمتي آهي. وقت هڪ تيز رفتار گاڏي جيان گذرندو پيو وڃي، نه روڪڻ سان رڪجي ٿو، نه جهلڻ سان هٿ ۾ اچي ٿو، جيڪو ساهه هڪ پيري ڪنيو سو ٻيهر موٽي ناهي ايندو.

## ساهه جي لڙي

**حضرت سَيِّدُنا حسن بصري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: جلدي ڪريو! جلدي ڪريو! توهان جي زندگي ڇا آهي؟ اهي ساهه ته آهن جيڪڏهن اهي رڪجي ويا ته توهان جي انهن عملن جو سلسلو به ڪٽجي ويندو، جنهن جي ذريعي توهان **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قرب حاصل ڪريو ٿا، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي رحم فرمائي، جنهن پنهنجو جائزو ورتو ۽ پنهنجي گناهن تي ڪجهه لُڙڪ وهايا، اهو چوڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سپاري 16 سورة مريم جي آيت نمبر 84 تلاوت فرمائي:

اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمۡ عَدًّا ﴿۸۴﴾ (پ 16 مريم 84)

**ترجمو ڪنزالايمان: اسان ته انهن جي ڳڻپ پوري ڪريون ٿا.**

**حُجَّةُ الۡاسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا: هتي ڳڻپ مان مراد ساهن جي ڳڻپ آهي.

(احياءُ علوم الدين ج 5 ص 205)

يہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
غفلت سے مگر دل کیوں بیدار نہیں ہوتا

www.dawateislami.net

# ”ڏينهن“ جو اعلان

**حضرت سَيِّدُنا امام بَيْهَقِي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى ”شُعَبُ الاِيمان“ ۾ نقل ڪن ٿا تہ تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: روزانو صبح جو جڏهن سج اُڀرندو آهي تہ ان وقت ”ڏينهن“ هي اعلان ڪندو آهي: جيڪڏهن اڄ ڪو سٺو ڪم ڪرڻو آهي تہ ڪري وٺو جو اڄ ڪان پوءِ مان ڪڏهن بہ موٽي نہ ايندس.

(شعب الايمان للبيهقي ج 3 ص 386 حديث 3840)

گیا وقت پھر ہاتھ آتا نہیں

# جناب يا مرحوم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** زندگي جو جيڪو ڏينهن نصيب ٿي ويو، ان کي غنيمت سمجهي جيترو ٿي سگهي، ان ۾ سٺا ڪم ڪيا وڃن تہ بهتر آهي جو ”سڀاڻي“ خبر ناهي، ماڻهو اسان کي ”جناب“ چئي سڏيندا يا ”مرحوم“ چئي، اسان کي ان ڳالهہ جو احساس ٿئي يا نہ ٿئي، پر اها حقيقت آهي تہ اسان پنهنجي موت جي منزل ڏانهن تمام تيزيءَ سان وڃي رهيا آهيون. جيئن سيپاري 30 سورة اِنشِقاق آيت نمبر 6 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ﴿۶﴾ (پ 30 انشقاق 6)

**ترجموڪنزالايمان:** اي انسان بيشڪ تو کي پنهنجي رب (عَزَّوَجَلَّ) جي طرف ضرور ڊوڙڻو آهي پوءِ ان سان ملڻو.

مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی

عاقل و نادان آخر موت ہے

# اوچتو موت اچي ويندو آهي

**پنهنجي** وقت کي فضول ڪمن ۾ برباد ڪرڻ وارؤ! غور ڪريو زندگي ڪيڏي نہ تيز رفتاري سان گذري رهي آهي، ڪيئي ڀيرا اوهان ڏٺو هوندو تہ چڱو ڀلو ڪنڌار نوجوان اوچتو موت جو شڪار ٿي ويندو آهي، هاڻي قبر ۾ ان سان ڇا گذري رهيو آهي، ان جو اندازو اسان نٽا لڳائي سگهون، البتہ ان تي زندگي جو حال ظاهر ٿي چڪو هوندو.

ڪتني بے اعتبار ہے دنيا | موت کا انتظار ہے دنيا
گرچہ ظاہِر ميں صورتِ گل ہے | پر حقيقت ميں خار ہے دنيا

اي دنيا جي مال جا ديوانؤ! مال جمع ڪرڻ کي پنهنجي حياتي جو واحد مقصد سمجهڻ وارؤ! جلدي جلدي پنهنجي آخرت جي تياري ڪري وٺو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو رات جو چڱو ڀلو سمهڻ باوجود صبح جو توهان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو وڃي، خدارا! غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيو! الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 17 سورة الانبياء جي پهرين آيت ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِقۡتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمۡ وَهُمۡ فِيۡ غَفۡلَةٍ مُّعۡرِضُوۡنَ ۝١

ترجموڪنزالايمان: ماڻهن جو حساب ويجهو آهي ۽ اهي غفلت ۾ منهن ڦيريندڙ آهن.

ايک جھونکے ميں ہے اِدھر سے اُدھر
چار دن کی بہار ہے دنيا

## جنّت وارن جو افسوس!

**مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پنهنجي وقت جو قدر سمجهڻ ضروري آهي، فالتو وقت گذارڻ ڪيڏي وڏي نقصان جي ڳالهه آهي، اها ڳالهه هن حديث مان سمجهو، تاجدار مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: "جنّت وارن کي ڪنهن شيءِ جو به افسوس نه ٿيندو سواءِ ان ساعت (يعني گهڙي) جو جيڪا (دنيا ۾) **اللّٰه** جي ذڪر کان سواءِ گذري وئي. (المعجم الكبير ج 20 ص 93، 94 حديث 172)

## قلم جو قط

حافظ ابن عساڪر "تَبْيِيْن كَذِبِ الْمُفْتَرِي" ۾ فرمائن ٿا: (پنجين صدي جي مشهور بزرگ) حضرت سَيِّدُنا سليم رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو قلم لکندي لکندي جڏهن گسي ويندو هو ته قط (يعني نوڪ) ناهيندي (جيتوڻيڪ ديني تحرير جي لاءِ هي به ثواب جو ڪم آهي پر) ذڪرالله شروع ڪري ڇڏيندا ته جيئن هي وقت صرف نوڪ ناهيندي نه گذري!

## جنت ۾ وڻ لڳايو!

وقت جي اهميّت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو، جيڪڏهن اوهان چاهيو ته هن دنيا ۾ رهندي صرف هڪ سيڪنڊ ۾ جنت ۾ هڪ وڻ لڳرائي سگهو ٿا ۽ جنت ۾ وڻ لڳائڻ جو طريقو به نهايت آسان آهي، "ابن ماجه" جي هڪ حديث پاڪ جي مطابق انهن چئن ڪلمن مان جيڪو به هڪ ڪلمو چوندو، جنت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو، اهي ڪلما هي آهن:

{1} سُبْحٰنَ اللّٰهِ {2} اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ {3} لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ {4} اَللّٰهُ اَكْبَرُ

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 252 حديث 3807)

www.dawateislami.net

# دُرود شريف جي فضيلت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! جنت ۾ وڻ لڳرائڻ ڪيڏو نه آسان آهي! جيڪڏهن بيان ڪيل چئن ڪلمن مان هڪ ڪلمو به چيو ته هڪ ۽ جيڪڏهن چار ئي ڪلما چيا ته چار وڻ لڳي ويندا، هاڻي اوهان ئي غور فرمايو ته وقت ڪيترو قيمتي آهي جو زبان کي ٿورو چورڻ سان جنت ۾ وڻ لڳي ويندا آهن ته اي ڪاش! فالتو ڳالهيون ڪرڻ بدران سُبْحٰنَ الله سُبْحٰنَ الله جو وِرد ڪري، اسان جنت ۾ بيشمار وڻ لڳرايون. اسان چاهي ويٺا هجون، هلي رهيا هجون وينا هجون يا ليٽيل هجون يا ڪو ڪم ڪار ڪري رهيا هجون، اسان جي ڪوشش اها ئي هئڻ گهرجي ته اسان درود شريف پڙهندا رهون ۽ ان جي ثواب جي ڪا حد ناهي. رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُود شريف پڙهيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي، ڏهه گناهه مٽائيندو آهي، ڏهه درجا بلند ڪندو آهي.

(سنن نسائي ص 222 حديث 1294)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ياد رهي! جڏهن به ليٽي ڪري ڪو ورد ڪريو ته پير نه ڦهلائڻ گهرجن.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪاش! ڳالهائڻ کان پهرين هيئن سوچڻ جي عادت ٺهجي وڃي ته ڇا جيڪا ڳالهه مان ڪرڻ چاهيان ٿو، ان ۾ ڪو ديني يا دنياوي فائدو به آهي يا نه؟ جيڪڏهن هي ڳالهه فضول محسوس ٿئي ته ڳالهائڻ بدران ”دُرُود شريف“ پڙهڻ يا ”الله الله“ چوڻ

www.dawateislami.net

نصيب ٿي وڃي تہ جيئن گهڻو ثواب ملي، يا سُبْحٰنَ الله يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ يا لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ يا اَللهُ اَكْبَر چئي جنّت ۾ وڻ لڳرائڻ جي سعادت ملي وڃي.

ذکر و دُرود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے
میری فُضُول گوئی کی عادت نکال دو

## سٺ سالن جي عبادت کان بهتر

**جيڪڏهن ڪجهہ پڙهڻ** بدران خاموش رهڻ لاءِ دل چاهي تہ ان ۾ بہ ثواب ڪمائڻ جون صورتون آهن ۽ اُهو هي تہ ابتن سُبتن خيالن ۾ پوڻ بدران ماڻهو يادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ يا يادِ مدينہ يا يادِ شاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ گم ٿي وڃي يا علم دين ۾ غور ۽ فڪر شروع ڪري ڇڏي يا موت جي جهٽڪن، قبر جي اڪيلائپ ۽ ان جي وحشتن ۽ محشر جي سختين جي سوچ ۾ مشغول ٿي وڃي تہ انهيءَ طرح وقت بہ ضايع نہ ٿيندو، بلڪ هڪ هڪ ساهہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ عبادت ۾ شمار ٿيندو، جيئن ”جامع صغير“ ۾ آهي سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ باعث نزول سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: (آخرت جي معاملن جي باري ۾) گهڙي کن غور ۽ فڪر ڪرڻ، 60 سالن جي عبادت کان بهتر آهي.

(الجامع الصغير للسيوطي ص 365 حديث 5897)

اُن کی یادوں میں کھو جایئے
مصطفٰی مصطفٰی صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم کیجئے

## پنجن کي پنجن کان پهريان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً زندگي بيحد مختصر آهي، جيڪو وقت ملي ويو، سو ملي ويو، آئنده وقت ملڻ جي اميد ڏوڪو آهي.

کهڙي خبر آئنده لمحي اسان موت سان هم آغوش ٿي چڪا هجون، رحمتِ عالم، نور مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا:

اِغْتَنِمْ خَمْسًا قَبْلَ خَمْسٍ: شَبَابَكَ قَبْلَ هَرَمِكَ وَصِحَّتَكَ قَبْلَ سَقَمِكَ وَغِنَاكَ قَبْلَ فَقْرِكَ وَفَرَاغَكَ قَبْلَ شُغْلِكَ وَحَيَاتَكَ قَبْلَ مَوْتِكَ

(اَلْمُستَدرَک حديث 7916 ج 5 ص 435)

ترجمو: پنجن شين کي پنجن شين کان پهرين غنيمت ڄاڻو: ﴿1﴾ جواني کي پوڙهائپ کان پهريان ﴿2﴾ صحت کي بيماري کان پهريان ﴿3﴾ مالداري کي تنگدستي کان پهريان ﴿4﴾ واندڪائي کي مصروفيّت کان پهريان ۽ ﴿5﴾ زندگي کي موت کان پهريان.

غافل تجھے گھڑیال یہ دیتا ہے منادی

قدرت نے گھڑی عمر کی اک اور گھٹادی

## ٻہ نعمتون

سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد فيض بنياد آهي: ٻہ نعمتون اهڙيون آهن جن جي باري ۾ گهڻا ماڻهو ڌوکي ۾ آهن، هڪ صحت ۽ ٻي فراغت.

(صحيح البخاري ج4 ص 222 حديث 6412)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي صحت جو قدر بيمار ئي ڪري سگهي ٿو ۽ وقت جو قدر اهي ماڻهو ڄاڻن ٿا، جيڪي بيحد مصروف هوندا آهن، نہ تہ جيڪي ماڻهو ”واندا“ هوندا آهن، انهن کي ڪهڙي خبر تہ وقت جي اهميت ڇا آهي! وقت جو قدر پيدا ڪريو ۽ فضول ڳالهين، فضول ڪمن ۽ فضول دوستين کان پاسو ڪرڻ جو ذهن ٺاهيو.

## حُسنِ اسلام

**تِرمذي شريف** ۾ آهي: رحمتِ عالم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُعَظَّم آهي: انسان جي اسلام جي خوبين مان هڪ (خوبي) ان ڪم کي ڇڏي ڏيڻ آهي، جيڪو ان کي نفعو نه ڏئي. (سنن ترمذي، حديث 2344 ج 4 ص 142)

## انمول لمحن جو قدر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** زندگي جا ڏينهن ڪجهه ڪلاڪن ۽ ڪلاڪ ڪجهه لمحن تي مشتمل آهن. زندگي جو هر ساهه انمول هيرو آهي، ڪاش! هڪ هڪ ساهه جو قدر نصيب ٿي وڃي ته ڪٿي ڪو ساهه بي فائده نه گذري وڃي ۽ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن زندگي جو خزانو نيڪين کان خالي ڏسي، پشيماني جا ڳوڙها نه ڳاڙڻا پون! صد ڪروڙ ڪاش! هڪ هڪ لمحي جو حساب ڪرڻ جي عادت پئجي وڃي ته ڪٿي گذري رهيو آهي. ڪاش! زندگي جي هر گهڙي فائدي وارن ڪمن ۾ گذري، قيامت جي ڏينهن قيمتي گهڙين کي فضول ڳالهين، ڪچهرين ۾ ضايع ڪيل ڏسي ڪٿي حسرت وچان هٿ مهٽيندا نه رهجي وڃون.

## وقت جي قدر دانن جا ارشادِ منقولات

﴿1﴾ اَميرُ الْمُؤمِنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ”هي ڏينهن توهان جي حياتي جا ورق آهن، انهن کي سٺن عملن سان سينگاريو.“

﴿2﴾ حضرت سَيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: آئون پنهنجي زندگي جي گذريل ان ڏينهن جي مقابلي ۾ ڪنهن شيءِ

تي پشيمان ناهيان ٿيندو جيڪو ڏينهن منهنجي نيڪ عملن ۾ اضافي کان خالي هجي.“

﴿3﴾ حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: روزانو اوهان جي عمر لاڳيتو گهٽ ٿيندي پئي وڃي تہ پوءِ نيڪين ۾ سستي ڇو ٿا ڪريو؟ هڪ پيري ڪنهن عرض ڪيو: يا امير المومنين! اهو ڪم اوهان سڀاڻي ڪجو، ارشاد فرمايائون: مان روزانہ جو ڪم هڪ ڏينهن ۾ وڏي مشڪل سان ڪري سگهان ٿو جيڪڏهن اڄ جو ڪم بہ سڀاڻي تي ڇڏي ڏيان تہ پوءِ ٻن ڏينهن جو ڪم هڪ ڏينهن ۾ ڪيئن ڪري سگهندس؟

آج کا کام کل پر مت ڈالو    کل دوسرا کام ہوگا

﴿4﴾ حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا: اي انسان! تون ڏينهن جو مجموعو آهين، جڏهن هڪ ڏينهن گذري وڃي تہ ائين سمجهہ تنهنجي زندگي جو هڪ حصو بہ گذري ويو.
(الطبقات الكبريٰ للمناوي ج 1، ص 259)

﴿5﴾ حضرت سَيِّدُنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا: مان هڪ عرصو اللّٰہ وارن جي صحبت کان فيضياب ٿيندو رهيس، انهن جي صحبت مان مون کي بہ اهم ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون:

(1) وقت تلوار جيان آهي توهان هن کي (نيڪ اعمال جي ذريعي) ڪٽيو نہ تہ (فضوليات ۾ مشغول ڪري) اهو توهان کي ڪٽي ڇڏيندو.

(2) پنهنجي نفس جي حفاظت ڪريو، جيڪڏهن اوهان هن کي سٺن ڪمن ۾ مشغول نہ رکيو تہ اهو توهان کي ڪنهن بري ڪم ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو.

﴾6﴿ امام رازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! کاڏو کائڻ وقت علمي مشغلا (تحريري يا مطالعه) ترڪ ٿيڻ جو مون کي گهڻو افسوس ٿئي ٿو ڇوته وقت تمام وڏي قيمتي دولت آهي.

عجب چیز احساس ہے زندگی کا

﴾7﴿ انين صدي جي مشهور شافعي عالم شمس الدين اَصبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوۡرَانِی جي باري ۾ حافظ ابن حَجر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه انهيءَ خوف سان گهٽ کائيندا هئا جو وڌيڪ کائڻ سان پيشاب وغيره جي حاجت وڌيڪ ٿيندي ۽ هر هر بيت الخلا ۾ وڃي وقت صرف ٿيندو. (الدرر الکامنة للعسقلاني ج 4 ص 328)

﴾8﴿ حضرت علّامہ ذهبي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه "تذکرة الحُفّاظ" ۾ خطيب بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی جي باري ۾ لکن ٿا: "پاڻ رستي تي هلندي بہ مطالعو ڪندا هئا" (تہ جيئن اچڻ وڃڻ جو وقت بيڪار نہ گذري) (تذکرة الحفّاظ ج 3 ص 224)

﴾9﴿ حضرت جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی موت جي وقت قرآن پاڪ پڙهي رهيا هئا، انهن کان پڇيو ويو: انهي وقت ۾ بہ تلاوت؟ ارشاد فرمايائون: منهنجو اعمال نامو بند ڪيو وڃي پيو، جلدي جلدي انهيءَ ۾ اضافو ڪري رهيو آهيان. (صيد الخاطر لابن الجوزي ص 227)

## نِظام الاوقات جي ترڪيب ڪريو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٿي سگهي تہ پنهنجو روزانہ جو نظام الاوقات ترتيب ڏيڻ گهرجي. پهريان تہ عشاء جي نماز پڙهي، حتي الامکان ٻن ڪلاڪن جي اندر سمهي پئو، رات جو فضول ڪچهري ڪرڻ،

www.dawateislami.net

هوٽلن تي ويهڻ ۾ دوستن جي محفلن ۾ وقت برباد ڪرڻ (جڏهن ته ڪا ديني مصلحت نه هجي) تمام وڏو نقصان آهي. تفسير روحُ البيان جلد 4 صفحي 166 تي آهي: ”قومِ لوط جي تباهه ڪارين مان هي به هو ته اهي چوڪن تي ويهي، ماڻهن سان مذاق مسخري ڪندا هئا.“ پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا کان لرزي وڃو! دوست بظاهر ڪيترا به نيڪ صورت هجن، انهن جي دل آزار ۾ ربّ تعالٰي کان غافل ڪرڻ وارين محفلن کان توبه ڪريو. رات جو ديني مشغلي کان فارغ ٿي، جلد سمهي پئو، چو ته رات جو آرام ڏينهن جي آرام جي مقابلي ۾ وڌيڪ صحت جي لاءِ مفيد آهي، فطرت جو به عين تقاضو اِهو آهي، سيپاري 20 سورةُ القَصَص آيت نمبر 73 ۾ ارشاد آهي:

وَ مِنۡ رَّحۡمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ لِتَسۡكُنُوۡا فِيۡهِ وَ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۳﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ان پنهنجي مهرباني سان توهان جي واسطي رات ۽ ڏينهن بنايا جو رات ۾ آرام ڪريو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل تلاش ڪريو ۽ هن لاءِ ته توهان شڪر ڪريو.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡحَنَّان ”نور العِرفان“ صفحي 629 تي انهي تحت فرمائن ٿا: ان مان اها به خبر پئي ته ڪمائي جي لاءِ ڏينهن ۽ آرام جي لاءِ رات مقرر ڪرڻ بهتر آهي. رات جو بنا سبب نه جاڳي، ڏينهن ۾ بيڪار نه رهي، جيڪڏهن مجبوري جي ڪري ڏينهن جو سمهي ۽ رات جو جاڳي ته حرج ناهي، جيئن رات جو نوڪري ڪرڻ وارا ملازم وغيره.

# صبح جي فضيلت

نظام الاوقات ناهڻ وقت ڪم جي نوعيت ۽ ڪيفيت کي پيشِ نظر رکڻ مناسب آهي، مثلاً جيڪي اسلامي ڀائر رات جو جلدي سمهي پوندا آهن، صبح جي وقت اهي تر و تازه هوندا آهن، تنهن ڪري علمي مشاغل جي لاءِ صبح جو وقت نهايت مناسب آهي، سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هي دعا "ترمذي" ۾ نقل آهي: "اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي امت جي لاءِ صبح جي وقت ۾ برڪت عطا فرماءِ. (ترمذي حديث 1216 ج 3 ص 6)

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني (يا الله عَزَّوَجَلَّ) منهنجي اُمت جي تمام انهن ديني ۽ دنيوي ڪمن ۾ برڪت ڏي، جيڪي اهي صبح سوير ڪن، جيئن سفر، طلب علم، واپار وغيره. (مراة المناجيح ج 5 ص 491)

ڪوشش ڪيو تہ صبح جو اٿڻ کان پوءِ رات سمهڻ تائين سيني ڪمن جا وقت مقرر هجن مثلاً هيٺري وڳي تهجُّد، علمي مشغلو، مسجد ۾ تڪبير اوليٰ سان باجماعت نماز فجر (ائين ٻيون نمازون بہ) اشراق، چاشت، ناشتو، ڪسبِ معاش، منجهند جو ڪاڏو، گهريلو معاملا، شام جي مصروفيت، سٺي صحبت (جيڪڏهن اها ميسر نہ هجي تہ اڪيلائي بهتر آهي) اسلامي ڀائرن سان ديني ضرورت جي تحت ملاقات وغيره جا وقت مقرر ڪيا وڃن، جيڪي ان جا عادي نہ آهن، انهن جي لاءِ ٿي سگهي ٿو تہ شروع ۾ ڪجھ دشواريون پيش اچن، پوءِ جڏهن عادت پئجي ويندي تہ ان جون برڪتون بہ پاڻ ئي ظاهر ٿينديون. اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ

دن لہو میں کھونا تجھے شب صُبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں
رِزق خدا کھایا کیا فرمانِ حق ٹالا کیا
شکرِ کرم ترسِ جزا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مُصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰة المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”ڪاش! جنّت الْبقيع ملي“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان سمهڻ ۽ جاڳڻ جا 15 مدني گل

﴿1﴾ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو ته جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي ته نڪري وڃي ﴿2﴾ سمهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰھُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْیٰی **ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيئان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري ج 4 حديث 6325 ص 196)

﴿3﴾ عصر کان پوءِ نہ سمهو، عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. **فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ سمهي ۽ ان جو عقل ختم ٿي وڃي تہ هو پاڻ کي ئي ملامت ڪري.“ (مسند ابي يعليٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ﴿4﴾ منجهند جو قيلولو (ڪجهہ دير ليٽڻ) مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) صدرُالشَّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اَعۡظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: غالِباً هي انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪرِ اِلٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن تہ جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي، سا قيلولي سان ختم ٿي ويندي. (بهارشريعت حصہ 16 ص 79) ﴿5﴾ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) ﴿6﴾ سُمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي تہ پاڪائي سان سمهي ۽ ﴿7﴾ ڪجهہ دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هينان رکي، قبلي ڏانهن منهن ڪري سُمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سُمهي. (ايضا) ﴿8﴾ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو، عملن کان سواءِ ڪير بہ گڏ نہ هوندو ﴿9﴾ سمهڻ وقت ياد خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول هجي، تَهۡلِيل، تَسۡبِيح ۽ تَحۡمِيد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ ، ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ جو وِرد ڪري) ايستائين جو سمهي پوي، انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو، اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضاً)

﴿**10**﴾ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْٓ اَحْیَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَ اِلَیْهِ النُّشُوْرُ (بخاري حديث 6325، ج 4 ص 196) **ترجمو:** سڀ تعريفون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ﴿**11**﴾ انهيءَ وقت پڪو ارادو ڪري ته پرهيزگاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 376) ﴿**12**﴾ جڏهن ڇوڪري ۽ ڇوڪِريءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي، پر ان ڄمار جو ڇوڪرو ايتري وڏي (يعني پاڻ جيترن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان به گڏ نه سمهي. (در مختار و رد المحتار ج 9 ص 629) ﴿**13**﴾ مڙس، زال جڏهن هڪ کٽ تي گڏ سمهن ته ڏهه سالن جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نه سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حدِ شهوت کي پهچي ته اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي. (درمختار ج 9 ص 630) ﴿**14**﴾ ننڊ مان سجاڳ ٿي مسواڪ ڪريو ﴿**15**﴾ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو ته وڏي سعادت آهي. سرڪار مدينه، راحت قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”فرضن کان بعد افضل نماز، رات جي نماز آهي.“ (صحيح مسلم ص 591 حديث 1163)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

بيان 2

# باحيا نوجوان

- ❁ حياء جا احڪام
- ❁ ديّوث ڇا کي چئبو آهي
- ❁ عورتن جي اصلاح جو طريقو
- ❁ نفلي عبادت ڪان افضل عمل
- ❁ بدنگاهي سان حافظو ڪمزور ٿئي ٿو
- ❁ گندي ذهنيّت جا سببَ

پنو اٿلايو...

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# باحيا نوجوان*

جيڪڏهن اوهان حيا جون برڪتون ماڻڻ چاهيو ٿا تہ هي رسالو اول کان وٺي آخر تائين پڙهي وٺو.

## شفاعت جي بشارت

حضرت سَيِّدُنا ابو دَرْداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ مِنّي مِنّي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو صبح ۽ شام مون تي ڏهہ ڏهہ دفعا دُرُود شريف پڙهندو، قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ان کي نصيب ٿيندي.“ (الترغيب والترهيب ج 1 ص 261 حديث 29)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بَصره ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ”مِسڪي“ جي نالي سان مشهور هئا. مُشڪ کي عربي ۾ ”مِسڪ“ چوندا آهن، اُن لاءِ مِسڪي جي معنيٰ ٿي ”مُشڪبار“ يعني مُشڪ جي خوشبوءِ وارو. اُهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه هر وقت مشڪبار ۽ خوشبودار رهندا هئا، ايستائين جو جنهن رستي تان لنگهندا هئا، اهو رستو بہ مهڪي پوندو هو!

---

*هي بيان امير اهلسنّت (دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀريي اجتماع (ڀرين محرم الحرام سن 1425هہ باب المدينہ ڪراچي) ۾ فرمايو. ضروري ترميم سان ڳڏ تحريري طور تي حاضر خدمت آهي. (مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا تہ ان جي خوشبو مان ماڻهو سمجهي ويندا هئا تہ حضرت مِسكي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تشريف فرما ٿيا آهن. ڪنهن عرض ڪيو: حُضُور! اوهان کي خوشبو جي لاءِ گهڻي رقم خرچ ڪرڻي پوندي هوندي؟ پاڻ فرمايائون: مون ڪڏهن بہ خوشبو خريد ناهي ڪئي ۽ نہ وري ڪڏهن خوشبو لڳائي آهي. منهنجو واقعو ڏاڍو انوکو آهي:

منهنجي پيدائش بغداد مُعلّيٰ جي هڪ خوشحال گهراڻي ۾ ٿي، جهڙي طرح امير پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريندا آهن، مون کي بہ اهڙي طرح تعليم ڏياري وئي. مان ڏاڍو خوبصورت ۽ باحيا هئس، منهنجي بابا سائين کي ڪنهن مشورو ڏنو تہ ”هن کي بازار ۾ ڪم تي لڳايو تہ جيئن هي ماڻهن ۾ رُلي مِلي وڃي ۽ هن جو حيا بہ ڪجهه گهٽ ٿئي.“ سو، مون کي بزّاز (ڪپڙا وڪڻڻ واري) جي دُڪان تي ويهاريو ويو. هڪ ڏينهن هڪ بُڍڙيءَ ڪجهه قيمتي ڪپڙا ڪڍرايا ۽ ڪپڙي واري کي چيائين: ”ڪنهن کي مون سان گڏ موڪل تہ جيئن جيڪي ڪپڙا پسند اچن، انهن جي قيمت ۽ باقي بيا ڪپڙا واپس کڻي اچي“ ڪپڙي واري مون کي ان سان گڏ موڪليو. بڍڙي مونکي هڪ عظيم الشّان محل ۾ وٺي وئي ۽ هڪ سينگاريل ڪمري ۾ موڪلي ڇڏيائين. ڪٿي جو ڏسان تہ قيمتي زيورات ۽ خوبصورت پوشاڪ پهريل هڪ جوان ڇوڪري تخت تي وڇايل ڇِتيل غاليچي تي ويٺي آهي، تخت ۽ فرش سڀ قيمتي ۽ ايتري قدر نفيس آهن جو مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. مون کي ڏسندي ئي اُن ڇوڪريءَ تي شيطان غالب اچي ويو ۽ هو هڪ دم مون ڏانهن وڌي ۽ ڇيڙڇاڙ ڪندي ”ڪارو منهن“ ڪرائڻ

لاءِ زور پرڻ لڳي. مون گهٻرائيندي چيو ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ!“ پر ان جي مٿان تہ شيطان سوار ٿي چڪو هو. جڏهن مون ان جو ضدّ ڏٺو تہ گناهہ کان بچڻ لاءِ هڪ اٽڪل سوچي، چيم تہ مون کي استنجاء خاني وڃڻو آهي. ان سڏ ڪيو تہ چئني پاسن کان ٻانهيون اچي ويون، ان چيو تہ ”پنهنجي آقا کي بيتُ الخلاء ۾ وٺي وڃو.“ مان جڏهن اتي ويس تہ ڀڄڻ جي ڪا واٽ نظر نہ آئي، مون کي ان عورت سان ”منهن ڪارو ڪرڻ“ کان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان حيا پئي آيو ۽ مون کي دوزخ جي عذاب جو ڊپ ٿي رهيو هو. انهي ڪري مون کي هڪ ئي واٽ نظر آئي، اها هي تہ مون ڪاڪوس واري پليٽي پنهنجي هٿ منهن تي مَلي، وڏيون اکيون ڦاڙي، ان ٻانهي کي ڊيڄارڻ لڳس جيڪا ٻاهر ٽوال ۽ پاڻي کڻي بيٺي هئي. جڏهن آئون چرين وانگر رڙيون ڪندو، ان ڏانهن وڌيس تہ هو ڊپ وچان ڀڳي ۽ اها چريو چريو ڪندي دانهون ڪرڻ لڳي تہ سڀ ٻانهيون گڏ ٿي ويون ۽ انهن مون کي ڪپڙي ۾ ويڙهي، هڪ باغ ۾ اڇلائي ڇڏيو. مون کي جڏهن پڪ ٿي تہ سڀ هليون ويون آهن تہ پنهنجا ڪپڙا ۽ بدن ڌوئي پاڪ ڪري پنهنجي گهر هليو ويس پر ڪنهن سان اها ڳالهہ نہ ڪئي. انهي رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ ڪو چئي رهيو آهي: ”تنهنجي حضرت سَيِّدُنا يوسُف عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان ڪيڏي نہ سهڻي مُناسبت آهي“ ۽ چوي پيو تہ ڇا تون مونکي سڃاڻين ٿو؟ مون چيو: نہ. پوءِ اُنهن چيو: ”مان جِبرئيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آهيان. ان کان پوءِ انهن منهنجي منهن ۽ جسم تي پنهنجا هٿ گهمايا. انهي ڏينهن کان وٺي منهنجي جسم مان مُشڪ جي خوشبو اچڻ لڳي. اها حضرت سَيِّدُنا جِبرئيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي هٿ مُبارڪ جي خوشبو آهي. (روضُ الرّياحين ص 334)

## حيا ڇا کي چئبو آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو! باحيا نوجوان، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي خوف ۽ گناهن کان نفرت جي برڪت سان پاڻ کي نافرماني کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. معلوم ٿيو تہ گناهن کان بچڻ لاءِ حيا ڏاڍو مؤثر آهي. حيا جي معنيٰ آهي ”عيب لڳايو وڃڻ جي ڊپ کان لڄي ٿيڻ“ ان مان مراد اها وصف آهي جيڪا انهن شين کان روڪي، جيڪي **اللّٰه** تعاليٰ ۽ مخلوق جي نزديڪ ناپسند هجن.“ ماڻهن کان شرمائي ڪنهن اهڙي ڪم کان رڪجڻ، جيڪو انهن جي نزديڪ سٺو نہ هجي ”مخلوق کان حيا“ چورائيندو آهي. هي بہ سٺي ڳالهہ آهي تہ عام ماڻهن کان حيا ڪرڻ دنياوي بُراين کان بچائيندو آهي ۽ وري عالمن، نيڪ ٻانهن کان حيا ڪرڻ ديني بُراين کان بچائيندو آهي. پر حيا جي سٺي هئڻ لاءِ ضروري آهي تہ مخلوق کان شرمائڻ ۾ خالق عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني نہ ٿيندي هجي ۽ نہ ڪنهن جي حقن جي ادائگي ۾ اهو حيا رڪاوٽ بڻجي رهيو هجي. ”**اللّٰه** تعاليٰ کان حيا“ هي آهي تہ ان جي هيبت، جلال ۽ ان جو خوف دل ۾ ويهاري، هر ان ڪم کان بچي، جنهن مان ان جي ناراضگي جو انديشو هجي. حضرت سَيِّدُنا شَهَابُ الدِّين سُهروردي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ”**اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ بزرگي جي تعظيم واسطي روح کي جهڪائڻ حياء آهي.“ ۽ اهڙي قسم جو حياء حضرت سَيِّدُنا اسرافيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو آهي جيئن منقول آهي تہ اهو **اللّٰه** تعاليٰ جي حياء جي ڪري پنهنجي پرن سان پاڻ کي لڪايو وينو آهي.

(مرقاة المفاتيح ج 8 ص 802 تحت الحديث 5071)

## سيني کان وڌو باحياء اُمّتي

حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو حياء ہ اهڙي قسم جو آهي، جهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو فرمان آهي: مان ڪمرو بند ڪري غسل ڪندو آهيان تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان حياء جي ڪري سمٽجي ويندو آهيان. (ايضًا) "ابن عساڪر" حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت ڪن ٿا تہ ٻنهي جهانن جي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "حيا ايمان منجهان آهي ۽ عثمان (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) منهنجي اُمّت ۾ سيني کان وڌيڪ حيا ڪرڻ وارا آهن." (الجامع الصغير للسيوطي حديث 3869 ص 235)

يا الٰہی! دے ہمیں بھی دولتِ شرم و حیا
حضرتِ عثماں غنیِّ باحیا کے واسطے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**حياء جا ہ قسم:** فقيہ ابو اللّيث سمرقندي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: حياء جا ہ قسم آهن: ﴿1﴾ ماڻهن جي معاملي ۾ حياء ﴿2﴾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ حياء. ماڻهن جي معاملي ۾ حيا ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ تون پنهنجي نگاهہ کي حرام ڪيل شين کان بچاءِ ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي معاملي ۾ حياء ڪرڻ مان مراد هي آهي تہ ان جي نعمت کي سڃاڻ ۽ ان جي نافرماني ڪرڻ کان حياء ڪر. (تنبيہ الغافلين ص 258)

## فطري ۽ شرعي حياء

**فطري ۽ شرعي** اعتبار سان ہ حياء کي ورهايو ويو آهي.
فطري حياء اهو آهي جنهن کي اللّٰه تعاليٰ هر جان ۾ پيدا فرمايو آهي ۽ اهو پيدائشي طور تي هر شخص ۾ هوندو آهي ۽ شرعي حياء هي آهي تہ ٻانهو اللّٰه تعاليٰ جي نعمتن ۽ پنهنجي ڪوتاهين تي غور

ڪري پشيمان ۽ شرمندو ٿئي ۽ ان شرمندگي ۽ اللّٰه تعاليٰ جي خوف کي مدّنظر رکندي، اڳتي گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. علماء فرمائن ٿا تہ ”حياء هڪ اهڙو خُلق آهي جيڪو بُرن ڪمن کي ڇڏڻ تي اُڀاري ۽ حقدار جي حق ۾ ڪمي ڪرڻ کان روڪي ٿو.“ (مرقاة المفاتيح ج 8، ص 800 تحت الحديث 5070)

## حياء ۾ سيئي اسلامي احڪام پوشيده آهن

حياء جي باري ۾ اهو بہ چيو ويو آهي هي هڪ اهڙو خُلق آهي جنهن تي اسلام جو مدار آهي ۽ ان جو سبب هي آهي تہ انسان جا افعال ٻن طرح جا آهن ﴿1﴾ جن کان حيا ڪري ٿو ﴿2﴾ جن کان حياء ناهي ڪندو. پهريون قسم حرام ۽ مڪروهہ تي مشتمل آهي ۽ ان جو ڇڏي ڏيڻ مشروع (يعني شريعت جي موافق) آهي. ٻيو قسم واجِب، مُستَحَب ۽ مباح تي مشتمل آهي، ان ۾ پهريان ٻن جو ڪرڻ مَشروع ۽ ٽئين جو ڪرڻ جائز آهي. اهڙي طرح اها حديث شريف ”جڏهن تون حيا نہ ڪرين تہ جيڪو چاهين سو ڪر.“ انهن پنجن احڪامن کي شامل آهي.

(مرقاة المفاتيح ج 8 ص 802 تحت الحديث 5071)

## حياء جا احڪام

حياء ڪڏهن فرض ۽ واجب ٿيندو آهي جيئن ڪنهن حرام ۽ ناجائز ڪم کان حياء ڪرڻ، ڪڏهن مُستحب جيئن مڪروهہ تنزيهي کان بچڻ ۾ حياء، ۽ ڪڏهن مُباح (يعني ڪرڻ نہ ڪرڻ برابر) جيئن ڪنهن مُباح شرعي جي ڪرڻ کان حياء. (نُزهة القاري ج 1 ص 334)

## حياء جو ماحول سان تعلق

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حياء جي نشوونما ۾ ماحول ۽ تربيّت جو وڏو عمل دخل آهي. حيا دار ماحول مُيسّر ٿيڻ جي صورت ۾ حياء کي وڌيڪ نِکار ملندو آهي. جڏهن ته بي حياء ماڻهن جي صحبت دل ۽ نگاهه جي پاڪيزگي ختم ڪري، بي شرم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ٻانهو بيشمار غير اخلاقي ۽ ناجائز ڪمن ۾ مبتلا ٿي پوندو آهي. اهو حياء ئي ته هو جيڪو برائين ۽ گناهن کان روڪيندو هو، جڏهن حياء ئي نه رهيو ته هاڻي برائي کان ڪير روڪي؟ گهڻا ماڻهو ته اهڙا هوندا آهن، جيڪي بدنامي جي ڊپ کان شرمائي، برايون ناهن ڪندا، پر جن کي نيڪ نامي ۽ بدنامي جي پرواهه ناهي هوندي، اهڙا بي حياء ماڻهو هر گناهه ڪري وجهندا آهن، اخلاقيات جون حدون پار ڪري، بداخلاقي جي ميدان ۾ لهي پوندا آهن ۽ انسان ذات سان ڪريل ڪم ڪرڻ ۾ به شرم ۽ عار محسوس ناهن ڪندا.

## خُلقِ اسلام

**اسلام** ۾ حياء کي تمام وڏي اهميّت حاصل آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي: ”بيشڪ هر دين جو هڪ خُلق آهي ۽ اسلام جو خُلق حياء آهي.“ (سنن ابن ماجہ حديث 4181 ج 4، ص 460) يعني هر اُمّت جي ڪا نه ڪا خاص خَصلت هوندي آهي، جيڪا ٻين خصلتن تي غالب هوندي آهي ۽ اسلام جي اها خصلت حياء آهي، ان ڪري حياء هڪ اهڙو خُلق آهي جيڪو اخلاقي چڱائين جي تڪميل، ايمان جي مضبوطي جو سبب ۽ ان جي علامتن مان آهي.

## ايمان جي علامت

حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ايمان جا ستر کان وڌيڪ شعبا (علامتون) آهن ۽ حيا ايمان جو هڪ شعبو آهي.“ (صحيح مسلم حديث 35، ص 39)

## حياء ايمان مان آهي

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: ”حياء ايمان مان آهي.“ (مُسند ابي يعليٰ حديث 7463، ج 6، ص 291) يعني جهڙي طرح ايمان، مؤمن کي ڪُفر جي اِرتِڪاب کان روڪيندو آهي، اهڙي طرح حياء، باحيا کي نافرمانين کان بچائيندو آهي. ان لاءِ مجازي طور تي انهي کي ”ايمان مان“ فرمايو ويو. جنهن جي وڌيڪ وضاحت ۽ تائيد حضرت سَيِّدُنا اِبْنِ عُمَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي هن روايت مان ٿئي ٿي: ”بيشڪ حياء ۽ ايمان ٻئي پاڻ ۾ مليل آهن، جڏهن هڪ کڄي وڃي تہ ٻيو بہ کنيو ويندو آهي.“ (المستدرڪ للحاڪم حديث 66 ج 1 ص 176)

## حياء جي گهٽائيءَ کان منع نہ ڪريو

حضرت سَيِّدُنا اِبْنِ عُمَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ انصاري کي ڏٺائون: جيڪي پنهنجي ڀاءُ کي شرم ۽ حياء جي باري ۾ نصيحت ڪري رهيا هئا (يعني حياء جي گهٽائي کان منع ڪري رهيا هئا) تہ فرمايائون: ”انهي کي ڇڏي ڏيو، بيشڪ حياء ايمان مان آهي.“

(سنن ابي داوٗد حديث 4795، ج 4، ص 331)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ حياء جيترو گهٽ هوندو اوترو ڀلو آهي. جيڪو حياء ڪمزوري ۽ احساس ڪمتري جي ڪري

نہ هجي بلڪ خوف خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب هجي، ان ۾ يقينًا ڀلائي ئي ڀلائي آهي.

## حياء ۾ ڀلائي ئي ڀلائي آهي

حضرت سَيِّدُنا عمران بن حُصَيْن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عن العُيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "حياء صرف خير (يعني ڀلائي) ئي آڻيندو آهي."

(صحيح مسلم حديث 37، ص 40)

**وَسوسو:** هتي هي وسوسو اچي سگهي ٿو تہ ڪڏهن حياء انسان کي حق ڳالهہ ڪرڻ، شرعي حڪم معلوم ڪرڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ انفرادي ڪوشش ڪرڻ وغيره مدني ڪمن کان روڪي، ان کي ڀلائي کان محروم ڪري ڇڏي ٿو تہ پوءِ انهي مان ڀلائي تہ حاصل نہ ٿي!

**وسوسي جو علاج:** جواب هي آهي تہ حديث پاڪ ۾ حياء جي شرعي معنيٰ (جيڪا هن رسالي جي صفحي 4 تي گذري) مراد آهي ۽ حياء شرعي ڪڏهن بہ نيڪين کان نہ روڪيندو، بلڪ ان تي وڌيڪ اڀاريندو. ابوداوٗد شريف ۾ آهي: "حياء سڀ جو سڀ خير (يعني ڀلائي) آهي." (سنن ابي داوٗد حديث 4796، ج 4، ص 331)

## گهوٽ ڇوڪرين جي جُهرمٽ ۾

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! جوان ڇوڪري هاڻي چادر ۽ چارديواري کان نڪري، مَخلوط تعليم جي برائي ۾ مُبتلا ٿي "بُواءِ فرينڊ" جي چڪر ۾ ڦاسي وئي آهي. ان کي جيسيتائين چادر ۽ چارديواري ۾ رهڻ جي سعادت حاصل هئي اها شرميلي هئي ۽

اڄ بہ جيڪا چادر ۽ چارديواري ۾ هوندي، اها اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ باحيا ئي هوندي، افسوس! حالات بلڪل بدلجي چڪا آهن. هاڻي تہ اڪثر ڪنواريون ڇوڪريون شادين ۾ خوب نچي ۽ مهندي جي رَسمن وغيره ۾ لاپرواهي سان بي حيائي جو مظاهرو ڪنديون آهن. ڪن قومن ۾ هي بہ رواج آهي تہ گهوٽ نڪاح کان پوءِ رخصتي کان پهريان نامحرمن يعني جن کان پردو ڪرڻ ضروري آهي، انهن جوان ڇوڪرين جي جُهرمٽ ۾ ويندو آهي ۽ اهي گهوٽ سان کل ڀوڳ ڪنديون آهن، اهو سراسر ناجائز، حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. مطلب تہ اڄڪلهہ جون فيشن ايبل ۽ بي پرده ڇوڪريون افعال ۽ اقوال هر لحاظ کان حيا واري چادر کي ليرون ليرون ڪري رهيون آهن.

## غيرت موڪلائي وئي

شرعي مسئلو آهي تہ ”جيڪڏهن نڪاح جو وڪيل ڪنواري ڇوڪريءَ کان نڪاح وقت اجازت وٺي ۽ اها شرمائي خاموش رهي تہ اها اجازت سمجهي ويندي.“ (درمختار ج 4 ص 155، 156) معلوم ٿيو تہ پهرئين دؤر جون ڇوڪريون ائين ڪنديون هونديون تڏهن تہ اسان جي فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام اهو مسئلو تحرير فرمايو، پر هاڻي تہ ڇوڪريون پنهنجي وات سان ”شادي شادي“ چوندي، بلڪ نامحرمن جي سامهون بہ شاديءَ جو تذڪرو ڪندي نہ ٿيون شرمائن. اوهان پاڻ ئي ٻڌايو تہ اهو مُنّو يا مُنّي جيڪي ماءُ پيءُ جي پاسي ۾ ويهي ٽي. وي ۽ وي.سي.آر وغيره تي فلمون ڊراما، ناچ رنگ جا حيا سوز منظر ۽ مردن ۽ عورتن جا گندا گندا نخرا

ڏسندا، ڇا انهن ۾ شرم ۽ حياء پيدا ٿيندو؟ ڇا انهن جي باري ۾ اها اُميد رکي سگهجي ٿي تہ اهي وڏا ٿي معاشري جا باحيا ۽ باڪردار فرد بڻجندا!

## نازڪ شيشيون

**منهنجا** آقا اعلي حضرت، ولي نعمت، امام اهلسنت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہ شمع رسالت، مُجدّد دين و ملّت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ”ڇوڪرين کي سورهءِ **يوسف** جي تفسير نہ پڙهايو، بلڪ انهن کي سورهءِ نور جي تفسير پڙهايو جو سورهءِ **يوسف** ۾ هڪ نِسواني (عورت جي) مڪر جو ذڪر آهي جڏهن تہ نازڪ شيشيون ٿوري نوڪر سان ٽٽي پونديون.“ (فتاويٰ رضويہ ج 24، ص 455 ملخصًا)

## ڇوڪريءَ کي اڳ ۾ئي سنڀاليو......

**سورهءِ يوسف** جي تفسير پڙهڻ جي بہ جن کي ممانعت آهي صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪلهہ اهي ئي ڇوڪريون رُوماني ناول، غير اخلاقي افسانہ ۽ عشقيہ، فسقيہ مضمون گهڻا پڙهنديون آهن ۽ ڪي تہ لکنديون بہ هونديون، بيهوده غزل ۽ گانا ٻڌنديون ۽ ڳائينديون آهن. ٽي.وي، وي.سي.آر وغيره تي فلمون ڊراما ۽ خبر ناهي تہ ڇا ڇا ڏسنديون آهن (۽ جن جو حياء بالڪل موڪلائي ويو آهي اُهي) انهن ۾ ڪم بہ ڪنديون آهن. فلمون ڊراما، عشقيہ منظرن سان ڀريل هوندا آهن. ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد کي ڀيريان ئي نہ ٿا سنڀالين ۽ جڏهن ڪا ڇوڪري پنهنجي مرضي سان ڪنهن سان

”منسوب“ ٿي ويندي آهي تہ ان وقت ماءُ پيءُ مٿي تي هٿ ڏئي روئندا آهن، جيڪي پيءُ ڇوڪريءَ کي ڪاليج موڪليندا آهن، فلمون ڊراما ڏسڻ کان ناهن روڪيندا غالبًا انهن کي اها دنياوي سزا ملندي آهي. شايد بازي هٿن مان نڪري وئي، هاڻي ان جي خواهش ۾ اوهان جو رڪاوٽ وجهڻ، خودڪشي يا قتل ۽ تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿو!

## مولانا صاحب! مجرم ڪير؟

مون کي مڪہ مکرّمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ ڪنهن هڪ برباد ٿيل ڇوڪريءَ جو خط پڙهڻ جي لاءِ ڏنو، جنهن ۾ مضمون هن طرح سان هو: اسان جي گهر ۾ T.V پهريان ئي موجود هئي. اسان جي والد کي ڪجهہ پئسا مليا تہ ڊش انٽينا بہ وٺي آيو. هاڻي اسان ملڪي ۽ غير ملڪي فلمون بہ ڏسڻ لڳاسين. منهنجي اسڪول جي ساهيڙي مون کي هڪ ڏينهن چيو: فلاڻ ”چينل“ لڳائيندئن تہ سيڪس اپيل (SEX APPEAL) منظر جا مزا ماڻڻ لاءِ ملندا. هڪ ڀيري جڏهن مان گهر ۾ اڪيلي هئس تہ اهو چينل لڳايو تہ ”جنسيات“ جا مختلف منظر ڏسي، مان جنسي خواهش جي سبب بيتاب ٿي گهر کان جلدي ٻاهر نڪتيس. اتّفاق سان هڪ ڪار منهنجي ويجهو گذري رهي هئي، جنهن کي اڪيلو نوجوان هلائي رهيو هو، مون ان کان لفٽ گهري تہ ان مون کي ڪار ۾ ويهاريو، ... ايسيتائين جو مون ان سان ”ڪارو منهن“ ڪيو. منهنجي ڪنوارپ باقي نہ رهي، منهنجي مٿي تي بدنما داغ لڳي ويو، مان برباد ٿي ويس! مولانا صاحب! ٻڌايو مجرم ڪير؟ مان پاڻ يا منهنجو والد! جنهن گهر ۾ T.V وٺي لڳائي ۽ وري ڊش انٽينا بہ لڳائي.

www.dawateislami.net

دل کے پھپھولے جل اُٹھے سینے کے داغ سے
اِس گھر کو آگ لگ گئی گھر کے چراغ سے

## جنّت کان محروم

**جيڪي** ماڻهو طاقت رکڻ جي باوجود پنهنجي عورتن ۽ محرمن کي بي پردگي کان نہ روڪيندا آهن، اهي دَيُّوث آهن. رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: ثَلَاثَةٌ قَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَنَّةَ مُدْمِنُ الْخَمْرِ وَالْعَاقُّ وَالدَّيُّوْثُ الَّذِىْ يُقِرُّ فِىْ اَهْلِهِ الْخَبَثَ. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2، ص 351 حديث 5372) يعني ٽي شخص آهن جن تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جنّت حرام فرمائي ڇڏي آهي هڪ تہ اهو شخص جيڪو هميشہ شراب پيئي، ٻيو اهو شخص جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪري، ۽ ٽيون اهو ديُّوث (يعني بي حيا) جيڪو پنهنجي گهر وارن ۾ بي غيرتي جي ڪمن کي برقرار رکي.

## ”دَيّوث“ چا کي چئبو آهي؟

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان حديث پاڪ جي انهن لفظن ”اهو ديُّوث (يعني بي حيا) جيڪو پنهنجي گهر وارن ۾ بي غيرتي جا ڪم برقرار رکي“ جي تحت فرمائن ٿا: ڪن شرح ڪندڙن فرمايو تہ اتي خَبَثَ مان مراد زنا ۽ زنا وارا سبب آهن، يعني جيڪو پنهنجي گهروارن جي زنا يا بي حيائي، بي پردگي، اجنبي ماڻهن سان ميل جول، بازارن ۾ سينگار ڪري گهمڻ ڦرڻ، بي حيائي وارا گانا ناچ وغيره ڏسي طاقت رکڻ جي باوجود نہ روڪي، اهو بي حياء دَيُّوث آهي. (مراٰة ج 5، ص 337) معلوم ٿيو تہ طاقت رکڻ جي باوجود پنهنجي گهرواري، ماءُ، ڀينرن ۽

جوان ڊيئرن وغيره کي گهمڻ ڦرڻ، ڊاريَن باازارن، شاپنگ سينٽرن ۾ گڏيل تفريح گاهن ۾ بي پرده گهمڻ ڦرڻ، ڊاريَن پاڙيسرين، نامحرم رشتيدارن، غير مَحرم ملازمن، چوکيدارن ۽ ڊرائيورن سان بي تڪلفي ۽ بي پردگي کان منع نہ ڪرڻ وارا وڏا بيوقوف، بي حياء دَيُّوث، جنّت کان محروم ۽ جهنّم جا حقدار آهن. منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”دَيُّوث سخت خبيث فاسق (آهي) ۽ فاسقِ مُعلِن (يعني سرِعام گناهہ ڪندڙ) جي پٺيان نماز مڪروهہ تحريمي، ان کي امام بڻائڻ جائز ناهي ۽ ان جي پٺيان نماز پڙهڻ گناهہ آهي ۽ پڙهيائين تہ موٽائي پڙهڻ واجب (آهي).“ (فتاوي رضويہ ج 6 ص 583) جيڪڏهن مرد پنهنجي حيثيّت جي مطابق منع ڪري ٿو ۽ اهي نہ ٿيون مڃين تہ ان صورت ۾ ان تي نہ ڪو الزام آهي ۽ نہ اهو ديُّوث آهي.

## عورتن جي اصلاح جو طريقو

جيتري قدر ٿي سگهي تہ بي پردگي وغيره جي مُعاملي ۾ عورتن کي روڪيو وڃي، پر حڪمت عملي سان، ائين نہ ٿئي جو اوهان جي پنهنجي گهرواريءَ يا ماءُ، ڀينرن تي اهڙي قسم جي سختي ڪريو، جنهن سان گهر جو امن ئي برباد ٿي وڃي. ضرورت وقت منهنجي بيان جون اهي ڪيسٽون ٻڌرايو جن ۾ پردي جو ذڪر هجي. مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهار شريعت حصي 16 صفحي 80 کان وٺي 92 تائين ”ڏسڻ ۽ ڇهڻ جو بيان“ پڙهڻ، پڙهائڻ يا پڙهي ٻڌائڻ بہ ڏاڍو فائديمند آهي، انهن لاءِ صدقِ دل سان دعا بہ ڪندا رهو. پاڻ کي ۽ گهر وارن کي هر گناهہ کان

بچائڻ جو فڪر ڪريو ۽ ڪوشش ۾ ڪندا رهو. 28 سيپاري سورةُ التَّحريم جي ڇهين آيت سڳوري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ (پ 28 التحريم 6)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

رحمتِ عالم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: كُلُّكُمْ رَاعٍ وَّكُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَعِيَّتِهٖ (صحيح البخاري ج 1 ص 309 حديث 893) يعني ”اوهان سڀ پنهنجي پنهنجي متعلقين (ماتحتن) جا سردار ۽ حاڪم آهيو، حاڪم کان قيامت جي ڏينهن ان جي رعايا جي باري ۾ پڇيو ويندو.“

انهي حديث پاڪ جي تحت شارِحِ بخاري حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد شريف الحق امجدي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ جيڪو ڪنهن جي نگهباني ۾ هجي. اهڙي طرح عوام سلطان ۽ حاڪم جي، اولاد ماءُ پيءُ جي، شاگرد استاد جي، مُريد پير جي رعيّت ٿيا. ائين جيڪو مال گهرواريءَ يا اولاد يا نوڪر جي نگراني ۾ هجي، ان جي سنڀال ڪرڻ انهن تي واجب آهي. هي ياد رهي تہ ”سنڀال“ ۾ هي بہ داخل آهي تہ رعيّت گناهن ۾ مبتلا نہ ٿئي. (نُزهة القاري ج 2، ص 530)

## شادي ۾ ناچ رنگ

سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ان بگڙيل معاشري جو رُخ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت جي طرف ڪيئن

www.dawateislami.net

مائل ڪيو وڃي ۽ ان کي تيزي سان جهنم ڏانهن وڃڻ کان روڪي ڪهڙي طرح جنّت واري راهه تي هلايو وڃي! آهه! آهه! آهه! اهڙو دؤر اچي چڪو آهي جڻ ته هر ڪو هڪ ٻئي کان اڳتي وڌي مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ جهنّم ۾ ڪِرڻ چاهي ٿو. جهڙي طرح شادين ۾ ڏنو ويندو آهي ته ڪنهن وٽ جيڪڏهن ٿورا پئسا آهن ته صرف فلمي گانن جي رڪارڊنگ تي گذارو ڪندو آهي، ۽ جنهن وٽ ڪجهه وڌيڪ پئسا هوندا آهن ته اهو شادي جي بي حيائي سان ڀرپور تقريب جي مووي ڀرائيندو آهي ۽ ان کان اجا وڌيڪ پئسن وارو فنڪشن (Function) جو به اهتمام ڪندو آهي جنهن ۾ مرد عورتون موسيقي جي ڌُنن ۽ ڍُول جي آواز تي بي ڍنگي انداز سان نچندا ٻُڏائيندا آهن، تماشائي خوب هُل هنگامو ڪندا، واهيات جملا ڳالهائيندا، ويتر وڌيڪ ان تي ڪلندا، ٺهڪ ڏيندا ۽ ڏاڍيان تاڙيون ۽ سيٽيون وڄائيندا آهن. ان قسم جي حرڪتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته جڻ شرم ۽ حياء جو عُنصر بالڪل ختم ٿي چڪو آهي، گهرو معاملا هجن يا اجتماعي تقريبون، مُحلّو هجي يا بازار، هر جاءِ تي شرم ۽ حياء جو سرِّعام قتل ۽ بي حيائي جي ڀرمار آهي، جنهن ڪي ڏسو وڌ ۾ وڌ بي حيائي جو شيدائي محسوس ٿي رهيو آهي.

## گهرو بي حيائيون

ٿورو سوچيو! جيڪڏهن اوهان جي گهر جي ٻاهرئين دروازي تي ڪا جوان ڇوڪري ۽ ڇوڪرو پاڻ ۾ واهيات حرڪتون ڪري رهيا هجن ته شايد اوهان سخت ڪاوڙجو ۽ ڇئو

تہ کھڙي بي حيائي ڪري رهيا آهيو، بلڪ انهن کي مارڪُٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو! ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اتي اوهان جي ڪاوڙ حياء جي ڪري آهي. پر جڏهن اوهان گهر ۾ ٽي وي هلائي، جنهن ۾ ناچُو مرد ۽ عورت (Dancers) نچي رهيا آهن، هڪ ٻئي کي اشارا ڪري رهيا آهن، ڇُهي رهيا آهن، تڏهن اوهان جو حياء ڪيڏانهن هليو ويندو آهي؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جي واسطي سوچيو! ڇا اهو بي حيائي جو منظر نہ آهي؟ اها اوهان جي کهڙي ابتي منطق آهي، گهر جي ٻاهران ٿي رهيو هو تہ اوهان ان کي بي حيائي قرار ڏئي احتجاج ڪيو ۽ يقينًا اهوئي ڪم گهر ۾ اوهان جي نُنهن، ڌيئرن جي موجودگي ۾ T.V جي اسڪرين واري پردي تي ٿي رهيو آهي تہ جڻ بي حيائي نہ رهيو! توبهہ! توبهہ! اوهان جي سامهون ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هٿن ۾ هٿ ڏيو، نچي رهيا آهن ۽ اوهان وري اکيون ڦاڙي وڏي دلچسپي سان ڏسي انهن کي داد ڏئي رهيا آهيو! نيٺ اهڙي طرح خدا عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کي ڪيسيتائين سڏيندا رهندؤ؟

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## ذرائع اِبلاغ

افسوس! ذرائع اِبلاغ (ميڊيا) مثال طور ريڊيو، ٽي وي جا مختلف چينل، ڪيئي رسالا ۽ اخبارون بي حيائي جي فروغ لاءِ مصروف آهن. جنهن جي ڪري اسان جو معاشرو تيزي سان فحاشي، بي پردگي، ۽ بي حيائي واري ٻاھ جي وڪڙ ۾ اچي رهيو

آهي جنهن جي ڪري نئين نسل اخلاقي تباهي واري رستي ۽ وڏي بدعملي جو شڪار ٿي رهي آهي. فلمون، ڊراما، گانا باجا، بيهوده فنڪشن رائج ٿي رهيا آهن. ڪيترائي گهر سينما گهر ۽ گهٽيون مجلسون نوبت خانا محسوس ٿي رهيون آهن ۽ ڳالھ رڳو ايسيتائين محدود ناهي رهي، بلڪ هاڻي تہ ايمان برباد ٿيڻ جا انديشا بہ وڌي رهيا آهن جو شيطان جي اشاري تي بدبخت ڪافرن گانن ۾ ڪفريہ جملن جو اهڙو تہ زهر ملائي ڇڏيو آهي، جن کي پڙهڻ ۽ جُهونگارڻ ڪُفر آهي.

ڪفريہ گانن جي معلومات ۽ ان کان توبھ، تجديدِ ايمان جو طريقو سکڻ لاءِ منهنجي سنتن پريي بيان "گانوں کے 35 کفریہ اشعار" جي ڪيسٽ "مكتبة المدينہ" مان حاصل ڪري ٻڌو. هي بيان رسالي جي صورت ۾ بہ اچي چڪو آهي، مكتبة المدينہ تان هديةً حاصل ڪري ان جو مطالعو فرمايو. بلڪ وڌ ۾ وڌ تعداد ۾ حاصل ڪري، تقسيم ڪري ثواب ڪمايو.

## رسولن (عَلَيْهِمُ السَّلَام) جون چار سنتون

**نبّين جي سروَر، شفيعِ روز محشر** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو:**
"چار شيون رسولن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّتن منجهان آهن: ﴿1﴾ عِطر لڳائڻ ﴿2﴾ نِڪاح ڪرڻ ﴿3﴾ مسواڪ ڏيڻ ۽ ﴿4﴾ حَياء ڪرڻ."

(مسند امام احمد ج 9 ص 147، 148 حديث 23641)

## بي حياء نيڪ نٿو ٿي سگهي!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً هر رسول، هر نبي ۽ هر ولي باحياء (ئي) هوندو آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي مقبول ٻانهن جي باري ۾ بي حيائي

جو تصوُّر بہ نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪو بي حياء آهي اهو ”نيڪ ٻانهو“ چورائڻ جو حقدار ناهي. چاچِيءَ، مامِيءَ پنهنجي ڀاڄائي ۽ چاچي، ماسي، مامي ۽ ڦُڦي جي ڌيئرن، نامحرم پاڙيسري عورتن ۽ ٻين نامحرم عورتن کي جيڪو ڄاڻي واڻي ڏسي، انهن سان بي تڪلُّف ٿئي، فلمون ڊراما ڏسي، گانا باجا ٻڌي، واهيات گفتگو يا گارگند ڏئي، اهو بي حياء ئي نہ، بي حياء ماڻهن جو سردار پڻ آهي. جيتوڻيڪ اهو حافِظ، قاري، قائِمُ اللَّيِلِ و صائِمُ الدَّهَر يعني سڄي رات عبادت ڪرڻ وارو ۽ سڄو سال روزا رکڻ وارو هجي. ان جا عمل پنهنجي جاءِ تي، پر انهن سان گڏوگڏ بي حيائي وارن ڪمن ۾ پوڻ انهي جي حياء واري صفت ۽ نيڪ هئڻ واري خصلت کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ اڄڪلهہ ان جا نظارا بہ عام آهن. چڱي ڀلي مذهبي حُليي ۾ نظر ايندڙ بيشمار اسلامي ڀائر انهي مرض ۾ مبتلا آهن. يعني چهري تي ڏاڙهي، مٿي تي زُلف ۽ عمامو شريف، سنّت جي مطابق لباس بلڪ کي تہ چڱا ڀلا دين جا مُبلّغ هئڻ جي باوجود، حياء جي معاملي ۾ سراسر محروم هوندا آهن. ڏير ۽ ڀاڄائي جي پردي جي باري ۾ بالڪل لاپرواهي ڪري جهنّم جا حقدار ٿيندا آهن، اهڙن ”نيڪ نما“ ماڻهن کي جيڪڏهن ڪو دردمند دل رکڻ وارو سمجهائي تہ بہ هڪ ڪن کان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا آهن. جڏهن انهن جون پنهنجي حجائتي دوستن سان ڪچهريون ٿينديون آهن تہ انهن ۾ غير ضروري شادين ۽ اخلاق کان ڪِريل شهوت تي اڀارڻ واريون ڳالهيون ٿينديون آهن، تنهنجي شادي، منهنجي شادي، فلان جي شادي وغيره انهن غير مقدّس محفلن جا عام موضوع هوندا آهن

۾ پوءِ اشارن سان يا ظاهري طور تي اهڙيون ڳالهيون ڪري مزا ماڻيندا آهن جو ڪو باحيا هجي تہ شرم وچان لڄي ٿئي.

## نفلي عبادت کان افضل عمل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انهن ماڻهن جي ڪيڏي نہ وڏي بدنصيبي ۽ محرومي ٿئي جيڪي نفلي عِبادتون ۽ رياضتون ڪن، فرض کان سواءِ نفلي نمازون پڙهن، نفلي روزا بہ رکن، پر ڳانن باڄن، فلمن ڊرامن، ڌارين عورتن کي چِتّائي ڏسڻ ۽ اَمرَدن (يعني بنا ڏاڙهي جي خوبصورت ڇوڪرن) کي برين نظرين سان ڏسڻ جهڙن بي حيائي وارن ڪمن کان نہ رڪجن. ياد رکو! هزارين سال جي نفلي نمازن، نفلي روزن، ڪروڙين اربين روپين جي نفلي خيراتن، تمام گهڻن نفلي حجّن ۽ عمري جي سعادتن بدران رڳو پنهنجو پاڻ کي هڪ ”صغيره گناهہ“ کان بچائڻ افضل آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪروڙين نفلي ڪم نہ ڪرڻ تي قيامت ۾ عذاب جي ڪا وعيد ناهي جڏهن تہ گناهہ صغيره کان بچڻ واجب ۽ ان کي ڪرڻ تي قيامت جي ڏينهن پڇاڻو ۽ سزا جو حقدار ٿيڻ آهي.

## سيني کان بُرو

بُري صحبت ۽ بِڇڙي ماحول جا شوقين، ڪي نادان ماڻهو مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ گهر جون ڳجهيون ڳالهيون ۽ پڻ ازدواجي خفيہ معاملا بہ پنهنجي بي حيا دوستن جي آڏو بيان ڪندا آهن! هڪ حديث پاڪ ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو. حضرت سَيِّدُنا ابوسعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ پيڪر شرم و حياء، مڪّي مدني آقا، مني مني مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

”بيشڪ الله تعاليٰ وٽ قيامت جي ڏينهن مرتبي جي اعتبار کان سڀني کان بُرو شخص اهو آهي جيڪو پنهنجي گهرواريءَ وٽ اچي ۽ گهرواري ان وٽ اچي، پوءِ اهو پنهنجي گهرواريءَ جا راز (ماڻهن ۾) ظاهر ڪري ڇڏي.“ (صحيح مسلم ص 753 حديث 1437)

**حيا ڪرڻ جو حق:** حضرت سَيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حضور اڪرم، نُورِ مُجسَّم، شاه بني آدم، رسول محتشم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم کي فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ کان حياء ڪريو، جهڙو حياء ڪرڻ جو حق آهي.“ سَيِّدُنا عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، اسان عرض ڪيو: ”اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان حياء ڪريون ٿا ۽ سڀئي خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن“ ارشاد فرمايائون: ”ائين ناهي، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ کانجيترو ان جو حق آهي حياء ڪرڻ جي معنيٰ هيءَ آهي ته مٿو ۽ مٿي ۾ جيترا عضوا آهن انهن جي، پيٽ جي ۽ پيٽ جن جن عضون تي مشتمل آهي، انهن جي حفاظت ڪري ۽ موت، مرڻ کان پوءِ ڳرڻ سڙڻ کي ياد ڪري ۽ آخرت کي چاهڻ وارو دنيا جي سونهن ۽ سينگار ڇڏي ڏئي ٿو، ته جنهن ائين ڪيو انهي الله عَزَّوَجَلَّ کان شرمائڻ جو حق ادا ڪيو.“ (مسند امام احمد بن حنبل ج 2، ص 33، حديث 3671)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پنهنجي جسم جي سڀني عضون کي حياء جو عادي بڻائڻ ۽ گناهن کان بچائڻ گهرجي. عضون کي گناهن کان بچائڻ بابت ڪجهه مدني گل عرض ڪريان ٿو:

## مٿي جو حياء

**مٿي** کي براين کان بچائڻ هي آهي ته بُرا خيالَ، بڇڙي سوچ ۽ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگماني وغيره کان پرهيز

ڪئي وجي ۽ مٽي جي عضوون جيئن چپن، زبان، ڪنن ۽ اکين وغيره جي ذريعي بہ گناهہ نہ ڪيا وڃن.

## زبان جو حياء

زبان ڪي براين ڪان بچائيندي بدڪلامي ۽ بي حيائي وارين ڳالهين ڪان هر وقت پرهيز ڪرڻ گهرجي. ۽ ياد رکو! پنهنجي ياءُ ڪي ڳار ڏيڻ گناهہ آهي ۽ بي حيائي جي ڳالهين ڪرڻ واري بدنصيب تي جنّت حرام آهي.

**جنّت حرام آهي:** حضور تاجدار مدينہ، قرار قلب و سينہ، صاحب معطّر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان باقرينہ آهي: "اُنهي شخص تي جنّت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (يعني بي حيائي واري ڳالهہ) ڪري." (الجامع الصغير للسيوطي ص 221 حديث 3648)

**جهنّمي بہ بيزار:** منقول آهي: چئين قسمن جا جهنّمي جيڪي ٻرڪندڙ پاڻي جي اندر ڊڪندا، پڃندا، هلاڪت گهرندا هوندا، انهن ۾ هڪ اهو شخص هوندو، جنهن جي وات مان گند ۽ رت وهندو هوندو. جهنّمي چوندا: "انهي بدبخت ڪي ڇا ٿيو، اسان جي تڪليف ڪي وڌائي ٿو ڇڏي؟" چيو ويندو: "اِهو بدبخت، خبيث ۽ بُري ڳالهہ ڏانهن توجهہ ڏئي ان مان لذّت حاصل ڪندو هو جيئن جماع جي ڳالهين مان." (اتحاف السادة للزبيدي ج 9، ص 187)

حضرت سَيِّدُنا شُعيب بن ابي سعيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان روايت آهي فرمائن ٿا: "جيڪو بي حيائي جي ڳالهين مان لطف اندوز ٿيندو تہ قيامت جي ڏينهن ان جي وات مان گند ۽ رت وهندو." (ايضًا ص 188)

## ڪُتي جي شڪل ۾

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شهوت جي تسڪين جي خاطر تنهنجي شادي، منهنجي شادي چوندي بي حيائي جون ڳالهيون ڪرڻ وارا، ڊرامن جا شوقين، وي سي آر تي بيهوده فلمون ڏسڻ وارا، سينيما گهرن ۾ وڃڻ وارا، فلمي گانا جُهونگارڻ وارا بيان ڪيل حديث پاڪ مان عبرت جو سبق پرائين. ياد رکو! حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن مَيسره رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”فُحش ڪلامي (يعني بي حيائي واريون ڳالهيون) ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن ڪُتي جي صورت ۾ ايندو.“ (اتحاف السادة للزبيدي ج 9، ص 190)

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: خيال رکڻ گهرجي ته سڀئي انسان قبرن مان انساني صورتن ۾ اٿندا پوءِ محشر ۾ پهچي، ڪن جون صورتون بگڙجي ويندديون. (مراٰة ج 6 ص 660)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انسان گهٽو ڪري مُعزّزِين جي آڏو بي حيائي جون ڳالهيون ڪندي شرمائيندو آهي، ليڪن افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪرڻ وقت هي احساس ناهي رهندو ته معزز ترين ربُّ العٰلمين جَلَّ جَلَالُهٗ سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو آهي.

## الله عَزَّوَجَلَّ سڀ ڳالهيون ٻڌندو آهي

**حضرت سَيِّدُنا بِشرحافي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا ۽ پنهنجي دوستن کي فرمائيندا هئا: اوهان سوچيو ته سهي! پنهنجي اعمال نامن ۾ ڇا لکرائي رهيا آهيو! اهو اوهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي

سامهون پڙهيو ويندو، تہ جيڪو شخص قبيح (يعني شرمناڪ) گفتگو ڪندو آهي ان تي حَيف (يعني افسوس) آهي، جيڪڏهن پنهنجي دوست کي ڪجھ لڪرائيندي ڪڏهن ان ۾ بُرا لفظ لڪرايو تہ اهو اوهان جي حياء جي ڪمي جي ڪري آهي، جڏهن تہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان اهڙو معاملو ڪيڏو نہ برو هوندو (يعني جڏهن اعمال نامي ۾ بي حيائي جون ڳالهيون هجن) (تنبيہ المغترين ص 228)

**ايمان جا ٻہ شعبا**: سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اَلْحَيَاءُ وَالْعِيُّ شُعْبَتَانِ مِنَ الْاِيْمَانِ وَالْبَذَاءُ وَالْبَيَانُ شُعْبَتَانِ مِنَ النِّفَاقِ (سنن الترمذي ج 3 ص 414 حديث 2034) ترجمو: حياء ۽ گهٽ ڳالهائڻ ايمان جا ٻہ شعبا آهن ۽ فُحش بڪڻ ۽ گهڻيون ڳالهيون ڪرڻ نفاق جا ٻہ شعبا آهن.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي ان حصي "گهٽو ڳالهائڻ" جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني هر ڳالھ بنا ڪُنڪي جي وات مان ڪيڻ مُنافق جي علامت آهي. گهٽي ڳالهائڻ وارو گناھ بہ گهٽا ڪندو آهي يعني اَسّي سيڪڙو گناھ زبان سان ٿيندا آهن. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 435)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڳيون عورتون تہ ايتري قدر حيادار هونديون هيون جو پنهنجي مڙس جو نالو وٺندي گهبرائينديون هيون ۽ مُنّي جا والد وغيره چونديون هيون، پر هاڻي تہ بنا تڪلّف جي "منهنجو مڙس، منهنجو گهروارو، منهنجو هزبينڊ (Husband)" چونديون آهن، ۽ مرد بہ منهنجي ٻارن جي ماءُ وغيره چوڻ جي بدران "منهنجي زال، منهنجي وائف، منهنجي گهرواري" چوندا

www.dawateislami.net

آهن، پنهنجي ٻارن جي مامي جي تعارُف ڪرائڻ جو ڪافي شوق ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ اهو ڪزن هجي تڏهن به بنا ضرورت جي صرف ”سالو“ چئي تعارف ڪرائيندا. غالبًا نفس جي خوشي لاءِ ائين ڪيو ويندو آهي. ڪوشش فرمايو ته مُهَذَّب لفظ زبان تي اچن، باقي ضرورت وقت زال يا مڙس وغيره جو رشتو ٻڌائڻ ۾ حرج به ناهي.

## اکين جو حياء

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مٿي جي عضون ۾ اکيون به شامل آهن، انهن کي به بدنگاهي ۽ جن شين کي ڏسڻ شرعًا ناجائز آهي، انهن کان بچائڻ ڏاڍو ضروري ۽ حياء جو تقاضو آهي. حضرت سَيِّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: ”مان مران وري جيئرو ٿيان، وري مران وري جيئرو ٿيان، وري مران وري جيئرو ٿيان تڏهن به منهنجي ويجهو هي ان کان بهتر آهي ته مان ڪنهن جي اوگهڙ ڏسان يا ڪو منهنجي اوگهڙ ڏسي.“ (تنبيہ الغافلين ص 258)

**فاسق ڪير؟**: ڪنهن داناء کان پڇيو ويو ته فاسق ڪير آهي؟ فرمايائون: ”فاسق اهو آهي جيڪو پنهنجي نظرن کي ماڻهن جي دروازن ۽ ان جي پردي وارين جاين کان نه بچائي.“ (ايضًا)

## ملعون آهي

**حضرت سَيِّدُنا** حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی کان روايت آهي: رحمت عالم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم، نبيِّ مُحتَشَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد عبرت بنياد آهي: الله تبارڪ و تعاليٰ جي لعنت هجي

www.dawateislami.net

ڏسڻ واري تي ۽ ان تي جنهن جي طرف ڏٺو ويو. (شعب الايمان للبيهقي ج 6، ص 162 حديث 7788) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ جيڪو مرد اجنبي عورت کي ڄاڻي واڻي بنا ضرورت جي ڏسي ان تي لعنت آهي ۽ جيڪا عورت ڄاڻي واڻي بنا ضرورت جي اجنبي مرد کي پنهنجو پاڻ ڏيکاري، ان تي بہ لعنت، مطلب هي آهي تہ ان ۾ ٽي قيد لڳائڻا پوندا. اجنبي عورت کي ڏسڻ، بنا ضرورت جي ڏسڻ، ڄاڻي واڻي ڏسڻ. (مراٰة ج 5، ص 24)

سرڪارِ مدينہ مُنوّره، سردار مڪ مڪرّمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد عبرت بنياد آهي: پنهنجي ران نہ کوليو ۽ ڪنهن جي ران نہ ڏسو، چاهي اهو زنده هجي يا مڙدو. (سنن ابي داوٗد ج 3 ص 263 حديث 3140)

چڊي پائي کيڏڻ وارا، جتي گوڏا ۽ رانون ننگيون ڪري ورزش ڪئي ويندي آهي اهڙن بادي بلڊنگ ڪلبن ۾ وڃڻ وارا، رانون اگهاڙيون ڪري ڪُشتي ۽ ڪبڊي وغيره راند کيڏڻ وارا، سوئمنگ پول ۽ سمُنڊ جي ڪناري تي (نيڪر، چڊي، اڌ ننگو لباس پائي) وهنجڻ وارا ۽ انهن جي اوگهڙ ڏسڻ وارا، انهي روايت مان چڱي طرح عبرت حاصل ڪن ۽ جلدي توبہ ڪري انهن بي پردگين ۽ بدنگاهين کان رڪجي وڃن. سوئمنگ پُول، سمنڊ جي ڪناري ۽ ندي تي وهنجڻ ۾ پاجامي تي ٿلهي ڪپڙي جي گوڏ يا ڪو بہ رنگين ڪپڙو ڌُن کان وٺي گوڏن سميت بدن تي چنبڙيل هجي تہ بي پردگي کان بچاءُ ٿي سگهي ٿو.

## پردي جو اهتمام

حضرت سَيِّدُنا يعلٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي ميدان ۾ بي پرده وهنجندي

ڏنو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تي تشريف فرما ٿيا. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ ثناء کان پوءِ فرمايائون: ”**بيشڪ الله تعاليٰ** حياء ۽ پردي کي پسند فرمائيندو آهي تہ جڏهن اوهان مان ڪو غسل ڪري تہ ان لاءِ پردو لازم آهي.“ (سنن ابي داوٗد ج 4 ص 56 حديث 4012)

**عام حمّام** : حضرت سَيِّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: ”حمام ۾ داخل ٿيڻ دُرست ناهي پر ٻن چادرن سان، هڪ چادر اوگهڙ لڪائڻ جي لاءِ ۽ هڪ چادر اکين جي لاءِ، يعني پنهنجي اک کي ماڻهن جي اوگهڙ کان بچائي.“ (تنبيہ الغافلين ص 258)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهي دؤر ۾ وڏا حمام هوندا هئا جن ۾ اُجرت ڏئي، هڪ ئي وقت بنا ڪنهن مذهبي فرق جي ڪيترائي ماڻهو گڏجي وهنجندا هئا، انهي ڪري غالبًا هي اردو چوڻي مشهور ٿي”ايک حمام ميں سب ننگے“ انهي ڪري حضرت سَيِّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مسلمانن کي تاڪيد فرمائي تہ جڏهن حمّام ۾ وڃن تہ نہ ڪنهن جي اوگهڙ ڏسن، نہ وري پنهنجي اوگهڙ ٻين کي ڏيکارين.

## بدنگاهي سان حافظو ڪمزور ٿئي ٿو

حضرتِ علّامہ عبدالغني نابلسي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ” اَلْكَشْفُ وَالْبَيَانُ فِيْمَا يَتَعَلَّقُ بِالنِّسْيَانِ“ جي صفحي 27 کان 32 تي حافظي ڪمزور ڪرڻ وارا جيڪي سببَ تحرير فرمايا آهن انهن ۾ هي بہ آهي تہ پنهنجي ۽ ٻئي جي اوگهڙ ڏسڻ سان مفلسي ايندي آهي ۽ حافظو ڪمزور ٿيندو آهي.

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏھن پنھنجي اوگھڙ کي ڍڪڻ سان بہ حافظو ڪمزور ۽ مفلسي واري آفت ۾ ڦاسي ٿو تہ پوءِ بدنگاھي ڪرڻ ۽ فلمون ڏسڻ جي دنياوي ۽ اخروي نقصانن جي ڪھڙي ڳالھ ڪجي!

## قضاءِ حاجت جي وقت جي ھڪ سنت

**حضرت** سَيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي: "نبيِّ اڪرم، نُور مُجسّم، شاھِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏھن قضاءِ حاجت جو ارادو فرمائيندا ھئا تہ ان وقت تائين ڪپڙو مُبارڪ مٿي نہ کڻندا ھئا، جيسيتائين زمين جي ويجھو نہ ٿيندا ھئا." (سنن الترمذي ج 1 ص 92 حديث 14) مطلب تہ ھر ڪم ۾ حياء جو اھتمام ڪرڻو آھي.

**زاني اک:** حضرت سَيِّدُنا ابوھريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا نبي، مکّي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "اکين جو زنا بدنگاھي آھي." (صحيح البخاري ج 4 ص 169 حديث 6243)

## اکين ۾ باھ ڀري ويندي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خدا جو قسم! بدنگاھي جو عذاب برداشت نہ ٿي سگھندو. منقول آھي: "جيڪو شخص پنھنجي اک کي حرام سان ڀريندو، **اللّٰه** تعاليٰ قيامت جي ڏينھن اُن جي اک ۾ جھنم جي باھ ڀري ڇڏيندو." (مڪاشفة القلوب ص 10)

## باھ جي سرائي

**عورت جي** مَحاسِن (يعني خوبيون مثال طور اُڀار وغيره) کي ڏسڻ، ابليس جي تيرن مان ھڪ زھريلو تير آھي، جنھن نامحرم

ڪان اڪ جي حفاظت نہ ڪئي، قيامت جي ڏينهن ان جي اک ۾ جهنم جي سرائي ڦيري ويندي. (بحر الدموع ص 171)

## جهنم جو سامان

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! هڪ طرف گهٽين، بازارن ۽ تقريبن ۾ مردن ۽ عورتن جو ميل جول، بدنگاهيون آهن تہ ٻئي طرف هر گهر ۾ هڪ قسم جو سئنيما گهر کلي ويو آهي. مسلمانن جي گهڻائي ٽي وي وغيره جي ذريعي بدنگاهي ۾ مُبتلا آهي. ياد رکو! ٽي وي تي رڳو خبرون ڏسڻ وارن جو بہ بدنگاهي کان بچڻ ڏاڍو مشڪل آهي، ڇاڪاڻ تہ گهڻو ڪري عورت ئي خبرون ٻڌائيندي آهي! وري هر طرح جي عورتن جون تصويرون بہ ڏيکاريون وينديون هونديون. اي ڪاش! اسان سڀني کي اکين جو قفلِ مدينہ نصيب ٿي وڃي! ڪاش! ڪاش! ڪاش! اسان سڀئي حيا کان نگاهون جُهڪائڻ وارا ٻڻجي وڃون! 18 سيپاري سورهءِ نور جي آيت نمبر 30 ۽ 31 ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِیْنَ یَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَ یَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْؕ ذٰلِكَ اَزْكٰى لَهُمْؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِیْرٌۢ بِمَا یَصْنَعُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَ قُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ یَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَ یَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَ لَا یُبْدِیْنَ زِیْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا۔

منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، عظيم المرتبت، پروانہءِ شمع رسالت، مُجَدّد دين و ملت، پير طريقت، عالم شريعت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، باعث خير و برڪت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي جڳ مشهور ترجمهءِ قرآن "**ڪنزالايمان**" ۾ انهيءَ جو ترجمو هيئن فرمائن ٿا:

مسلمان مردن کي حڪم ڏي تہ پنهنجي نظر ڪجھ جھڪي رکن ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن اهو انهن جي واسطي گهڻو پاڪيزه آهي. بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) کي انهن جي ڪمن جي خبر آهي ۽ مسلمان عورتن کي حڪم ڏي تہ پنهنجون نظرون ڪجھ جھڪيون رکن ۽ پنهنجي پاڪدامني جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجو سينگار نہ ڏيکارين مگر جيترو پاڻ ظاهر هجي.

## گندي ذهنيّت جا سببَ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** منهنجا مدني آقاء مٺا مٺا مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شرم ۽ حياء جي سبب اڪثر نگاهون جُهڪائي رکندا هئا ۽ آهہ! اسان مان تقريبًا هر ڪو بنا ڪنهن ڪُتڪي جي چارئي طرف نگاهون ڪٽي ڏسندو آهي ۽ ان ڳالھ جي ڪا پرواھ ناهي ڪندو تہ نگاھ نامحرم عورت تي پوي ٿي پئي يا اَمَرد تي. ان جو هڪ سبب هي آهي تہ اسان جي مُعاشري جو اڪثر طبقو حياء کان محروم آهي! تقريبًا هر گهر ۾ ٽي وي تي فلمن ڊِرامن جي سبب بي پردگي ۽ بي حيائي جو ماحول آهي. دنياوي رسالاء ڊائجسٽ ۽ ناول پڙهي پڙهي، اخبارن ۾ سڄي دنيا جون بريون خبرون، اخلاق خراب ڪرڻ وارن مضمونن جو مطالعو ڪري، رستن تي هر جاءِ تي لڳل سائن بورڊ ۽ اخبارن جون بي حيائي سان ڀريل تصويرون ڏسي، ذهنيّت خراب کان خراب ٿيندي پئي وڃي شايد انهن سببن جي ڪري هاڻي ماروٽ، ماسات، سؤٽ، ڦڦات، چاچي، مامي پڻ پاڙيسري عورتن کان پردي جو خيال ناهي رهيو. گهرن ۾ ڏير ڀاڄائي وارو معاملو بالڪل بي تڪلّفانہ آهي، هاڻي تہ ڏير، ڀاڄائي جي پردي جو تصوُّر ئي نہ آهي؟ حالانڪ حديث شريف ۾ ان جي باري ۾ وڏو سخت حڪم آهي.

**ڏير موت آهي:** حضرت سَيِّدُنا عُقبہ بن عامِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الۡعُيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”عورتن وٽ اچڻ کان بچو.“ تہ هڪ انصاري عرض ڪيو: ”ڏير جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا فرمايو؟“ فرمايائون: ”ڏير تہ موت آهي.“ (سنن الترمذي ج 2 ص 391 حديث 1174)

## نامحرمن کان پاسو ڪجي

**معلوم** ٿيو تہ ڏير ۽ ڀاڄائي ۾ پردي جو عام ماڻهن جي لحاظ کان وڌيڪ سخت حڪم آهي، جيڪڏهن پاڻ ۾ کلڻ، ڳالهائڻ ۽ بي پردگي جو سلسلو رکڻ سان جتي بدنگاهي وغيره جو گناهہ ٿيندو رهندو اتي ”وڏي گناهہ“ جو خطرو بہ وڌندو ويندو. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ٿي بہ ويندو آهي! آهہ! جيڪڏهن ڏير ويچارو مدني ماحول وارو هجي ۽ ڀاڄائي کان لهرائي، شرمائي ٿو تہ ان تي مذاق ڪئي ويندي آهي، ڏير کي گهرجي تہ ڀلي ان سان ڪيتري بہ مذّاق ڪئي وڃي ليڪن پرواهہ نہ ڪري، پردي جي ترڪيب جاري رکي نہ تہ آخرت جي پشيماني ڏاڍي ڏکي پئجي ويندي. پاڻ کي هن طرح سان ڏيڄاري تہ جيڪڏهن مون ڀاڄائي سان بدنگاهي ڪئي ۽ مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن اکين ۾ باهہ وڌي وئي تہ منهنجو ڇا ٿيندو! جيڪڏهن اوهان جي گهر ۾ نہ ٿي ٻڌي وڃي تہ گهر ڇڏي ڀڄڻ جي ضرورت ناهي، ويڙهہ جهڳڙو ڪري گهر جو ماحول خراب نہ ڪريو، اوهان پنهنجي اکين تي قفل مدينہ لڳائي، پنهنجي نگاهن جي حفاظت ڪريو. گهر ۾ ڀاڄائي آهي يا سؤٽ وغيره يا چاچي يا مامي ۽ شريعت جن لاءِ پردي جو حڪم ڏنو آهي، اهڙيون

نامحرم عورتون اچن ٿيون تہ اوهان انهن جي سامهون نہ وڃو، انهن کي نگاهون کڻي نہ ڏسو، انهن جو جسم تہ رهيو پري، پر انهن جي ڪپڙن کي بہ نہ ڏسو. جيڪڏهن ڪڏهن ڳالهائڻو بہ پئجي وڃي تہ اهڙي طرح نگاهون جُهڪائي رکو جو انهن جي وجود تي بہ نگاهہ نہ پوي. چونہ اوهان تي کِلون ٺيندون رهن، دنيا ۾ جيڪڏهن اوهان اهڙي طرح مظلوميّت واري زندگي گذاريندؤ تہ آخرت ۾ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪامياب ٿي ويندؤ. جڏهن اهڙي طرح جي رشتيدار عورتن جي طرف ڏسڻ لاءِ دل چوي تہ پنهنجو پاڻ کي ان عذاب کان ڊيڄاريو جيئن صاحبِ هِدايہ نقل ڪيو آهي: ”جيڪو شخص ڪنهن اجنبي عورت جي مَحاسن (يعني نامحرم عورت جون خوبيون مثال طور حُسن، جمال ۽ اُڀار وغيره) کي شهوت سان ڏسندو ان جي اکين ۾ شِيهو پگهاري وڌو ويندو.“ (الهداية، الجزء الرابع ص 368)

## ڪنن جو حياء

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪنن جي مُعاملي ۾ بہ حياء اختيار ڪريو. موسيقي، ڳانا باجا، غيبت، چغلي، واهيات ۽ بيهوده گفتگو ۽ ڪنهن جا عيب هرگز نہ ٻڌو.

## ناجائز ٻڌڻ جا مختلف عذاب

**منقول** آهي: ”انهن آوازن تي (جن جو ٻڌڻ حرام آهي) جيڪو ڪن لڳائيندو، قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگهريل شِيهو پريو ويندو.“ (مُقدّمہ ڪفُّ الرِّعاع) هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو لِڪ ڇُپ ۾ ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي ٿو حالانڪ اُهي ان کي (يعني ان جي ٻڌڻ کي) ناپسند ڪندا آهن تہ قيامت جي ڏينهن

www.dawateislami.net

ان جي ڪنن ۾ پگهريل شِيهو وڌو ويندو.“ (صحيح البخاري ج 4 ص 422 حديث 7042) ”طبراني“ جي هڪ ٻِي حديث ۾ هي بہ آهي: پوءِ مون ڪجھ اهڙا ماڻهو ڏٺا جن جي اکين ۽ ڪنن ۾ ڪوڪا لڳل هئا دريافت ڪرڻ تي ٻڌايو ويو: هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي اهو ڏسندا هئا جيڪي انهن کي ڏسڻو نہ هو ۽ اهو ٻڌندا هئا، جيڪو انهن کي ٻڌڻو نہ هو. (يعني ناجائز ڏسندا ۽ ٻڌندا هئا) (المعجم الکبير للطبراني ج 8 ص 155 حديث 7666)

**حياء وارو لباس:** مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي تقويٰ اختيار ڪندي، باطني طور بہ پاڻ کي پاڪ رکڻو آهي ۽ اوگھڙ ظاهر نہ ٿئي اهڙو لباس پائي ظاهري طور تي بہ بي حيائي کان بچڻ گهرجي. اللّٰہ تعاليٰ سيپاري 8 سورةُ الاعراف جي آيت نمبر 26 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَ رِيْشًا ؕ وَ لِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۲۶﴾ (پ 8 الاعراف 26)

منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي جڳ مشهور ترجمهٔ قرآن ”ڪنزالايمان“ ۾ انهيءَ جو ترجمو هيئن فرمائن ٿا:

”اي آدم (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي اولاد! بيشڪ اسان توهان جي طرف هڪ پوشاڪ لاٿي جو توهان جي شرم جي شين کي ڍڪي ۽ هڪ اها جو توهان جو سينگار هجي ۽ پرهيزگاريءَ جي پوشاڪ اها سڀ کان بهتر آهي هي اللّٰہ (عَزَّوَجَلَّ) جي نشانين مان آهي جو مَن اهي نصيحت پرائن.“

افسوس جڏهن ته هاڻي لباسِ تقويٰ وارو باطني لباس به تڪرا تڪرا ٿي ويو، لباس به سنّت جي مطابق نه رهيو. دل ۽ نگاهه جي شرم و حياء واري صدري ليرون ليرون ٿي وئي، اوگهڙ ڍڪڻ وارو لباس به بي حيائي واري رخنن ڪان محفوظ نه رهي سگهيو. سِتر پوش، مُهذّب ۽ سهڻي بناوت واري لباس جي جاءِ اُبتي سُبتي نهيل بي ڍنگي (ڪارٽونڪ) لباس وٺي ڇڏي. پائڻ ۾ سردي گرمي جي ڪا خاص مُناسبت، نه وري سُنت ۽ حياداري جو ڪو لحاظ، بس! سوڙهو لباس، جنهن سان رڳو جسم بند آهي.

## پردي ۾ پردي جا مختلف طريقا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان ڪي گهرجي ته مُهذّب انداز سان ويهون. ڪي ماڻهو ته اڳيئي سوڙها ڪپڙا پائيندا آهن پوءِ ٻئي گوڏا اُڀا ڪري انهن ڪي ساڄي کابي طرف ڦهلائي ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏاڍو گندو منظر هوندو آهي، اهڙي حياسوز موقعي تي موجود باحيا ماڻهو آزمائش ۾ پئجي ويندا آهن. مدني مشورو آهي ۽ هي مدني انعامات مان هڪ مدني انعام به آهي ته جڏهن به سمهو يا ويهو ته ”پردي ۾ پردو“ ڪندا ڪريو. اهڙي طرح جيڪي سُنّتن پريو لباس پائيندا آهن، انهن جي خدمت ۾ به عرض آهي ته ويهڻ ڪان پهريان ٻيڻي ٻيڻي چادر ڪي ٻنهي پاسن ڪان وٺي، ڌُن ڪان وٺي پيرن تائين ڦهلائي، پوءِ ويهي رهو ۽ چادر جو ٿورو حصو پيرن جي هينان ڏئي ڇڏيو. جيڪڏهن چادر نه هجي ته اٽندي ويهندي ڪُڙتي جو دامن سني نموني ڦهلائي ڇڏيندا ڪريو، نه ته اٽندي ويهندي ڏاڍو گندو منظر هوندو آهي. هڪ طريقو هي

www.dawateislami.net

۾ آهي تہ بيني بيني ڪُڙتي جو دامن دُرست ڪري، ٻئي هٿ گوڏن تي رکي، گوڏا پيچي نماز جي انداز وانگر ويهو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اٿندي ويهندي بي پردگي نہ ٿيندي. مٿان ويڙهيل چادر جيڪڏهن سمهڻ دؤران لهي ويندي هجي يا جيڪي پاسا ورائيندا رهندا هجن انهن جي خدمت ۾ مدني مشورو آهي تہ پاجامي (شلوار) جي مٿان گوڏ ٻڌي ڇڏيو يا ڪا چادر ويڙهي ڇڏيو ۽ مٿان ۾ هڪ چادر ويڙهي ڇڏيندا ڪريو. بهتر هي آهي تہ گوڏ جي هڪ پاسي ڪان وچ ۾ اهڙي طرح سِلائي ڪريو جو ٻنهي پاسن ۾ رڳو پير وجهڻ جا سوراخ ڇڏجن. سمهڻ وقت ان گوڏ کي پائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اطمينان جوڳو ”پردي ۾ پردو“ ٿي ويندو.

**اڪيلائي ۾ حياء:** سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت سراپا عظمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ اسان پنهنجي شرمگاهن جي ڪيسيتائين حفاظت ڪريون؟ ارشاد فرمايائون: ”گهرواريءَ ۽ ٻانهي ڪان سواءِ ڪنهن تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏيو.“ عرض ڪيو ويو: ”جيڪڏهن اڪيلائي ۾ هجؤن تہ؟“ ارشاد فرمايائون: ”الله عَزَّوَجَلَّ جو زياده حق آهي تہ ان ڪان حياء ڪيو وڃي.“

(سنن ابي داوٗد ج 4 ص 57 حديث 4017)

حديث پاڪ ۾ ٻانهيءَ جو ذڪر آهي هي اُن دؤر جي لحاظ ڪان آهي، هن دؤر ۾ غلام ۽ ٻانهيون اڻلڀ آهن.

**ڪلمۂ ڪُفر:** فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا: ڪنهن کي چيو ويو ”الله عَزَّوَجَلَّ ڪان حيا ڪر“ ان چيو: ”مان نہ ٿو ڪريان.“ ائين چوڻ ڪُفر آهي. (فتاويٰ تاتار خانيہ ج 5 ص 470)

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڪيلائيءَ ۾ بنا ضرورت جي اگهاڙو ٿيڻ يا اوگهڙ کولي ڇڏڻ وغيره کان بچو. جيڪي ماڻهو گهر ۾ اهڙي پاجامي تي جنهن سان پردي جي عضون جو اُڀار ناهي لڪندو رکو گنجي پائيندا آهن، اهڙن کي شرم اچڻ گهرجي جو هلندي ڦرندي ڏاڍو گندو منظر هوندو آهي. انهن کي گهرجي تہ گنجي تي ڪڙتو بہ پائين يا گنجي جي ٻنهي پاسن ۾ ضرورت موجب قميص وانگر چاڪ ٻڌائي، اڳيان ۽ پٺيان مناسب مقدار ۾ ڪپڙي جو هڪڙو هڪڙو ٽڪرو سِلائي ڪرائين، اهڙي طرح گنجي قميص وانگر ٿي پوندي، هاڻي گنجي پائي هلڻ، گهمڻ ۾ بہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ”پردي ۾ پردو“ ٿي ويندو. سيني مسلمانن جو اهو عقيدو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏسي رهيو آهي. ان سچي عقيدي جي باوجود بي حيائي جي حرڪت تي وڏو تعجّب آهي.

## جيئن چاهين تئين ڪر

**مڪّي مدني مصطفيٰ،** پيڪر شرم و حيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان باصفا آهي: جڏهن توکي حياء ناهي تہ تون جيئن چاهين تئين ڪر. (الاحسان بالترتيب صحيح ابن حبّان ج 2 ص 3 حديث 606) اهو فرمان تهديد ۽ تخويف جي طور تي (يعني ديڄارڻ ۽ خوف ڏيارڻ جي ڪري) آهي جيڪو وڻيوَ سو ڪريو، جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي. ٻُرو (بي حيائي وارو ڪم) ڪندؤ تہ ان جي سزا لهندؤ.

ڪنهن بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي فرزند کي نصيحت فرمائي (جنهن جو خلاصو هي آهي) ”جڏهن گناهہ ڪندي توکي آسمان ۽ زمين ۾ ڪنهن کان (شرم ۽ حياء) نہ اچي تہ ان وقت تون پنهنجو پاڻ کي جانورن مان سمجهہ.“

حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جو فرمان آهي: ”حياء جي انتها هي آهي تہ پنهنجي پاڻ کان بہ حياء ڪري.“

## باحياء باادب ٿيندو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حياء ۽ ادب جو پاڻ ۾ گِهرو تعلُّق آهي. باحياء هميشہ باادب بہ ٿيندو آهي، هڪ زمانو هو جو هر مسلمان هڪ ٻئي جي عزّت ۽ حُرمت جو رکوالو، حُسن اخلاق جو نمونو، باادب، حيادار ۽ سنّتِ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سراپو هوندو هو. پٽ ۽ ڌيءُ پنهنجي ماءُ، پيءُ سان، شاگرد ۽ مُريد پنهنجي استاد ۽ مُرشد سان اک ملائڻ تہ ٺيو پري، سامهون اچڻ کان بہ لهرائيندا هئا، گفتگو دوران اکيون جهڪائيندا هئا، بالڪل آهستي ڳالهائيندا هئا ۽ جيڪو حڪم ٿيندو هئو، اهو پورو ڪندا هئا. غيرموجودگي ۾ بہ ادب کي ملحوظ رکندا هئا ۽ وڏن کي نالن سان نہ بلڪ لقبن سان ياد ڪندا هئا. مطلب تہ هر وقت، هر مرتبي ۽ مقام جو لحاظ رکي ننڍي وڏي جي تميز برقرار رکندا هئا. پر افسوس جو هاڻي اسان مان تقريبًا هر مرد ۽ عورت، ڌيءَ ۽ پٽ مدني اصولن کان اڻ واقف، اخلاق ۽ آداب کان بي خبر، شريعت جي قانونن کان نا واقف، بي لغام، خانگي ۽ مُعاشرتي نِظام جي تباهي ۽ بربادي ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ بي حيائي ۽ بداخلاقي جو مُظاهرو ڪري رهيو آهي.

پٽ پيءُ سان اکين ۾ اکيون نہ، گريبان ۾ هٿ وجهي ڳالهائي رهيو آهي. ڌيءُ جيتوڻيڪ ماءُ جو هٿ نہ ٿي ونڊائي پر ڪم ڪار ۾ ماءُ ضرور مدد ڪرائي ٿي. ننڍا آهن تہ بااخلاق ناهن، وڏا آهن

تہ شفيق ناهن ۽ دوست آهن تہ سچا ساٿي ناهن، پٽ رحم ڪندڙ ناهي تہ پيءُ بردبار ناهي، ڌيءُ بدمزاج آهي تہ ماءُ بدزبان آهي، شاگرد حيادار ناهي تہ استاد نيڪ ڪردار ناهي. علم دين کان محرومي ۽ مدني ماحول کان دوري جي ڪري والدين نہ اولاد جي اسلامي تربيّت ڪري رهيا آهن نہ وري ٻار ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري رهيا آهن. مطلب تہ اسان جي بي ادبين ۽ بُري ورتاءُ اسان جي گهرو ۽ مُعاشرتي زندگي کي هيٺ مٿي ڪري برباد ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ اسان جا اَسلاف سُنّتن پري زندگي گذارڻ جي ڪري خوش خيال ۽ خوشحال هئا. اچو ملاحظ فرمايو تہ اسان جي اَسلاف جي حياء ۽ ادب جو ڪهڙو انداز هوندو هو.

## حياء جي ڪري مٿو مٿي ڪڻڻ جي همّت نہ ٿي

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ پيري حضرت سَيِّدُنا بايزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِی کي فرمايو: بايزيد! ڪبٽ مان فلان ڪتاب ڪڍي اچو، عرض ڪيائون: حضور اهو ڪبٽ ڪٿي آهي؟ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تعجُّب وچان فرمايو: ڪافي وقت کان وني هتي اچي وڃي رهيا آهيو ليڪن اوهان ڪبٽ ناهي ڏٺو! حضرت سَيِّدُنا بايزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِی وڏي ادب سان عرض ڪيو: حضور! مون کي اوهان جي بارگاهہ ۾ ڪڏهن مٿو مٿي ڪڻڻ جي همّت ناهي ٿي، تنهن ڪري مون اهو ڪبٽ ناهي ڏٺو. (تذكرة الاولياء ج 1 ص 130)

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

## بُزرگن جي بارگاھہ ۾ حاضري جو انداز

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن ۾ جيترو وڌيڪ حياء هوندو آهي ان ۾ ادب به اوتروئي وڌيڪ هوندو آهي. حضرت سَيِّدُنا بايزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي جيڪي پنهنجي وقت جا تمام وڏا وليُّ الله هئا. فيض حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ بُزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ ڪافي وقت تائين حاضري ڏيندا رهيا پر جڏهن به حاضر ٿياء نگاهون ۾ ڪنڌ جهڪايو وينا هوندا هئا. ان ڪري انهن کي هي به معلوم نه ٿيو ته ڪمري ۾ ڪٻٽ ڪهڙي پاسي آهي! ۽ اسان جيڪڏهن ڪنهن بُزرگ جي آستاني تي وڃون ته چارئي پاسا نهاري، اتان جي هڪ هڪ ڪنڊ جو جيسيتائين معائنو نه ڪريون تيستائين آرام ناهي ايندو. انهي حڪايت مان اسان کي به بُزرگن جي خدمت ۾ با ادب حاضري جو انداز به معلوم ٿيو.

با ادب بانصيب، بے ادب بے نصيب

## اڪيون نڪتل هجن ها ته بهتر هو

**اسان جا اسلاف** ڪنهن جي گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. جهڙي طرح ابن ابي هُذَيل جو بيان آهي ته حضرت سَيِّدُنا عبدالله اِبۡنِ عُمَر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا پنهنجي هڪ ساٿي سان گڏ ڪنهن شخص جي گهر ويا. جڏهن ان جي گهر ۾ داخل ٿيا ته ان جو ساٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو ته حضرت سَيِّدُنا اِبۡنِ عُمَر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمايو: ”جيڪڏهن تنهنجون ٻئي اکيون نڪتل هجن ها ته تو لاءِ بهتر هو.“

(الادب المفرد ص 378 حديث 1305)

**اهو ڪهڙو وڻ آهي؟:** هڪ دفعي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مؤمن جو مثال ان وڻ وانگر آهي جنهن جا پن نٿا ڇڻن، ٻڌايو تہ اهو ڪهڙو وڻ آهي؟ حاضرين مختلف وڻن جا نالا عرض ڪرڻ لڳا. حضرت سَيِّدُنا **عبدُاللّٰه** بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڏاڍا ذهين هئا، فرمائن ٿا تہ منهنجي ذهن ۾ آيو هو تہ کجور جو وڻ آهي ليڪن (ادب کي ملحوظ رکندي) مون ٻڌائڻ کان حياء محسوس ڪيو، پوءِ حاضرين عرض ڪيو: **يارسول اللّٰه** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان ئي ارشاد فرمايو تہ حضور پُرنور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اهو تہ کجور جو وڻ آهي. (صحيح مسلم ص 1510 حديث 2811) اهو آهي حياء ۽ ادب جو اعليٰ ترين مثال! جڏهن بہ ڪنهن بُزرگ جي خدمت ۾ حاضري ڏيو تہ ذِهن هي هئڻ گهرجي تہ پنهنجي ٻڌائڻ جي بدران انهن جا ارشادات ٻڌنداسين.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! باحيا مسلمان ٻڻجڻ لاءِ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو ۽ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ فڪرِ مدينہ ڪندي روزانو مدني انعامات جو رِسالو ڀري هر مدني مهيني جي **پهرين** تاريخ تائين پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرايو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي

www.dawateislami.net

ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰۃ ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان ڇِڪ ڏيڻ جي آداب جا 17 مدني گل

**۾ فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ کي ڇِڪ پسند آهي ۽ اوٻاسي ناپسند. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226) ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن کي ڇِڪ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي ته ملائڪ رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوندو آهي ته ملائڪ چوندا آهن: الله عَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (المعجم الكبير ج 11 ص 358 حديث 12284) ﴿3﴾ ڇِڪ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، ڇِڪ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ﴿4﴾ ڇِڪ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇِڪ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ چوي ﴿5﴾ ٻڌڻ واري تي واجب آهي ته فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو ڇِڪ ڏيڻ وارو ٻڌي. (بهار شريعت، جلد 3 حصو 16، ص 476) ﴿6﴾ جواب ٻڌي ڇِڪ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ”يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿7﴾ جيڪو ڇِڪ اچڻ تي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 396) ﴿8﴾ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ کَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم فرمائن ٿا: جيڪو ڇِڪ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ چوي ته اُهو ڏاڙهه ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن به مبتلا نه ٿيندو. (مرقاة المفاتيح ج 8 ص 499 تحت الحديث 4739) ﴿9﴾ ڇِڪ ڏيڻ واري کي گهرجي ته ڏاڍيان حمد ڪري ته جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ﴿10﴾ ڇِڪ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ٽيرو ڇِڪ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي ته ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿11﴾ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن ڇِڪ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي ۽ جيڪڏهن حمد نه ڪري ته جواب ناهي. (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) ﴿12﴾ خطبي جي وقت ڪنهن کي ڇِڪ اچي ته ٻڌڻ وارو اُن جو جواب نه ڏي. (فتاوي قاضي خان ج 2 ص 377) ﴿13﴾ ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن ته ڪجهه حاضرين جواب ڏنو ته سيني جي پاران جواب ٿي ويو پر بهتر اهو آهي ته سيئي جواب ڏين. (ردالمحتار، ج 9 ص 684) ﴿14﴾ ديوار جي پٺيان ڪنهن کي ڇِڪ آئي ۽ اُن اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چيو ته ٻڌڻ وارو اُن جو جواب ڏي. (ايضًا) ﴿15﴾ نماز ۾ ڇِڪ اچي ته سڪوت ڪري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چيائين ته به نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن اُن وقت حمد نه ڪيائين ته فارغ ٿي ڪري. (عالمگيري، ج 1 ص 98) ﴿16﴾ توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي ڇِڪ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چيو ته توهان جي نماز ٽٽي ويندي. (ايضاً) ﴿17﴾ ڪافر کي ڇِڪ آئي ۽ اُن اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چيو ته جواب ۾ يَهْدِيۡکَ اللّٰه (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تو کي هدايت ڏي) چيو وڃي.

(رد المحتار ج 9 ص 684)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منقول آهي: جيڪو شخص شهوت جي ڪري ڪنهن اجنبيّہ جي حُسن و جمال کي ڏسندو قيامت جي ڏينهن هن جي اکين ۾ پگريل سيسو وڌو ويندو.

(هِدايہ ج 2 ص 368)

## بهترين ماڻهو جون خاصيتون

صاحب قرآن مُبين، محبوب ربُّ العٰلَمِين، جناب صادِق و اَمين هڪ دفعي منبر اقدس تي جلوه گر هئا هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن مان سڀ کان بهتر ڪير آهي؟ فرمايائون ماڻهن مان بهتر هو شخص آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري، گهڻو مُتقي هجي، سڀ کان زياده نيڪي جو حڪم ڪري ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارو هجي ۽ سڀ کان زياده صِلہ رَحمي (يعني مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وارو هجي)

(مُسند اِمام احمد ج 10، ص 402، حديث: 27504)

بيان 3

# ظلم جو انجام

تخريج شده

- ڪٽڪ جي داٽي پچڻ سبب آخرت جو نقصان
- قرض جي ادائيگي ۾ بنا سبب دير ڪرڻ گناهه آهي
- اسان شريفن سان شريف ۽....
- بنا اجازت جي ڪنهن جو چپل پائڻ ڪيئن؟
- مظلوم جي مدد ڪرڻ ضروري آهي
- مختلف حق َسڪڻ جو طريقو
- گفتگو ڪرڻ جا 12 مدني گل

پنو اٿلايو......

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ظلم جو انجام*

شيطان يلي ڪيتري ئي سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهي وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ خدا جي خوف سبب روئي پوندؤ.

## موتين وارو تاج

”اَلقولُ البَديع“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا شيخ احمد بن منصور عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفُوۡر کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ هن حال ۾ ڏٺو ته اهي جنّتي حُلّو (لباس) پائي، موتين وارو تاج مٿي تي سجائي ”شيراز“ جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن. خواب ڏسڻ واري پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ چيائين: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو، مون کي عزت ڏني ۽ موتين وارو تاج پارائي جنّت ۾ داخل ڪيو. پڇيو ويو: ڪهڙي سبب جي ڪري؟ فرمايائين: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان محبوبِ ربُّ الانام صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرُود و سلام پڙهندو هئس اهو عمل ڪم اچي ويو. (القول البديع ص 254)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن جي بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع (1429هـ 2008ع) ۾ صحراءِ مدينہ ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي.
(مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

## خوفناڪ ڏاڙيل

**شيخ عبدالله** شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی پنهنجي سفرنامي ۾ لکن ٿا: هڪ ڀيرو مان بصره شهر ڪَان هڪ ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هئس، اوچتو منجهند جي وقت هڪ خوفناڪ ڏاڙيل اسان تي حملو ڪيو ۽ منهنجي ساٿيءَ کي شهيد ڪري وڌو، اسان جي ڌن دولت کسي منهنجا ٻئي هٿ رسي سان ٻڌي مون کي انهيءَ هنڌ تي ڇڏي هليو ويو. مون جيئن تيئن پنهنجا هٿ کوليا ۽ هلڻ شروع ڪيو پر پريشاني جي حالت ۾ رستو ڀلجي ويس ايتري ۾ رات پئجي وئي. هڪ پاسي باهه جي روشني ڏسي انهيءَ پاسي هلڻ لڳس، ڪجهه وقت هلڻ کان پوءِ مون کي هڪ خيمو نظر آيو، مان اُڃ جي شدت سبب بيحال هئس. ان ڪري خيمي جي دروازي تي ويهي مون آواز ڏنو: اَلْعَطَش! اَلْعَطَش! يعني ”هاءِ اُڃ! هاءِ اُڃ!“ اتفاق سان اهو خيمو انهيءَ ڏاڙيل جو هو! منهنجو آواز ٻڌي پاڻيءَ جي بجاءِ اگهاڙي تلوار کڻي ٻاهر نڪتو ۽ مون کي هڪ ئي وار ۾ مارڻ چاهيو ٿي. ان جي گهرواريءَ انهيءَ جي آڏو آئي پر انهي نہ مڃيو ۽ مون کي گهليندو پري جهنگل ۾ وٺي آيو ۽ منهنجي سيني تي چڙهي منهنجي ڳلي تي تلوار رکي مون کي کهڻ وارو ئي هو تہ هڪدم جهاڙين مان هڪ شينهن گجگوڙ ڪندي نڪتو، شينهن کي ڏسي خوف وچان ڏاڙيل پري وڃي ڪريو، شينهن ٽپو ڏئي انهيءَ کي چيري ڦاڙي، جهاڙين ۾ غائب ٿي ويو. مون انهيءَ غيبي مدد تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو.

سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام برا ہے

## ظالِم کي مهلت ملندي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان؟ ظلم جو انجام ڪيترو قدر ڀوائتو آهي. حضرت سَيِّدُنا شيخ محمد بن اسماعيل بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی صحيح بخاري ۾ نقل ڪن ٿا: حضرت سَيِّدُنا ابو موسیٰ اشعري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته سرڪار مدينهٔ منوره، سردار مڪهٔ مڪرمه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ظالم کي مهلت ڏيندو آهي ايتري تائين جو جڏهن ان کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ٿو پوءِ انهيءَ کي ناهي ڇڏيندو. هي ٻڌي سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 12هين سيپاري سوره هود جي آيت 102 تلاوت فرمائي.

وَكَذٰلِكَ اَخۡذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الۡقُرٰى وَهِىَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخۡذَهٗۤ اَلِيۡمٌ شَدِيۡدٌ ﴿۱۰۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهڙي ئي طرح پڪڙ آهي تنهنجي رب جي جڏهن ڳوٺن کي پڪڙي ٿو انهن جي ظلم تي، بيشڪ ان جي پڪڙ سخت درد ناڪ آهي.

(صحيح البخاري ج 3، ص 247، حديث 4686)

دهشتگردن، ڌاڙيلن، قتل و فساد جو بازار گرم ڪرڻ وارن کي بيان ڪيل حڪايت مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي انجام کان بي خبر نه رهڻ گهرجي جو جڏهن دنيا ۾ به قهر جي بجلي ڪرندي آهي ته اهڙا ظالم ماڻهو ڪُتّي جي موت ماريا ويندا آهن ۽ انهن تي به لڙڪ وهائڻ وارو ڪو به نه هوندو آهي ۽ آه! آخرت جي سزا ڪير برداشت ڪري سگهندو! بيشڪ ماڻهن تي ظلم ڪرڻ گناهه، دنيا ۽ آخرت جي بربادي جو سبب ۽ جهنّم جي عذاب جو سبب آهي. انهيءَ ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽

www.dawateislami.net

رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني بہ آهي ۽ ٻانهن جو حق ڦٻائڻ بہ آهي. حضرت جرجاني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوۡرَانِي پنهنجي ڪتاب ”اَلتَّعريفات“ ۾ ظلم جي معنىٰ بيان ڪندي لکن ٿا: ڪنهن شيءِ کي ان جي جڳهہ کان علاوه ڪنهن ٻي جاءِ تي رکڻ. (التعريفات للجرجاني ص 102) شريعت ۾ ظلم مان مراد هي آهي تہ ڪنهن جو حق ڦٻائڻ، ڪنهن کي غير مَحل (ٻي جاءِ) تي خرچ ڪرڻ، ڪنهن کي بنا ڏوهہ جي سزا ڏيڻ. (مراٰة ج 6، ص 669) جنهن خوفناڪ ڏاڙيل جو هاڻي اوهان تذڪرو ٻڌو، اهو ڦر مار جي ڪري ناحق قتل بہ ڪندو هو، دنيا ۾ ئي اُنهي ظلم جو انجام ڏسي ورتو، نہ ڄاڻ هينئر اُنهي جي قبر ۾ ڇا ٿي رهيو هوندو! پڻ قيامت جو معاملو اڃا باقي آهي، اڄ بہ ڏاڙيل عام طور تي مال جي لالچ ۾ قتل ڪري ڇڏيندا آهن. ياد رکو! ناحق قتل انتهائي خوفناڪ جرم آهي.

## منهن ڀر جهنم ۾

**حضرت** سَيِّدُنا محمد بن عيسىٰ تِرمِذي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی پنهنجي مشهور حديثن جي مجموعي ”تِرمذي“ ۾ حضرت سَيِّدُنا ابو سعيد خُدري ۽ سَيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کان نقل ڪن ٿا: ”جيڪڏهن سڀ آسمان ۽ زمين وارا هڪ مسلمان جي قتل ڪرڻ ۾ شريڪ ٿي وڃن تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن سڀني کي منهن ڀر اونڌو ڪري جهنّم ۾ وجهندو.“ (سنن الترمذي، حديث 1403 ج 3 ص 100)

## باهہ جون زنجيرون

**ماڻهن** جو مال ناحق ڦٻائڻ وارن، ڏاڙا هڻڻ وارن، چنيون موڪلي پئسن جو مطالبو ڪرڻ وارن کي خوب غور ڪرڻ

گهرجي تہ اڄ حرام جو مال آساني سان ڪائي سگهجي ٿو اهو قيامت جي ڏينهن ڪتي سخت مصيبت ۾ نہ وجهي ڇڏي. ٻڌو! ٻڌو! حضرت سَيِّدُنا فقيہ ابواللَّيث سمرقندي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی "قُرَّةُ العُيُون" ۾ نقل ڪن ٿا: بيشڪ پلصراط تي باهہ جون زنجيرون آهن، جنهن حرام جو هڪ درهم بہ ورتو ان جي پيرن ۾ باهہ جون زنجيرون ٻڌيون وينديون، جنهن جي ڪري انهيءَ کي پلصراط تان لنگهڻ مشڪل ٿي پوندو، ايتري تائين جو انهيءَ درهم جو مالڪ انهيءَ جي نيڪين مان ان جو بدلو نہ وٺي جيڪڏهن انهيءَ وٽ نيڪيون نہ هونديون تہ انهيءَ جي گناهن جو بار بہ کڻندو ۽ جهنم ۾ ڪري پوندو. (قرة العيون و معہ الروض الفائق ص 392)

## مُفلِس ڪير؟

حضرت سَيِّدُنا مسلم بن حَجّاج قُشَيۡرِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی پنهنجي مشهور حديثن جي مجموعي "صحيح مسلم" ۾ نقل ڪن ٿا: سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار، اسان غريبن جي غمگسار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روزِ شمار، جناب احمد مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ڇا اوهان کي خبر آهي تہ مفلس ڪير آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان مان جنهن وٽ درهم ۽ سامان نہ هجي اهو مفلس آهي. فرمايائون: "منهنجي اُمت ۾ مفلس اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزا ۽ زڪوٰة کڻي اچي ۽ هن طرح سان آيو تہ هِن کي گار ڏنائين، هُن تي تهمت لڳايائين، اِنهيءَ جو مال کاڌائين، اُنهيءَ جو قتل ڪيائين، انهيءَ کي ماريائين تہ اِنهيءَ جي نيڪين مان ڪجهہ هِن مظلوم

ڪي ڏنيون ويندين ۽ ڪجهه هُن مظلوم کي، پوءِ جيڪڏهن انهيءَ جي ذمي جيڪي حق هئا انهن جي ادائگي کان پهريان انهيءَ جون نيڪيون ختم ٿي وجن ته انهن مظلومن جا گناهه کڻي انهيءَ ظالم تي وڌا ويندا پوءِ انهيءَ کي باهه ۾ وڌو ويندو.“

(صحيح مسلم ص 1394، حديث 2581)

## ڏکي وجو!

اي نمازيو! اي روزيدارو! اي حاجيو! اي پوري زڪوٰة ادا ڪرڻ وارؤ! اي خيرات ۽ نيڪين ۾ حصو وٺڻ وارؤ! اي نيڪ صورت نظر اچڻ وارا مالدارؤ! ڏکي وجو! حقيقت ۾ مفلس اهو آهي جيڪو نماز، روزي، حج، زڪوٰة و صدقات، فلاحي ڪمن ۽ وڏي وڏي نيڪين جي باوجود قيامت ۾ هٿين خالي رهجي ويندو! جن ڪي ڪڏهن گاريون ڏئي، ڪڏهن بغير شرعي اجازت جي دڙڪا ڏئي، بي عزتي ڪري، ذليل ڪري، مارڪٽ ڪري، اڌاريون شيون وٺي ڇاڻي واٽي واپس نہ موٽائي، قرض ڦبائي، دل ڏکائي ناراض ڪيو هوندو اهي انهيءَ جون سيئي نيڪيون کڻي ويندا ۽ نيڪيون ختم ٿيڻ جي صورت ۾ انهن جي گناهن جو بار کڻي جهنّم ۾ داخل ڪيا ويندا.

”صحيح مسلم شريف“ ۾ آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”توهان حقَ حقدارن جي حوالي ڪري ڇڏيندؤ ايستائين جو بنا سڱن واريءَ جو سڱن واري ٻڪري کان بدلو ورتو ويندو.“ (صحيح مسلم ص 1394، حديث 2582)

مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن توهان دنيا ۾ ماڻهن جا حق ادا

نہ ڪيا تہ هر صورت ۾ قيامت ۾ ادا ڪندؤ، هتي دنيا ۾ مال سان ۽ آخرت ۾ اعمال سان. تنهن ڪري بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ دنيا ۾ ئي ادا ڪريو نہ تہ پڇتائڻو پوندو. ”مراٰة شرح مشكوٰة“ ۾ آهي: ”جانور جيتوڻيڪ شرعي احڪام جا پابند نہ هوندا آهن پر حقوقُ العِباد جانورن کي بہ ادا ڪرڻا پوندا.“ (مراٰة ج 6، ص 674) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکڻ وارا حقوق العِباد جي بظاهر معمولي نظر اچڻ وارن معاملن ۾ بہ اهڙي احتياط ڪندا آهن جو ڏندين آڱريون اچي ويندیون آهن.

## اَڌ صوف

حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ باغ جي اندر نهر ۾ صوف ڏٺو، کڻي کائي ڇڏيائون. کائڻ لاءِ تہ کائي ڇڏيائون پر پوءِ پريشان ٿي ويا تہ هي مون ڇا ڪيو! مون اهو مالڪ جي اجازت کان سواءِ چو کاڌو! اهڙي طرح ڳوليندي ڳوليندي باغ تائين پهتا، باغ جي مالڪڻ هڪ عورت هئي. انهيءَ کان پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه معذرت طلب ڪيائون، ان عرض ڪيو: هي باغ منهنجو ۽ بادشاه جو گڏيل آهي، مان پنهنجو حق معاف ڪيان ٿي پر بادشاه جي حق معاف ڪرڻ جي مجاز ناهيان. بادشاه بلخ ۾ هو تنهن ڪري سَيِّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اڌ صوف معاف ڪرائڻ لاءِ بلخ جو سفر اختيار فرمايائون ۽ معاف ڪرائي ئي ساهہ کنيائون. (رحلة ابن بطوطة ج 1 ص 34)

## خِلال جو وبال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهيءَ حڪايت ۾ بغير پڇڻ جي ٻين جون شيون هڙپ ڪرڻ وارن، پاڇين ۽ ميوون جي ريڙهن تان

چوري ڪٽي پنهنجي نوڪري ۾ وڃهڻ وارن جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي. بظاهر معمولي نظر اچڻ واري شيءِ به جيڪڏهن بنا اجازت جي استعمال ڪري وڌي ۽ قيامت جي ڏينهن پڪڙيا ويا ته ڇا ٿيندو؟ علامه عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي "تنبيهِ المُغْتَرِّين" ۾ نقل ڪن ٿا: مشهور تابعي بزرگ حضرت سَيِّدُنا وهب بن مُنَبِّهِ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ اسرائيلي شخص پنهنجي سيني اڳوڻن گناهن کان توبهه ڪئي، ستر سالن تائين لڳاتار اهڙي طرح عبادت ڪندو رهيو جو ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ رات جو جاڳي عبادت ڪندو هو، نه ڪو عمدو کاڌو کائيندو هو نه ڪنهن ڇانوَ ۾ آرام ڪندو هو. انهيءَ جي انتقال کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو حساب ورتو، پوءِ سمورا گناهه بخشي ڇڏيائين پر هڪ تيلي جنهن سان مون انهيءَ جي مالڪ جي اجازت کان سواءِ ڏندن ۾ خلال ڪيو هو (۽ هي معاملو حقوق العِباد جو هو) ۽ اهو معاف ڪرائڻ رهجي ويو هو انهيءَ جي ڪري مان اڄ تائين جنّت کان روڪيو ويو آهيان.

(تنبيہ المغترين ص 51)

## ڪٽڪ جي ڏاڻي پڇڻ سبب آخرت جو نقصان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٿورو غور ڪيو! هڪ تيلي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان رڪاوٽ ٿي پئي! ۽ هاڻي معمولي تيلي جي خلال جي ته ڳالهه پري رهي، ڪي ماڻهو ٻين جا لکين بلڪ ڪروڙين روپيا هڙپ ڪري ويندا آهن ۽ اوڳرائي به نه ڏيندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ هدايت عطا فرمائي. آمين. هي ٻي عبرتناڪ حڪايت ملاحظ

فرمايو جنهن ۾ رُڳو هڪ ڪٽڪ جو ڏاٽو اجازت کان سواءِ ڪائڻ نہ بلڪ پچڻ سبب آخرت جي نقصان جو تذڪرو آهي. جيئن منقول آهي تہ هڪ شخص کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ چيائين **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو، پر حساب ڪتاب ٿيو ايتري تائين جو انهيءَ ڏينهن جي باري ۾ مون کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي جنهن ڏينهن مان روزي سان هئس ۽ پنهنجي دوست جي دڪان تي وينو هئس جڏهن افطار جو وقت ٿيو تہ مون ڪٽڪ جي ٻوري مان هڪ ڏاٽو کنيو ۽ ان کي پچي ڪائڻ چاهيو ٿي تہ يڪدم مون کي احساس ٿيو تہ هي ڏاٽو منهنجو ناهي. اهڙي طرح مون ان کي جتان کنيو هو جلدي انهيءَ جاءِ تي رکي ڇڏيو ۽ انهيءَ جو بہ حساب ورتو ويو، ايتري تائين جو ان پرائي ڪٽڪ جي ڏاٽي پچڻ جي نقصان برابر نيڪيون مون کان ورتيون ويون.

(مرقاة المفاتيح ج 8، ص 811، تحت الحديث 5083)

## ستسؤ باجماعت نمازون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ڪٽڪ جو پرايو هڪ ڏاٽو بنا اجازت پچڻ بہ قيامت جي نقصان جو سبب ٿي سگهي ٿو. هاڻي رڳو ڪٽڪ جو ڏاٽو پچڻ يا ڪائڻ جي ڳالهہ تہ پري، اڄ ڪلهہ تہ ڪيترائي ماڻهو بنا دعوت جي ٻين وٽ ڪاڌو ڪائي ويندا آهن! باوجود ان جي بنا سڏ جي ڪنهن جي دعوت ۾ گهڙي پوڻ شرعًا منع آهي. ابوداؤد شريف جي حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي: "جيڪو بنا سڏ جي ويو اهو چور ٿي ڪري گِهڙيو ۽ ڦر مار ڪري نڪتو." (سنن ابي داود ج 3، ص 379، حديث 3741) اڄ ڪلهہ قرض جي نالي تي بہ ماڻهن جا

هزارين بلڪ لکين روپيا هڙپ ڪيا ويندا آهن. هينئر اهو سڀ سولو محسوس ٿي رهيو هوندو پر قيامت ۾ گهڻو مهانگو پوندو. اي ماڻهن جا قرض ڦٻائڻ وارؤ! ڪن کولي ٻڌو! منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل ڪن ٿا: ”جيڪو دنيا ۾ ڪنهن جا تقريبًا ٽي پئسا قرض ڦٻائيندو ته قيامت جي ڏينهن انهيءَ جي بدلي ۾ ست سؤ باجماعت نمازون ڏيڻون پونديون.“ (فتاوىٰ رضويه ج 25، ص 69)

جي ها! جنهن ڪنهن جو قرض ڦٻايو اهو ظالم آهي ۽ سخت نقصان ۽ تباهي ۾ آهي. حضرت سَيِّدُنا سُلَيمان طَبرَاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي پنهنجي حديثن جي مجموعي ”طَبرَاني“ ۾ نقل ڪن ٿا: سرڪار مدينه منوره، سردار مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، جنهن جو مفهوم آهي: ”ظالم جون نيڪيون مظلوم کي، مظلوم جا گناهه ظالم کي ڏياريا ويندا.“

(المعجم الكبير حديث 3969 ج 4 ص 148)

## قرض جي ادائيگي ۾ بنا سبب دير ڪرڻ گناهه آهي

قرض جي ڳالهه نڪتي آهي ته هي به ٻڌائيندو هلان ته حُجَّةُ الاِسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ نقل ڪن ٿا: ”جيڪو شخص قرض ڏيندو آهي ۽ هي نيّت ڪندو آهي ته مان سهڻي نموني ادا ڪندس ته الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ جي حفاظت جي لاءِ ڪجهه فرشتا مقرر فرمائيندو آهي ۽ اهي دعا ڪندا آهن ته انهيءَ جو قرض ادا ٿي وڃي.“ (اتحاف السادة للزبيدي ج 6، ص 409) ۽ جيڪڏهن قرضدار قرض ادا ڪري سگهندو هجي ته قرض گهرندڙ جي مرضي جي بغير هڪ گهڙي برابر به دير ڪندو گنهگار ٿيندو ۽ ظالم قرار ڏنو ويندو. چاهي روزي جي

www.dawateislami.net

حالت ۾ هجي يا سُتل هجي انهيءَ جي ذمي گناهه لکيو ويندو. (جڻ هر حال ۾ گناهه جو ميٽر هلندو رهندو) ۽ هر صورت ۾ انهيءَ تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لعنت پوندي رهندي، هي گناهه تہ اهڙو آهي جو ننڊ جي حالت ۾ بہ انهيءَ سان گڏ رهندو آهي. جيڪڏهن پنهنجو سمورو مال وڪڻي قرض ادا ڪري سگهي ٿو تہ اهو بہ ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ گنهگار آهي. جيڪڏهن قرض جي عيوض اهڙي شيءِ ڏئي جيڪا قرض گهرندڙ کي ناپسند هجي تڏهن بہ ڏيڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ جيسيتائين انهيءَ کي راضي نہ ڪندو، انهيءَ ظلم جي جُرم کان ڇوٽڪارو نہ ملندو ڇو تہ ان جو هي فعل ڪبيره گناهن مان آهي پر ماڻهو انهيءَ کي معمولي سمجهندا آهن. (ڪيمياءِ سعادت ج 1، ص 336)

## غيرتمندي جو تقاضو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن مطلب هوندو آهي تہ خوشامد ۽ ڪوڙا واعدا ڪري ڪجھ ماڻهو قرض حاصل ڪندا آهن پر افسوس صد ڪروڙ افسوس! ورڻ کان پوءِ ادا ڪرڻ جو نالو ئي نہ وٺندا آهن، غيرتمندي جو تقاضو تہ اهو آهي تہ جنهن کان قرض ورتو آهي پنهنجي ان مُحسِن جي گهر وڃي شڪريي سان قرض ادا ڪري اچن پر اڄ ڪلھ حالت هيءَ آهي جو جيڪڏهن قرض ادا ڪرڻو بہ آهي تہ قرض گهرندڙ کي ڌڪا کارائي، رلائي رلائي انهيءَ ويچاري جي رقم ٿوري ٿوري ڪري قرض واپس ڪيو ويندو آهي. ياد رکو! بنا سبب قرض ڏيندڙ کي ڌڪا کارائڻ بہ ظلم آهي، عام طور تي واپارين جي عادت هوندي آهي تہ انهن وٽ

رقم موجود هوندي آهي پر ان باوجود شام جو وني وڃڻ، سپاٽي اچڻ وغيره جي بنا شرعي اجازت جي ٽاريندا، ٽٽائيندا ۽ ڏکا ڪارائيندا آهن، هي نہ ٿا سوچن تہ اسان ڪيڏو وڏو وبال پنهنجي مٿي تي کڻي رهيا آهيون! جيڪڏهن شام جو قرض ڏيڻو آهي تہ هاڻي صبح جي وقت ڏيڻ ۾ حرج ڪهڙو آهي.

## نيڪين جي ذريعي مالدار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻانهن جي حق تلفي آخرت جي لاءِ تمام گهڻي نقصان ڏيندڙ آهي. حضرت سَيِّدُنا احمد بن حرب عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّبّ فرمائن ٿا: ڪيترا ماڻهو نيڪين جي گهڻي دولت حاصل ڪري دنيا مان موڪلائي ويندا آهن پر ٻانهن جي حق ڦٻائڻ جي سبب قيامت جي ڏينهن پنهنجون سموريون نيڪيون وڃائي ويهي رهندا ۽ ائين غريب ۽ مفلس ٿي ويندا. (تنبيہ المغترين ص 53)

حضرت سَيِّدُنا شيخ ابوطالب محمّد بن علي مڪّي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی "قُوۡتُ الۡقُلُوۡب" ۾ فرمائن ٿا: "اڪثر ڪري (پنهنجا نہ بلڪ) ٻين جا گناهہ ئي دوزخ ۾ داخلي جو سبب ٿيندا جيڪي (حقوقُ العِباد تلف ڪرڻ جي سبب) انسان تي وڌا ويندا. بيشمار ماڻهو پڻ (پنهنجين نيڪين جي سبب نہ بلڪ) ٻين جون نيڪيون حاصل ڪري جنت ۾ داخل ٿيندا." (قوت القلوب ج 2، ص 292) ظاهر آهي تہ ٻين جون نيڪيون حاصل ڪرڻ وارا اهي هوندا جن جون دنيا ۾ ڏليون ڏکايون ۽ حق ڦٻايو ويو هوندو. ائين قيامت جي ڏينهن مظلوم ۽ ڏکايل فائدي ۾ رهندا.

## الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذا ڏيڻ وارو

حقوقُ العِباد جو معاملو وڏو نازڪ آهي پر آهہ! اڄ ڪلهہ بي

www.dawateislami.net

خوفي جو زمانو آهي. عوام تہ عوام بلڪ خواص چورائڻ وارا بہ عام طور تي انهيءَ کان غافل رهندا آهن. ڪاوڙ جي بيماري عام آهي انهيءَ جي ڪري گهڻا ”خواص“ بہ ماڻهن جي دل آزاري ڪري ويهندا آهن ۽ انهيءَ پاسي بالڪل توجهہ نہ هوندو آهي تہ ڪنهن مسلمان جي بنا ڪنهن شرعي سبب جي دل ڏکائڻ گناهہ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فتاوٰي رضويہ شريف جلد 24 صفحي 342 تي طبراني شريف جي حوالي سان نقل ڪن ٿا: رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللّٰهَ (يعني) جنهن (بنا ڪنهن شرعي سبب جي) ڪنهن مسلمان کي ايذاءُ ڏنو انهيءَ مون کي ايذاءُ ڏنو ۽ جنهن مون کي ايذاءُ ڏنو انهيءَ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي ايذاءُ ڏنو.“ (المعجم الاوسط ج 2، ص 387 حديث 3607) **الله** ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذاءُ ڏيڻ وارن جي باري ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ سيپاري 22 سورةُ الاحزاب آيت 57 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۵۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي تڪليف ڏين ٿا **الله** (عَزَّوَجَلَّ) ۽ ان جي رسول کي انهن تي **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جي لعنت آهي دُنيا ۽ آخرت ۾ ۽ **الله** (عَزَّوَجَلَّ) انهن جي واسطي ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

## دل ڏکائيندڙ خارش

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اوهان ڪنهن مسلمان جي بنا ڪنهن شرعي سبب جي دل آزاري ڪري وينا آهيو تہ

www.dawateislami.net

اوهان جي چاهي ڪيتري به ويجهي مائٽي هجي، وڏا ڀاءُ آهن، والد آهن، مڙس آهن، سهرا آهن، يا ڪيترا ئي وڏي مرتبي جا مالڪ آهن، چاهي صدر آهن، يا وزير آهن، استاد آهن يا پير آهن، مُؤَذِّن آهن يا امام و خطيب جو ڪجھ به آهن بنا شرمائڻ جي توبھ ڪيو ۽ انهيءَ شخص کان معافي وٺي انهيءَ کي راضي به ڪيو نه ته جهنم جو هولناڪ عذاب برداشت نه ٿي سگھندو.

ٻڌو! ٻڌو! حضرت سَيِّدُنا يزيد بن شَجَره رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: جهڙي طرح سمنڊ جا ڪنارا ٿيندا آهن اهڙي طرح جهنّم جا به ڪنارا آهن جن ۾ بُختي اُٺن جهڙا نانگ ۽ خچر جيڏا وڇون رهندا آهن. جهنّم وارا جڏهن عذاب جي گھٽتائي لاءِ فرياد ڪندا ته حڪم ٿيندو ڪنارن کان ٻاهر نڪرو اهي جيئن ئي نڪرندا ته اهي نانگ انهن جي چپن ۽ چهرن کي پڪڙيندا ۽ انهن جي کل به لاهي ڇڏيندا اُهي ماڻهو اتان کان بچڻ لاءِ باهه جي طرف ڀڄندا پوءِ انهن تي خارش مسلّط ڪئي ويندي ۽ ايتري قدر کنهندا جو انهن جو ماس کَلَّ سيئي ڇڻي پوندا ۽ رڳو هڏيون رهجي وينديون. آواز ايندو: "اي فلان! ڇا توکي تڪليف ٿي رهي آهي؟ اهو چوندو: هائو. ته چيو ويندو ته هي انهيءَ ايذاءُ جو بدلو آهي جيڪو تون مؤمنن کي ڏيندو هئين." (الترغيب والترهيب ج 4، ص 280، حديث 5649)

## جنّت ۾ گھمڻ وارو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** مسلمان کي ايذاءُ ڏيڻ مسلمان جو ڪم ناهي بلڪ هن جو ڪم هي آهي ته مسلمانن کي ايذاءُ ڏيڻ واريون شيون پري ڪري. سَيِّدُنا امام مسلم بن حَجّاج قُشيري عَلَیْہِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی صحيح مسلم ۾ نقل ڪن ٿا: تاجدار مدينه، قرار

قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحب معطر پسينہ، باعث نزول سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: ”مون هڪ شخص کي جنّت ۾ گهمندي ڏٺو جو جيڏانهن چاهيندو هو هليو ويندو هو ڇو تہ ان هن دنيا ۾ هڪ اهڙي وڻ کي رستي تان ڪٽيو هو جيڪو ماڻهن کي تڪليف ڏيندو هو.“ (صحيح مسلم ص 1410 حديث 2617)

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي اِنتِها عاجزي

اسان جي پياري ۽ مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُسوهءِ حسنہ جي ذريعي پنهنجي غلامن کي حقوقُ العِباد جو خيال رکڻ جي جنهن سهڻي انداز ۾ تعليم ڏني آهي ان جي هڪ رقّت انگيز جهلڪ ملاحظہ فرمايو. اسان جي جان کان بہ پيارا آقا مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري وفات وقت اجتماعِ عام ۾ اعلان فرمايو: جيڪڏهن منهنجي ذمّي ڪنهن جو قرض هجي، جيڪڏهن مون ڪنهن جي جان، مال ۽ عزت کي صدمو پهچايو هجي تہ منهنجي جان، مال ۽ عزت حاضر آهي. ”هن دنيا ۾ بدلو وٺي ڇڏي.“ توهان مان ڪو هي انديشو نہ ڪري تہ جيڪڏهن ڪنهن مون کان بدلو ورتو تہ مان ناراض ٿيندس هي منهنجو شان ناهي. مون کي هي معاملو وڌيڪ پسند آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جو حق منهنجي ذمي آهي تہ اهو مون کان وٺي يا مون کي معاف ڪري ڇڏي. پوءِ فرمايائون: اي انسانو! جنهن شخص تي ڪو حق هجي انهيءَ کي گهرجي تہ اهو ادا ڪري ۽ هي خيال نہ ڪري تہ خواري ٿيندي، ان ڪري جو دنيا جي خواري آخرت جي خواري کان گهڻي سولي آهي.

(تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 48 ص 323 ملخصًا)

## مون تنهنجو ڪن مَروڙيو هو

**حضرت سَيِّدُنا عثمان غني** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي هڪ غلام کي فرمايو: مون هڪ ڀيري تنهنجو ڪن مروڙيو هو ان لاءِ تون مون کان انهيءَ جو بدلو وٺ. (الرياض النضرة في مناقب العشرة، جزء 3، ص 45)

## مسلمان جي وصف

**الله جي محبوب،** داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الۡعُيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ هدايت نشان آهي: (ڪامل) مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان کي تڪليف نہ پهچي ۽ (ڪامل) مُهاجر اهو آهي جيڪو انهيءَ شيءِ کي ڇڏي ڏئي جنهن کان الله تعالیٰ منع فرمايو آهي. (صحيح البخاري ج 1 ص 15 حديث 10)

انهيءَ حديث پاڪ جي تحت مفسّر شهير، حڪيم الۡاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان فرمائن ٿا تہ: ”ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو لغوي ۽ شرعي هر اعتبار سان مسلمان هجي (۽) مؤمن اهو آهي جيڪو ڪنهن مسلمان جي غيبت نہ ڪري، گار، طعنو، چغلي وغيره نہ هڻي، ڪنهن کي مارڪٽ نہ ڪري، نہ ان جي خلاف ڪجھ لکي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا تہ ”ڪامل مهاجر اهو مسلمان آهي جيڪو وطن کي ڇڏڻ سان گڏ گناهہ بہ ڇڏي ڏئي، يا گناهہ ڇڏڻ بہ لغوي طور تي هجرت آهي جيڪا هميشہ جاري رهندي.“
(مرآۃ المناجيح ج 1، ص 29)

## مسلمان کي ڇِتّائي نهارڻ، ڊيڄارڻ

**سرڪار مدينہ منوره،** سردار مڪہءِ مڪرمہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مسلمان جي لاءِ جائز ناهي تہ ٻئي مسلمان ڏانهن

اک سان اهڙي طرح اشارو ڪري جنهن سان تڪليف پهچي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 7 ص 177) هڪ جاءِ تي ارشاد فرمايائون: ڪنهن مسلمان کي جائز ناهي جو اهو ڪنهن مسلمان کي ڊيڄاري.

(سنن ابي داود ج 4، ص 391، حديث 5004)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته مسلمان ٻئي مسلمان جو محافظ ۽ غمخوار هوندو آهي، پاڻ ۾ وڙهڻ جهڳڙو ڪرڻ هي مسلمان جو طريقو ناهي بلڪ انهيءَ سان وڏا وڏا نقصان ٿيندا آهن جيئن حضرت سَيِّدُنا شيخ محمد بن اسماعيل بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى پنهنجي حديثن جي مجموعي ”صحيح بخاري“ ۾ نقل ڪن ٿا: حضرت سَيِّدُنا عُباده بن صامت رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف فرما ٿيا ته جيئن اسان کي شبِ قدر ٻڌائن ته ڪنهن رات ۾ آهي، ٻه مسلمان پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مان انهيءَ لاءِ آيو هئس ته توهان کي شبِ قدر ٻڌايان پر فلاڻ فلاڻ شخص وڙهي رهيا هئا انهي لاءِ ان جو تَعَيُّن (يعني مقرر ٿيڻ) ڪنيو ويو.

(صحيح البخاري ج 1، ص 662، حديث 2023)

## اسان شريفن سان شريف ٿيو.......

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انهي حديث شريف ۾ اسان جي لاءِ زبردست عبرت جو درس آهي جو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شبِ قدر جي نشاندهي فرمائڻ وارا هئا ته ٻن مسلمانن جو پاڻ ۾ وڙهڻ مانع (يعني رڪاوٽ) ٿي ويو ۽ هميشه هميشه جي لاءِ شبِ قدر کي ڳجهو رکيو ويو. انهيءَ مان اندازو لڳايو ته پاڻ ۾ وڙهڻ ڪيتري قدر نقصان ڪار آهي، پر آه! جهڳڙالو قسم جي ماڻهن کي ڪير

سمجهائي؟ اڄ ڪلهه تہ ڪجهه مسلمان وڏي فخر سان اهو چوندي ٻڌا ويا آهن تہ ”ادا هن دنيا ۾ شريف رهي گذارو ئي ناهي، اسان تہ شريفن سان شريف ۽ بدمعاشن سان بدمعاش آهيون!“ ۽ رڳو چوڻ تي ئي ڪفايت ٿورئي آهي! ڪڏهن ڪڏهن تہ معمولي ڳالهہ تي ڀهريان بدڪلامي، پوءِ منهن ماري وري چاقو بلڪ گوليون بہ هلنديون آهن. صد ڪروڙ افسوس! اڄ جا ڪي مسلمان باوجود مسلمان هئڻ جي ڪڏهن پناڻ ٻڻجي، ڪڏهن پنجابي چورائي، ڪڏهن سرائيڪي ٻڻجي، ڪڏهن مهاجر ٿي، ڪڏهن سنڌي ۽ بلوچ قوميت جو نعرو لڳائي هڪ ٻئي کي ماري رهيا آهن، دڪانن ۽ گاڏين کي باهيون ڏئي رهيا آهن. مسلمانو! اوهان تہ هڪ ٻئي جا محافظ هيؤ، اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اسان جي پياري آقا رحمتن واري مصطفٰی صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان تہ هي آهي جو ”پاڻ ۾ محبت، رحم ۽ نرمي ۾ مؤمنن جو مثال هڪ جسم وانگر آهي جو جيڪڏهن هڪ عضوي کي تڪليف پهچي تہ سڄو جسم انهيءَ تڪليف کي محسوس ڪندو آهي.“

(صحيح مسلم ص 1396، حديث 2586)

هڪ شاعر ڪهڙي پياري انداز ۾ سمجهايو آهي.

مبتلائے درد کوئی عُضْو ہو روتی ہے آنکھ
کس قدر ہمدرد سارے جسم کی ہوتی ہے آنکھ

## جيڪو برائي ڪري ان تي بہ ظلم نہ ڪريو

”تِرمذي شريف“ جي روايت ۾ آهي تہ سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: اوهان ماڻهو نقل ڪندڙ نہ ٻڻجو جو چئو جيڪڏهن ماڻهو ڀلائي ڪندا تہ

اسان بہ ڀلائي ڪنداسين ۽ جيڪڏهن ماڻهو ظلم ڪندا تہ اسان بہ ظلم ڪنداسين، ليڪن پنهنجي نفس کي پابند ڪيو تہ ماڻهو ڀلائي ڪندا تہ توهان بہ ڀلائي ڪندؤ ۽ ماڻهو برائي ڪندا تہ توهان ظلم نہ ڪندؤ. (سنن الترمذي ج 3، ص 405، حديث 2014)

## ٻرايو قلم واپس ڪرڻ لاءِ سفر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! اسان جي پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي مسلمانن سان همدردي ڪرڻ جي باري ۾ ڪيترا پيارا مدني گل عنايت فرمايا آهن. اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِيۡن بين جي حقن جي معاملي ۾ تمام گهڻا حُسّاس هوندا هئا ۽ حق جي ادائگيءَ جي معاملي ۾ حيرت انگيز حد تائين محتاط بہ هوندا هئا. جيئن حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ملڪِ شام ۾ ڪجھ ڏينهن رهائش پذير هئا، اتي احاديث مبارڪ لکندا رهيا. هڪ ڏينهن انهن جو قلم ٽُٽي پيو تنهن ڪري ڪنهن ٻئي کان قلم اُڌارو ورتائون، واپسيءَ تي اهو قلم ڀُلجي وطن ڪٺي آيا. جڏهن ياد آيو تہ رڳو قلم واپس ڏيڻ جي لاءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي وطن کان ملڪِ شام جو سفر ڪيو. (تذکرة الواعظين ص 243)

## بنا اجازت جي ڪنهن جو چپل پائڻ ڪيئن؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! سبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جا اسلاف رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی پرائي شيءِ جي معاملي ۾ الله تعالیٰ کان ڪيتري قدر ڊڄندا هئا! پر افسوس! هاڻي اسان انهيءَ سلسلي ۾ بالڪل بي خوف ٿيندا ٿا وڃون! ياد رکو! هاڻي تہ بين جون شيون جاڻي واڻي رکڻ گهڻو سولو معلوم ٿئي ٿو پر قيامت ۾ صاحبِ

حق کي انھيءَ جو بدلو ادا ڪرڻ ۽ انھيءَ کي راضي ڪرڻ تمام مشڪل ٿي پوندو تنھن ڪري ٻين جي ھڪ ھڪ داڻي ۽ ھڪ ھڪ ڪک جي باري ۾ احتياط ڪرڻو پوندو، بنا اجازت جي ڪنھن جي ڪا شيءِ مثال طور چادر، ٽوال، ٿانوَ، کٽ، ڪرسي وغيره وغيره ھرگز استعمال نہ ڪرڻ گھرجي. باقي جيڪڏھن انھن شين جي مالڪ جي طرفان عام اجازت ھجي تہ استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناھي. مثال طور ڪنھن جي گھر مھمان ٻڌجي ويا تہ عام طور تي اھڙي شين جي استعمال جي گھر واري جي طرفان اجازت ھوندي آھي. اڪثر ڏٺو ويو آھي تہ مسجد ۾ ڪي ماڻھو مالڪ جي بنا اجازت جي ان جا چپل پائي استنجاخاني ۾ ھليا ويندا آھن. ظاھري طور تي ھي عمل تمام گھٽو ئي معمولي لڳي رھيو آھي پر ٿورو سوچيو تہ پلا! اوھان ڪنھن جا چپل پائي استنجاخاني ۾ ھليا ويئو ۽ ان جو مالڪ ٻاھر وڃڻ لاءِ پنھنجا چپل پائڻ آيو، غائب ڏسي ھي سمجھي تہ چوري ٿي ويا ويچارو چپ ڪري پيرين اگھاڙي ھليو ويو. اوھان جيتوڻيڪ واپس اچي چپل جتان ڪنيا ھئا اتي ئي رکيا پر انھن جو مالڪ تہ انھن کي ضايع ڪري چڪو. انھيءَ جو وبال ڪنھن تي؟ يقيناً اوھان تي ۽ اوھان ئي ظالم ٿيؤ. آھ! قيامت جي ڏينھن ظالم جي حسرت! حضرت سَيِّدُنا شيخ عبد الوھاب شعراني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا: ”ڪڏھن ڪڏھن ھڪ ئي ظلم جي بدلي ظالم جون سيئي نيڪيون وڃڻ باوجود بہ مظلوم خوش نہ ٿيندو.“ (تنبيہ المغترين ص 50) تڏھن تہ اسان جا بزرگان دين رَحِمَھُمُ اللّٰہُ الْمُبِيْن ظاھري طور معمولي ڏسڻ ۾ اچڻ وارين ڳالھين ۾ بہ احتياط فرمائيندا ھئا، حُجَّۃ الاسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد

www.dawateislami.net

بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا:

## خوشبو سنگهڻ ۾ احتياط

حضرت اَميرالْمؤمنين سَيِّدُنا عمر بِن عبدالْعزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي سامهون مسلمانن جي لاءِ مشڪ جو وزن ڪيو پئي ويو تہ انهن جلدي پنهنجو نڪ بند ڪيو تہ جيئن ان جي خوشبو نہ پهچي. جڏهن ماڻهن اها ڳالهہ محسوس ڪئي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: خوشبو سنگهڻ ئي تہ انهيءَ جو نفعو آهي. (جو تہ منهنجي سامهون هن وقت گهٽي مقدار ۾ مشڪ موجود آهي تنهن ڪري ان جي خوشبو بہ گهٽي اچي رهي آهي ۽ مان ايتري دير خوشبو سنگهي ٻين مسلمانن جي پيٽ ۾ زياده نفعو حاصل ڪرڻ نہ ٿو چاهيان) (احياء العلوم ج 2 ص 121، قوت القلوب ج 2، ص 533) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڏيئو وسائي ڇڏيو!

”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ آهي: هڪ بزرگ رات جي وقت ڪنهن مريض جي سيراندي ڪان تشريف فرما ٿيا، قضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ سان اهي بيمار فوت ٿي ويا، قربان وڃجي ان بزرگ جي مدني سوچ تان جو انهن جلدي ڏيئو وسائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: ”هاڻي انهيءَ ڏيئي جي تيل ۾ وارثن جو حق بہ شامل ٿي ويو آهي.“

(ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 347)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

## باغ يا جهنم جو ڪڏو

الله الله! اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن ڪيتري عظيم سوچ جا مالڪ هوندا هئا! اسان ته اهڙو سوچي به نه ٿا سگهون. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام هر وقت خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ سان ڏڪندا رهندا هئا. هر وقت موت انهن جي سامهون رهندو، قبر ۽ حشر جي معاملن کان ڪڏهن غافل نه ٿيندا هئا. آه! قبر جو معاملو تمام گهڻو ڳنڀير آهي! هاءِ اسان جو ڇا ٿيندو! اسان ته پنهنجي قبر کي اڪثر وساري ڇڏيو آهي ”اِحياءُ العُلُوم“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثَوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص قبر کي گهڻو ياد ڪندو آهي اهو مرڻ کان پوءِ پنهنجي قبر کي جنّت جي باغن مان هڪ باغ ڏسندو ۽ جيڪو قبر کي وساريندو اهو پنهنجي قبر کي جهنَّم جي کڏن مان هڪ کڏو ڏسندو.“

(احياءُ العلوم ج 4 ص 238)

گورِ نیکاں باغ ہو گی خلد کا
مجرموں کی قبر دوزخ کا گڑھا

## اڏڪجور

ياد رکو! پنهنجي ننڍي مدني منّي ۽ مدني منين جي حقوق الْعِباد جو خيال رکڻو پوندو آهي. انهيءَ معاملي ۾ بي احتياطي هلاڪت جو باعث ۽ احتياط جنت جي داخلا جو سبب آهي. جهڙي طرح حضرت سَيِّدُنا محمد بن اسماعيل بخاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِي پنهنجي حديثن جي مجموعي الموسوم ”صحيح بخاري“ ۾ نقل ڪن ٿا: اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا

www.dawateislami.net

فرمايو: هڪ عورت جنهن سان گڏ ٻہ ڇوڪريون هيون، ان اچي مون کان سوال ڪيو (يعني مون کان ڪجھ گهريائين) مون وٽ انهيءَ وقت صرف هڪ کجور هئي اها مون انهي کي ڏئي ڇڏي. ان کجور جا ٻہ ٽڪرا ڪري ٻنهي کي هڪ هڪ ٽڪرو ڏنو. جڏهن سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عنِ الْعُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ هي واقعو عرض ڪيو تہ فرمايائون: ”جنهن کي ڇوڪريون عطا ٿين ۽ ان انهن سان سهڻو سلوڪ ڪيو تہ اهي ان لاءِ جهنم کان آڙ ٻڻجي وينديون.“ (صحيح البخاري ج 4، ص 99، حديث 5995)

## شاهي ٺڦڙ جو انجام

اميرالْمؤمنين حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حقوقُ العِباد جي معاملي ۾ ڪنهن جي رعايت نہ فرمائيندا هئا. غسّان جو بادشاهہ نئون نئون مسلمان ٿيو هو ۽ انهيءَ ڪري حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي تمام گهڻي خوشي ٿي هئي ڇوتہ ان جي سبب هاڻي ان جي رعايا جي ايمان آڻڻ جي اميد پيدا ٿي هئي. طواف جي دوران غسّان جي بادشاهہ جي ڪپڙي تي ڪنهن غريب اعرابي جو پير اچي ويو، ڪاوڙ ۾ اچي ان اهڙو پري ٺڦڙ هنئيو جو اعرابي جو ڏند شهيد ٿي پيو. ان سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي بارگاهہ ۾ فرياد ڪيو. غسّان جي بادشاهہ ٺڦڙ هڻڻ جو اعتراف ڪيو تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مُدّعي يعني ان مظلوم اعرابي کي فرمايو تہ اوهان غسّان جي بادشاهہ کان قصاص يعني بدلو وٺي سگهو ٿا. اهو ٻڌي غسّان جي بادشاهہ ناگواري محسوس ڪندي چيو تہ هڪ معمولي شخص

مون جهڙي بادشاھ جي برابر ڪيئن ٿي ويو جو ان کي مون کان بدلي وٺڻ جو حق حاصل ٿيو! پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: اسلام توهان ٻنهي کي برابر ڪري ڇڏيو آهي. غسّان جي بادشاھ هڪ ڏينهن جي مهلت گهري ۽ رات جي وقت فرار ٿي ويو ۽ مرتد ٿي ويو. (خطبات محرم ص 138)

## فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي سادگي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ غسّان جي بادشاھ جي ذري برابر بہ رعايت نہ ڪئي ۽ ان بدنصيب جي اسلام کان ڦري ڀيهر ڪفر جي کڏ ۾ ڪرڻ سان اسلام کي ڪو نقصان نہ پهتو، بلڪ جيڪڏهن حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ رعايت فرمائن ها تہ شايد اسلام کي نقصان پهچي ها ۽ ماڻهن جو ان طرح جو ذهن ٺهي ها تہ اسلام ڪمزور کي طاقتور کان معاذ اللہ حق نہ ٿو ڏياري سگهي. اها انصاف واري نظام جي برڪت هئي جو هڪ ڏينهن حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بنا ڪنهن محافظ جي بنا ڪنهن خوف خطري جي گرمي جي موسم ۾ هڪ وڻ جي هيٺان پٿر تي پنهنجو مبارڪ مٿو رکي سمهي رهيا هئا تہ روم جو قاصد سندن ڳولا ۾ اتي پهتو ۽ پاڻ کي ان طرح ستل ڏسي حيران ٿي ويو تہ چا هي اهو ئي شخص آهي جنهن کان سڄي دنيا ڏڪندي آهي! پوءِ اهو چوڻ لڳو: اي عمر! اوهان انصاف ڪندا آهيو، حقوق الْعباد جو خيال رکندا آهيو تہ اوهان کي پٿرن تي بہ ننڊ اچي وڃي ٿي ۽ اسان جا بادشاھ ظلم ڪندا آهن، ٻانهن جا حق پائمال ڪندا آهن

تنهن ڪري انهن کي مخملي بسترن تي بہ ننڊ ناهي ايندي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بري خاتمي جا سبب

ظلم جي شامت بہ تہ ڏسو "غسان جي بادشاهہ" جو ايمان ئي برباد ٿي ويو! حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر وَرّاق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "ٻانهن تي ظلم ڪرڻ اڪثر ڪري ايمان جي کسجي وڃڻ جو سبب بڻجي ٿو." حضرت سَيِّدُنا ابو القاسم حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان ڪنهن پڇيو: ڪو اهڙو گناهہ بہ آهي جيڪو ٻانهي کي ايمان کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي؟ فرمايائون: ايمان جي بربادي جا ٽي سبب آهن: (1) ايمان جي نعمت تي شڪر نہ ڪرڻ (2) ايمان جي ضايع ٿيڻ جو خوف نہ رکڻ (3) مسلمان تي ظلم ڪرڻ. (تنبيہ الغافلين ص 204)

## پاڻ کي ڪنهن جو "غلام" چوڻ ڪيئن؟

اسان جي بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن حقوقُ العِباد جي معاملي ۾ احتياط جا اهڙا مثال قائم ڪيا آهن جو عقل حيران رهجي ويندو آهي. حضرت سَيِّدُنا امام اعظم، فقيہ افخم، امام ابو حنيفہ رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ جا مشهور شاگرد، قاضي القُضاة يعني (Chief Justice) حضرت سَيِّدُنا امام ابو يوسف رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ خليفي هارون الرّشيد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمَجِيْد جي قابلِ اعتماد وزير فضل بن ربيع جي شاهدي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. خليفي هارون الرشيد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمَجِيْد جڏهن شاهدي قبول نہ ڪرڻ جو سبب معلوم ڪيو

www.dawateislami.net

تہ فرمايائون: هڪ پيري مون پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻڌو هو تہ اهو اوهان کي چئي رهيو هو: ”مان اوهان جو غلام آهيان“ جيڪڏهن اهو ان قول ۾ سچو هو تہ اهو اوهان جي حق ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ نااهل ٿيو ڇوتہ آقا جي حق ۾ غلام جي شاهدي مقبول ناهي ۽ جيڪڏهن خوشامد طور تي ان ڪوڙ ڳالهايو تڏهن بہ انهيءَ جي شاهدي قبول نہ ٿي ڪري سگهجي جو جيڪو شخص اوهان جي درٻار ۾ بي پرواهي سان ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو اهو منهنجي عدالت ۾ ڪوڙ ڪان ڪيئن مڙندو!

## ڇا حال آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! حضرت سَيِّدُنا امام اَبو يوسف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪيتري قدر ذهين هئا ۽ عدل هجي تہ اهڙو جو ڪنهن ٻانهي جي حق جي معاملي ۾ نهايت ئي بي پراوهي سان وقت جي خليفي بابت ان جي خاص وزير جي شاهدي بہ رد ڪري ڇڏيائون. هتي واقعي هڪ نڪتو غور طلب آهي جو ڪڏهن ڪڏهن خوشامدي طور تي يا ائين ئي بنا ڪنهن سوچڻ سمجهڻ جي پنهنجي پاڻ کي هڪ ٻئي جو خادم يا غلام يا سگ وغيره چئي ڇڏيندا آهن پر دل ان جي بالڪل ابتڙ هوندي آهي. ڪاش! دل ۽ زبان برابر ٿي وڃن. اسان جا اسلاف دل ۽ زبان جي هڪجهڙائي جو گهڻو خيال رکندا هئا. جيئن تہ امام الْمُعَبِّرِين حضرت سَيِّدُنا امام محمد ابنِ سيرين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِيْن هڪ شخص کان پڇيو: ڇا حال آهي؟ ان چيو: ”ان جو ڪهڙو حال هوندو جنهن تي پنج سؤ درهم قرض هجي، ٻارن ٻچن وارو هجي پر انهيءَ وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اهو ٻڌي گهر موٽي ويا ۽

www.dawateislami.net

هڪ هزار درهم ڪٽي انهن کي پيش ڪندي فرمايائون: پنج سؤ درهم پنهنجو قرض ادا ڪريو ۽ وڌيڪ پنج سؤ پنهنجي گهرو خرچ لاءِ قبول فرمايو. ان ڪان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي دل ۾ واعدو ڪيو ته هاڻي ڪنهن جو حال معلوم نه ڪندس. حُجَّةُ الاسلام، حضرت سَيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: امام ابن سيرين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِيْن هي واعدو ان لاءِ ڪيو ته جيڪڏهن مون ڪنهن جو حال پڇيو ۽ ان پنهنجي پريشاني ٻڌائي پوءِ جيڪڏهن مون ان جي مدد نه ڪئي ته مان پڇڻ جي معاملي ۾ ”منافق“ چورائيندس! (ڪيمياءِ سعادت ج 1، ص 408)

## منافق چورائيندس جي وضاحت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! اسان جا اسلاف رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی ڪيڏا نه ديانتدار ۽ سچا هوندا هئا. انهن جو ذهن هي هوندو هو ته جيستائين سامهون واري سان حقيقي معنیٰ ۾ همدردي جو جذبو نه ٿئي انهيءَ جو حال نه پڇجي ۽ حال پڇڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن اهو پريشاني ٻڌائي ته وس آهر ان جي مدد ڪئي وڃي. ياد رهي! امام ابن سيرين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِيْن مدد نه ڪرڻ جي صورت ۾ پنهنجي لاءِ هي جيڪي فرمايو ته ”منافق چورائيندس“ انهي مان هتي منافق عملي مراد آهي ۽ نفاقِ عملي ڪُفر ناهي.

## مظلوم جي مدد ڪرڻ ضروري آهي

**جتي** ظلم ڪرڻ ٻانهن جي حق تلفي آهي اتي طاقت جي باوجود مظلوم جي مدد نه ڪرڻ به جرم آهي. جيئن حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا چون ٿا: رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: ”مون کي

منهنجي عزت ۽ بزرگي جو قسم مان جلدي يا دير سان ظالم کان بدلو ضرور وٺندس ۽ ان کان بہ بدلو وٺندس جيڪو طاقت جي باوجود مظلوم جي مدد ناهي ڪندو.“ (الترغيب والترهيب ج 3، ص 145، حديث 3421) معلوم ٿيو تہ جيڪو مظلوم جي مدد ڪرڻ جي طاقت رکندو آهي پوءِ بہ نہ ٿو ڪري اهو گنهگار آهي. پر جيڪو مدد جي طاقت نہ رکندو هجي انهيءَ تي گناهہ ناهي. جهڙي طرح شارح بخاري مفتي محمد شريف الحق امجدي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: ”ياد رهي! مسلمان جي مدد، مدد ڪرڻ واري جي حال جي اعتبار سان ڪڏهن فرض هوندي آهي ڪڏهن واجِب ڪڏهن مُستحَب.“ (نزهة القاري ج 3، ص 665)

## قبر ۾ شعلا ڀڙڪي رهيا هئا!

اعلیٰ حضرت جا خليفہ فقيہ اعظم حضرت علامہ ابويوسف محمد شريف ڪوٽلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی پنهنجي ڪتاب ”اخلاق الصالحين“ ۾ نقل ڪن ٿا: ابو ميسره رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ قبر ۾ شعلا ڀڙڪي رهيا هئا ۽ ميت کي عذاب ٿي رهيو هو، مُڙدي پڇيو: مون کي ڇو ٿا ماريو؟ ملائڪن چيو تہ هڪ مظلوم توکي مدد لاءِ پڪاريو پر تو ان جي مدد نہ ڪئي ۽ هڪ ڏينهن تو بي وضو نماز پڙهي هئي. (اخلاق الصالحين ص 57، تنبيہ المغترين ص 51)

## مسلمانن جو غم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي تہ ان شخص جو حال هو جيڪو مظلوم جي مدد تي طاقت هئڻ جي باوجود انهيءَ جي مدد نہ ٿو ڪري تہ پاڻ ظالم جو ڇا حال هوندو! معلوم ٿيو تہ مظلوم جي

www.dawateislami.net

وس آهر مدد ڪرڻ گهرجي ۽ مظلوم جي مدد ڪرڻ ۾ وڏو اجر ۽ ثواب آهي. اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن کي مسلمانن جي تڪليفن جو ڪيتري قدر احساس هو ان جو اندازو ”ڪيمياءِ سعادت“ ۾ بيان ڪيل هن حڪايت مان لڳايو. جهڙي طرح هڪ دفعي ماڻهن ڏٺو ته حضرت سَيِّدُنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه روئي رهيا آهن، جڏهن روئڻ جو سبب معلوم ڪيو ويو ته فرمايائون: مان انهن ويچارن مسلمانن جي غم ۾ روئي رهيو آهيان جن مون تي ظلم ڪيا آهن ڇوته سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن انهن کان سوال ٿيندو ته توهان ائين ڇو ڪيو؟ انهن جو ڪو عذر نه بڌو ويندو ۽ اهي ذليل ۽ خوار ٿيندا. (ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 393)

## چور جو غم

هڪ بزرگ جو واقعو آهي ته ان جا پئسا ڪنهن ڪڍي ورتا ۽ اهي روئي رهيا هئا. ماڻهن همدردي جو اظهار ڪيو ته فرمائڻ لڳا: مان پنهنجي پئسن جي غم ۾ نه بلڪ چور جي غم ۾ روئي رهيو آهيان ته سڀاڻي قيامت ۾ ويچارو مجرم طور پيش ڪيو ويندو، انهيءَ وقت ان وٽ ڪو عذر نه هوندو. آه! انهيءَ وقت ان جي ڪيڏي خواري ٿيندي.

## چوري جو عذاب

چور جي ڳالهه نڪتي آهي ته چور جو عذاب به عرض ڪندو هلان. فقيه ابو اللّيث سمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی ”قُرَّةُ الْعُيُوْن“ ۾ نقل ڪن ٿا: جنهن ڪنهن جو ٿورو سامان به چورايو اهو قيامت جي ڏينهن ان مال کي پنهنجي ڳلي ۾ باهه جي طوق (هار) جي صورت

۾ لڙڪائي ايندو ۽ جنهن توڙڙو بہ حرام مال ڪاڌو ان جي پيٽ ۾ باهہ ٻاري ويندي ۽ اهو ايتري قدر خوفناڪ دانهون ڪندو جو جيترا ماڻهو پنهنجي قبرن مان اٿندا سي ڏڪي ويندا، ايتري تائين جو الله ربُّ الْعٰلمين جَلَّ جَلَالُهٗ ماڻهن جي سامهون جيڪو بہ فيصلو فرمائي. (قرة العيون ص 392)

## گناهن جي مريضن جو علاج ڪرڻ وارن جي لاءِ مدني گل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڳالهہ تي هئي مسلمانن جي غم کائڻ جي ۽ اسان جا بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن مسلمانن جي گناهن جي ڪري ٿيڻ واري هولناڪ عذاب جي باري ۾ غور ڪري انهن تي رحم ڪندا، انهن لاءِ غمگين ٿيندا ۽ انهن جي اصلاح لاءِ ڪُڙهندا هئا، اسان کي بہ مسلمانن جي همدردي ۽ غمخواري ڪرڻ گهرجي. انهن جي اصلاح لاءِ هروقت ڪوشش ڪجي ۽ ان ۾ حوصلو گهٽو رکڻ ۽ حڪمت عملي سان ڪم وٺڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ اسان کي ڊاڪٽر جي طريقيڪار مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ ڪَوڙي دوا ۽ انجيڪشن وغيره جي سبب مريض جيڪڏهن ڊاڪٽر کان لنوائيندو بہ آهي تڏهن بہ ڊاڪٽر ان سان نفرت ناهي ڪندو بلڪ پيار سان پيش ايندو آهي. اهڙي طرح گناهن جو مريض چاهي اسان سان مذاق ڪري، چاهي اسان تي ٽوڪون ڪري، اسان کي بہ همت نہ هارڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان مضبوط ڪوشش ڪندا رهنداسين ۽ عمل جي ميدان مان ڀڄڻ وارن کي دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر

www.dawateislami.net

جو عادي بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ گناهن جا مريض ضرور شفاياب ٿيندا ويندا.

## مختلف حق سکڻ جو طريقو

**ياد رکو!** ٻانهن جي حقن جي معاملي ۾ والدين جو معاملو سرِفهرست آهي. ان جي تفصيلي معلومات مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل بيان جي آڊيو ڪيسٽ ”ماں باپ کو ستانا حرام ہے“ ۽ نگران شوریٰ جي VCD ”ماں باپ کے حقوق“ ٻڌو. اهڙي طرح اولاد جا حق، زال، مڙس جا حق، مائٽن جا حق، پاڙي وارن جا حق وغيره جيڪي عام آهن اهي عام ٻانهن جي حقن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا، اهي سيئي حق انهيءَ مختصر بيان ۾ نہ ٿا سکي سگهجن. ان لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل هنن ٽن رسالن: ”(1) والدين، زوجين اور اساتذہ کے حقوق (2) حقوق العباد کیسے معاف ہوں (3) اولاد کے حقوق“ جو مطالعو فرمايو، مدني قافلن ۾ بہ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ حُقُوقُ العِباد جي باري ۾ معلومات سان گڏوگڏ احتياط جو جذبو بہ پيدا ٿيندو ۽ جڏهن احتياط ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ جنت جو رستو سولو ٿيندو.

## ظالم جي مختلف انداز جي نشاندهي

**مسلمانن** کي ستائڻ وارن، مائٽن جي دل ڏکائڻ وارن، مائٽن جا برا نالا رکڻ وارن، مائٽن تي ٺوڪون ڪرڻ وارن، مائٽن جون نقلون ڪرڻ وارن ۽ مائٽن سان مذاق ڪرڻ وارن جي لاءِ ڳڻتي جو مقام آهي. ٻڌو! ٻڌو! ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ سيپاري 26 سورة الحُجُرات آيت نمبر 11 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَلَا تَلْمِزُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۱۱﴾

منهنجا آقا اعلٰی حضرت، امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرکت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، امام عشق و محبت، مجدّد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، آفتاب ولايت، باعث خير و برکت، حضرت علامه مولٰينا الحاج الحافظ القاري شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي جڳ مشهور قرآن جي ترجمي ”کنزالايمان“ ۾ ان جو ترجمو هيئن ڪيو آهي:

”اي ايمان وارؤ! مرد مردن تي ٺٺول نہ ڪن عجب نہ آهي جو اهي ٺٺول ڪندڙن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون عورتن سان، ٿي سگهي ٿو جو اهي مسخري ڪندڙين کان بهتر هجن ۽ هڪ ٻئي کي طعنا نہ هڻو ۽ هڪ ٻي جا خراب نالا نہ رکو ڪهڙو نہ برو نالو آهي مسلمان ٿي ڪري فاسق چورائڻ ۽ جن توبهہ نہ ڪئي تہ اهي ئي ظالم آهن.“

## ڪنهن تي کلڻ گناهہ آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪنهن جي غربت يا حسب نسب يا جسماني عيب تي کلڻ گناهہ آهي. اهڙي طرح ڪنهن مسلمان کي برن لقبن سان سڏڻ بہ گناهہ آهي، ڪنهن کي ڪتو، گڏهہ، سوئر، وغيره نہ تو چئي سگهجي. اهڙي طرح ڪنهن ۾ عيب موجود هجي تڏهن بہ ان کي انهيءَ عيب سان نہ تہ سڏي سگهو. مثال طور انڌا! او ڪاڻا! او ڏڳها! اڙي نينگا! وغيره، باقي ضرورت وقت سڃاڻپ ڪرائڻ جي لاءِ انڌو چئي سگهو ٿا. ماڻهن تي کلڻ،

برن لقبن سان سڏڻ ۽ مذاق ڪرڻ وارن کي قرآن پاڪ ”فاسق“ جي فتویٰ ارشاد فرمائي آهي ۽ جيڪو توبہ نہ ڪري انهيءَ کي ظالم قرار ڏنو آهي. ماڻهن سان مذاق ڪرڻ وارؤ! ڪن کولي ٻڌو!

## مذاق ڪرڻ جو عذاب

**جڏهن** ڪنهن مسلمان سان مذاق ڪرڻ جي دل چاهي تہ خدارا! هن روايت کي ڌيان سان پڙهو، جنهن ۾ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار، شهنشاهِ ابرار، سرڪارِ والا تبار، اسان غريبن جي غمگسار، اسان بيڪسن جي مددگار، صاحبِ پسينہءِ خوشبودار، شفيع روزِ شمار، جناب احمد مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن سان مذاق ڪرڻ وارن جي سامهون جنت جو دروازو کوليو ويندو ۽ چيو ويندو اچو! اچو! تہ اهي گهٽو بي چين ۽ غمگين ٿي انهيءَ دروازي جي سامهون ايندا پر جيئن ئي دروازي وٽ پهچندا اهو دروازو بند ٿي ويندو. پوءِ جنت جو هڪ ٻيو دروازو کلندو ۽ انهن کي سڏيو ويندو تہ اچو! اهڙي طرح اهي بي چين ۽ غم جي حالت ۾ انهيءَ دروازي وٽ پهچندا تہ اهو دروازو بہ بند ٿي ويندو. اهڙي طرح انهن سان اهو معاملو ٿيندو رهندو ايستائين جو جڏهن دروازو کلندو ۽ سڏ ٿيندو تہ اهي نہ ويندا. (كتاب الصمت مع موسوعة ابن ابي الدنيا ج 7، ص 183-184 رقم 287)

## مُعافي گهري وٺو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سڀ گهبرائجي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ رجوع ڪريو، سچي توبہ ڪريو ۽ ترسو! ٻانهن جي حق ڦٻائڻ جي

معاملي ۾ بارگاهه الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ رڳو توبہ ڪرڻ ڪافي ناهي، ٻانهن جا جيڪي جيڪي حق پائمال ڪيا هوندا اهي بہ ادا ڪرڻا پوندا، مثال طور مالي حق آهي تہ ان جو مال واپس موٽائڻو پوندو، دل ڏکوئي آهي تہ معافي وٺڻي پوندي. اڄ تائين جنهن جنهن سان مذاق ڪئي، برن لقبن سان سڏيو، طعنو هنيو، طنز ڪئي، دل ڏکوئيندڙ اهلون ڪيون، دل ڏکوئڻ واري انداز ۾ اکيون ڏيکاريون، چتائي نهاريو، ڊيڄاريو، گار ڏني، گلا ڪئي ۽ ان کي خبر پئجي وئي، چڙٻيو، ماريو، ذليل ڪيو، مطلب تہ ڪنهن نموني بہ بنا شرعي اجازت جي ايذاءُ جو باعث بڻيا انهن سڀني کان الڳ الڳ معاف ڪرايو. جيڪڏهن ڪنهن هڪ جي باري ۾ هي سوچي رکجي ويؤ تہ معافي وٺڻ سان انهيءَ جي سامهون منهنجي ”پوزيشن ڊاؤن“ ٿي ويندي تہ خدارا! غور ڪيو! قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن انهن ماڻهن اوهان جون نيڪيون حاصل ڪري پنهنجا گناهہ اوهان جي ڪنڌ تي وڌا تہ ان وقت ڇا ٿيندو! خدا جو قسم! صحيح معنىٰ ۾ اوهان جي ”پوزيشن“ جي بدنامي تہ ان وقت ٿيندي ۽ آهہ! ڪو دوست، ياءُ يا عزيز همدردي ڪرڻ وارو بہ نہ ملندو. جلدي ڪريو! پنهنجي والدين جي پيرن ۾ ڪري، پنهنجي عزيزن جي آڏو هٿ ٻڌي، پنهنجي ماتحتن جا پير پڪڙي پنهنجي اسلامي ڀائرن ۽ دوستن سان منٿون ڪري، انهن جي آڏو پاڻ کي ذليل ڪري اڄ دنيا ۾ معافي وٺي آخرت جي عزت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش فرمايو. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ يعني جيڪو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

جي لاءِ عاجزي ڪري ٿو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان کي بلندي عطا فرمائي ٿو. (شعب الايمان ج 6، ص 297، حديث 8229) سيڻئي هڪ ٻئي کان معافي وٺو ۽ سيڻئي هڪ ٻئي کي معاف بہ ڪيو.

## مون معاف ڪيو

**جنهن** سان ماڻهن جي گهڻي وابستگي هوندي آهي ان کان ٻانهن جون حق تلفيون ٿيڻ جو امڪان بہ گهڻو هوندو آهي. مون سگِ مدينہ عُفِيَ عَنۡهُ سان تعلق رکندڙن جو هڪ وڏو تعداد آهي. هاءِ! خبر ناهي ڪيترن جي منهنجي سبب دل ڏکي هوندي! آئون هٿ ٻڌي عرض ڪريان ٿو: منهنجي ذات کان ڪنهن جي جان، مال يا عزت کي نقصان پهتو هجي، چاهي تہ بدلو وٺي، يا مون کي معاف ڪري، جيڪڏهن ڪنهن جو مون تي قرض هجي تہ بيشڪ وصول ڪري جيڪڏهن وٺڻ نہ ٿو چاهي تہ معافي سان نوازي ڇڏي. جيڪو منهنجو قرضدار آهي مان پنهنجا ذاتي پئسا انهيءَ کي معاف ڪيان ٿو. اي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! منهنجي سبب ڪنهن مسلمان کي عذاب نہ ڏجان. مون هر مسلمان کي پنهنجا اڳيان پويان حقَ معاف ڪيا، چاهي جنهن منهنجي دل ڏکوئي يا اڳتي ڏکوئيندو، مون کي مارايو يا اڳتي ماريندو، مون کي مارڻ جي ڪوشش ڪيائين يا اڳتي ڪندو يا شهيد ڪري وجهي. منهنجي حقن جي حوالي سان منهنجي طرفان هر مسلمان جي لاءِ عام معافي جو اعلان آهي. اي منهنجا پيارا پيارا **اللّٰه**! تون مون عاجز ۽ مسڪين ٻانهي جا اڳيان پويان گناهہ معاف فرمائي مون کي بي حساب بخشي ڇڏ.

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے

سيئي اسلامي ڀائر جيڪي هن وقت بين الاقوامي ٽن ڏينهن جي اجتماع ۾ گڏ آهن يا مدني چينل ۽ Internet جي ذريعي دنيا ۾ جتي جتي مون کي ٻڌي رهيا آهن يا اهي سڀ اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون جيڪي آڊيو يا وڊيو ڪيسٽ جي ذريعي مون کي ٻڌي رهيا آهن يا تحريري بيان پڙهي رهيا آهن اهي توجهه فرمائن جو انسان جو دنيا ۾ جيڪو وڏي مان وڏو حق تصور ڪري سگهجي ٿو، سمجهو ته مون اوهان جو اهو حق تلف ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه به جيترا به حقّ تلف ڪيا هجن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مون کي اهي سڀ جا سڀ حقّ معاف فرمايو بلڪ تمام گهڻو احسان ٿيندو جو اڳتي جي لاءِ به معافي سان نوازي ڇڏيو. براءِ ڪرم! دل جي گهرائين سان هڪ ڀيرو زبان سان چئي ڇڏيو: ”مون معاف ڪيو“ جَزَاکُمُ اللّٰهُ خَيْرًا وَّاَحْسَنَ الْجَزَآءِ۔

## رقم واپس ڪرڻي پوندي

**جنهن** تي ڪنهن جو قرض هجي اهو ادا ڪري ۽ جيڪڏهن ادائگيءَ ۾ دير ڪئي آهي ته معافي به وٺي، جنهن کان رشوت ورتي، جنهن جو کيسو ڪٽيو، جنهن جي چوري ڪئي، جنهن جو مال ڦريو انهن سڀني کي انهن جو مال موٽائي ڏيڻ ضروري آهي يا انهن کان مهلت وٺي يا معاف ڪرائي ۽ جيڪا تڪليف پهتي ان جي معافي گهري. جيڪڏهن اهو شخص فوت ٿي ويو آهي ته وارثن کي ڏئي جيڪڏهن ڪو وارث نه هجي ته

اوتري رقم صدقو ڪري. جيڪڏهن ماڻهن جو مال ڦٻايو آهي پر هي ياد ناهي تہ ڪنهن ڪنهن جو مال ناحق ورتو آهي تڏهن بہ اوتري رقم صدقو ڪري يعني مسڪينن کي ڏئي ڇڏي. صدقو ڪرڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن حقدار مطالبو ڪيو تہ انهيءَ کي ڏيڻو پوندو.

## جيڪي ياد نہ آهن انهن کان ڪهڙي طرح معاف ڪرايون؟

**جيڪي** اسلامي ڀائر حقوق العِباد جي معاملي ۾ خوفزده آهن ۽ هاڻي سوچ ۾ پئجي ويا آهن تہ اسان تہ خبر ناهي ڪيترن جون حق تلفيون ڪيون آهن ۽ ڪيترن جي دل ڏکائي آهي، هاڻي اسان ڪنهن ڪنهن کي ڪٿي ڪٿي ڳوليون! تہ اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ جن جن جي دل آزاري وغيره ڪئي آهي انهن مان جيترن سان رابطو ممڪن آهي انهن سان ملي ڪري يا فون تي يا تحريري طور تي رابطو ڪري معافي تلافي جي ترڪيب بڻايو انهن کي راضي ڪيو ۽ جيڪي جيڪي غائب آهن يا فوت ٿي چڪا آهن يا جن جي باري ۾ ياد ئي ناهي تہ اهي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آهن تہ هر نماز کان پوءِ انهن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪريو، مثال طور هر نماز کان پوءِ هن طرح چوڻ جي عادت بڻايو: "يا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ۽ اج تائين مون جن جن مسلمانن جي حق تلفي ڪئي آهي انهن سڀني جي بخشش فرماءِ." الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، مايوس نہ ٿيو، "نيت صاف منزل آسان." اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اوهان جو پشيمان ٿيڻ فائدو ڏيندو ۽ مَنِي مُني مصطفىٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي حقوق الْعِباد جي معافي جا سبب بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان ٿي ويندا.

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ صلح ڪرائيندو

حضرت سَيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا هڪ ڏينهن رحمت عالَم، نُور مُجَسَّم، رسول مُحتَشَم، شَاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تَبَسُّم فرمايو (يعني مرڪيا). حضرت سَيِّدُنا عُمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو، يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان! توهان ڇا لاءِ تَبَسُّم فرمايو؟ ارشاد فرمايائون: منهنجا ٻہ اُمّتي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ گوڏن ڀر ڪِرندا، هڪ عرض ڪندو: يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن کان مون کي انصاف ڏيار جو هن مون تي ظلم ڪيو هو.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مدعي (يعني دعويٰ ڪرڻ واري) کي فرمائيندو: هاڻي هي ويچارو (يعني جنهن تي دعويٰ ڪئي وئي آهي اهو) ڇا ڪري هن وٽ تہ ڪا نيڪي باقي ناهي. مظلوم (يعني دعويٰ ڪرڻ وارو) عرض ڪندو: منهنجا گناهہ هن جي ذمي وجهي ڇڏ. ايترو ارشاد فرمائي سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم روئي پيا، فرمايائون: اهو ڏينهن وڏو عظيم ڏينهن هوندو، ڇو تہ ان وقت (يعني قيامت جي ڏينهن) هر هڪ هن ڳالهہ جو ضرورتمند هوندو تہ ان جو بار هلڪو ٿئي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مظلوم (يعني دعويٰ ڪرڻ واري) کي فرمائيندو: ڏس! تنهنجي سامهون ڇا آهي؟ اهو عرض ڪندو: اي پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مان پنهنجي سامهون سون جا وڏا شهر ۽ وڏا وڏا محل ڏسي رهيو آهيان، جيڪي موتين سان سجايل آهن، اهي شهر ۽ عمده محل ڪنهن پيغمبر يا صديق يا شهيد جي لاءِ آهن؟

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: هي ان جي لاءِ آهن جيڪو انهن جي قيمت ادا ڪري. ٻانهو عرض ڪندو: ان جي قيمت ڪير ادا ڪري

سگهي ٿو؟ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: تون ادا ڪري سگهين ٿو. اهو عرض ڪندو: اهو ڪهڙي طرح؟ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: هن طرح جو تون پنهنجي ڀاءُ جا حق معاف ڪري ڇڏ. ٻانهو عرض ڪندو: يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون سڀ حق معاف ڪيا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: پنهنجي ڀاءُ جو هٿ پڪڙ ۽ ٻئي گڏجي جنّت ۾ هليا وڃو، پوءِ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ مخلوق ۾ **صلح ڪرايو** ڇو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ به قيامت جي ڏينهن مسلمانن ۾ **صلح ڪرائيندو**.

(المستدرڪ للحاڪم ج 5، ص 795، الحديث 8758)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزم هدايت، محبوب رب العزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 9 ص 343)

سنتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ”هڪ چُپ تہ هزار سُک“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان گفتگو ڪرڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهہ دوست هڪٻئي سان بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت جي خلاف آهي ﴿4﴾ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سٺين سٺين نيتن سان انهن سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو. اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ٻار بہ ادب سکندو ﴿5﴾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي ڇهڻ يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهہ ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت ٿيندي آهي ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اِطمِينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهہ ڪَٽي پنهنجي ڳالهہ شروع ڪرڻ سنّت ناهي ﴿7﴾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ٺلڪ ڪنهن بہ حالت ۾ ٽهڪ نہ ڏيو ڇوتہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٽهڪ نہ ڏنو ﴿8﴾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ﴿9﴾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي ويئي آهي تہ اُن جي ويجهڙائي ۽ صحبت اختيار ڪريو ڇوتہ اُن

کي حڪمت عطا ڪئي ويندي آهي. (سنن ابن ماجہ حديث 4101 ج 4 ص 422)

﴿10﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509) مِراٰة المَناجيح ۾ آهي: حُجَّةُ الاِسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا تہ گفتگو جا چار قسم آهن: (1) خالص مُضِر (يعني مڪمل طور تي نقصان ڏيندڙ) (2) خالص مفيد (يعني فائديمند) (3) مُضر (يعني نقصان ڏيندڙ) بہ مفيد بہ (4) نہ مُضِر نہ مفيد.

خالص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڏيندڙ) کان هميشہ بچڻ ضروري آهي. خالص مفيد ڳالهہ ضرور ڪريو، جيڪو ڪلام مُضر بہ هجي ۽ مفيد بہ اُن جي ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪري بهتر اهو آهي تہ نہ ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڪلام ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن ڪلامن ۾ امتياز ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري خاموشي بهتر آهي. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 464) ﴿11﴾ ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهہ ڪئي وڃي ﴿12﴾ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويہ ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهہ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهہ) کان ڪم وٺي ٿو.“

(ڪتاب الصمت مع موسوعہ الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204، الحديث 325)

ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ هزارين سنتون سکڻ لاءِ مکتبة المدينه جو شايع ٿيل 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سنّتیں اور آداب“ هديةً حاصل ڪري پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو | لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن وسارڻ جو عذاب

يقيناً قرآن ڪريم حِفظ ڪرڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي پر ياد رهي! حِفّظ ڪرڻ آسان پر سڄي عمر هن کي ياد رکڻ ڏکيو آهي. حافظن ۽ حافظات کي گهرجي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو لازمي تلاوت ڪن. جيڪي حافظ رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد کان ٿورو عرصو ڀريان فقط تراويح پڙهائڻ جي لاءِ منزل پڪي ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ سڄو سال غفلت جي سبب ڪيئي آيتون وساري ويهندا آهن، اهي بار بار پڙهن ۽ خوفِ خُدا کان ڏڪن. **فرمانِ مصطفي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص قرآن پڙهي پوءِ ان کي وساري ڇڏي ته قيامت جي ڏينهن اللّٰه تعاليٰ سان ڪوڙهي ٿي ملندو.“ (ابو داود حديث 1474) صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرتِ علاّمه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القَوِی فرمائن ٿا:قرآن پڙهي وساري ڇڏڻ گناهه آهي. جيڪو قراني آيت ياد ڪرڻ کان پوءِ وساري ڇڏيندو بروزِ قيامت **انڌو** اٿاريو ويندو. (بهار شريعت ج1 ص 553) **اعليٰ حضرت** امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ان کان وڌيڪ نادان ڪير آهي جنهن کي خدا اهڙي همت بخشي ۽ اهو ان کي پنهنجي هٿن سان ضايع ڪري ڇڏي جيڪڏهن قدر ان (قرآن ڪريم جي حِفظ جو جاڻي ها ۽ جيڪو ثواب ۽ درجا ان تي موعُود آهن (يعني جن جو واعدو ڪيو ويو آهي) انهن کان واقف هجي ها ته ان کي تمام گهڻو عزيز (پيارو) رکي ها. وڌيڪ فرمائن ٿا: جيستائين ٿي سگهي هن جي پڙهائڻ ۽ حِفظ ڪرائڻ ۽ پاڻ ياد رکڻ جي ڪوشش ڪري ته جيئن اهي ثوابَ جيڪي ان تي موعُود (يعني واعدو ڪيا ويا) آهن حاصل ٿين ۽ قيامت جي ڏينهن **انڌو ڪوڙهي** اُٿڻ کان نجات حاصل ڪري. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 645-647)

بيان 4

# پوڙهو پوڄاري

تخريج شده

- دنيا جي بدحالي
- غارِ حرا ۾ عبادت
- دعوتِ اسلام جي شروعات
- مسلمان ٿيندي ئي نيڪي جي دعوت جي ڌوم
- ننهن ڪنڙ جا 9 مدني گل

پنو اٿلايو...

www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# پوڙهو پوڄاري*

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو شروع ڪان آخر تائين پڙهي وٺو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنياءِ آخرت جا بيشمار فائدا حاصل ٿيندا.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا عبدالرّحمٰن بن عوف رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نبيّن جا سلطان، رَحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڀيري ٻاهر تشريف ڪٺي آيا تہ مان بہ پويان هلڻ لڳس، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ باغ ۾ داخل ٿيا ۽ سجدي ۾ هليا ويا، سجدو ايترو تہ ڊگهو ڪيائون جو مون کي انديشو ٿيو تہ ڪٿي الله عَزَّوَجَلَّ سندن روح کي قبض نہ فرمايو هجي، پوءِ مان ويجهو وڃي غور سان ڏسڻ لڳس. جڏهن مٿو مبارڪ مٿي کنيائون تہ فرمائڻ لڳا: ”اي عبدالرحمٰن! ڇا ٿيو؟“ مون پنهنجو خدشو ظاهر ڪيو تہ فرمايائون: جِبرئيلِ امين (عَلَيۡهِ السَّلَام) مون کي ٻڌايو: ”ڇا اوهان ان ڳالهہ سان خوش نٿا ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو جيڪو توهان تي دُرُود شريف پڙهندو مان ان تي رحمت نازِل

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (باب المدينہ) ڪراچي ۾ 1 ربيع النّور شريف (1430هـ) تي ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان تحريري طور پيش خدمت آهي. (مجلس مكتبة المدينہ)

ڪندس ۽ جيڪو توهان تي سلام موڪليندو مان ان تي سلامتي موڪليندس.“ (مسند امام احمد ج 1 ص 406 حديث 11662)

زمانے والے ستائیں، دُرودِ پاک پڑھو
جہاں کے غم جو رُلائیں، دُرودِ پاک پڑھو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عربن جو دين ته دينِ ابراهيمي هو پر ان جي اصل صورت بلڪل تبديل ڪئي وئي هئي، توحيد جي جڳهه تي شرڪ ۽ ربّ تعاليٰ جي عبادت بدران بُت پرستي اچي وئي هئي، انهن مان ڪي ته بتن کي پنهنجو خدا سمجهندا هئا ته ڪي وڻن، چنڊ، سج ۽ تارن جي پوڄا ڪندا هئا، ڪي بدبخت ڪافر، ملائڪن کي خدا عَزَّوَجَلَّ جون نياڻيون قرار ڏئي انهن جي پوڄا پاٺ ۾ مصروف هوندا هئا. ڪردار ايترو ته خراب ٿي ويو هو جو ڏينهن رات شراب پيئڻ، جوا کيڏڻ، زنا ڪرڻ ۽ قتل و غارت گري ۾ مشغول هوندا هئا، انهن جي قساوتِ قلبي (يعني دل جي سختي) جو اندازو ان ڳالهه سان چڱي طرح لڳائي سگهجي ٿو جو ڇوڪرين جي پيدا ٿيندي ئي انهن کي زنده دفن ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ته انسانن کي ذبح ڪري انهن کي بتن تي ڀيٽا طور پيش ڪندا هئا. ان وحشياڻي حرڪت جي صورت ڪجهه هن طرح هوندي هئي جو ڪنهن خاص وقت ۾ ڪنهن اچي اُٺ يا انسان کي آندو ويندو هو، پوءِ اهي پنهنجي مُتَبرّڪ مقام جي چوڌاري خوشي ڪندي ٽي ڀيرا طواف ڪندا هئا. ان کان پوءِ قوم جو سردار يا پوڙهو پوڄاري وڏي ڦڙتي سان ان قرباني (يعني انسان يا اُٺ جيڪو به

هوندو هو) تي پهريون وار ڪندو هو ۽ ان جو ڪجهہ رت پيئندو هو، ان کان پوءِ حاضرين ان اچي اُٺ يا انسان تي اچي ٽُٽندا هئا ۽ ان جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ان کي ڪچو ئي ڪائي ڇڏيندا هئا! مطلب تہ عرب ۾ هر پاسي وحشت ۽ بَرْبَرِيّت جو دور هو، جهيڙن ۾ ماڻهن کي جيئرو ساڙي ڇڏيندا هئا، عورتن جو پيٽ چيرڻ، ٻارن کي ذبح ڪرڻ، انهن کي نيزن تي اڇلائڻ انهن وٽ ڪو عيب نہ هوندو هو.

## دنيا جي بدحالي

اهي حالتون صرف عرب سان خاص نہ هيون بلڪ تقريبًا سڄي دنيا ۾ اونداهي ڇانيل هئي. اهل فارس (يعني ايراني) اڪثر باهہ جي پوڄا ڪرڻ ۽ پنهنجي مائرن سان بدڪاري ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هئا. ڪيئي تُرڪ رات ڏينهن وسنديون برباد ڪرڻ ۽ قرلت ڪرڻ ۾ مصروف هوندا هئا، بت پرستي ۽ ماڻهن تي ظلم و جفا انهن جي عادت هوندي هئي. هندوستان جي اڪثريت بتن جي پوڄا ۽ پاڻ کي باهہ ۾ ساڙڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئا. مطلب تہ هر پاسي ڪفر ۽ ظلمت جو خوفناڪ انڌيرو ڇانيل هوندو هو، ڪافر انسان بدتر از حيوان (يعني حيوان کان بُرو) ٿي چڪو هو.

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت ٿي

ان عالمگير ظلمت ۾ نور جا پيڪر، سيني نبين جا سروَر، سلطان بحر وبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي جهان جي لاءِ هادي ۽ رهبر بڻجي، اصحاب فيل واري واقعي جي 55 ڏينهن کان پوءِ 12 ربيع النّور بمطابق 20 اپريل 571 ع [2] سومر جي ڏينهن صبح صادق

---

[2] تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاوي رضويہ ج 26 ص 414 ملاحظو ڪريو.

جي وقت اجا تارا آسمان تي چمڪي رهيا هئا، چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي، مشڪ جي خوشبو مهڪائيندي، ختنه شده (طُهر مبارڪ ٿيل)، ناف بريده (ناڙو مُبارڪ وڍيل)، ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوّت روشن، سُرمگين اکيون، پاڪيزه بدن ٻئي هٿ زمين تي رکيل، مٿو مبارڪ آسمان ڏانهن ڪٽي دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا.

(المواهب اللدنيه للقسطلاني ج 1 ص 66، 75)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ربیعُ الاول اُمیدوں کی دنیا ساتھ لے آیا
دعاؤں کی قبولیّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا
خدا نے نا خُدائی کی خود انسانی سفینے کی
کہ رحمت بن کے چھائی بارہویں شب اس مہینے کی
جہاں میں جشنِ صبحِ عید کا سامان ہوتا تھا
اُدھر شیطان تنہا اپنی ناکامی پہ روتا تھا
صدا ہاتف نے دی اے ساکنانِ خِطّۂ ہستی!
ہوئی جاتی ہے پھر آبادیہ اُجڑی ہوئی بستی
مبارک باد ہے ان کیلئے جو ظلم سہتے ہیں
کہیں جن کو اماں ملتی نہیں برباد رہتے ہیں
مبارکباد بیوائوں کی حسرت زا نگاہوں کو
اثر بخشا گیا نالوں کو فریادوں کو آہوں کو
ضعیفوں بیکسوں آفت نصیبوں کو مبارک ہو
یتیموں کو غلاموں کو غریبوں کو مبارک ہو
مبارک ٹھوکریں کھا کھاکے پیہم گرنے والوں کو
مبارک دشتِ غُربت میں بھٹکتے پھرنے والوں کو
مبارک ہو کہ دَورِ راحت و آرام آ پہنچا
نَجاتِ دائمی کی شکل میں اسلام آ پہنچا
مبارک ہو کہ ختم المرسلیں تشریف لے آئے
جنابِ رَحمۃٌ لِّلعٰلمیں تشریف لے آئے
صَد اندازِ یکتائی بَغایَت شانِ زَیبائی
امیں بن کر امانت آمِنہ کی گود میں آئی

دنيا ۾ تشريف فرما ٿيندي ئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سجدو ڪيو، ان وقت مبارڪ چپن تي اها دعا جاري هئي: رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ يعني پروردگار! منهنجي امّت منهنجي حوالي ڪر.

رَبِّ هَبْ لِیْ اُمَّتِیْ کہتے ہوئے پیدا ہوئے
حق نے فرمایا کہ بخشا اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

## غارِ حراءِ ۾ عبادت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عربن جي اڪثريت جا احوال اوهان ٻڌاءِ اهڙي وحشي قوم ۾ رهندي ٻه اسان جا مڪي مدني آقاءِ مٺا مٺا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ٻه ڪنهن راند روند جي مجلس ۾ شريڪ نہ ٿيا ۽ سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات سڳوري هر قسم جي برائي کان پري رهي، سرڪار عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سهڻن اخلاقن، سچائي ۽ امانت ۾ ايترا تہ مشهور ٿيا جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سموري قوم صادق ۽ امين جي لقب سان ياد ڪندي هئي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غار حرا (جيڪا مڪي شريف کان مِنٰي ويندي ڪاٻي پاسي ڏانهن ايندي آهي) ۾ رهندا هئا ۽ اتي ڪيترائي ڏينهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا.

## نُبوّت جو اعلان

شاهِ مَڪّةُ الْمُڪرّم، سلطان مدينةُ الْمُنوّرة صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر شريف جڏهن چاليهہ سالن جي ٿي تہ ان وقت **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نُبُوّت ظاهر ڪرڻ جي اجازت ملي، نہ تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وقت کان نبي هئا جڏهن اڃا حضرت سَيّدُنا آدم صفيُّ **اللّٰه** (عَلَيۡهِ السَّلَام) جي پيدائش بہ نہ ٿي هئي. نبي محترم، نورمجسم، رسولِ محتشم، شاهہ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو ويو مَتٰى كُنْتَ نَبِيًّا يعني اوهان ڪڏهن کان نبي آهيو؟ فرمايائون: وَاٰدَمُ بَيۡنَ الرُّوۡحِ وَالۡجَسَدِ يعني (مان تہ ان وقت بہ نبي هئس) آدم (عَلَيۡهِ السَّلَام) روح

www.dawateislami.net

۽ جسم جي وچ ۾ هئا. (المستدرک للحاکم ج 3 ص 508 حديث 4265)

آدم کا پتلا نہ بنا تھا، جب بھی وہ دنیا میں نبی تھے
ہے اُن سے آغازِ رِسالت صلی اللہ علیہ وسلم

## پهرين وحي

22 فيبروري 610ع جو اها عظيم گهڙي آئي جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معمول مطابق غار حرا کي پنهنجي برڪتن سان نوازي رهيا هئا، ان وقت حضرت سَيِّدُنا جبرئيل امين (عَلَيْهِ السَّلَام) پهريون پيرو بارگاهِ اقدس ۾ وحي طور اها آيت شريف کڻي حاضر ٿيا:

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَۚ(۱) خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍۚ(۲) اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُۙ(۳) الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِۙ(۴) عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ یَعْلَمْؕ(۵)

(پ 30 العلق 1- 5)

ترجمو ڪنزالايمان: پڙهه پنهنجي ربّ (عَزَّوَجَلَّ) جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو، انسان کي رت جي دڳ مان بنايو، پڙهه ۽ تنهنجو ربّ (عَزَّوَجَلَّ) ئي سڀ کان وڏو ڪريم آهي جنهن قلم سان لکڻ سيکاريو، انسان کي سيکاريائين جيڪو نہ ڄاڻندو هو.

پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ اها آيت شريف نازل ٿي:

یٰۤاَیُّهَا الْمُدَّثِّرُۙ(۱) قُمْ فَاَنْذِرْﭪ(۲) وَ رَبَّكَ فَكَبِّرْﭪ(۳) وَ ثِیَابَكَ فَطَهِّرْﭪ(۴) وَ الرُّجْزَ فَاهْجُرْﭪ(۵) (پ 29 المدثر 1- 5)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ڪمبل ڍڪڻ وارا اٿي پوءِ ڊيڄار ۽ پنهنجي ربّ (عَزَّوَجَلَّ) جي وڏائي بيان ڪر ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک ۽ بُتن کان پري رهه.

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلام جي شروعات

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هاڻي انهي حڪم تي ”قُمۡ فَاَنۡذِرۡ“ يعني ”اُٿي بيهه ۽ ڊپ ڏيار“ سان سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊيڄارڻ ۽ انهن تائين اسلام جي دعوت پهچائڻ فرض ٿي چڪي هئي، پر اجا تائين اعلانيه طور دعوت الي الله (يعني الله (عَزَّوَجَلَّ) ڏانهن سڏڻ) جو حڪم نه هو، تنهن ڪري محبوب ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم في الحال بااعتماد ماڻهن ۾ خاموشي سان تبليغ جو سلسلو شروع ڪيو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نبي آخر الزّمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪي جي دعوت تي ڪيترن ئي مردن ۽ عورتن ايمان آندو، مردن ۾ سڀ کان پهريان حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه، ٻارن ۾ سڀ کان پهريان اميرُ الۡمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم، عورتن ۾ اُمُّ الۡمؤمنين خديجةُ الۡكُبريٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ۽ آزاد ڪيل غلامن ۾ حضرت سَيِّدُنا زيد بن حارثه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه، غلامن مان حضرت سَيِّدُنا بلال حبشي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه ايمان آندو.

## مسلمان ٿيندي ئي نيڪي جي دعوت جي ڌوم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اميرُ الۡمؤمنين حضرت سَيِّدُنا ابو بڪر صدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه ايمان آڻيندي ئي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ شروع ڪري ڇڏيون. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه جي انفرادي ڪوشش سان انهن پنج هستين اسلام قبول ڪيو جيڪي عَشَره مُبَشَّره ۾ شامل آهن، انهن جا مبارڪ نالا هي آهن: ﴿1﴾ حضرت سَيِّدُنا عثمان غني ﴿2﴾ حضرت سَيِّدُنا سعد بن ابي وقاص

﴿3﴾ حضرت سَيِّدُنا طلحہ بن عُبِيدالله ﴿4﴾ حضرت سَيِّدُنا عبدالرحمٰن بن عوف ﴿5﴾ حضرت سَيِّدُنا زبير بن عوّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم. عشره مُبَشَّره انهن ڏهن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي چيو ويندو آهي جن کي اسان جي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت عنايت فرمائي ڇڏي هئي. منهنجا آقا اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:

وه دَسوں جن کو جنّت کا مژدہ ملا | اُس مبارک جماعت پہ لاکھوں سلام

## ڪاش اسان نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجئون

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! سَيِّدُنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡه جن کي نيڪي جي دعوت جو ڪيتري قدر جذبو هو جو دامنِ مصطفيٰ ۾ پناه ملندي ئي هڪدم ٻين کي سرڪار محترم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامن ڪرم سان وابستہ ڪرڻ جي ڌُن ۾ لڳي ويا. انهن کي ڪيترو زبردست احساس هو، اسلام جو ڪيترو تہ قدر هو، اي ڪاش! اسان جي دل ۾ بہ نيڪي جي دعوت جي اهميّت جو جذبو پيدا ٿئي، ڪاش! اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن سان ڀرپور جنّت ڏانهن پنهنجي انهن ناسمجھ اسلامي ڀائرن کي وٺي وڃڻ جي ڪوشش تيز ڪيون جيڪي گناهن جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. اي ڪاش! اسان کي بہ فرنگي فيشن جي يلغار ۾ گرفتار مسلمانن کي مديني جي تاجدا ر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مني مني سنتن ڏانهن سڏڻ جو جذبو نصيب ٿي وڃي. ان مدني ڪم يعني نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو هڪ اثرائتو ذريعو ”علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت“ بہ آهي. دعوت اسلامي جي مدني

ماحول ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن مخصوص ڪري دڪانن، گهرن وغيره تي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي. ڪي اسلامي ڀائر هفتي ۾ ٻه ڀيرا، ٽي ڀيرا بلڪ روزانو ٻه نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن ۽ ڪي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانا تہ جڏهن ڏسو اڪيلا ٻه نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهندا آهن! اچو اڪيلي نيڪي جي دعوت ڏيڻ يعني "انفرادي ڪوشش" ڪرڻ جي باري ۾ ايمان افروز مدني بهار ٻڌو:

## هڪ هيروئني جي توبهہ

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي علائقي ڪورنگي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي حلفيہ بيان جو خُلاصو آهي: تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ڪورنگي ۾ ٿيڻ واري آخري ٽن ڏينهن جي بينُ الاقوامي سُنّتن ڀريي اجتماع جو واقعو آهي، ان ڪان پوءِ اهو اجتماع مدينة الاولياء (ملتان شريف) ۾ مُنتقِل ڪيو ويو. اسان ڪجهہ دوست رسمي طور اجتماع ۾ شريڪ تہ ٿياسين پر بيانات جون برڪتون ڇڏي رات جو اجتماع گاهہ کان ٻاهر هڪ جڳهہ ويهي سگريٽ پيئڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ لڳاسين ۽ جِنّ، ڀُوت وغيره جا ديڄاريندڙ واقعا ٻُڌائڻ جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن جي ڪري ماحول ويتر دلچسپ ۽ پوائتو ٿي ويو. ايتري ۾ **سَبز عِمَامي** واري هڪ اڌڙوٽ عمر واري **اسلامي ڀاءُ** اسان جي ويجهو اچي سلام ڪيو ۽ فرمائڻ لڳو تہ جيڪڏهن اجازت هجي تہ ڪجهہ عرض ڪيان. اسان چيو: "**فرمايو**" ان وڏي همدرديءَ سان چيو: اوهان جي **اِجتماع** ۾ شرڪت ڪرڻ جو انداز ڏسي مون کي

پنهنجي پوئين زندگي ياد اچي وئي آهي! مان سوچيو ته پنهنجي زندگيءَ جا گذريل احوال توهان وٽ پيش ڪيان ته شايد اوهان کي ان مان ڪجهه عبرت جا مدني گل ملي وڃن. پوءِ ان پنهنجي **هدايت پري داستان** ڪجهه هيئن بيان ڪرڻ شروع ڪئي: پهريان مون کي سگريٽ پيئڻ جي عادت پئي ۽ پوءِ بُرن دوستن جي صُحبَت جي نحوست مون کي چرس ۽ هيروئن **جهڙي مهلڪ نشي** جو عادي بڻائي ڇڏيو. **افسوس! مان 16 سالن تائين نشي جو عادي رهيس.** اهو ٻڌائيندي روئڻهارڪو ٿي ويو، پر بيان جاري رکندي چيائين: منهنجين خراب عادتن کان بيزار ٿي، مون کي گهر مان ڪڍيو ويو، مان فُٽ پاٿ تي سمهندو هئس ۽ **گند جي ڍير** مان ڪٽي يا پني ڪائيندو هئس. اوهان کي شايد يقين نه اچي ته **مان هڪ ئي لباس ۾ سورهن سال گذاريا!** منهنجي ڪيفيت چرين وانگر ٿي چڪي هئي.

**هڪ بابرڪت** رات جو قصو آهي، شايد اها **رمضانُ المبارڪ** جي ستاويهين رات هئي. مان بدنصيب انهيءَ گندي حالت ۾ بد مست هڪ گهٽي جي ڪنڊ ۾ گند جي ڍير وٽ ستو پيو هئس ته سلام جي آواز تي ڇرڪ پريم، جڏهن اکيون مهٽي ڏٺم ته منهنجي سامهون **سَبز عمامو** پاتل ۽ **اسلامي ڀائر بيٺا مسڪرائي** رهيا هئا، انهن وڏي محبت سان منهنجو نالو پڇيو شايد زندگي ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن ايتري محبت سان مون سان ڳالهايو هو، پوءِ **انفرادي ڪوشش** ڪندي انهن **شبِ قدر** جي عظمت جي مُتَعَلِّق ڏاڍيون پياريون پياريون ڳالهيون ٻڌايون، مان انهن جي پنهنجائپ واري انداز ۽ سُهڻي اخلاق جي ڪري اڳئي مُتاثر ٿي چڪو

www.dawateislami.net

هئس، وڏيڪ انهن جون ماڪيءَ کان بہ وڏيڪ **مٺيون مَدني ڳالهيون** تاثير جو تير بڻجي منهنجي دل ۾ داخل ٿي ويون، مان انهن سان گڏ مسجد ڏانهن هلڻ لڳس ۽ مسجد جي غسل خاني ۾ پنهنجو ميرو لباس لاٿو ۽ غسل ڪري صاف سٿرا ڪپڙا پائي 16 **سالن کان پوءِ جڏهن پهريون ڀيرو مسجد ۾ داخل ٿي مون نماز جي نيّت ڪئي تہ پنهنجا لُڙڪ روڪي نہ سگهيس.** روئي روئي مان نشي ۽ ٻين گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ** عَزَّوَجَلَّ گهروارا مون کي واپس گهر وٺي آيا، مان قادريہ رضويہ سلسلي ۾ داخل ٿي **حضور غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مريد بڻجي ويس، مون هيءَ نيّت ڪئي تہ هاڻي هر قيمت تي نشي جي عادت ڇڏي ڏيندس. ان جي لاءِ مون کي گهڻين آزمائشن کي منهن ڏيڻو پيو، مان تڪليف جي ڪري رڙيون ڪندو ۽ تڪليف جي ڪري تڙپندو هئس. گهر وارا منهنجي اها حالت ڏسي روئي ڏيندا هئا، ڪي ماڻهو مشورو ڏيندا هئا تہ هيروئن جو **هڪ يا اڌ سگريٽ ئي پي ڇڏ!** پر مان ائين نہ ڪيو ڇو جو اهڙي طرح تہ مان وري ان برائي ۾ گرفتار ٿي ويندس بلڪ گهر وارن کي چوندو هئس تہ ضرورت پوي تہ مون کي کٽ سان ٻڌي ڇڏيندا ڪريو. **اَلْحَمْدُلِلّٰهِ** عَزَّوَجَلَّ آهستي آهستي سڌارو ايندو ويو ۽ مون کي نشي کان مڪمل طور نجات ملي وئي ۽ مان اڄ **دعوتِ اسلامي** جو هڪ ادنيٰ مبلغ آهيان. ان جي **عبرت ڀري داستان** ٻڌي اسان جا لڙڪ وهي آيا، اسان بہ پوئين گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وياسين، مان اهو بيان ڏيڻ وقت **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ **باب المدينہ** ڪراچي جي هڪ ڊويزن جي مدني انعامات جي ذميدار جي

حيثيت سان نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

چھوڑیں بدمستیاں،اورنشے بازیاں　　جامِ الفت پیئیں، قافِلے میں چلو
اے شرابی تو آ، آ جُواری تو آ　　سب سُدھرنے چلیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪفر جي ايوانن ۾ ترٿلو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شاهِ خير الانام صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽن سالن تائين اسلام جي تبليغ لاءِ خفيه (يعني پوشيده) انفرادي ڪوشش ڪئي، پوءِ جڏهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلّ جي حڪم سان علي الاعلان اسلام جو پيغام ڏيڻ شروع ڪيو ۽ بت پرستي جي مذمت بيان ڪرڻ لڳا ته ڪفر جي ايوانن ۾ ترٿلو مچي ويو. قريش جا سردار هڪ وفد جي صورت ۾ پاڻ سڳورن جي چاچي ابو طالب وٽ آيا ۽ پنهنجي شڪايت پيش ڪئي ته اوهان جا ڀائيٽا اسان جي معبودن کي بُرو ڀلو چون ٿا ۽ گڏوگڏ اسان جي ابن ڏاڏن کي گمراهه ۽ اسان کي بيوقوف چون ٿا، اوهان مهرباني ڪري ان کي سمجهايو ته اهي ائين نه ڪن، جيڪڏهن اوهان سمجهائي نٿا سگهو ته وچ مان هٽي وڃو اسان پاڻ ان کي سمجهائي ڇڏينداسين. ابوطالب جيتوڻيڪ اسلام قبول نه ڪيو هو پر پنهنجي ڀائيٽي يعني سَيِّدُنا مُحمَّد رسُول **اللّٰه** (صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان بيحد محبت ڪندا هئا ان ڪري قريش جي سردارن کي نرمي سان سمجهائي واپس موٽائي ڇڏيائون.

## ساڃي هٿ ۾ سج..........

**دعوت** اسلام جو سلسلو زور شور سان جاري رهيو، قريش جي ڪافرن ۾ تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خلاف بغض ۽ دشمني جي باھ وڌيڪ ڀڙڪڻ لڳي، اهي وفد جي صورت ۾ ابوطالب وٽ آيا ۽ ڌمڪي ڏيندي چوڻ لڳا: ابوطالب اسان تو ڪي چيو هو پنهنجي ڀائيٽي کي سمجهايو پر توهان ان کي نه سمجهايو، اسان پنهنجي معبودن ۽ ابن ڏاڏن جي توهين برداشت نٿا ڪري سگهون. اسان توهان جي عزّت ڪندا آهيون، توهان ان کي هاڻي روڪيو، جيڪڏهن توهان ان کي نٿا روڪڻ چاهيو ته توهان به اسان سان مقابلي جي لاءِ تيار ٿي وڃو ته جيئن ٻن ڌرين مان هڪ جو فيصلو ٿي وڃي. اهي ڌمڪي ڏئي واپس موٽي ويا، ابوطالب سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گُهرائي عرض ڪيو: اي منهنجا پيارا ڀائيٽا! قوم مون کي توهان جي باري ۾ اها اها شڪايت ڪئي آهي، مهرباني ڪري مڙي وڃو، پنهنجو پاڻ تي ۽ مون تي رحم ڪريو. اهو ٻڌي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ۾ ارشاد فرمايائون: ”اي منهنجا چاچا! خدا جو قسم! جيڪڏهن اهي ماڻهو منهنجي ساڃي هٿ تي سج ۽ کابي هٿ تي چنڊ به آڻي رکن تڏهن به ان ڪم کي هرگز نه ڇڏيندس ايستائين جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي (يعني اسلام کي) غالب ڪري ڇڏي يا مان ان ڪم ۾ پنهنجي جان ڏئي ڇڏيان.“ پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روئي پيا ۽ واپس وڃڻ لڳا، ته پنهنجي پياري ڀائيٽي جو عزم ۽ استقلال ڏسي ابوطالب کي جوش اچي ويو ۽ سڏائي چوڻ لڳا: اي ڀائيٽا! دل کولي پنهنجي دين جي تبليغ

ڪريو، قريش اوهان جو وار بہ ونگو نہ ڪري سگهندا.
(السيرة النبويہ لابن هشام ص 103، 104)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ملاحظہ فرمايو! حضور تاجدار مدينہ، سُرور قلب و سينہ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عزم و استقلال ڪيتري قدر عظيم هو، دنيا جي ڪا طاقت بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي دعوتِ اسلام کان نہ پٺي هٽائي سگهي.

وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صوتِ ہادی
عَرَب کی زمیں جس نے ساری ہِلادی

## بدنام ڪرڻ جي سازش

منقول آهي تہ قريشن هڪ اجلاس ڪيو، جنهن ۾ ان ڳالهہ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو تہ جيڪا هاڻي حج جي موسم بهار اچي رهي آهي ۽ ماڻهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هتي ايندا ۽ جيئن تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سرِ عام نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا آهن، ان ڪري ماڻهو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌندا ۽ ٻڌندا تہ پوءِ مڃيندا بہ ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا شيدائي ٿي ويندا، ان ڪري ان جي رڪاوٽ جي هڪ ئي صورت آهي ۽ اها هيءَ تہ اسان شاهِ خيرالانام صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي خوب بدنام ڪريون تہ جيئن ماڻهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان نفرت ڪرڻ لڳن ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ڳالهہ ئي نہ ٻڌن ۽ ظاهر آهي جڏهن ڳالهہ ئي نہ ٻڌندا تہ مائل بہ نہ ٿيندا. اهڙي طرح ان مشوري کان پوءِ بدبخت ڪافرن پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي مَعَاذَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ مجنون، ڪاهن ۽ جادوگر

چوڻ مشهور ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، پر قربان وڃجي! مبلّغ اعظم، نبي مڪرّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم همّت تان جو انهن جي واهيات ۽ خرافات ڪان ذري برابر بہ نہ گهٻرايائون، بلڪ مسلسل نيڪي جي دعوت ۾ مشغول رهيا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خلاف بدنام ڪرڻ جي باقاعده مهم هلائي وئي پوءِ بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارادي ۾ ذري برابر بہ گهٽتائي نہ آئي، مسلسل نيڪي جي دعوت جو ڪم جاري رکيو. ان سان اسان کي اهو بہ درس مليو تہ چاهي ڪو الزام لڳائي، مذاق ڪري، برن لقبن سان پڪاري، اسان جي آواز جي نقل ڪري، ڪيترو بہ ڏکائي پر اسان کي سنّتن ڀريو مدني ماحول نہ ڇڏڻ گهرجي. سنّتن تي عمل ڪندي بين تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائڻ گهرجي، جيڪي بنا همت هاري منزل ڏانهن روانا ٿيندا آهن اهي نيٺ منزل ماڻي ئي وٺندا آهن.

تمہیں اے مبلغ! یہ میری دعا ہے      کئے جاؤ طے تم ترقی کا زینہ

## دل جو مريض ٺيڪ ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪندا رهو، اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش خدمت آهي: بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي دل جي تڪليف ٿي، ڊاڪٽر ٻُڌايو تہ توهان

www.dawateislami.net

جي دل جون ٻہ ناليون بند آهن، اينجيوگرافي (Angiography) ڪرايو. علاج تي هزارين روپيا خرچ اچڻو هيو، هي ويچارو غريب گهٻرايل هو، هڪ اسلامي ڀاءُ انهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري اتي دعا گهرڻ جي ترغيب ڏياري، اهڙيءَ ريت اهي ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جا مسافر بڻيا، واپسيءَ تي طبيعت کي بهتر محسوس ڪيائون، جڏهن ٽيسٽ ڪرايائون تہ سيئي رپورٽون درست هيون. **ڊاڪٽر** حيرت وچان پُڇيو تہ توهان جي دل جون ٻہ ناليون کُلي چُڪيون آهن. آخر اهو ڪيئن ٿيو؟ جواب ڏنائون: **اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ جي برڪت سان مون کي دل جي خطرناڪ مرض کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي.**

لوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو ... سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
دل میں گر دَرد ہو ڈر سے رُخ زَرد ہو ... پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

آه صد آه! اسان جي دلين جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي سردار، مکي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلام جي پرچار جي لاءِ ڪيڏا سخت ظلم برداشت ڪيا، ظلم ۽ جفا جي طوفانن ۾ بہ ڪڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مقصد کان نہ هٽيا، ڪفار بدڪار جي ظلم ۽ ستم جي هڪ داستان پڙهو ۽ ڏکي وڃو:

## ڪافرن جي گهيري ۾ ....

اميرالْمؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ، شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: بدبخت ڪافرن هڪ ڀيري ٻنهي

جهانن جي تاجدار، نبين جي سردار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گهيري ورتو، اهي سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گِهليندي ۽ ڌڪا ڏيندي اهو چئي رهيا هئا توهان اهي شخص آهيو جيڪي صرف هڪ معبود جي عبادت جو حڪم ڏيندا آهيو، حضرت علي کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم (جيڪي انهن ڏينهن ۾ ننڍا هئا) فرمائن ٿا ايتري ۾ حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ بهادري سان اڳتي وڌيا ۽ ڪافرن کي ماريندي، ڪيرائيندي، هٽائيندي سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو پهتا ۽ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي انهن ظالمن جي گهيري کان ٻاهر وٺي آيا ان وقت سَيِّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي مبارڪ زبان تي سيپاري 24 سورة **المؤمن** جي آيت نمبر 28 جاري هئي:

اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ یَّقُوْلَ رَبِّیَ اللّٰهُ وَ قَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَیِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا هڪڙي مڙس کي هن ڪري قتل ڪريو ٿا جو اهو چوي ٿو تہ منهنجو ربّ الله آهي ۽ بيشڪ اهو توهان وٽ روشن نشانيون کڻي آيو توهان جي ربّ جي طرفان.

هاڻي ڪافرن حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر صدّيق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کي پڪڙي، سندن مٿي مبارڪ ۽ ڏاڙهي شريف جا ڪيترائي وار پٽي وڌا ۽ ماري ماري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کي شديد زخمي ڪري وڌو.

(شرح الزرقاني علي المواهب اللدنيہ ج 1 ص 468، 470)

بهرحال ظالم ڪافرن وڏو زور لڳايو، خوب ڌمڪيون ڏنيون تہ ڪنهن بہ طرح سان سرڪار عالي وقار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

اسلام جي پرچار کان پاسو ڪن پر اسان جا پيارا ۽ مٺا مٺا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دين اسلام جو ڪم ڪندا ئي رهيا، جيئن جيئن ڪم وڌندو رهيو تيئن تيئن بدبخت ڪافرن جي ڪاوڙ ۽ غضب ۾ بہ اضافو ٿيندو رهيو، اهي هر گهڙي تاجدار رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ايذاءُ پهچائڻ جي تاڙ ۾ رهندا هئا.

## چادر جو ڦندو

بدبخت ڪافر هڪ ڀيري ڪعبي شريف جي چانو ۾ ويٺا هئا ۽ سرڪار نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (مقام ابراهيم جي ويجهو) نماز ۾ مشغول هئا، عُقبہ بن ابي مُعِيط نالي ڪافر پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳچي مبارڪ ۾ چادر جو ڦندو وجهي سختي سان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳلي مبارڪ کي دٻائڻ شروع ڪيو، حضرت سَيِّدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پڄندا آيا ۽ ان (يعني عُقبہ بن ابي مُعِيط) کي پوئتي هٽايو ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي زبان تي سيپاري 24 سورةُ المؤمن جي آيت نمبر 28 جاري هئي:

اَتَقۡتُلُوۡنَ رَجُلًا اَنۡ يَّقُوۡلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدۡ جَآءَكُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ مِنۡ رَّبِّكُمۡ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا هڪڙي مڙس کي هن ڪري قتل ڪريو ٿا جو اهو چوي ٿو تہ منهنجو ربّ الله آهي ۽ بيشڪ اهو توهان وٽ روشن نشانيون کڻي آيو توهان جي ربّ جي طرفان.

(صحيح البخاري ج 3 ص 316 حديث 4815)

هڪ ڏينهن ٻنهي جهانن جا تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر مبارڪ مان ٻاهر تشريف کڻي آيا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي

www.dawateislami.net

وات تي ڪو به ڪافر ملندو هو پوءِ چاهي اهو غلام هجي يا آزاد پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تڪليف ڏيندو هو. (السيرة النبويه لابن هشام ص 113) آه! امامُ الۡعابدين، سلطانُ السّاجدين، سَيِّدُ الصّالحين، سَيِّدُ الۡمرسلين، خاتمُ النّبيّن، رحمةٌ للّعٰلمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي داستان غم نشان تي دل رت روئي ٿي، ايتري قدر ظلم سهڻ باوجود اسلام جي تبليغ ۽ نماز جو اهتمام اللہ! اللہ!

حَرم کی سرزمیں پر آپ پڑھتے تھے نمازاکثر
ہمیشہ اُس گھڑی کی تاک میں رہتے تھے بدگوہر
کوئی آقا کی گردن گھونٹتا تھا کس کے چادر میں
کوئی بدبخت پتھّر مارتا تھا آپ کے سر میں

## ڏاچي جي پچيداٽي

هڪ ڏينهن حضور سراپا نور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي شريف جي ويجهو نماز پڙهي رهيا هئا ۽ قريش جا ڪافر هڪ جڳهه ويٺا هئا، انهن مان هڪ چيو ته انهن کي ڏسو ٿا؟ وري چوڻ لڳو: توهان مان ڪو آهي جيڪو وڃي فلاڻي قبيلي جي ذبح ڪيل ڏاچي جي پچيداٽي کڻي اچي ۽ جڏهن اهي سجدي ۾ وڃن ته انهن جي ڪلهن تي رکي؟ ان تي بدبخت عُقبه بن اَبي مُعِيط اٿي وڃي پچيداٽي کڻي اچي رحمت عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلهن مبارڪن جي وچ ۾ رکي ڇڏي. اللہ عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهي حال ۾ رهيا ۽ مٿو مبارڪ سجدي مان نه ڪنيائون ۽ اهي سڀ ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا، ايستائين جو خاتونِ جنّت سَيِّدَه فاطِمةُ الزّهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا (جن جي عمر ان وقت اٽڪل اٺ سال هئي) آيون ۽ انهن

رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پُٺ مبارڪ تان ان گندگي کي ڪٽي اڇلايو، تڏهن سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مٿو مبارڪ مٿي ڪنيو ۽ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض گذار ٿيا، يا الله عَزَّوَجَلَّ! انهن قريشن کي جهل . يا الله عَزَّوَجَلَّ! تون ابوجهل بن هشام، عُتبہ بن ابي رَبيعہ، شَيبہ بن ربيعہ، وليد بن عُتبہ، اُمَيّہ بن خَلف ۽ عُقبہ بن ابي مُعِيط کي جهل. ان حديث پاڪ جا راوي حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون بدر جي ڏينهن انهن کي مقتول (قتل ڪيل) ڏٺو اهي بدر جي کوهه ۾ منهن ڀر ڪريل هئا.

(صحيح البخاري ج 1 ص 102 حديث 240)

نہ اٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم
کہ جس کو تم نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشڪوٰة المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”يا نبي الله“ جي نو اکرن جي نسبت سان ننهن ڪٽڻ جا 9 مدني گل

﴾1﴿ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ پوءِ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعہ بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: منقول آهي تہ ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهہ ڏينهن تائين.“ هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهہ ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668، بهار شريعت، حصو 16، ص 225-226) ﴾2﴿ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جو منقول طريقو خلاصي طور پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري، ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي هاڻي کاٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار ج 9 ص 670، احياءُ العلوم ج 1 ص 193) ﴾3﴿ پيرن جا ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (ايضًا) ﴾4﴿ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج 5 ص 358) ﴾5﴿ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهہ آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهہ) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴾6﴿ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽

جيڪڏهن اجلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (ايضًا) ﴿7﴾ ڪنيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلڻ مڪروهہ آهي، جو ان سان بيماري پيدا ٿيندي آهي. (ايضًا) ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن ننهن نہ ڪٽڻ گهرجن جو ڪوڙهہ جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البتہ جيڪڏهن اوڻيتاليهہ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب ٿيندو تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي، ان ڪري جو چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهہ تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاوىٰ رضويہ جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظہ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهہ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. (اتحاف السادة للزّبيدي ج 2 ص 653)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

## علم جو باب سکڻ هزار نفل کان افضل

حضرت سَيِّدُنا ابو ذر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي مڪي مدني سرڪار، پنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي فرمايو: اي ابو ذر! توهان صبح جي وقت ڪتاب الله جي هڪ آيت سکي ورتي تہ اها توهان جي لاءِ سؤ 100 نوافل پڙهڻ کان افضل آهي ۽ جيڪڏهن توهان صبح جي وقت علم جو هڪ باب سکي ورتو تہ چاهي هن تي عمل ڪيو وڃي يا (اڃا) عمل نہ ڪيو ويو هجي توهان جي لاءِ هزار رڪعت (نوافل) پڙهڻ کان افضل آهي. (سُنن ابن ماجہ ج 1 ص 142 حديث 219)

بيان 5

# چار سنسني خيز خواب

تخريج شده

- اصلاح جو راز (فرضي حڪايت)
- تڙپندڙ مردو
- باهه جو هار
- خوفناڪ شينهن
- جُتي پائڻ جا 7 مدني گل
- پاربٽي ماڙتان ڪري پيو!
- قبر مان پاررزنده نڪتو!

پنو اٿلايو...

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# چار سنسني خيز خواب*

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فڪرِ آخرت جو انمول خزانو هٿ ايندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو تہ (سيِّئي ورد، وظيفا ۾ دعائون ڇڏي ڏيندس ۽) مان پنهنجو سمورو وقت دُرود خواني ۾ گذاريندس تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "اهو تنهنجي فڪرن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ تنهنجا گناهہ معاف ڪيا ويندا." (ترمذي ج 4 ص 207 حديث 2465)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿1﴾ اصلاح جو راز (فرضي حڪايت)

وليد کي پاڙي جي مسجد ۾ پهرين صف ۾ جماعت سان نماز ادا ڪندي تقريبًا هڪ هفتو گذري چڪو هو. پاڙي وارا حيران هئا تہ نيٺ ان ۾ ايتري قدر اهو انقلاب ڪيئن آيو! اصل ۾ وليد 23 سالن جو جاننو ۽ قدآور نوجوان هو، ان جو وڊيو ڪيسٽن جو

---

*هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلاميءَ جي (26 صفرالمظفر سنہ 1430هہ 2009ع) ۾ ٽيڙ واري ٽي روزه سنتن ڀريي اجتماع صحراءِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان تحريري طور خدمت ۾ حاضر آهي. (مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

دُڪان هو، ان جو ڪردار ڏاڍو خراب هو، ڇا گهروارا، ڇا پاڙي وارا، سڀئي ان جي شرارتن کان بيزار هئا. ان ڪي مسجد ۾ ڏسي ان ڪري بہ حيرت ٿي رهي هئي جو جمعو تہ نهيو پر عيد جي نماز لاءِ بہ مسجد ۾ نہ ايندو هو. آخرڪار همّت ڪندي هڪ پاڙيسريءَ ان عظيم مدني انقلاب تي مبارڪباد پيش ڪندي ان کان ان جي اصلاح جو راز بہ پڇي ورتو. ان تي ان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، روئندي روئندي ان ٻڌايو تہ منهنجي اصلاح جو راز هڪ ڀوائتو خواب آهي.

ڪجھ ڏينهن اڳ جي ڳالھ آهي، رات جو معمول مطابق V.C.R تي لڙائيءَ سان ڀرپور فلم ڏسڻ کان پوءِ پلنگ تي سمهي پيس، خبر ناهي ڇو ننڊ نہ پئي آئي. لڙائي وارا فلمي منظر منهنجي ذهن مان هٽن ئي نہ پيا، گهڻي دير تائين پاسا ورائڻ کان پوءِ ٿورو ننڊ جو جهوٽو آيو تہ مان خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويس. خواب ئي خواب ۾ سخت بخار ٿي پيو ايتري قدر جو مون کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ايتري ۾ هڪ ڏگهو خوفناڪ ڪارو ماڻهو آيو، جنهن جي جسم جا سڀئي وار ڪنڊن جيان اُڀا هئا، ان جي اکين، ڪنن، ناسن ۽ وات مان باھ جا شعلا نڪري رهيا هئا! ايندي ئي ان مون کي پنهنجي فولادي هٿن سان فضا ۾ ڪٽي اڇلايو، مان هڪ ٽهڪندڙ تيل جي ديڳ ۾ وڃي ڪريس ۽ منهنجو روح نڪرڻ لڳو. انهي دؤران مون کي مختلف قسمن جي تڪليفن مان گذرڻو پيو، ڪيڏي مهل محسوس ٿئي پيو تہ تيز ڇري سان منهنجي کل لاٿي پئي وڃي تہ ڪيڏي مهل منهنجي جسم مان

www.dawateislami.net

ڪنڊيدار تاريون ڏاڍي سختيءَ سان ڇڪي ڪڍڻ جو عمل شروع ٿي رهيو هو، ڪيڏي مهل ائين پيو لڳي ته وڏي قينچي سان منهنجي جسم جا ٽڪرا ڪيا پيا وڃن، منهنجو هر عضوو بلڪ وار وار ڪي ڇڻ ته ٻڌو ويو هو، نه مان ڇُري سگهيس پئي نه دانهن ڪري سگهيس پئي، گهڻي وقت تائين انهي درد ۽ مصيبت ۾ مبتلا رهيس، نيٺ منهنجو روح پرواز ڪري ويو! منهنجي گهر وارن روئڻ رڙڻ شروع ڪيو، هُل هنگامو ٿي ويو ته وليد جهڙي ڪنڌار جوان جو اوچتو انتقال ٿي ويو! منهنجي غُسل و ڪفن ۽ جنازي نماز جا مرحلا طئي ٿيڻ ڪان پوءِ مون ڪي اونڌائي قبر ۾ لاٿو ويو. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهڙو سخت انڌيرو ان ڪان پهريان ڪڏهن نه ڏٺو هو. ماڻهو دفنائي موٽڻ لڳا ۽ مان انهن جي پيرن جو آواز ٻڌندو رهيس. ايتري ۾ قبر جون ڀِتيون لڏڻ لڳيون، وڏن وڏن ڏندن سان قبر جون ڀِتيون چيريندا خوفناڪ شڪلين وارا ٻه ملائڪ (منڪر نڪير) منهنجي قبر ۾ اچي ويا، انهن جو رنگ ڪارو، اکيون ڪاريون، نيريون ۽ شعله زن هيون. انهن جا ڪارا ڪارا هيبتناڪ وار مٿي ڪان پيرن تائين لڙڪي رهيا هئا، انهن مون ڪي جهنجهوڙيو ۽ ڇڙٻ ڏئي اٿاريو ۽ ڏاڍي سخت لهجي ۾ سوال پڇڻ لڳا. هاءِ! منهنجي بدنصيبي!! انهيءَ دؤران هڪ آواز آيو: انهي بي نمازيءَ کي چيپاٽي ڇڏيو! بس پوءِ جا ٽيڻو هو قبر جي ڀِتين مون ڪي دٻائڻ شروع ڪيو ۽ منهنجون پاسريون ٽٽي پاڻ ۾ ملڻ لڳيون، منهنجو ڪفن باهه جي ڪفن ۾ تبديل ڪيو ويو، منهنجي هيٺان باهه جو بسترو وڇائجي ويو، انهيءَ دوران

www.dawateislami.net

قبر ۾ منهنجي ماسات اچي وئي، ويجهو هڪ خوبصورت ڇوڪرو بہ بيٺو هو، اوچتو انهن جون شڪليون ڏاڍيون خوفناڪ ٿيڻ لڳيون ۽ انهن جي هٿن ۾ ڀيانڪ ڊرل مشينون لڳڻ لڳيون ۽ انهن جي سراين (Rods) مان باهہ جون چڻگون نڪرڻ لڳيون. اوچتو هڪ وڏو آواز آيو: وليد پنهنجي ماسات سان بي تڪلف هوندو هو[3] ۽ ان کان پنهنجي نظر جي حفاظت نہ ڪندو هو، بي ريش (بنا ڏاڙهي وارن) خوبصورت ڇوڪرن ۾ دلچسپي وٺندو هو. لذّت سان انهن کي ڏسندو هو ۽ لذّت مان انهن سان ملاقات بہ ڪندو هو. پاڻ بہ فلمون ڊراما ڏسندو هو ۽ ٻين کي بہ ڏيکاريندو هو، انهي کي بدنگاهي ۽ شهوت پرستي جو مزو چکايو!

بس! پوءِ ڇا ٿيو جو انهن ٻنهي ڊرل مشين جون گرم سرايون منهنجي اکين ۾ وڌيون جيکي وڏي آواز سان ڦرنديون اکين کي ڦيهينديون کوپڙي جي آروپار ٿي ويون، گڏوگڏ منهنجي هٿن ۽ جسم جي ان حصن تي بہ ڊرل مشين هلائي وئي جن سان مان شهوت کي تسڪين پهچائيندو هئس. ايڏي وڏي خوفناڪ عذاب جي باوجود بہ نہ مون تي بيهوشي طاري ٿي نہ ئي اهو نظر اچڻ بند ٿيو. اهوئي عذاب ڇا ٿورو هو وري آواز آيو: اهو گانا باجا ٻڌڻ جو شوقين هو، جڏهن بہ ڪي بہ ماڻهو لڪي ڳالهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ اهو ڪن لائي انهن جون ڳالهيون ٻڌي

---

[3] ٻين نامحرم عورتن سان گڏوگڏ ماسات، سؤٽ، ماروٽ، ڦڦات، سالي ۽ ڀاڄائي کان بہ پردو ڪرڻ لازم آهي. اهڙي طرح غيرمردن کان علاوه ماسڙ، ڦڦڙ، ڀيڻيويو ، ڏير ۽ ڄيٺ کان بہ عورت کي پردو ڪرڻ لازم آهي.

وڻندو هو، جيئن آواز اچڻ بند ٿيو، ڊرل مشينون منهنجي ڪنن ڏانهن وڌڻ لڳيون، هاءِ! پوءِ منهنجي ڪنن ۾ به سرائيون زور زور سان ڦرڻ لڳيون. گهڻي وقت تائين اهو دردناڪ عذاب ٿيندو رهيو، وري آواز ٻڌڻ ۾ آيو: اهو ماءُ پيءُ کي ڏڪائيندو هو، مسلمانن جي دليون ڏڪائيندو هو، ڪوڙو هو، واعدو نه نڀائيندو هو، جڏهن ڪاوڙبو هو ته گارگند ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو، ماڻهن تي ٺٺول ڪرڻ، انهن سان مذاق ڪرڻ، چغلي هڻڻ، ماڻهن جا عيب ڪڍڻ، تاس، شطرنج، لُڊو ۽ وڊيو گيمون کيڏڻ، نشو ڪرڻ ۽ لغو اڏائڻ اهي سڀئي ان جا پسنديده ڪم هئا. ماڻهن جا حق ڦٻائڻ، ناجائز ڪمائڻ ۽ حرام کائڻ ان جو معمول هو، اهو ڏاڙهي به ڪوڙائيندو هو، ان جي عذاب ۾ اضافو ڪيو! اهڙي طرح ٿوري ئي دير ۾ تمام گهڻا وِڇون ڏنگ تيار ڪيو مون ڏانهن وڌڻ لڳا ۽ منهنجي ڄاڙيءَ جي کل ۾ داخل ٿيڻ لڳا ۽ جنهن حصي تي ڏاڙهي ٿيندي آهي ان حصي ۾ کل ۽ ماس جي وچ ۾ داخل ٿي مون کي ڏنگ هڻڻ لڳا. خوفناڪ ڪارا نانگ مون کي کائڻ لڳا، مان دنيا ۾ جن جن شين کان ڊڄندو هئس اهي سڀ (مثال طور ڪتا، سؤپيري، ڪرڙيون، ڪوئا وغيره) يڪدم مون تي حملو ڪرڻ لڳا، گڏوگڏ منهنجي قبر باھ جي بڻي ٻڙجي وئي. ايتري ۾ ڪنهن تمام وڏي باھ واري هٿوڙي سان مون کي زور سان ڌڪ هنيو ۽ مان بال وانگر وڃي پري ڪريس انهيءَ دؤران منهنجي اک کلي وئي! مان پنهنجي پلنگ تان هيٺ ڪريو پيو هئس، گهر وارا گهٻرائجي سجاڳ ٿيا، ڊپ وچان منهنجو جسم تمام گهڻو ڏڪي رهيو هو.

جڏهن منهنجا حواس ڪجهه بحال ٿيا تہ مان روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي، ماءُ پيءُ ۽ ٻين گهروارن کي راضي ڪيو، انهيءَ رات عشاء جي نماز ادا ڪيم ۽ مون پنج ئي وقت تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت نماز جو اهتمام شروع ڪيو آهي. رهيل قضا نمازون بہ ادا ڪري رهيو آهيان ۽ هڪ مُٺ ڏاڙهي سجائڻ جو بہ عهد ڪيو آهي. وڊيو جو ڪاروبار ختم ڪري ڇڏيو آهي، جن ماڻهن جا حق ٻَقايا هئا انهن سان صلح ڪئي آهي، جن جو قرض هو، ادا ڪري ڇڏيو آهي. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مان هڪ سني مسلمان جي حيثيت سان سنّتن پري زندگي گذاريندس. منهنجي اصلاح جو راز جنهن جنهن بي عمل مسلمان تي ظاهر ٿئي، ڪاش! ان جي لاءِ بہ اهو اصلاح جو سبب بڻجي وڃي.

کوچ ہاں اے بے خبر ہونے کو ہے
کب تلک غفلت سَحَر ہونے کو ہے
باندھ لے توشہ سفر ہونے کو ہے
ختم ہر فردِ بَشَر ہونے کو ہے
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مٿين بيان ٿيل دل ڏاريندڙ تصوُّراتي حڪايت تي ٿڌي دل سان غور ڪري اسان سڀني کي ان مان عبرت جا مدني گل چونڊڻ گهرجن. ان مان نصيحت حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ تصوُّر ئي تصوُّر ۾ ان واقعي کي پنهنجي لاءِ تصوُّر ڪريون ۽ پوءِ پنهنجي پاڻ کي خوب ڊيڄاريون تہ ڏسو هڪ ڀيرو وري مهلت ڏني وئي آهي، هاڻي گناهن ڀري زندگي کان توبهہ ڪري هاڻي سنتن ڀري زندگي گذارڻي آهي، نہ

www.dawateislami.net

تہ واقعي جڏهن موت جون سختيون شروع ٿي ويون ان وقت اسان جي هڪ نہ ٻڌي ويندي. آھ! موت جو سختيون برداشت نہ ٿي سگھنديون، موت بابت هڪ هوش وڃائيندڙ روايت پڙهو ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڏڄي وڃو.

## مُردو جيڪڏهن ٻڌائي تہ......

موت دنيا ۽ آخرت جي دهشتن مان وڏيڪ دهشتناڪ آهي. اهو آرن جي چيرڻ، قينچين جي ڪترڻ ۽ ديڳڙين جي ٻرڪڻ کان بہ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي، جيڪڏهن مردو زنده ٿي موت جون سختيون ماڻهن کي ٻڌائي تہ انهن جو عيش و آرام ۽ ننڊ ختم ٿي وڃي. (شرح الصدور ص 33)

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن　　قبر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن　　اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## ﴿2﴾ تڙپندڙ مردو

هڪ ڊاڪٽر جو بيان آهي: هڪ رات مون سنسني خيز خواب ڏٺو، ننڊ دؤران مان هڪ قبر ۾ داخل ٿيس، ان ۾ مون کي تڙپندڙ مردو نظر آيو، دانهون ڪرڻ واري جيان وات کولڻ باوجود ان جي وات مان آواز نہ پئي نڪتو! گھڻي دير کان پوءِ ان جو تڙپڻ بند ٿيو. ايتري ۾ هڪ شخص چهبڪ جهڙي چمڪندڙ تار ان جي پيشاب واري نالي جي سوراخ ۾ وڌي! جنهن جي تڪليف جي

ڪري اهو مردو وري پهريان جيان تڙپڻ لڳو. مردي جي اها تڪليف ڏيندڙ حالت ڏسي مان بي چين ٿي ان عذاب ڏيڻ واري کان پڇڻ لڳس ته ان مردي کي اهو دردناڪ عذاب ڇو پيو ڏنو وڃي؟ ان جواب ڏنو ته ”اهو دنيوي زندگي ۾ زاني هئو، هاڻي جڏهن کان مئو آهي، ان کي اهوئي عذاب ڏنو پيو وڃي.“ مون کي ان مردي تي ڏاڍو رحم پيو اچي، انهيءَ دؤران ڪنهن مون کي پڪڙي زمين تي ليٽائي، اهڙي ئي سنهي سرائي منهنجي پيشاب گاهه جي سوارخ ۾ به وڌي! مان سخت درد جي ڪري ائين تڙپڻ لڳس جيئن بنا پاڻي جي مڇي تڙپندي آهي، ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن منهنجي اک کلي ته مان سخت تڪليف ۾ هئس منهنجو بسترو آلو هو، مون کي محسوس ٿيو ته پيشاب وهي پيو آهي. پر ڏٺم ته بسترو وهاڻي سميت پگهر سان پسيل هو! مون جڏهن اٿي پيشاب ڪيو ته رت جيان ڳاڙهو هو ۽ اهو رت وانگر ڳاڙهو پيشاب ڇهن مهينن تائين جاري رهيو، ان ڪري مان بيحد ڪمزور ٿي ويس، هر طرح جي ليبارٽري ٽيسٽ، گردي مثاني جا X-Ray وغيره ڪرايا، ڪيترن ئي ڊاڪٽرن سان مشورو ڪيو پر نه بيماري جو سبب معلوم ٿيو ۽ نه وري مرض ۾ ڪا ڪمي ٿي، انهيءَ دؤران مون نوڪري مان موڪل ورتي. جڏهن هر قسم جي دوا مان اثر نه ٿيو ته پوءِ مان دعا ۽ استغفار ڪرڻ لڳس ۽ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي انهيءَ مصيبت مان ڇوٽڪارو عطا فرمايو. هن وقت به اهو تڙپندڙ لاش ياد ايندو آهي ته خوف وچان منهنجا وار ڪاندارجي ويندا آهن.

www.dawateislami.net

## باھ جو ھار

ذڪر ڪيل واقعو ڪٿي پڙھيو ھو جنھن ڪي ڪجھ تصرّف سان بيان ڪيو آھي واقعي انھي ۾ عبرت ئي عبرت آھي. مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڊڄو! زنا ۽ ان جا لوازمات يعني اکين جي زنا، ھٿن جي زنا، دل جي زنا، ذھن جي زنا ۽ ھر قسم جي زنا کان سچي توبھ ڪريو.

منقول آھي: جنھن پنھنجي اکين کي حرام سان پريو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي اکين کي جھنم جي باھ سان پريندو ۽ جنھن حرام ڪيل عورت سان زنا ڪيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي ان جي قبر مان اجارو، روئندڙ، غمگين ۽ ڪاري منھن سان اٿاريندو ۽ ان کي انڌيري ۾ ٻيھاريندو. ان جي ڳچي ۾ باھ جو ھار ھوندو ۽ ان جي جسم تي قطران (يعني ڏامر) جو لباس ھوندو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نہ ان سان ڪلام فرمائيندو نہ ئي ان کي پاڪ ڪندو ۽ ان جي لاءِ دردناڪ عذاب ھوندو. (قرة العيون مع روض الفائق ص 388)

## زانين جو انجام

مِعراج واري رات، سَروَرِ ڪائنات، شاھِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنور جھڙي ھڪ سوراخ وٽ پھتا تہ ان جي اندر نھاري ڏٺائون تہ ان ۾ ڪجھ اگھاڙا مرد ۽ عورتون ھيون، اوچتو انھن جي ھيٺان باھ جو شعلو نڪتو تہ مرد ۽ عورتون واڪا ڪري ھاءِ ھاءِ ڪن پيا. رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڇڻ تي سَيِّدُنا جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اھي زاني مرد ۽ زانيہ عورتون آھن. (مسند امام احمد بن حنبل ج 7 ص 249 حديث 20115) خاتم المرسلين، رحمة

للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: جڏهن مرد مرد سان حرام ڪاري ڪري ته اهي ٻئي زاني آهن ۽ جڏهن عورت عورت سان حرام ڪاري ڪري ته اهي ٻئي زاني آهن.

(السنن الكبريٰ ج 8 ص 406 حديث 17033)

## زاني ڪي شرمگاهہ سان لٽڪايو ويندو

منقول آهي ته زبور شريف ۾ آهي: زانين کي انهن جي شرمگاهن جي ذريعي جهنم ۾ لٽڪايو ويندو ۽ لوهه جي ڪوڙن سان ڪٽيو ويندو. جڏهن ڪو زاني ان سزا کان بچڻ جي لاءِ مدد گهرندو ته ملائڪ چوندا ته تنهنجو اهو آواز ان وقت ڪٿي هو جڏهن تون کلندو هئين، خوش ٿي آڪڙبو هئين، نہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عظمت جو لحاظ رکندو هئين ۽ نہ ئي ان کان حيا ڪندو هئين.

(كتاب الكبائر ص 55)

## ﴿3﴾ خوفناڪ شينهن

هڪ شخص خواب ڏٺو ته اهو ڪنهن جنگل ۾ وڃي رهيو آهي ايتري ۾ پنيان هلڻ جو آواز محسوس ٿيو، پوئتي جو ڏنائين ته هڪ خوفناڪ شينهن ان جي پنيان اچي رهيو آهي، اهو گهٻرائجي ڀڄڻ لڳو، شينهن بہ ان جي پنيان ڀڄڻ لڳو، انهيءَ دؤران هڪ اونهو کڏو اڳيان اچي ويو، ان کڏي ۾ جهاتي پائي ڏنائين ته ان ۾ هڪ وڏو خطرناڪ نانگ وات کوليو وينو آهي! هاڻي هي ڏاڍو ڏنو ته ڪري ته ڇا ڪري! اڳيان خطرناڪ نانگ آهي ته پنيان خوفناڪ شينهن! ايتري ۾ ان کي هڪ وڻ نظر آيو هي ان جي ٽاري سان لٽڪي پيو پر وري هڪ نئين مصيبت ۾

قاسي پيو اها هيءَ تہ هڪ اجو ۽ هڪ ڪارو ڪوئو ٻئي ٽاري ڪي پاڙان ڪتري رهيا آهن، هاڻي هي اجا وڏيڪ گهبرائڻ لڳو تہ جلدي اهي ٻئي ڪُوئا ٽاري ٽُڪي ڇڏيندا، مان ڪري پوندس ۽ پوءِ شينهن ۽ نانگ جو کاڄ بڻجي ويندس. اجا اهو انهيءَ سوچ ويچار ۾ هو تہ ان جي نظر ماکي جي ماناري تي پئي ۽ اهو ماکي کائڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ ماکيءَ جي لذّت ۾ ايترو تہ گم ٿي ويو جو نہ شينهن ۽ نانگ جو خوف رهيو نہ وري ڪوئن جو ڊپ. اوچتو ٽاري پاڙان ڪٽجي وئي ۽ اهو وچي هيٺ ڪريو، شينهن ان تي حملو ڪري ان کي چيري ڦاڙي ڪڍي ۾ اڇلائي ڇڏيو تہ نانگ ان کي ڳهي ويو، پوءِ ان جي اڪ ڪلي وئي.

وہ ہے عَیش و عِشرت کا کوئی مَحَل بھی جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اس جہل سے تُو نکل بھی یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حقيقت ۾ دنيا جا مزا خواب جي مثل آهن جيڪي ان جي رنگينين ۾ ڦاٿل آهن اهي يقينًا غفلت جي ننڊ ستل آهن، موت اچڻ تي اهي سجاڳ ٿيندا. ذڪر ڪيل مٿين خواب ۾ جنگل مان مراد دنيا آهي ۽ خوفناڪ شينهن موت آهي، جيڪو پويان پيل آهي، کڏو قبر آهي جيڪو اڳيان آهي، اهو نانگ برا عمل آهن جيڪي قبر ۾ ڏنگيندا ۽ ٻہ اجا ۽ ڪارا ڪوئا ڏينهن ۽ رات آهن ۽ اها ٽاري زندگي آهي، جنهن کي اهي ٽُڪي

رهيا آهن ۽ ماڪي جو مانارو دنيا جون فاني لذّتون آهن، جن ۾ مشغول ٿي انسان شينهن (يعني موت)، کڏو (يعني قبر)، نانگ (يعني برن عملن جي سزا) ۽ اڇن ڪارن ڪوئن (يعني ڏينهن رات کي وساري ڇڏيندو آهي پر اهي بئي ڪوئا (يعني ڏينهن ۽ رات) گڏجي ان جي زندگي جي ٽاري کي مسلسل ڪتريندا رهندا آهن، جيئن ئي ان جي مدت پوري ٿيندي آهي، اهو موت جو شڪار ٿي ويندو آهي.

حسنِ ظاہِر پر اگر تُو جائے گا ۔۔۔ عالَمِ فانی سے دھوکا کھائے گا
یہ مُنَقّش سانپ ہے ڈس جائے گا ۔۔۔ رہ نہ غافل یاد رکھ پچھتائے گا
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے ۔۔۔ کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## ﴾4﴿ پُلصراط جي دهشت

حضرت سَيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي هڪ ٻانهي حاضر ٿي عرض ڪيو: مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ جهنم کي ڏُکايو ويو آهي ۽ ان تي پُلصراط کي رکيو ويو آهي، انهيءَ دؤران اُموي خليفن کي آندو ويو. سڀ کان پهريان خليفہ عبدالملڪ بن مروان کي حڪم ٿيو تہ پُلصراط تان لنگهو، اهو پُلصراط تي چڙهيو، پر آه! ٿوري دير ۾ دوزخ ۾ ڪِري پيو، پوءِ ان جي پٽ وليد بن عبدالملڪ کي آندو ويو، اهو بہ دوزخ ۾ وڃي ڪِريو، ان کان پوءِ سليمان بن عبدالملڪ کي حاضر ڪيو ويو ۽ اهو بہ اهڙي طرح دوزخ ۾ ڪِريو. انهن سڀني کان پوءِ امير المؤمنين! اوهان کي آندو ويو، بس اهو ٻڌڻ سان حضرت سَيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ خوف وچان دانهن ڪئي ۽ زمين تي ڪري پيا. ٻانهي

چيو: اميرالمؤمنين! ٻڌو تہ سهي، خدا جو قسم! مون ڏٺو تہ اوهان سلامتي سان پلصراط پار ڪري ويا آهيو، پر حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پلصراط جي دهشت ڪان بيهوش ٿي چڪا هئا ۽ انهيءَ عالم ۾ تڙپي رهيا هئا. (احياءُ العلوم ج 4 ص 231)

## پُلصراط تلوار کان وڌيڪ تکي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حالانڪ نبي ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي شخص جو خواب شريعت ۾ حُجَّت ناهي، پوءِ بہ اوهان ڏٺو تہ حضرت سَيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پُلصراط تان گذرڻ جي معاملي ۾ ڪيتري قدر حسّاس هئا. واقعي پُلصراط جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي. پُلصراط وار ڪان سنهي ۽ تلوار ڪان وڌيڪ تکي آهي ۽ اها جهنّم جي مٿان رکيل هوندي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهو ڏاڍو تشويشناڪ مرحلو آهي، هر ڪنهن کي انهي تان گذرڻو پوندو.

## صحابي جو روئڻ

پُلصراط جو مرحلو آسان ناهي، اسان جا اسلاف ان معاملي ۾ ڏاڍا فڪرمند ۽ غمگين رهندا هئا. حضرت سَيِّدُنا علّامہ جلالُ الدّين سُيُوطِي شافعي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ نقل فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن رَواحہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي هڪ ڀيري روئندي ڏسي ان جي گهرواريءَ عرض ڪيو: اوهان کي ڪهڙي ڳالهہ روئاريو آهي؟ فرمايائون: مون کي (16 سيپاري سوره مريم ۾ وارد ٿيل) **الله** عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان ياد اچي ويو آهي:

وَاِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ

ترجموڪنزالايمان: ۽ توهان مان ڪو اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تان نہ ٿئي.

اھو تہ ڄاڻي ورتو تہ مون کي ان ۾ داخل ٿيڻو آھي پر اھا خبر ناھي تہ مان ان کان نجات بہ حاصل ڪري سگھندس يا نہ.
(المستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 631 حديث 8748، التخويف من النار ص 249)

## وَارِدُھا مان مراد

صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن جو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ مرحبا! سوره مريم جي آيت نمبر 71 ۾ لفظ، ”وارِدُھا“ (يعني دوزخ تان گذرڻ جي باري ۾) حضرت سَيِّدَتُنا حفصہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ۽ حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ وغيره جي خيال ۾ ڳالھ ھيءَ ھئي تہ قرآن ڪريم جي انھن لفظن ۾ ”وَارِدُھا“ جي معنٰي داخِلُھا (يعني دوزخ ۾ داخل ٿيڻ جي باري ۾) آھي. (مرقاة المفاتيح ج 10 ص 599 تحت الحديث 6227، التخويف من النار ص 249، البدور السّافره ص 338)

## پُلصراط پندرھن ھزار سالن جي راھ آھي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي رحم فرمائي، پلصراط جو سفر ڏاڍو ڏکيو آھي. حضرت سَيِّدُنا فُضَيۡل بن عياض رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان منقول آھي: پُلصراط جو سفر پندرھن ھزار سالن جي واٽ جيترو آھي، پنج ھزار سال مٿي چڙھڻ جو، پنج ھزار سال ھيٺ لھڻ جو ۽ پنج ھزار سال برابر جو. پُلصراط وار کان وڌيڪ سنھي ۽ تلوار کان وڌيڪ تکي آھي ۽ اھا جھنّم جي مٿان نھيل آھي ان تان اھو لنگھي سگھندو جيڪو خوف خدا عَزَّوَجَلَّ جي ڪري ڪمزور ۽ ھيٺو ھوندو. (البدور السافره ص 344)

## پُلصراط تان گذرڻ جو منظر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تصوُّر ڪريو! ان وقت ڪھڙو حال ھوندو جڏھن قيامت جي ميدان ۾ سڄ ھڪ ميل تان باھ وسائي رھيو

www.dawateislami.net

هوندو، ميجا ٻڙڪي رهيا هوندا، سينا ڦاٽي پوندا، دل اُبري ڳلي تائين اچي ويندي. اهڙي دردناڪ حالات ۾ پُلصراط تان گذرڻ جو مرحلو درپيش هوندو. ان تان گذرڻ لاءِ دنيوي طاقتور ۽ باڪسر، باهمت نوجوان ۽ پهلوان، تيز ۽ وڏي رفتار وارو، خلاباز ۽ ڪراٽي باز ۽ تازي تواني طاقتور هئڻ جي ڪا ضرورت ناهي بلڪ حضرت سَيِّدُنا فُضَيل بن عياض رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فرمان عافيت نشان جي مطابق خوف خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب ڪمزور ۽ هيٺو رهڻ وارو پُلصراط آساني سان پار ڪري ويندو.

## هر هڪ پُلصراط تان گذرندو

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيدتُنا حفصہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان مروي آهي تہ حضور اڪرم، نور مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون کي اميد آهي تہ جيڪي غزوه بدر ۽ حُدَيبِيہ ۾ حاضر هئا اهي باه ۾ داخل نہ ٿيندا. مون عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اللّٰه تعاليٰ هي ناهي فرمايو:

وَ اِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿۷۱﴾ (پ ١٦ مريم ٧١)

ترجموڪنزالايمان: ۽ توهان مان ڪو اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تان نہ ٿئي توهان جي رب جي ذمي تي ضرور هي مقرر ڪيل ڳالهہ آهي.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، ڇا تو ناهي ٻڌو:

ثُمَّ نُنَجِّى الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّ نَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ﴿۷۲﴾ (پ ١٦ مريم ٧٢)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ اسان پرهيزگارن کي بچائي وٺنداسين ۽ ظالمن کي ان ۾ ڇڏي ڏينداسين گوڏن ڀر ڪريل.

(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 508 حديث 4281)

## مجرم جهنم ۾ ڪري پوندا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان روايت مان معلوم ٿيو تہ هر هڪ ڪي دوزخ تان گذرڻو پوندو. خوف خدا رکڻ وارن مؤمنن کي بچايو ويندو، مجرم ۽ ظالم جهنم ۾ ڪري پوندا. آهہ! آهہ! ڏاڍو ڏکيو معاملو آهي، هاءِ! پوءِ بہ اسان غفلت جي ننڊ مان سجاڳ نٿا ٿيون.

دل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مغلوب شہا نفسِ بدکار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
غفلت سے مگر دل کیوں بَیدار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا
اے رب کے حبیب آؤ اے میرے طبیب آؤ
اچھّا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبوت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪوٰة المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## "چل مدينہ" جي سنت اڪرن جي نسبت سان جُتي پائڻ جا 7 مدني گل

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جُتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان جيستائين جتي پائي رکندو آهي ڄڻ اهو سوار

آهي (يعني ٺڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين ڇنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) نُزهَةُ القاري ۾ آهي: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت حڪم هي آهي تہ پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري تہ پهرين کابو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهرين کابو پير ڪڍي ڪري جتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کابو پير ٻاهر ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو پائي ونو. (نزهة القاري ج 5 ص 530) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي (وضع واري) عورت تي لعنت فرمائي آهي. (ابوداؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) دُرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون

www.dawateislami.net

جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي بين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي. (بهار شريعت حصو 16 ص 65) ﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو ﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسڻ ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. "دولت بي زوال" ۾ لکيل آهي تہ سجي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصو 5 ص 596) استعمال واري جُتي اُبتي پيل هجي تہ ان کي سڌي ڪريو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سيکهنے سنّتيں قافلے ميں چلو ہوں گی حل مشکليں قافلے ميں چلو
لوٹنے رحمتيں قافلے ميں چلو پاؤگے برکتيں قافلے ميں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## باربي ماڙ تان ڪري پيو!

ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ انوکي مدني بهار اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو: باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ محرم الحرام سنہ 1425ھ ۾ منهنجي ڀاڻيجي جو ڀيءُ عاشقان رسول سان گڏ 12

ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر تي هئا. انهيءَ دؤران ان جو 2 سالن جو مدني مُنّو گهر جي ٻي منزل تان هيٺ ڪريو. محلي وارا گهٻرائجي ڊوڙي آيا جو ايتري بلندي تان ڪرڻ وارو ٻار ڪٿي زنده بچندو، پر ماڻهن جي حيرت جي انتها نہ رهي جڏهن اهو مدني مُنّو روئندو صحيح سلامت اُٿي بيٺو آهي! جڏهن مدني مُنّي جو والد قافلي کان موٽي آيو ۽ پنهنجي مدني مُنّي کي بالڪل نيڪ ٺاڪ ڏٺائين تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيائين. ان جو اهو ذهن بڻيو تہ اها سڀ مدني قافلي جي برڪت آهي جو اهڙو زنده ڪرشمو ڏسڻ ۾ آيو. پوءِ انهن انهيءَ وقت اها نيّت ڪئي تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ 12 مهيني ۾ 12 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪندس.

ربّ حفاظت کرے اور کفایت کرے توکُّل کریں قافِلے میں چلو
حادِثہ ہو کوئی عارِضہ ہو کوئی سب سلامت رہیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! راهِ خدا جي مسافرن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪنهن کي اڪيلو ناهي ڇڏيندي. **الله** ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي قدرت تمام عظيم آهي. ٻي ماڙ تان ڪرندڙ ٻار جو اهڙي طرح سلامت رهڻ يقيناً قدرت جو ڪرشمو آهي. اچو! انهيءَ کان بہ وڌيڪ حيرت انگيز حڪايت ملاحظ فرمايو:

## قبر مان ٻار زنده نڪتو!

هڪ شخص اَميرالْمؤمنين حضرتِ سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جي خدمت بابرڪت ۾ پنهنجي پٽ سان گڏجي آيو.

پٽ جي صورت پنهنجي پيءُ سان ملندڙ جلندڙ هئي. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ انهن کي ڏسي فرمايو: مان انهن پيءُ پٽن ۾ جيتري قدر مشابهت ڏٺي آهي انهيءَ کان پهريان ڪنهن ٻئي ۾ ناهي ڏٺي. والد عرض ڪيو: جناب عالي! انهي ٻار جو واقعو نهايت ئي عجيب و غريب آهي، اهو هن طرح ته مان سفر تي وڃڻ لڳس ته اهو ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ هو، گهرواريءَ چيو: تون ان کي ڪنهن جي حوالي ڪري وڃي رهيو آهين؟ مون چيو: مان انهيءَ کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿو، جڏهن سفر کان موٽي آيس ته گهر کي بند پيل ڏٺم. جڏهن معلوم ڪيو ته خبر پئي گهرواريءَ جو انتقال ٿي چڪو آهي، مان فاتحه پڙهڻ ان جي قبر تي ويس ته هڪ روشن شعلو ان جي قبر تي ڏٺم، مون سوچيو گهرواريءَ ته نيڪ هئي اهو شعلو ڇا جو؟ مان ضرور کوٽي ڏسندس. جڏهن قبر کوٽي، ڪٽي جو ڏسان ته ان ۾ چند ڇهڙو مدني مُنّو موجود آهي جيڪو مئل ماءُ جي ويجهو کيڏي رهيو آهي! غيب مان آواز آيو: هي اهو ٻار آهي جنهن کي تو سفر تي وڃڻ وقت اسان جي حوالي ڪيو هو، وٺ پنهنجي امانت سنڀال، جيڪڏهن گهرواريءَ به اسان جي حوالي ڪري وڃين ها ته اها به توکي ملي وڃي ها. (فتوحات الربّانية)

## ساراهڻ ۾ سعادت

حضرت سيدنا امام عبدالله بن عمر بيضاوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوی (متوفي 685ھ) ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندو آهي دنيا ۾ ان جي ساراهه ٿيندي آهي ۽ آخرت ۾ سعادتمندي نصيب ٿيندي.

(تفسير بيضاوي پ 22 الاحزاب تحت الآية 71 ج 4 ص 388)

www.dawateislami.net

بيان 6

# سياه فام غلام (12 معجزا)

## تخريج شده

- آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بشريت جو انڪار ڪرڻ ڪٿين؟
- مون گمراهي ڪيئن ڇڏي
- والدين ڪريمين جنّتي آهن
- فوت ٿي ويل مدني مُنّا زنده ٿي ويا!
- گستاخ ڪي زمين قبول نه ڪيو
- هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل
- الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکڻ جا 8 فضائل

پنو اٿلايو...

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سياه فام غلام[1] (12 معجزا)

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي دل خوش ٿي ويندي.

## دُرود شريف جي فضيلت

امامُ الصّابرين، سيدُ الشّاڪرين، سلطانُ المُتَوڪِّلين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان دل نشين آهي: جبرئيل (عَلَيْهِ السَّلَام) مون کي ٻڌايو تہ ربّ تعاليٰ فرمائي ٿو: اي محمد! (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ڇا توهان انهي ڳالهہ تي راضي نہ آهيو جو توهان جو اُمّتي توهان تي هڪ ڀيرو درود موڪلي، مان ان تي ڏهہ رحمتون نازل ڪيان ۽ اوهان جي امت مان ڪو هڪ سلام موڪلي مان ان تي ڏهہ سلام موڪليان.

(مشڪوٰة المصابيح ج 1 ص 189 حديث 928)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مُفَسّر شَهير حڪيمُ الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان جن فرمائن ٿا: ربّ جي سلام موڪلڻ مان مراد يا تہ ملائڪن جي ذريعي سلام موڪلڻ آهي يا آفتن ۽ مصيبتن کان سلامت رکڻ آهي.

(مرأة المناجيح ج 2 ص 102)

---

[1] هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي 12 ربيع النور (1430هـ) جي اجتماع ميلاد ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي. (مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام
شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿1﴾ سياہ فام غلام

صحراءِ عرب ۾ هڪ قافلو پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيو هو، رستي ۾ پاڻي ختم ٿي ويو، قافلي وارا اُڃ جي شدت سبب بيتاب ٿي ويا ۽ انهن کي سامهون موت نظر اچڻ لڳو ئي هو جو ڪرم ٿي ويو.

ناگہانی آں مُغیثِ ہر دو کون
مصطفٰی پیدا شُدہ از بہرِ عَون

يعني اوچتو ٻنهي جهانن جا فرياد رس، مَنا مَنا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جي مدد جي لاءِ تشريف ڪٺي آيا، قافلي وارن ۾ ساھ پيو. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عن العُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اها سامهون جيڪا ٽڪري آهي ان جي پٺيان هڪ اُٺ سوار سياہ فام حبشي غلام وڃي رهيو آهي، ان وٽ هڪ مشڪيزو آهي، ان کي اُٺ سميت مون وٽ وٺي اچو، پوءِ ڪجھ ماڻھو ٽڪري جي ان پاسي پهتا تہ ڏٺائون واقعي هڪ اُٺ سوار غلام وڃي رهيو آهي، ماڻھو ان کي تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ وٺي آيا. شهنشاھِ خير الانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان سياہ فام غلام کان مشڪيزو وٺي پنهنجو بابرڪت هٿ ان مشڪيزي تي ڦيريو ۽ پوءِ مشڪيزي جو منهن کولي ڇڏيو ۽ فرمايائون:

www.dawateislami.net

اچو اُجايلؤ! پنهنجي اُج پوري ڪيو، قافلي وارن خوب ڍؤ ڪري پاڻي پيتائون ۽ پنهنجا ٿانوَ بہ ڀري ورتائون. اهو حبشي غلام اهو معجزو ڏسي نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نوراني هٿ چمڻ لڳو. سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي چهري تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريائون:

شُد سَپَید آں زِنگی زادۂ حَبَش      ہَمچو بَدرو روزِ روشن شُد شَبَش

يعني ان حبشي جو ڪارو چهرو اهڙو روشن ٿي ويو جو جيئن چوڏهين جو چنڊ رات کي ڏينهن جيان روشن ڪندو آهي. اهو حبشي ڪلمو شريف پڙهي مسلمان ٿي ويو، اهڙي طرح ان جي دل بہ روشن ٿي وئي. جڏهن مسلمان ٿي پنهنجي مالڪ وٽ پهتو تہ مالڪ ان کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. غلام چيو: مان اوهان جو اهو ئي غلام آهيان، مالڪ چيو: اهو غلام تہ سياه (يعني ڪارو) هو، چيائين: جيءُ پر مان نوراني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻي چڪو آهيان، مون اهڙي نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي اختيار ڪئي آهي جو ان مون کي بدرِ منير (يعني چوڏهين جو روشن چنڊ) بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جي صحبت ۾ رهي سڀ رنگ ختم ٿي ويندا آهن اهي تہ ڪفر ۽ گناهہ جي سياه رنگت کي بہ پري ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪڏهن منهنجي چهري جو سياه رنگ اڏامي ويو تہ ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي! (ملخص از مثنوي شريف ص 262)

جو گدا دیکھو لئے جاتا ہے توڑا نور کا      نور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!      صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان عظمت نشان تان منهنجي جان قربان! اللّٰه اللّٰه جبل جي پويان گذرڻ واري ماڻهو جا سمورا پار پٽا ٻڌايا تہ ان جو رنگ ڪارو آهي اهو اُٺ تي سوار آهي ان وٽ مشڪيزو پڻ آهي، پوءِ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اهڙو ڪرم فرمايو جو مشڪيزي جو پاڻي سموري قافلي کي ڪافي ٿي ويو ۽ مشڪيزو پهريان جيان ڀريل ئي رهيو، وڌيڪ اهو جو سياھ فام غلام جي چهري تي نوراني هٿ ڦيري ڪاري چهري کي نوراني ڪري ڇڏيو، ايستائين جو ان جي دل بہ روشن ٿي وئي ۽ اسلام قبول ڪري ورتو.

نور والا آيا ہے نور لیکر آیا ہے
سارے عالم میں یہ دیکھو کیسا نور چھایا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿2﴾ روشن چهرو

حضرت سَيِّدُنا اَسِيد بِن اَبي اُناس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ ڀيري منهنجي چهري ۽ سيني تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيريو، ان جي برڪت اها ظاهر ٿي جو مان جڏهن بہ ڪنهن اونداهي واري گهر ۾ داخل ٿيندو هئس تہ اهو گهر روشن ٿي ويندو هو.

(الخصائص الکبریٰ ج 2 ص 142، تاريخ دمشق ج 20 ص 21)

چمک تجھ سے پاتے ہیں سب پانے والے
مرا دل بھی چمکا دے چمکانے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾ سراپا نور جي روشني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کِنهن جي چهري ۽ سيني تي نوراني هٿ ڦيرين ته اهو روشني ڏيڻ شروع ڪري ته خود حضور سراپا نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پنهنجي نورانيت جو ڇا ته شان هوندو! ”دارمي شريف“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: ”جڏهن سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا هئا ته ڏٺو ويندو هو ته ڄڻ حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اڳين مبارڪ ڏندن مان نور نڪري رهيو آهي.“ (سنن الدارمي ج 1 ص 44 رقم 58)

هيبتِ عارِض سے تھرّاتا ہے شُعلہ نور کا
کفشِ پا پر گر کے بن جاتا ہے گُپّھا نور کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿4﴾ ديوارون روشن ٿي وِيون

”شفاء شريف“ ۾ آهي: جڏهن رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرڪندا هئا ته در ديوار روشن ٿي ويندا هئا. (الشفا ص 61)

اب مسکراتے آیئے سُوئے گناہ گار
آقا اندھیری قبر میں عطارؔ آگیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ گمشده سُئي

اُمُّ الۡمؤمنين حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: سحري جي وقت مان ڪپڙا سبي رهي هئس ته اوچتو هٿ

مان سُئي ڪري پئي ۽ ڏيئو پڻ وسامي ويو، ايتري ۾ مديني جا تاجدار، منبع انوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ داخل ٿيا ۽ سڄو گهر مديني جي تاجوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهءِ انور جي نور سان روشن ٿي ويو ۽ گمشده سئي ملي وئي. (القول البديع ص 306)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے
شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! حضور پُر نور، سراپا نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان نُور علٰي نور جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي! مُفَسِّر شَهير، حڪيمُ الامت، حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بشر بہ آهن نور بہ يعني نوري بشر آهن، ظاهري جسم شريف تہ بشر آهي ۽ حقيقت نور آهي.
(رسالہ نور مع رسائل نعيميہ 39، 40)

## آقا ﷺ جي بشريت جو انڪار ڪرڻ ڪئين؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اسان جي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حقيقت نور آهي پر هي ياد رکو! بشريت جي انڪار جي اجازت ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بشريت جو مطلقًا انڪار ڪرڻ ڪفر آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 14 ص 358) پر اوهان جي بشريّت عام انسانن جيان ناهي بلڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيدُالْبشر، افضلُ الْبشر ۽ خيرُالْبشر آهن.

پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو فرمان نور بار آهي:

قَدۡ جَآءَكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ نُوۡرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيۡنٌ ﴿ۙ۱۵﴾ (پ 6 المائدة 15)

ترجمو كنزالايمان: بيشڪ توهان وٽ اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) جي طرفان هڪ نور آيو ۽ روشن ڪتاب.

متي ذڪر ڪيل آيت شريف ۾ نور مان مراد حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. حضرت سَيِّدُنا امام محمد بن جرير طبري (متوفيٰ 310 هجري) ۾ فرمايائون: يَعۡنِيۡ بِالنُّوۡرِ مُحَمَّدًا يعني نور مان مراد محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. (تفسير طبري ج 4 ص 502)

جليلُ القدر حافظ الحديث، امام ابوبڪر عبدالرزاق رَحۡمَةُ اللهِ تعالٰى عَلَيۡهِ پنهنجي ڪتاب ”اَلۡمُصَنَّف“ ۾ حضرت سَيِّدُنا جابر بن عبدالله انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت ڪئي ته اهي فرمائن ٿا ته مون عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان! مون کي ٻڌايو ته سڀ کان پهريان اللهعَزَّوَجَلَّ ڪهڙي شيء ٺاهي؟ فرمايائون: اي جابر! بيشڪ بِالۡيقين الله تعاليٰ سموري مخلوق کان پهريان تنهنجي نبيءَ جو نور پنهنجي نور مان پيدا ڪيو. (فتاويٰ رضويه ج 30 ص 658، الجزء المفقود من الجزءِ الاول من المصنف لعبدالرزاق ص 63 رقم 18) مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! منهنجو مشورو آهي ”نور“ جي مسئلي تي تفصيلي معلومات جي لاءِ مُفَسِّر شَهير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان جو ”رسالهءِ نور“ جو مطالعو فرمايو.

مرحبا آیا ہے کیا موسم سُہانا نور کا
بُلبلیں گاتی ہیں گلشن میں ترانہ نور کا

نور کی بارش چھما چھم ہوتی آتی ہے اَسیرؔ
تو رضاؔ کے ساتھ بڑھ کر تم بھی حصّہ نور کا

www.dawateislami.net

## ﴿6﴾ حافظو عطا فرمائي ڇڏيو

سَیِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مون بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)! مان اوهان جا ارشاد ٻڌندو آهيان پر وسري ويندا آهن؟ ارشاد فرمايو: ابو هريره! پنهنجي چادر ڦهلايو، مون ڦهلائي ڇڏي ته مالڪ جنت، قاسم نعمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي دست رحمت سان چادر ۾ ڪجهه وڌو ۽ فرمايائون: اي ابوهريره (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ)! ان کي ڪٽي ونو ۽ سيني سان لڳايو، مون حڪم جي پيروي ڪئي. ان ڪان پوءِ (منهنجو حافظو ايتري قدر مضبوط ٿيو جو) مان ڪا شيءِ نه وساري.

(صحيح بخاري ج 1، 2 ص 62، 94 حديث 119، 2350)

مالکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں
دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سنتن ڀريا بيان ٻڌندا رهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي الله عَزَّوَجَلَّ مدني سرڪار، احمد مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي بي شمار اختيارات سان نوازيو آهي. بيشڪ مادي شيون ڏيڻ به پنهنجي جڳهه تي پر اسان جي مٺي مٺي آقا مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته نظر نه اچڻ واري شيءِ حافظو به پنهنجي غلام ۽ اسان جي آقا حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي عنايت فرمايو!

منهنجي مدني اِلتجا آهي ته ان طرح جا ايمان افروز بيان ٻڌڻ جي لاءِ عشق رسول سان ڀرپور دعوت اسلامي جي مهڪندڙ

مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ لاءِ ملندا ۽ عاشقان رسول جي صحبت سان ايمان ڪي تازگي به ملندي رهندي. سنتن ڀرين اجتماعن ۾ شرڪت فرمائيندا رهو، مدني قافلن جا مسافر ٿيو. تي سگهي ته روزانو مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل گهٽ ۾ گهٽ هڪ رسالو پڙهو ۽ سنتن ڀري بيان جي هڪ آڊيو يا وڊيو ڪيسٽ به ٻڌو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جي برڪتن سان مالا مال ٿي ويندؤ.

## مون گمراهي ڪيئن ڇڏي

اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ ڪيسٽ ٻڌڻ بابت هڪ مدني بهار پنهنجي انداز ۾ پيش ڪيان ٿو: تنظيمي ترڪيب مطابق هِند بغدادي جي هڪ شهر ملڪاپور جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مون تقريباً پنج سال ٻاهرين ملڪ گذاريا، بدعقيده ماڻهن جي صحبت ملي جنهن جي نحوست سان منهنجي صاف ستري رحمت ڀري اسلامي عقيدي ۾ خرابي اچڻ لڳي، انهي دوران هِند واپسي ٿي، برن عقيدن تي مشتمل 30 آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽون به ڪٺي آيس. اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ سبز عمامي شريف واري اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن پيار ڀري انداز سان مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ وڏي محبت سان مون کي دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي هڪ V.C.D تحفي طور ڏني[2] گهر اچي مون V.C.D هلائي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جيئن جيئن V.C.D

---

[2] هن V.C.D جو نالو "ديدار امير اهلسنت" آهي، مڪتبة المدينه تان هدية حاصل ڪريو يا انٽرنيٽ تي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي ملاحظه فرمايو. (مجلس مڪتبة المدينه)

هلندي رهي تئين تئين منهنجي دل مان گمراهي جي سياهي ختم ٿيندي وئي. V.C.D ختم ٿي منهنجي دل گواهي ڏني تہ يقينًا اها V.C.D حق وارن جي آهي اهي ڇهرا ڪوڙن جا نتا ٿي سگهن، مون عهد ڪيو هن V.C.D وارن جي عقيدن ڪي سچي عمر نہ ڇڏيندس. مون جوش ۾ اچي گڏ آندل گمراهہ ڪندڙ 30 آڊيو وڊيو ڪيسٽون ضايع ڪري ڇڏيون تہ جيئن انهن کي ٻڌي يا ڏسي ڪو ٻيو مسلمان گمراهہ نہ ٿي وڃي.

سُونا جنگل رات اندھیری چھائی بدلی کالی ہے

سونے والو جاگتے رہیو چوروں کی رکھوالی ہے

الله غفّار عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي علم غيب حاصل آهي ۽ سرڪار عالي وقار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن کي غيب جون خبرون ٻڌائيندا ہہ آهن، انهي سلسلي ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو ۽ جهومو:

## ﴿7﴾ غيبي خبر

حضرت سيّدتُنا اُنَيْسَہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون: مون کي منهنجي والد محترم ٻڌايو: مان بيمار ٿيس تہ سرڪار عالي وقار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: توهان کي ان بيماري ۾ ڪو نقصان نہ ٿيندو پر ان وقت توهان جي ڇا حالت هوندي جڏهن منهنجي وصال کان پوءِ توهان وڏي عمر گذاري نابين ٿي ويندؤ؟ اهو ٻڌي مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان ان وقت ثواب حاصل

ڪرڻ جي لاءِ صبر ڪندس. فرمايائون: جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ ته بنا حساب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ. رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري وصال ڪان پوءِ سندن بينائي ختم ٿي وئي، پوءِ هڪ عرصي ڪان بعد الله عَزَّوَجَلَّ سندن بينائي موٽائي ۽ پوءِ سندن جو انتقال ٿي ويو. (دلائل النبوة للبيهقي ج 6 ص 479)

اے عَرَب کے چاند چمکا دے مری لوحِ جَبیں
ہو ضِیاء کو پھر مدینے میں نظارہ نور کا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عن العُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار جي عطا سان پنهنجي غلامن جي عمرن ڪان به آگاهه آهن ۽ انهن سان جيڪو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، ان کي به ڄاڻن ٿا. قرآن پاڪ جي بيشمار آيتن مان سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم غيب جو ثبوت ملي ٿو، هتي صرف هڪ آيت ڪريمه پيش ڪجي ٿي، جيئن 30 سيپاري سورة التڪوير جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد آهي:

وَمَا هُوَ عَلَى الۡغَيۡبِ بِضَنِيۡنٍ ﴿۲۴﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ هي نبي غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نه آهي.

(پ 30 التڪوير 24)

سرِ عرش پر ہے تری گزر دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

(حدائقِ بخشش)

بيان ڪيل روايت مان اھا ب خبر پئي ت جڏھن ڪا مصيبت اچي يا مسلمان معذور ٿي وڃي ت ان کي صبر ڪري اجر جو حقدار بڻجڻ گھرجي. حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي ت نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا ت **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: جڏھن مان پنھنجي ٻانھي جون اکيون وٺان پوءِ اھو صبر ڪري ت اکين جي بدلي ۾ ان کي جنت ڏيندس.

(صحيح البخاري ج 4 ص 6 حديث 5653)

ہے صبر تو خزانۂ فِردوس بھائیو!

شِکوہ نہ عاشِقوں کی زَبانوں پہ آسکے

## ﴿8﴾ خوفناڪ اُٺ

مڪي شريف ۾ ھڪ واپاري آيو، ان کان ابو جھل مال خريد ڪيو پر رقم ڏيڻ کان ٽٽائڻ لڳو. اھو شخص پريشان ٿي قريشن وٽ اچي چوڻ لڳو: اوھان مان ڪو اھڙو آھي جيڪو مون غريب ۽ مسافر تي رحم ڪري ۽ ابوجھل کان منھنجو حق ڏياري؟ ماڻھن مسجد جي ڪنڊ ۾ ويٺل ھڪ شخص ڏانھن اشارو ڪري چيو: ھي ضرور توھان جي مدد ڪندو. قريشن جو "ان شخص" وٽ موڪلڻ جو مقصد اھو ھو جو جيڪڏھن اھو شخص ابوجھل وٽ ويو ت ابوجھل ان جي توھين ڪندو ۽ اھي ان سان خوش ٿين ھا. مسافر ان شخص جي خدمت ۾ حاضر ٿي سمورو قصو ٻڌايو، اھي شخص بينا ۽ ابو جھل جي دروازي تي تشريف آڻي در کڙڪايائون. ابوجھل اندران پڇيو: ڪير؟ جواب مليو: محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم). ابوجھل گھران ٻاھر نڪتو، ان جي چھري تي خوف ھو، پڇيو:

ڪيئن اچڻ ٿيو؟ بيڪسن جي مددگار محمد عربي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ارشاد فرمايو: ان جو حق ڇو نٿو ڏين؟ عرض ڪيائين: هاڻي ڏيان ٿو. اهو ڇئي اندر ويو ۽ رقم آڻي مسافر جي حوالي ڪئي ۽ اندر هليو ويو. ڏسڻ وارن بعد ۾ پڇيو: ابوجهل تو وڏو عجيب ڪم ڪيو، چيائين: بس ڇا چوان، جڏهن محمد عربي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجو نالو ورتو تہ هڪدم مون تي خوف طاري ٿي ويو، جيئن مان ٻاهر نڪتس تہ منهنجي اکين جي سامهون هڪ پوائتو منظر هو، ڪٽي جو ڏسان تہ هڪ تمام وڏو خوفناڪ اُٺ بيٺو آهي. ايترو خوفناڪ اٺ مون ڪڏهن نہ ڏٺو هو، مون کي ماٺ ڪري ڳالھ مڃڻ ۾ ئي عافيت نظر آئي نہ تہ اهو اُٺ مون کي کائي ڇڏي ها.

(الخصائص الكبريٰ للسيوطي ج 1 ص 212)

والله! وہ سن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے
اِتنا بھی تو ہو کوئی جو "آہ!" کرے دل سے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! منهنجي سردار، منهنجي غمخوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ڪيتري قدر مٿانهون آهي! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي نموني ڏکويلن ۽ غمگين ماڻهن جي مدد ڪندا هئا ۽ مظلومن جا حق ڏياريندا هئا ۽ الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ بہ پنهنجي محبوب تي ڪيتري قدر مهربان آهي جو دشمن جي مقابلي ۾ ڪهڙي طرح پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد فرمائيندو آهي! ابوجهل جيڪو ازلي ڪافر ۽ هميشہ جي لاءِ ايمان کان محروم هو، اکين سان ايترو عظيم الشان معجزو ڏسڻ جي باوجود بي ايمان ئي رهيو! بس! نصيب پنهنجو پنهنجو.

کوئی آیا پا کے چلا گیا کوئی عمر بھر بھی نہ پا سکا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

## ﴿9﴾ شينهن اچي ويا!

الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ ٻيو عظيم الشان معجزو ۽ بدنصيب ابوجهل جي باطن جي سياهي بابت حڪايت ٻڌو: اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيئن ته ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائيندا هئا تنهنڪري قريش جا ڪافر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دشمن ٿي ويا ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قسمين قسمين جون تڪليفون ڏيندا هئا. هڪ ڀيري شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وادي حَجُون ڏانهن تشريف کڻي ويا، موقعو ملندي ئي هڪ ظالم دشمن نضر (نالي ڪافر) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شهيد ڪرڻ جي ارادي سان اڳتي وڌيو جيئن ئي الله جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو پهتو ته هڪدم خوف زده ٿي وڏي تيزي سان شهر ڏانهن ڀڄڻ لڳو. جڏهن ابوجهل اها حالت ڏٺي ته معاملو پڇڻ لڳو، اهو چوڻ لڳو: مان اڄ محمد عربي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي قتل جي ارادي سان پويان لڳس، جڏهن مان ويجهو پهتس ته ڇا ٿو ڏسان جو وات ڪوليندي، ڏند ڪڙڪائيندي ڪجهه شينهن مون ڏانهن اچي رهيا آهن! ان ڪري وني ڀڳس. اهو عظيم الشان معجزو ٻڌي بدنصيب ابوجهل چيو: اهو به مُحمّد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جادو جو ڪارنامو آهي. مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ

(الخصائص الڪبريٰ للسيوطي ج 1 ص 215)

اُف رے منکرِیہ بڑھا جوشِ تَعَصُّب آخر
بِھیڑ میں ہاتھ سے کمبخت کے ایمان گیا (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿10﴾ پنهنجي والدين سڳورن کي زنده ڪيو

هر هڪ کي پنهنجا ماءُ پيءُ پيارا هوندا آهن پوءِ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڇو نہ پيارا هوندا! پنهنجي والدين ڪريمين کي پنهنجي پياري اُمت ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ ربّ قادر عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ڪهڙو عظيم الشان معجزو ڏيکاريو اوهان بہ ٻڌو ۽ جهومو: امام ابو القاسم عبدالرحمٰن سُهَيلي (متوفي 581 هـ) "اَلرَّوضُ الْاُنُف" ۾ نقل ڪن ٿا: اُمُّ الْمومنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهَا روايت ڪن ٿيون سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دعا گهري: "يااللّٰه عَزَّوَجَلَّ! منهنجا ماءُ پيءُ زنده ڪر" اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعا کي قبوليندي ٻنهي کي زنده ڪيو ۽ انهن ٻنهي جهانن جي سلطان رحمت عالميان صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آندو ۽ پوءِ پنهنجي پنهنجي پاڪ مزارن ۾ تشريف فرما ٿي ويا. (الروض الانف ج 1 ص 299)

اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا
دُلہن بن کے نکلی دعائے محمد
اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا
بڑھی ناز سے جب دعائے محمد

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## والدين ڪريمين توحيد تي هئا

اسان جي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اجا پنهنجي والده ماجده حضرت سَيِّدَتُنا آمِنہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن جي پيٽ ۾ هئا جو سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والد سڳورا حضرت سَيِّدُنا عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هن دنيا مان پردو فرمائي ويا ۽ جڏهن مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر شريف 5 يا 6 سال ٿي تہ والده ماجده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن بہ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويون ۽ محبوب رب ذوالجلال، صاحب جود و نوال، سرڪار خوش خصال صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چاليهن سالن جي عمر شريف ۾ نبوت جو اعلان فرمايو. ان مان ڪو اهو نہ سمجهي تہ سلطانِ دَارَيْن، سروَرِ ڪونَين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والدين ڪريمين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا معاذ الله ڪفر جي حالت ۾ فوت ٿيا ۽ عذاب قبر ۾ مبتلا هئا ان ڪري سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ڪلمو پڙهائي، مسلمان ڪيو تہ جيئن عذاب کان نجات حاصل ڪن. هرگز ائين نہ هو بلڪ اهي ٻئي توحيد تي قائم هئا ۽ زندگي ۾ ڪڏهن بہ انهن بت پرستي نہ ڪئي هئي. رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي پنهنجي اُمّت ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ ٻيهر زنده ڪري ڪلمو پڙهايو.

مجھ کو اب کلمہ پڑھا جا مرے مدنی آقا
تیرا مجرِم شہا دنیا سے چلا جاتا ہے

## يُونُس عَلَيْهِ السَّلَام جي مڇي جنت ۾ ويندي

حضرت سَيِّدُنا اسماعيل حقّي رَحْمَةُ اللهِ تعالٰی عَلَيْهِ ”تفسير روحُ الْبيان“ ۾ نقل ڪن ٿا: حضرت سَيِّدُنا يونُس عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ٽي ڏينهن يا ست ڏينهن يا چاليهہ ڏينهن مڇي جي پيٽ ۾ رهيا، تنهنڪري اها مڇي جنت ۾ ويندي. (روح البيان ج 5 ص 226، 518)

www.dawateislami.net

## وَالِدينِ ڪريمين جنّتي آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! جنهن مڇي جي پيٽ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي حضرت سَيِّدُنا يونُس عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪجهه ڏينهن رهيا، اها مڇي جنت ۾ ويجي ۽ حضرت سَيِّدَتُنا آمِنه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جنهن جي بطن ۾ حضرت سَيِّدُنا يونُس عَلَيۡهِ السَّلَام جا آقا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي مهينن تائين تشريف فرما رهيا اهي بيبي آمِنه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا مَعَاذَ الله ڪفر تي دنيا مان وڃن ۽ قبر جي عذاب ۾ مبتلا رهن، اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. يقيناً سلطان ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي والدين ڪريمين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي حيات طيبه جي هر گهڙي توحيد تي گذري ۽ اهي جنّتي آهن. بلڪ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سڀئي اَبا ۽ ڏاڏا حق تي هئا. تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويه جلد 30 صفحي 267 کان 305 تائين جو مطالعو فرمايو.

خدا نے کیا اُن کو بے مثل پیدا | نہیں دو جہاں میں مثالِ محمد
خدا اور نبی کا ہے اُس پہ تو سایہ | جسے ہر گھڑی ہے خیالِ محمد

## ﴿11﴾ مئل ٻڪري زنده ٿي پئي

حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ ڀيري حضور پُرنُور شافع يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ته سندن چهري مبارڪ تي بک جا آثار ڏٺا، گهر اچي، گهرواريءَ کان پڇا ڪيائون: گهر ۾ ڪجهه کائڻ جي لاءِ به آهي؟ عرض ڪيائين: گهر ۾ هن ٻڪري ۽ ٿوري جَوَن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، ٻڪري ذبح ڪئي وئي، جَوَ پيهي مانيون پچائي ٻوڙ ۾ وجهي ثريد تيار ڪيو ويو. سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون اهو ثريد وارو ٿانوَ کڻي

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھ ۾ پيش ڪيو.

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي حڪم ڏنو: ”اي جابرِ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ! وڃي ماڻهن کي سڏي اچو“ جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان حاضر ٿي ويا تہ ارشاد ٿيو: مون وٽ ٿورا ٿورا موڪليندا وڃو، اهڙي طرح صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان حاضر ٿيندا رهيا ۽ کائي موٽندا رهيا، جڏهن سڀني کاڌو کائي ورتو تہ مون ڏٺو ٿانوَ ۾ جيترو کاڌو پهريان هيو اوترو ئي موجود هيو ۽ سرِڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کائڻ وارن کي فرمائي رهيا هئا تہ هڏين کي نہ ڀڃجو. پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني هڏين کي گڏ ڪرڻ جو حڪم فرمايو، جڏهن هڏيون گڏ ڪيون ويون تہ سروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مبارڪ هٿ هڏين تي رکي ڪجهہ پڙهيو، هڏين ۾ چُرپر پيدا ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي ٻڪري ڪن ڇنڊي اٿي بيهي رهي! سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: اي جابر (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ)! پنهنجي ٻڪري کاهي وڃو! مان ٻڪري کاهي جڏهن گهر آيس تہ گهرواريءَ پڇيو تہ اها ٻڪري ڪٿان آندي؟ مون وراڻيو: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هي اُها ئي ٻڪري آهي جيڪا اسان ذبح ڪئي هئي، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا سان **الله** عَزَّوَجَلَّ انهي کي اسان جي لاءِ زندهہ ڪيو آهي. (الخصائص الكبريٰ ج 2 ص 112)

اک دل ہمارا کیا ہے آزار اس کا کتنا
تم نے تو چلتے پھرتے مُردے جِلا دیے ہیں

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿12﴾ فوت ٿي ويل مدني مُنّا زنده ٿي ويا!

مشهور عاشقِ رسول حضرت علّامہ عبدالرحمٰن جامي قُدِّسَ سِرُّہُ السّامی روايت فرمائن ٿا، حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي حقيقي مدني مُنّن جي موجودگي ۾ ٻڪري ذبح ڪئي هئي. جڏهن فارغ ٿي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تشريف ڪٺي ويا تہ اهي ٻئي مدني مُنّا ڇُري ڪٺي ڇت تي چڙهي ويا، وڏي ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کي چيو: اچ! مان بہ توسان ائين ئي ڪريان جيئن اسان جي والد صاحب هن ٻڪريءَ سان ڪيو آهي. اهڙي طرح وڏي نينگر ننڍي کي ٻَڌو ۽ ڳلي تي ڇُري وهائي ڇڏي ۽ مُنڍي الڳ ڪري هٿن ۾ ڪنيائين! جيئن ئي سندن والده (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) هي منظر ڏٺو تہ ان جي پويان ڊوڙيون، اهو ڊڄي وڃي ڀڳو ۽ ڇت تان ڪِري فوت ٿي ويو. ان صابره خاتون رڙيون ۽ ڪنهن قسم جي واويلا نہ ڪئي جو متان عظيم الشّان مهمان، ٻنهي جهانن جا سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پريشان نہ ٿي وڃن. نهايت صبر ۽ تحمل سان ٻنهي ننڍڙن لاشن کي اندر آڻي ڪري انهن تي ڪپڙو وجهي ڇڏيائون ۽ ڪنهن کي خبر نہ ڏنائون، ايتري تائين جو حضرت جابررَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي بہ نہ ٻُڌايائون، سندن دل جيتوڻيڪ صدمي ڪان رت جا ڳوڙها روئي رهي هئي پر چهري تي ڪو غم جو آثار ظاهر ٿيڻ نہ ڏنائون ۽ کاڌو وغيره تيار ڪيائون، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ کاڌو اڳيان رکيو ويو، انهيءَ وقت جبريل امين عَلَيْہِ السَّلَام حاضر ٿي عرض ڪيو: "يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو: جابر کي فرمايو، تہ پنهنجي نينگرن کي وٺي اچي تہ جيئن

اهي اوهان سان گڏ ڪاڏي ڪائڻ جو شرف حاصل ڪن. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي فرمايو: پنهنجي فرزندن کي وٺي اچو! پاڻ هڪدم ٻاهر آيا ۽ گهرواريءَ کان پُڇيائون: فرزند ڪٿي آهن؟ انهن چيو تہ حضور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪريو تہ اهي موجود ناهن. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ جو فرمان آيو آهي تہ انهن کي جلدي گهرايو! غم سان پريل گهرواريءَ روئي ڏنو ۽ چوڻ لڳي: اي جابر! هاڻي مان انهن کي نہ ٿي آڻي سگهان. حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ روئين ڇو ٿي؟ گهرواريءَ اندر وٺي وڃي سڄو واقعو ٻُڌايو ۽ ڪپڙو هٽائي مدني منّا ڏيکاريا، تہ هو بہ روئڻ لڳا، ڇو تہ اهي انهيءَ ڳالهہ کان بي خبر هئا. پوءِ حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻنهي جي ننڍن ننڍن لاشن کي کڻي حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ رکي ڇڏيو. ان وقت گهر مان روئڻ جو آواز اچڻ لڳو. الله تعاليٰ جبرئيل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي موڪليو ۽ فرمايو: "اي جبرئيل! منهنجي محبوب عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: اي پيارا حبيب! توهان دعا گهرو اسان انهن کي زنده ڪنداسين. حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمائي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان ٻئي مدني منّا انهيءَ مهل زنده ٿي ويا. (شواهد النبوة ص 105، مدارج النبوت حصو 1 ص 199) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قلبِ مرِدہ کو مرے اب تو جِلادو آقا
جام اُلفت کا مجھے اپنی پلادو آقا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! پياري پياري آقاء مدينيءَ واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نہ اعليٰ شان آهي، جو ٿورڙو ڪاڌو ڪوڙ سارن ماڻهن ڪائي ورتو پوءِ بہ ان ۾ ڪنهن قسم جي گهٽتائي نہ ٿي ۽ پوءِ ٻڪري جي گوشت جي ٻچيل هڏين تي ڪجھ پڙهيو تہ گوشت (ءِ) کل سميت ساڳي ئي ٻڪري ڪن ڇنڊي اٿي ٻيهي رهي ۽ حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي فوت ٿي ويل ٻن حقيقي مدني مُنّن کي بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان زنده ڪيائون.

مرِدوں کو جِلاتے ہیں روتوں کو ہنساتے ہیں آلام مٹاتے ہیں بگڑی کو بناتے ہیں
سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں
سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گستاخ کي زمين قبول نہ ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي هڪ منڪرِ شان رسالت جي بدبختي جي عبرتناڪ حڪايت ٻڌو ۽ ڏسو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب جي دشمنن کان ڪهڙي طرح انتقام وٺندو آهي. حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ نصراني مسلمان ٿيو ۽ ان سورة البقره ۽ سورة ال عمران پڙهي. اهو نبي رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڪتابت ڪندو هو ان کان پوءِ اهو (مرتد ٿي) ٻيهر نصراني

تي ويو ۽ بڪندو هو: مَا يَدْرِیْ مُحَمَّدٌ اِلَّا مَا كَتَبْتُ لَهٗ۔ يعني محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اهو ئي ڄاڻن ٿا جيڪو مون ان جي لاءِ لکي ڇڏيو آهي. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ الله تعالىٰ ان جو ڪنڌ ٽوڙي ڇڏيو يعني ان جي موت غير فطري طريقي سان ٿيو.

ان جي ساٿين ان جي لاءِ کڏ کوٽي ان کي دفن ڪري ڇڏيو، پر صبح جو زمين ان کي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو. اهي اهو چوڻ لڳا هي محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ ان جي ساٿين ڪيو هوندو چوته اهو انهن کان ڀڄي اسان وٽ آيو هو ان ڪري اسان جي ساٿي جي قبر کوٽي آهي، ٻئي ڀيري انهن ان جي لاءِ وڌيڪ اونهي کڏ کوٽي، پر صبح جو اهو وري زمين کان ٻاهر پيو هو، چوڻ لڳا: هي محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ ان جي ساٿين ڪيو هوندو چوته اهو انهن کان ڀڄي اسان وٽ آيو هو ان ڪري اسان جي ساٿيءَ جي قبر کوٽي آهي، ٽيئن ڀيرا جيتري اونهي کڏ کوٽي سگهيا ٿي ايتري کڏ کوٽي پر صبح جي وقت ان کي زمين جي مٿان ڦٽيل ڏٺو. هاڻي انهن کي خبر پئي ته اهو سلوڪ انسانن جي طرفان نه آهي پوءِ انهن ان کي انهي حالت ۾ ٻاهر ڦٽيل ڇڏي ڏنو.

(صحيح البخاري ج 2 ص 506 حديث 3617، صحيح مسلم ص 1497 حديث 2781)

نہ اُٹھ سکے گا قِیامت تلک خدا کی قسم

کہ جس کو تُو نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علمِ مُصطفيٰ تي اعتراض ۾ هلاڪت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ان بدقسمت ڪائنات جي سڀ

ڪان بهترين صحبت جو قدر نہ ڪيو ۽ بدبختي جي سبب مرتد ٿي پنهنجي رحمت واري مشفق ۽ مهربان آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي علم شريف تي اعتراض ڪيو ۽ نتيجي طور اهو اهڙو تباهہ ۽ برباد ٿيو جو ان کي زمين بہ قبول نہ ڪيو اها بہ خبر پئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عن الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم مبارڪ تي اعتراض ڪرڻ ٻنهي جهانن جي لاءِ هلاڪت جو سبب آهي. مؤمن شان رسالت ۽ علم مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هرگز اعتراض نٿو ڪري سگهي اهو منافقن جو ئي حصو آهي. ڪنهن سچ چيو آهي: اَلنِّفَاقُ يُوْرِثُ الْاِعْتِرَاض يعني منافقت اعتراض پيدا ڪندي آهي.

کریں مصطفٰے کی اِہانتیں کھلے بندوں اِس پہ یہ جُرأتیں
کہ میں کیا نہیں ہوں محمّدی! ارے ہاں نہیں! ارے ہاں نہیں!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكوٰة المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ”هٿ ملائڻ سنت آهي“ جي 14 اکرن جي نسبت سان هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي ﴿2﴾ موڪلائڻ وقت بہ سلام ڪريو ۽ هٿ بہ ملائي سگهو ٿا ﴿3﴾ نبي مُڪَرَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُعظم آهي: ”جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوانوي رحمتون زياده گرم جوشيءَ سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.“ (المعجمُ الاوسط للطبراني ج 5 ص 380 حديث 7672) ﴿4﴾ جڏهن بہ دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان للبيهقي، حديث 8944 ج 6 ص 471) ﴿5﴾ هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: ”يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) ﴿6﴾ ٻہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪا دعا گهرندا اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ قبول ٿيندي. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (ملخصًا مسند امام احمد بن حنبل حديث 12454 ج 4 ص 286) ﴿7﴾ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي. ﴿8﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان مصافحو ڪري ۽ ڪنهن

جي دل ۾ ٻئي جي لاءِ عداوت نہ هجي تہ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان الله تعاليٰ ٻنهي جا پويان گناھ بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاھ سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاھ موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پٺيان گناھ معاف ڪيا ويندا. (كنزالعمال ج 9 ص 57) ﴿9﴾ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا ﴿10﴾ ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي ﴿11﴾ ڪجھ ماڻهو صرف آڱريون ئي پاڻ ۾ ملائيندا آهن، اها بہ سنّت نہ آهي ﴿12﴾ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروھ آهي. هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجي تري چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي اها عادت ڇڏي ڏين. (بهارِ شريعت حصو 16 ص 115 ملخصاً) ﴿13﴾ جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت ٿئي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناھ آهي. (درمختار ج 2 ص 98) ﴿14﴾ مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي ترّيون خالي هجن ۽ تريءَ سان تري ملڻ گهرجي. (بهار شريعت حصو 16 ص 98)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

www.dawateislami.net

## ديدارِ مصطفٰي

تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن جي بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع (ملتان شريف) جي اختتام تي عاشقان رسول جا بي شمار مدني قافلا سنتن جي تربيت جي لاءِ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ سفر تي روانا ٿيندا آهن. انهي حوالي سان بين الاقوامي اجتماع (1426ھ) ۾ آگره تاج ڪالوني (باب المدينہ ڪراچي) جو هڪ مدني قافلو سفر ڪندي ترڪيب جي مطابق هڪ مسجد ۾ ترسيو. رات جو جڏهن سڀ سمهي پيا تہ هڪ نئين اسلامي ڀاء جي قسمت ڪلي پئي ۽ ان کي خواب ۾ مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيو اهو تمام خوش ٿيو، دعوت اسلامي جي حقانيت جي دل ۽ جان سان اعتراف ڪندي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

ڪوئی آیا پا کے چلا گیا  ڪوئی عمر بھر بھی نہ پا سکا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے  یہ بڑے نصیب کی بات ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان عاشقان رسول جي صحبت جي برڪت سان هڪ خوش قسمت اسلامي ڀاءُ کي تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي. دعوت اسلامي جي عاشقان رسول جي صحبت جي ڇا ڳالھ ڪجي! ان طرح جي صحبت جي برڪت جي وڌيڪ هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ جهومو:

## مان غير ملڪي فلمن جو شوقين هئس

هڪ فوجي اسلامي ڀاءُ ڪجھ هن طرح لکي موڪليو تہ مان گهٽين برائين جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، غير ملڪي ڳانڻ جون سوين ڪيسٽون مون وٽ موجود هيون، جن

مان مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪئي گانا ڪفريات تي مشتمل هئا، غير ملڪي فلمون ڏسڻ منهنجو محبوب مشغلو هو، فلمي گانا ۽ مزاحيہ چرچا ٻڌڻ، تاس کيڏڻ وغيره منهنجا معمولات هئا، نهايت غير سنجيده ۽ والدين جو نهايت نافرمان هئس، مطلب تہ اها ڪهڙي برائي هئي جيڪا مون ۾ نہ هئي، انهن ڏينهن ۾ فوج ۾ بہ نوڪري ملي وئي. راولپنڊي کان ڪوئٽہ بدلي ٿي، ٽرين ۾ سڄي رستي مسافرن کي بيزار ڪندي پهتس، اتي پهچندي ئي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي هڪ عمامي واري اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي، جيڪي گلزار طيبہ (سرگوڌا) جا هئا. انهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ مونکي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ وٺي وڃڻ شروع ڪيو، انهن جي حُسن اخلاق ۽ پياري سنتن ڀري ڳالهين کان متاثر ٿي مون پنهنجي اڳوڻن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ هاڻي اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مڪمل طور مدني ماحول سان وابستہ آهيان، 30 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر جي سعادت پڻ ملي آهي اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ اهو بيان ڏيڻ مهل مان هڪ شعبي جي علاقائي مشاورت جي نگراني جي حيثيت سان نمازن ۽ سنتن جون ڌومون مچائي رهيو آهيان.

## نيڪن جي محبت ڪڏهن ثواب جو ڪم آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! عاشقان رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت ۽ چڱن جي محبت هڪ آواره ماڻهوءَ کي ڪٿان کان ڪٿي پهچائي ڇڏيو! اوهان بہ هميشہ چڱن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۽ چڱن سان محبت رکڻ جو ذهن ٺاهيو. مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن خوش نصيبن کي اهي بہ نعمتون حاصل ڪرڻ جو بهترين موقعو ملندو آهي. چڱن جي محبت جي ڪهڙي ڳالهه

ڪجي! پر ان محبت جو مقصد صرف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا هجي، دنياوي يا ڪاروباري مفاد جي ڪري يا ڪنهن جي دلربا ادائن يا مزيدار ڳالهين يا حسن و جمال يا دولت و مال جي ڪري ڪئي ويندڙ محبت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت نہ چئبي، ايستائين جو صرف خوني رشتن جي جوش جي سبب ماءُ پيءُ، اولاد يا رشتيدارن سان محبت ڪرڻ بہ ثواب جو ڪم نہ آهي، جيستائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت نہ هجي. ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبت“ جي باري ۾ وضاحت ڪندي مُفَسّر شَهير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان فرمائن ٿا: ڪنهن ٻانهي سان صرف ان ڪري محبت ڪرڻ جو ان سان ربّ تعاليٰ راضي ٿئي، هن (محبت) ۾ دنياوي غرض (۽) ريا (يعني ڏيکاءُ) نہ هجي هن محبت ۾ ماءُ پيءُ، اولاد (۽) رشتيدار مسلمانن سان محبت سڀ داخل آهن جڏهن تہ رضاء الٰهي (عَزَّوَجَلَّ) جي لاءِ (اهي محبتون) هجن. اولياء ڪرام (رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی)، انبياء (عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) سان محبت سُبحٰنَ اللّٰه! اها تہ حُبّ في اللّٰه (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ محبت) جو اعليٰ درجو آهي، خدا عَزَّوَجَلَّ نصيب ڪري. (مراٰة ج 6 ص 584)

## ”محبّت رسول“ جي اٺ اکرن جي نسبت سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکڻ جا 8 فضائل

﴿1﴾ قيامت جي ڏينهن اللّٰه تعاليٰ فرمائيندو: ڪٿي آهن اهي جيڪي منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا هئا، اڄ مان انهن کي پنهنجي سايي (ڇانوَ) ۾ رکندس، اڄ منهنجي سايي کان سواء ڪو سايو نہ آهي. (مسلم ص 1388 حديث 2566) ﴿2﴾ اللّٰه تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو جيڪي ماڻهو منهنجي ڪري پاڻ ۾ محبت رکن ٿا ۽

منهنجي ڪري هڪ ٻئي وٽ ويهن ٿا ۽ پاڻ ۾ ميل ميلاپ رکن ٿا ۽ مال خرچ ڪن ٿا انهن لاءِ منهنجي محبت واجب ٿي وئي. (الموطا ج 2 ص 439 حديث 1828) ﴿3﴾ الله تعاليٰ فرمايو: جيڪي منهنجي جلال جي ڪري هڪٻئي سان محبت رکندا آهن انهن جي لاءِ نور جا منبر هوندا، انبياء ۽ شهدا انهن تي غِبط (يعني رشڪ) ڪندا. (ترمذي ج 4 ص 174 حديث 2397) ﴿4﴾ ٻن شخصن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪئي ۽ هڪ اوڀر ۾ آهي ٻيو اولهه ۾ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ٻنهي کي ملائيندو ۽ فرمائيندو هي اهو آهي جنهن سان تو محبت ڪئي هئي. (شعب الايمان ج 6 ص 492 حديث 9022) ﴿5﴾ جنّت ۾ ياقوت جا ٿنڀ آهن انهن تي زبرجد جا محل آهن، انهن جا دروازا کليل آهن اهي اهڙا روشن آهن جيئن چمڪدار تارا، ماڻهن عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! انهن ۾ ڪير رهندو؟ فرمايائون: اهي ماڻهو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکن ٿا، هڪ جڳهه تي ويهن ٿا، پاڻ ۾ ملن ٿا. (شعب الايمان ج 6 ص 487 حديث 9002) ﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکڻ وارا عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسين تي (ويٺل) هوندا. (المعجم الكبير ج 4 ص 150 حديث 3973) ﴿7﴾ جيڪو ڪنهن سان الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ دشمني رکي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڏي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ منع ڪري ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ڇڏيو. (ابوداؤد ج 4 ص 290 حديث 4681) ﴿8﴾ ٻه شخص جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاء پاڻ ۾ محبت رکن ٿا، انهن جي وچ ۾ جدائي ان وقت ٿيندي آهي جو انهن مان ڪنهن هڪ گناهه ڪيو. (الادب المفرد ص 121 حديث 406) يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جيڪا محبت هجي ان جي سڃاڻپ اها آهي جو هڪ گناهه ڪيو ته ٻيو ان کان جدا ٿي وڃي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ بهار شريعت حصو 16 صفحو 217 کان 222 تائين پڙهو)

www.dawateislami.net

بيان 7

# وضوءِ سائنس

تخريج شده

- وضوءِ ھاءِ بلڊ پريشر
- حافظو مضبوط ڪرڻ لاءِ
- وات جي ڇالن جو علاج
- ٽوٿ برش جا نقصان
- انڊائيپ ڪان حفاظت
- وضو جو بچيل پاڻي

پنو اٿلايو...

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# وُضوءِ سائنس *

هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي وضو جي باري ۾ حيرت انگيز معلومات حاصل ٿيندي.

## دُرود شريف جي فضيلت

اللّٰه جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ هٿ ملائن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهن ته انهن جي الڳ ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن.“

(مسند ابي يعلٰي ج 3 ص 95 حديث 2951)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وُضُو جون حڪمتون ٻڌي اسلام قبول ڪيو

هڪ شخص جو بيان آهي: مون بيلجيئم ۾ يونيورسٽي جي هڪ غيرمسلم شاگرد کي اسلام جي دعوت ڏني. ان سوال ڪيو ته وضوء ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سائنسي حڪمتون آهن؟ مان

*هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي طلبہ جي ٻہ روزه سنتن ڀريي اجتماع (محرم الحرام 1421 ھ / 06.04.2000) نوابشاهہ ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان لکت ۾ حاضرِ خدمت آهي. (مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

لاجواب ٿي ويس. ان کي هڪ عالم وٽ وٺي ويس پر ان کي بہ ان جي معلومات نہ هئي، ايتري تائين جو سائنسي معلومات رکڻ واري هڪ شخص ان کي وضو جون ڪافي خوبيون ٻڌايون، پر ڪنڌ جي مسح جي حڪمت اهو بہ نہ ٻڌائي سگهيو. اهو غيرمسلم نوجوان هليو ويو. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ آيو ۽ چوڻ لڳو: اسان جي پروفيسر ليڪچر جي دؤران ٻڌايو تہ روزانو ڪنڌ ۽ ان جي چوڌاري پاٽي جا ڪجهہ قطرا هڻڻ سان ڪرنگهي جي هڏي ۽ حرام مغز جي خرابي مان پيدا ٿيڻ وارين بيمارين کان حفاظت حاصل ٿي ويندي آهي. اهو ٻڌي وضو ۾ ڪنڌ جي مسح جي حڪمت منهنجي سمجهہ ۾ اچي وئي، تنهن ڪري مان مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو، پوءِ اهو مسلمان ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مغرِبي جرمني جو سيمينار

مغربي ملڪن ۾ مايوسي (يعني Depression) جو مرض تيزي سان وڌي رهيو آهي، دماغ فيل ٿي رهيا آهن، پاڳل خانن جي تعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. نفسياتي بيمارين جي ماهرن وٽ مريضن جون قطارون لڳل آهن. مغرِبي جرمني جي ڊپلوم هولڊر هڪ پاڪستاني فزيوٿراپسٽ جو چوڻ آهي: مغرِبي جرمني ۾ هڪ سيمينار ٿيو، جنهن جو موضوع هو ”مايوسي (Depression) جو علاج دوائن کان علاوه ٻين ڪهڙن طريقن سان ممڪن آهي؟“ هڪ ڊاڪٽر پنهنجي مقالي ۾ اهو حيرت انگيز انڪشاف ڪيو تہ مون ڊپريشن جي ڪجهہ مريضن کي روزانو پنج ڀيرا

منهن ڌوئاريو، ڪجھ عرصي کان پوءِ انهن جي بيماري گهٽ ٿي وئي. وري اهڙن ئي مريضن جي ٻي گروپ جا روزانو پنج ڀيرا هٿ منهن ۽ پير ڌوئاريا تہ بيماري ڪافي گهٽ ٿي وئي. اهو ئي ڊاڪٽر پنهنجي مقالي جي آخر ۾ اعتراف ڪري ٿو تہ مسلمانن ۾ مايوسي جو مرض تمام گهٽ آهي چو تہ اهي ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا هٿ، منهن ۽ پير ڌوئيندا (يعني وضو ڪندا) آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وُضُوءِ هاءِبلڊ پريشر

دل جي ماهر هڪ ڊاڪٽر جو وڏي يقين سان چوڻ آهي تہ هاءِ بلڊ پريشر جي مريض کي وضو ڪرايو، پوءِ ان جو بلڊ پريشر چيڪ ڪريو، لازمي طور تي گهٽ هوندو. هڪ مسلمان ماهرِ نفسيات جو چوڻ آهي: ”نفسياتي بيمارين جو بهترين علاج وضو آهي.“ مغرِبي ماهرين نفسياتي مريضن کي وضوءَ وانگر روزانو ڪيترائي ڀيرا جسم تي پاڻي هڻڻ جو چوندا آهن.

## وضوءِ فالج

وضو ۾ جيڪي ترتيب وار عضوا ڌوتا ويندا آهن، اهي بہ حڪمت کان خالي ناهن. پهريان هٿن کي پاڻي ۾ وجهڻ سان جسم جو اعصابي نظام بيدار ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي چهري ۽ دماغ جي رڳن جي طرف ان جا اثرات پهچندا آهن. وضوءَ ۾ پهريان هٿ ڌوئڻ پوءِ گرڙي ڪرڻ پوءِ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ پوءِ چهرو ۽ ٻيا عضوا ڌوئڻ جي ترتيب فالج جي روڪٿام لاءِ مفيد آهي، جيڪڏهن چهرو ڌوئڻ ۽ مسح ڪرڻ کان شروعات ڪئي وڃي تہ جسم ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

www.dawateislami.net

## مسواڪ جو قدردان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وضو ۾ گھڻيون ئي سنّتون آهن ۽ هر سنّت حڪمت جو خزانو آهي. مسواڪ کي ئي ڏسو! ننڍي ٻار کي بہ خبر آهي تہ وضو ۾ مسواڪ ڪرڻ سنّت آهي ۽ هن سنّت جي برڪتن جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي؟ هڪ واپاري جو چوڻ آهي: منهنجي سوئيزرليند ۾ هڪ نئين مسلمان سان ملاقات ٿي، مون ان کي تحفي ۾ مسواڪ پيش ڪيو، ان خوش ٿي اهو ورتو ۽ چمي اکين سان لڳايائين ۽ هڪدم ان جي اکين مان لڙڪ وهي پيا، ان پنهنجي کيسي مان هڪ رومال ڪڍيو ۽ ان کي کوليو تہ ان مان تقريباً ٻن انچن جو ننڍڙو مسواڪ جو ٽڪرو نڪتو. چوڻ لڳو: منهنجي اسلام قبول ڪرڻ وقت مسلمانن مون کي هي تحفي ۾ ڏنو هو. مان ان کي وڏي احتياط سان استعمال ڪري رهيو هئس، هي ختم ٿيڻ تي هو، تنهنڪري مون کي ڳڻتي هئي، هاڻي الله عَزَّوَجَلَّ ڪرم فرمايو ۽ اوهان مون کي مسواڪ عنايت ڪيو. پوءِ ان ٻڌايو تہ ڪافي عرصي کان مون کي ڏندن ۽ مهارن جي تڪليف هئي، هتان جي ڊينٽِسٽ (ڏندن جي ڊاڪٽر) کان ان جو علاج نہ پئي ٿي سگھيو، مون هن مسواڪ جو استعمال شروع ڪيو، ٿورن ئي ڏينهن ۾ مون کي فائدو ٿي ويو، مان ڊاڪٽر وٽ ويس تہ هو حيران ٿي ويو ۽ پڇڻ لڳو: ”منهنجي دوا سان تنهنجو مرض ايترو جلدي ختم نہ ٿو ٿي سگھي، سوچيو ڪو ٻيو سبب هوندو.“ مون جڏهن ذهن تي زور ڏنو تہ خيال آيو، مان تہ مسلمان ٿي چڪو آهيان ۽ هي سڀ برڪت مسواڪ جي ئي آهي. جڏهن مون ڊاڪٽر کي مسواڪ ڏيکاريو تہ هو اچرج ۾ پئجي ويو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## حافظو مضبوط ڪرڻ لاءِ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسواڪ جا بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن، ان ۾ بيشمار ڪيميائي اجزا هوندا آهن جيڪي ڏندن کي هر قسم جي بيماري کان بچائيندا آهن. ”حاشيہ طَحطاوي“ ۾ آهي: ”مسواڪ سان حافظو مضبوط ٿيندو آهي، مٿي جو سور ختم ٿيندو آهي ۽ مٿي جي رڳن کي سُڪون ملندو آهي، ان سان بلغم ختم، نظر تيز، معدو درست ۽ کاڌو هضم ٿيندو آهي، عقل وڌندو آهي، ٻارن جي پيدائش ۾ اضافو ٿيندو آهي، ٻوڙهائپ دير سان ايندي آهي ۽ چيلهہ مضبوط ٿيندي آهي.“ (حاشية الطحطاوي علي المراقي الفلاح ص 69)

## مِسواڪ جي باري ۾ ٻہ مبارڪ حديثون

﴿1﴾ جڏهن سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر مبارڪ ۾ داخل ٿيندا هئا تہ سڀ کان پهريان مسواڪ ڪندا هئا.

(مسلم ص 152 حديث 253)

﴿2﴾ جڏهن سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا تہ مسواڪ ڪندا هئا. (ابي داوٗد ج 1 ص 54 حديث 57)

## وات جي ڇالن جو علاج

ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن گرمي ۽ معدي جي تيزابيّت سبب وات ۾ ڇالا پئجي ويندا آهن ۽ ان بيماري سان خاص قسم جا جراثيم وات ۾ ڦهلجي ويندا آهن. ان جي علاج لاءِ وات ۾ تازو مسواڪ ڪريو ۽ ان جي لُعاب (ٿُڪ) کي ڪجهه دير تائين وات ۾ ڦيرائيندا رهو، اهڙي طرح ڪيترائي مريض ٺيڪ ٿي چڪا آهن.

## ٽوٿ برش جا نقصان

ماهرن جي تحقيق جي مطابق 80 سيڪڙو بيماريون معدي ۽ ڏندن جي خرابي مان پيدا ٿينديون آهن. عام طور تي ڏندن جي صفائي جو خيال نہ رکڻ جي سبب مهارن ۾ قسمين قسمين جا جراثيم پيدا ٿي، پوءِ معدي ۾ ويندا ۽ طرح طرح جي بيمارين جو سبب بڻجندا آهن. ياد رهي ”ٽوٿ برش“ مسواڪ جو نِعمُ البدل ناهي بلڪ ماهرن اعتراف ڪيو آهي: ﴿1﴾ جڏهن برش کي هڪ ڀيرو استعمال ڪيو ويندو آهي تہ ان ۾ جراثيم جو تهہ جمي ويندو آهي پاڻي سان ڌوپجڻ جي باوجود بہ اهي جراثيم ناهن ويندا بلڪ اتي ئي وڌندا رهندا آهن ﴿2﴾ برش جي سبب ڏندن جو مٿانهون چمڪدار تهہ لهي ويندو آهي ﴿3﴾ برش جي استعمال سان مهارون آهستي آهستي پنهنجي جڳهہ کان هٽي وينديون آهن، جنهن سان ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ان ۾ غذا جا ذرا ڦاسي، خراب ٿيندا آهن جنهن جي ڪري جراثيم جمي ويندا آهن. ان سان ٻين بيمارين کان علاوه اکين جون قسمين قسمين جون بيماريون پيدا ٿينديون آهن، ان سان نظر ڪمزور ٿيندي آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو انڌو ٿي ويندو آهي.

## ڇا توهان کي مسواڪ ڪرڻ ايندو آهي؟

ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي دل ۾ هي خيال اچي تہ مان تہ ورهين کان مسواڪ استعمال ڪيان ٿو پر منهنجا تہ ڏند ۽ پيٽ ٻئي خراب آهن. منهنجا سادا اسلامي ڀاءُ! ان ۾ مسواڪ جو نہ، توهان جو پنهنجو قصور آهي، مان (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ) هن نتيجي تي

پهتو آهيان تہ اڄ شايد لکن مان کو هڪ بہ اهڙو هجي جيڪو صحيح اصولن جي مطابق مسواڪ ڪندو هجي. اسان جلدي جلدي ڏندن تي مسواڪ هڻي وضو ڪري هليا ويندا آهيون يعني هيئن ڪڇي چئجي تہ اسان مسواڪ نہ بلڪ مسواڪ جي رسم ادا ڪندا آهيون.

## ”مِسواڪ ڪرڻ سنت مبارڪ آهي“ جي ويهہ اکرن جي نسبت سان مِسواڪ جا 20 مدني گُل

❁ **بہ فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بہ رڪعتون مسواڪ (يعني مسواڪ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن. (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ❁ مِسواڪ جو استعمال پنهنجي لاءِ لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) ❁ حضرت سَيِّدُنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مهارن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنّت جي موافق آهي، ملائڪ خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي کي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ❁ حضرت سَيِّدُنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مِسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت ۽ پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ. (حياة الحيوان للدميري ج 2 ص 166) ❁ **حڪايت:** حضرت سَيِّدُنا عبدالوَهّاب شَعراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي نقل ڪن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر شِبلي

بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِی کي وضو جي وقت مِسواڪ جي ضرورت پئي، ڳوليائون پر نہ مليو، تنهن ڪري هڪ دينار (يعني سون جي هڪ اشرفي) ۾ مِسواڪ خريد ڪري استعمال فرمايائون. ڪن ماڻهن چيو: هي تہ اوهان تمام گهڻو خرچ ڪري وڌو! ڇا ايترو مهانگو مسواڪ بہ ورتو ويندو آهي؟ فرمايائون: بيشڪ هي دنيا ۽ ان جون تمام شيون الله عَزَّوَجَلَّ وٽ مڇر جي پَر برابر بہ حيثيت ناهن رکنديون. جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ مون کان هي پڇا ڪري ورتي تہ ڇا جواب ڏيندس تہ تو منهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت (مسواڪ) کي ڇو ترڪ ڪيو؟ جيڪو مال ۽ دولت مون تو کي ڏنو هو، ان جي حقيقت تہ (مون وٽ) مڇر جي پَر برابر بہ نہ هئي، پوءِ اهڙي حقير دولت کي ان عظيم سنّت (مسواڪ) حاصل ڪرڻ لاءِ ڇو خرچ نہ ڪيئي؟ (ملخصًا لواقح الانوار ص 38) ۞ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد پهريون صفحي 288 تي صدرُالشّريعہ، بدرُالطريقہ، حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو ۽ جيڪو آفيم کائي ٿو ان کي مرڻ وقت ڪلمو نصيب ناهي ٿيندو ۞ مسواڪ ڪبڙ يا زيتون يا نِم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي جو هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي ۞ مسواڪ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نہ هجي، ڇو تہ ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا (يعني ريشا) نرم هجن جو سخت ريشا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا

www.dawateislami.net

آهن ۞ مسواڪ تازو هجي ته بهتر، نه ته ان جو هڪ پاسو ٿورو وقت پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪريو ۞ مناسب آهي ته ان جا ريشا روزانو ڪٽيندا رهو جو ريشا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ مسواڪ ڪريو ۞ جڏهن به مسواڪ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ۞ هر ڀيري مسواڪ ڌوئي ڇڏيو ۞ مسواڪ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ۞ پهريان ساڄي پاسي کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کاٻي پاسي کان مٿين ڏندن تي، پوءِ ساڄي پاسي کان هيٺين پوءِ وري کاٻي پاسي کان هيٺين ڏندن تي مسواڪ ڪيو ۞ مُٺ بند ڪري مسواڪ ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ وضو ۾ مسواڪ ڪرڻ سنّت قَبليه آهي البته سنّت مؤڪَّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. (ماخوذ از فتاوىٰ رضويه ج 1 ص 623) ۞ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته نه اڇلايو، ڇوته هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي. ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي، سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو. (تفصيلي معلومات لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارشريعت جلد اوّل صفحه 294 تا 295 جو مطالعو فرمايو)

## هٿ ڌوئڻ جون حڪمتون

وُضُو ۾ سڀ کان پهريان هٿ ڌوتا ويندا آهن، ان جون حڪمتون ملاحظه ڪريو: مختلف شين ۾ هٿ وجهڻ سان هٿن ۾ مختلف ڪيميائي اجزا ۽ جراثيم لڳي ويندا آهن. جيڪڏهن سڄو ڏينهن هٿ نه ڌوتا وڃن ته جلد ئي اهي چمڙي جي هنن بيمارين ۾ مبتلا

www.dawateislami.net

تي سگھن ٿا: ﴿1﴾ هٿن جون آرايون ﴿2﴾ چمڙي جي سوزش (يعني چمڙي جي سوڄ) ﴿3﴾ ايگزيما ﴿4﴾ سينور[6] جون بيماريون ﴿5﴾ چمڙي جو رنگ بدلجڻ وغيره. جڏهن اسان هٿ ڌوئيندا آهيون تہ آڱرين جي سَنڌن مان شعاع (Rays) نڪري هڪ اهڙو حلقو ٺاهيندا آهن جنهن سان اسان جو اندروني برقي نظام مُتحَرڪ ٿي ويندو آهي ۽ هڪ حد تائين برقي لهر اسان جي هٿن ۾ سمٽجي ايندي آهي، جنهن سان اسان جي هٿن ۾ خوبصورتي پيدا ٿيندي آهي.

## گُرڙي ڪرڻ جون حڪمتون

پهريان هٿ ڌوتا ويندا آهن جنهن سان اهي جراثيمن کان پاڪ ٿي ويندا آهن نہ تہ اهي گرڙي جي ذريعي وات ۾ ۽ پوءِ پيٽ ۾ وڃي بيشمار بيمارين جو سبب بڻجي سگھن ٿا، هوا جي ذريعي بيشمار موتمار جراثيم ۽ غذا جا اجزا اسان جي وات ۽ ڏندن ۾ لُعاب سان گڏ چنبڙي ويندا آهن، ان لاءِ وضو ۾ مسواڪ ۽ گرڙي جي ذريعي وات جي بهترين صفائي ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن وات کي صاف نہ ڪيو وڃي تہ هنن بيمارين جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي: ﴿1﴾ ايڊز (Aids)، ان جي شروعاتي علامتن ۾ وات جو پچڻ بہ آهي. اجا تائين ڊاڪٽر ايڊز جو علاج ڳولي نہ سگھيا آهن انهي بيماري ۾ جسم جو مدافعتي نظام ناڪاره ٿي ويندو آهي، ان ۾ بيمارين جي مقابلي ڪرڻ جي قوّت ناهي رهندي ۽ مريض ڪمزور ٿي مري ويندو آهي ﴿2﴾ وات جي ڪنارن جو ڦاٽڻ ﴿3﴾ وات ۽ چپن تي ڏڌر يا ڏڍ (Moniliasis) ﴿4﴾ وات ۾ سينور جون

---

[6] اهي جراثيم جيڪي ڪنهن شيءِ تي سينور جيان جمي ويندا آهن.

بيماريون ۽ ڇالا وغيره ۽ جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ گرڙي سان
ڳڙ گُرڙا ڪرڻ بہ سنّت آهي ۽ پابندي سان گرڙا ڪرڻ وارو
ڪاڪڙي وڌڻ (Tonsil) ۽ ڳلي جي بيشمار بيمارين ايتري تائين جو
ڳلي جي ڪينسر کان محفوظ رهندو آهي.

## نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جون حڪمتون

ڦِڦڙن کي اهڙي هوا جي ضرورت هوندي آهي جيڪا جراثيمن،
دونهين ۽ مٽي ڌوڙ کان صاف سٿري هجي ۽ ان ۾ 80 سيڪڙو
رُطوبت يعني نمي هجي، اهڙي هوا فراهم ڪرڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ
اسان کي نڪ جي نعمت سان نوازيو آهي. هوا کي نمي وارو
بڻائڻ لاءِ نڪ روزانو تقريبًا گيلن جو چوٿون حصو نمي پيدا
ڪندو آهي. صفائي ۽ ٻيا سخت ڪم ناسن جا وار سرانجام ڏيندا
آهن. نڪ جي اندر هڪ خوردبين (Microscopic) ٻهارو آهي، ان
ٻهاري ۾ نظر نہ ايندڙ سنهڙا وار هوندا آهن جيڪي هوا جي
ذريعي داخل ٿيڻ وارن جراثيمن کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽
انهن نظر نہ ايندڙ سنهڙن وارن جي ذمي هڪ ٻيو دفاعي نظام بہ
آهي جنهن کي انگريزي ۾ Lysozyme (لَيسوزائِم) چوندا آهن، نڪ
ان جي ذريعي اکين کي Infection (يعني جراثيم) کان محفوظ رکندو
آهي. اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ! وضو ڪرڻ وارو نڪ ۾ پاڻي وجهندو آهي،
جنهن سان جسم جي هن اهم ترين عضوي نڪ جي صفائي ٿي
ويندي آهي ۽ پاڻي جي اندر ڪم ڪرڻ واري برقي لهر سان نڪ
جي اندر نظر نہ ايندڙ سنهڙن وارن کي طاقت ملندي آهي ۽
مسلمان وضو جي برڪت سان نڪ جي ڪيترن ئي پيچيده مرض

ڪان محفوظ ٿي ويندو آهي، دائمي نزلي ۾ نڪ ۾ زخم جي مريضن جي لاءِ نڪ جو غسل (يعني وضو وانگر نڪ ۾ پاڻي چڙهائڻ) بيحد فائديمند آهي.

## منهن ڌوئڻ جون حڪمتون

اڄڪلهه فضا ۾ دونهين وغيره جي گدلاڻ وڌي رهي آهي مختلف ڪيميائي اجزا شيهو وغيره مر مٽي جي شڪل ۾ اکين ۽ چهرن وغيره تي ڄمندو رهندو آهي. جيڪڏهن چهرو نه ڌوتو وڃي ته چهري ۽ اکين جون ڪيتريون ئي بيماريون پيدا ٿي پونديون آهن. هڪ يورپي ڊاڪٽر هڪ مقالو لکيو، جنهن جو نالو هو: اک، پاڻي، صحت (Eye, Water, Health) ان ۾ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته "پنهنجي اکين کي ڏينهن ۾ گهڻا ڀيرا ڌوئيندا رهو نه ته توهان کي خطرناڪ بيماريون لڳي سگهن ٿيون." چهرو ڌوئڻ سان منهن تي موهيڙا ناهن نڪرندا يا گهٽ نڪرندا آهن، حُسن ۽ صحت جا ماهرين هن ڳالهه تي مُتفق آهن ته مختلف ڪريم ۽ لوشن (Cream and Lotion) وغيره چهري تي داغ پيدا ڪندا آهن، چهري کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ چهري کي ڪيئي ڀيرا ڌوئڻ لازمي آهي "آمريڪن ڪائونسل فار بيوٽي" جي "بيچَر" نالي اهم ميمبر زبردست انڪشاف ڪيو آهي، چوي ٿي: "مسلمانن کي ڪنهن به قسم جي ڪيميائي لوشن جي ضرورت ناهي، وضو سان انهن جو چهرو ڌوپجي ڪيترن ئي بيمارين کان محفوظ ٿي ويندو آهي." ماحوليات کاتي جي ماهرن جو چوڻ آهي: چهري جي اِلَرجي کان بچڻ لاءِ ان کي بار بار ڌوئڻ گهرجي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ائين

صرف وضو جي ذريعي ئي ممڪن آهي. اَلْحَمْدُلِله عَزَّوَجَلَّ وضو ۾ چهرو ڌوئڻ سان الرجي کان چهري جي حفاظت ۽ ان جو مَساج ٿيندو آهي، رت جي گردش چهري ڏانهن هلي ويندي آهي، مر مٿي ۾ لهي ويندي آهي ۽ چهري جو حُسن ۾ وڌي ويندو آهي.“

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انڌائپ کان حفاظت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اکين جو هڪ اهڙو مرض آهي، جنهن ۾ اکين جي رَطُوبتِ اصليہ يعني اصلي آلاڻ گهٽ يا ختم ٿي ويندي آهي ۽ مريض آهستي آهستي انڌو ٿي ويندو آهي. طبّ جي اصولن مطابق جيڪڏهن ڀِرن کي ٿوري ٿوري وقفي سان آلو ڪيو وڃي ته هن خوفناڪ مرض کان حفاظت حاصل ٿي سگهي ٿي. اَلْحَمْدُلِله عَزَّوَجَلَّ وضو ڪرڻ وارو منهن ڌوئندو آهي، اهڙي طرح ان جا ڀرون آلا ٿيندا رهندا آهن. عاشقان رسول جي ڏاڙهي به وضو ۾ ڌوپجندي آهي، انهي ۾ ڪيترين ئي حڪمتون آهن، ڊاڪٽر پروفيسر جارج ايل چوي ٿو: منهن ڌوئڻ سان ڏاڙهي ۾ الجهيل جراثيم نڪري ويندا آهن، پاڙ تائين پاڻي پهچڻ سان وارن جون پاڙون مضبوط ٿينديون آهن، ڏاڙهي جي خلال سان جوئن جو خطرو ختم ٿي ويندو آهي، ڏاڙهي ۾ پاڻي جي آلاڻ رهڻ سان ڪنڌ جي رڳن، ٿائيرائيڊ گليند ۽ ڳلي جي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٽونٽيون ڌوئڻ جي حڪمت

نوٽ ۾ ٽي وڏيون رڳون آهن، جن جو تعلّق دل، جگر ۽ دماغ سان آهي ۽ جسم جو هي حصو عام طور تي ڍڪيل رهندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي پاڻي ۽ هوا نہ لڳي تہ ڪيترين ئي دماغي ۽ اعصابي بيمارين پيدا ٿي سگهن ٿيون. وضوءَ ۾ ٽونٽين سميت هٿ ڌوئڻ سان دل، جگر ۽ دماغ کي سگهہ ملندي آهي ۽ ان طرح اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهي انهن جي بيمارين کان محفوظ رهندا. وڌيڪ هي تہ ٽونٽين سميت هٿ ڌوئڻ سان سيني جي اندر گڏ ٿيل روشنين سان سڌو سنئون انسان جو تعلّق قائم ٿي ويندو آهي ۽ روشنين جو هجوم هڪ وهڪري جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي، هن عمل سان هٿن جا سمورا حصا وڌيڪ طاقتور ٿي ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسح جون حڪمتون

مٿي ۽ ڪنڌ جي وچ ۾ ”حَبْلُ الوَرِيْد“ يعني شهہ رڳ هوندي آهي، ان جو تعلّق ڪرنگهي جي هڏي حرام مغز ۽ جسم جي سيني سنڌن سان آهي. جڏهن وضو ڪرڻ وارو ڪنڌ جو مسح ڪندو آهي تہ هٿن جي ذريعي برقي لهر نڪري شهہ رڳ ۾ جمع ٿي ويندي آهي ۽ ڪرنگهي جي هڏي کان ٿيندي جسم جي سموري اعصابي نظام ۾ ڦهلجي ويندي آهي ۽ ان سان اعصابي نظام کي توانائي حاصل ٿيندي آهي.

## چرين جو ڊاڪٽر

هڪ شخص جو بيان آهي مان فرانس ۾ هڪ جڳهہ تي وضو ڪري رهيو هئس تہ هڪ شخص بيٺو وڏي غور سان مون کي

ڏسي رهيو هو، جڏهن مان فارغ ٿيس تہ ان مون کان پڇيو توهان ڪير آهيو؟ ۽ ڪٿان جا رهواسي آهيو؟ مون جواب ڏنو تہ مان پاڪستاني مسلمان آهيان. پڇيائين تہ پاڪستان ۾ گهڻا پاڳل خانا آهن؟ ان عجيب ۽ غريب سوال تي مان حيران ٿيس پر مون جواب ڏنو تہ ٻہ چار هوندا، وري پڇيائين هاڻي تو ڇا پئي ڪيو؟ مون چيو وضو پيو ڪيان. چوڻ لڳو ڇا روزانو ڪندو آهين؟ مون چيو ها بلڪ پنج وقت، هو وڏيڪ حيران ٿيو ۽ چيائين مان (Mental Hospital) ۾ سرجن آهيان ۽ چريائپ جي سببن جي تحقيق منهنجو مشغلو آهي. منهنجي تحقيق هيءُ آهي تہ دماغ مان سموري جسم ۾ سِگنل ويندا آهن ۽ عضوا ڪم ڪندا آهن، اسان جو دماغ هر وقت Fluid (پاڻياٺ) جي اندر Float (يعني ترندو) رهندو آهي، ان لاءِ اسان ڀڄ ڊُڪ ڪندا آهيون ۽ دماغ کي ڪجھ ناهي ٿيندو. جيڪڏهن اها ڪا Rigid (سخت) شيءِ هجي ها تہ هينئر تائين ٽُٽي چڪو هجي ها. دماغ مان ڪي سنهڙيون رڳون Conductor (پهچائيندڙ) بڻجي، اسان جي ڪنڌ جي پٺ مان سڄي جسم ڏانهن وينديون آهن، جيڪڏهن وار گهڻا وڌايا وڃن ۽ ڪنڌ جي پٺ کي خشڪ رکيو وڃي تہ انهن رڳن يعني Conductor ۾ خشڪي پيدا ٿي وڃڻ جو خطرو پيدا ٿي ويندو آهي ۽ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ انسان جو دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ۽ هو چريو ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري مون سوچيو تہ ڪنڌ جي پُٺ کي ڏينهن ۾ ٻہ چار ڀيرا ضرور آلو ڪيو وڃي، هاڻي مون ڏٺو تہ هٿ منهن ڌوئڻ سان گڏوگڏ ڪنڌ جي مٿان بہ اوهان ڪجھ ڪيو آهي. واقعي توهان چريا نہ ٿيندؤ، وڏيڪ هي تہ مسح ڪرڻ سان لُڪ لڳڻ ۽ گردن توڙ بخار کان بہ بچاءُ ٿيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پير ڌوئڻ جون حڪمتون

پير سيني کان وڌيڪ ڌوڙ ۾ ميرا ٿيندا آهن، پهريان پهريان Infection (يعني جراثيم) پيرن جي آڱرين جي وچين حصي کان شروع ٿيندو آهي. وضو ۾ پير ڌوئڻ سان مٽي، ڌوڙ ۽ جراثيم ختم ٿي ويندا آهن ۽ رهيل جراثيم پيرن جي آڱرين جي خلال سان نڪري ويندا آهن. انهيءَ ڪري وضو ۾ سنّت جي مطابق پير ڌوئڻ سان ننڊ ۾ ڪمي، دماغي خشڪي، گهٻراهٽ ۽ مايوسي (Depression) جهڙيون موذي بيماريون ختم ٿي وينديون آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وضو جو بچيل پاڻي

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وضو ڪري، بچيل پاڻي بيهي نوش فرمايو ۽ هڪ حديث ۾ روايت ڪيو ويو: ان جو پاڻي 70 بيمارين لاءِ شفا آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 575) فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا: ”ڪنهن ٿانو يا ڪوُنري مان وضو ڪيو تہ ان جو بچيل پاڻي قبلي رخ ٿي، بيهي پيئڻ مستحب آهي.“ (تبيين الحقائق ج 1 ص 44) وضو جو بچيل پاڻي پيئڻ جي باري ۾ هڪ مسلمان ڊاڪٽر جو چوڻ آهي: ﴿1﴾ ان جو پهريون اثر مثاني تي پوندو آهي، پيشاب جي رڪاوٽ ختم ٿيندي آهي ۽ پيشاب خوب کلي ڪري ايندو آهي ﴿2﴾ ان سان ناجائز شهوت کان بچاءُ ٿي ويندو آهي ﴿3﴾ جگر، معدي ۽ مثاني جي گرمي دور ٿيندي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# انسان چنڊ تي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وضو ۽ سائنس جو موضوع هلي رهيو آهي، اڄڪلھ سائنسي تحقيقات ڏانهن ماڻهن جو لاڙو وڌيڪ آهي بلڪ ڪيئي ماڻهو اهڙا بہ هن معاشري ۾ موجود آهن جيڪي انگريز محققن ۽ سائنسدانن کان ڪافي مرعوب هوندا آهن. اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ ڪيئي حقيقتون اهڙيون آهن، جن جي ڳولا ۾ سائنسدان اڄ تائين سر کپائي رهيا آهن ۽ منهنجا مٺا مٺا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي پهريان ئي بيان فرمائي چڪا آهن: ڏسو! پنهنجي دعويٰ جي مطابق سائنسدان هاڻي چنڊ تي پهچي چڪا آهن پر منهنجا پيارا پيارا آقا مديني وارا مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي الفاظ لکڻ وقت (يعني محرّم الحرام 1434ھ) تقريباً 1434 سال پهريان معراج جي سفر ۾ چنڊ کان بہ وَراءُ الوَرَاء (يعني پري کان پري) تشريف کڻي ويا هئا. منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي عُرس مبارڪ جي موقعي تي دارالعلوم امجديہ عالمگير روڊ باب المدينہ ڪراچي ۾ منعقد ٿيڻ واري هڪ مشاعري ۾ شرڪت جو موقعو مليو، جنهن ۾ حدائق بخشش شريف مان هي ”مصرع طرحَ“ رکي وئي هئي.

سَر وُہی سر جو ترے قدموں پہ قربان گیا

حضرت صدرالشريعہ، بدر الطريقہ، مُصنّف بهار شريعت، خليفہ اعليٰ حضرت مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی جي شهزادي، مُفَسِّر قرآن حضرت علامہ عبدالمصطفيٰ ازهري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی هن مشاعري ۾ پنهنجو جيڪو ڪلام پيش ڪيو

www.dawateislami.net

هو ان جو هڪ شعر ملاحظ فرمايو:

کہتے ہیں سطح پہ چاند کی اِنسان گیا
عرشِ اعظم سے وَراء طیبہ کا سلطان گیا

يعني چيو ٿو وڃي تہ هاڻي انسان چنڊ تي پهچي ويو آهي، سچ پچو تہ چنڊ گھڻو ئي ويجهو آهي. منهنجا مٺا مديني جا عظمت وارا سلطان، شهنشاهہ زمين و آسمان، رحمت عالميان صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج واري رات چنڊ کي پوئتي ڇڏيندي، عرشِ عظيم کان بہ مٿي تشريف کڻي ويا.

عرش کی عَقل دَنگ ہے چرخ میں آسمان ہے
جانِ مُراد اب کدھر ہائے ترا مکان ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نور جو رانديڪو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! چنڊ جنهن تي سائنسدان هاڻي پهچڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن، اهو چنڊ تہ پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تابع فرمان آهي. ”دلائلُ النُّبُوَّة“ ۾ آهي: رحمت عالميان صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا حضرت سَيِّدُنا عباس بِن عَبد المطلب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: مون بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون توهان (جي ننڍپڻ شريف ۾ توهان) ۾ اهڙي ڳالهہ ڏٺي، جيڪا توهان جي نبوّت تي دلالت ڪندي هئي ۽ منهنجي ايمان آڻڻ جي سببن مان اهو بہ هڪ سبب هو، مون ڏٺو تہ ”اوهان صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پينگهي ۾ چنڊ سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ جنهن طرف

پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آڱر سان اشارو فرمائيندا هئا چنڊ انهي طرف ٿي ويندو هو.“ سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”مان ان سان ڳالهيون ڪندو هئس ۽ اهو مون سان ڳالهيون ڪندو هو ۽ مون کي روئڻ کان روڪي وندرائيندو هو ۽ مان ان جي ڪرڻ جو آواز ٻڌندو هئس، جڏهن اهو عرشِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي هيٺان سجدو ڪندو هو.“ (دلائلُ النُّبوَّة للبيهقي ج 2 ص 41)

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:

چاند جُھک جاتا جِدھر اُنگلی اُٹھاتے مَہد میں
کیا ہی چلتا تھا اِشاروں پر کِھلونا نور کا

هڪ محبت واري چيو:

کھیلتے تھے چاند سے بچپن میں آقا اِسلئے
یہ سراپا نور تھے وہ تھا کھلونا نور کا

## شق القمر جو مُعجزو

”بخاري شريف“ ۾ آهي: مڪي جي ڪافرن سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ معجزي ڏيکارڻ جو مطالبو ڪيو ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چنڊ جا ٻه ٽڪر ڪري ڏيکاريا. (صحيح بخاري ج 2 ص 579 حديث 3868)

الله تبارڪ و تعاليٰ 27 سيپاري سُوۡرَةُ الۡقَمَر جي پهرين ۽ ٻين آيت ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

ترجمو ڪنزالايمان: الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

اِقۡتَرَبَتِ السَّاعَۃُ وَ انۡشَقَّ الۡقَمَرُ ﴿۱﴾ وَ اِنۡ یَّرَوۡا اٰیَۃً یُّعۡرِضُوۡا وَ یَقُوۡلُوۡا سِحۡرٌ مُّسۡتَمِرٌّ ﴿۲﴾ (پ 27 القمر 1، 2)

قيامت قريب اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو ۽ جيڪڏهن ڏسن ڪا نشاني ته منهن ڦيرائين ٿا ۽ چون ٿا هي ته جادو آهي هليو ايندڙ.

مُفَسِّر شهير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان آيت جي هن حصي وَ انۡشَقَّ الۡقَمَرُ (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ چنڊ چيرجي پيو) جي تحت فرمائن ٿا: هن آيت ۾ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي هڪ وڏي معجزي شَقُّ الۡقَمَر (يعني چنڊ جا ٻه ٽڪر ٿيڻ) جو بيان آهي. (نورالعرفان ص 843)

اِشارے سے چاند چِیر دیا، چُھپے ہوئے خُور کو پھیر لیا
گئے ہوئے دن کو عصر کیا، یہ تاب وتُواں تمہارے لئے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِیۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وضو جا طِبّي فائدا ٻڌي، توهان خوش ته ٿي ويا هوندا، پر عرض ڪندو هلان ته سموري جو سمورو طِبّ جو فن ظَنِّيات (يعني گمانن) تي مشتمل آهي. سائنسي تحقيقون ٻه حتمي (يعني فائنل) ناهن هونديون، بدلجنديون رهنديون آهن، باقي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا احڪامات اٽل آهن، اهي نه بدلجندا. اسان کي سنّتن تي عمل طِبّي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ نه پر صرف ۽ صرف رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري ان مقصد لاءِ وضو ڪرڻ ته منهنجو بلڊ پريشر نارمل ٿي وڃي يا مان تازو توانو ٿي ويندس يا ڊائيٽنگ جي لاءِ روزو رکڻ ته جيئن بک جا فائدا حاصل ٿين، مديني جو سفر ان لاءِ ڪرڻ

جو آبهوا تبديل ٿي ويندي، گهر ۽ ڪاروباري جهنجهٽن کان بہ ڪجهه ذهن لاءِ سُڪون ملندو يا ديني مطالعو ان لاءِ ڪرڻ تہ منهنجو ٽائيم پاس ٿي ويندو، ان طرح جي نيّتن سان اعمال ڪرڻ وارن کي ثواب نہ ملندو. جيڪڏهن اسان عمل **الله** عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪنداسين تہ ثواب بہ ملندو ۽ گڏوگڏ ان جا فائدا بہ حاصل ٿيندا. تنهنڪري ظاهري ۽ باطني آدابن جو لحاظ رکندي وضو بہ اسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ئي ڪرڻ گهرجي.

## تَصوف جو عظيم مدني نسخو

**حُجَّةُ الاِسلام سَيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: وضو کان فارغ ٿيڻ بعد جڏهن اوهان نماز جي طرف مُتوجهہ ٿيو، ان وقت هي تصوُّر ڪيو تہ جن ظاهري عضون تي ماڻهن جي نظر پوندي آهي، اهي تہ ظاهري طور طَاهِر (يعني پاڪ) ٿي ويا پر دل کي پاڪ ڪرڻ کان بغير بارگاهہ **الٰهي** عَزَّوَجَلَّ ۾ باذائڻ حياء جي خلاف آهي، چو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ دلين کي بہ ڏسندو آهي.

وڌيڪ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ظاهري وضو ڪرڻ واري کي هي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ دل جي طهارت (يعني صفائي) توبہ ڪرڻ، گناهہ ڇڏڻ ۽ عمدا اخلاق اختيار ڪرڻ سان ٿيندي آهي. جيڪو شخص دل کي گناهن جي گندگين کان پاڪ نہ ٿو ڪري، فقط ظاهري طهارت (يعني صفائي) ۽ زيب و زينت ڪري ٿو، ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو بادشاهہ کي دعوت ڏئي ٿو ۽ (ان جي آجيان لاءِ) پنهنجي گهر کي ٻاهران سٺي نموني رنگ ۽ روغن ڪري چمڪائي ٿو پر گهر جي اندرئين حصي جي صفائي تي ڪو ڌيان نہ ٿو ڏئي تہ پوءِ ڇا انهيءَ صورت ۾ جڏهن بادشاهہ ان جي

گهر اچي گندگيون ڏسندو تہ اهو ناراض ٿيندو يا راضي؟ هي هر عقلمند خود سمجهي سگهي ٿو. (احياء العلوم ج 1 ص 185 ملخّصًا)

## سُنت سائنسي تحقيق جي محتاج ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! منهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت سائنسي تحقيق جي محتاج ناهي ۽ اسان جو مقصد سائنس جي پيروي نہ بلڪ سنّت جي پيروي آهي. مون کي چوڻ ڏيو تہ آمريڪي ۽ يورپي ماهرين ڪيترن ئي سالن جي تحقيق کان پوءِ جڏهن ڪنهن نتيجي تائين پهچندا آهن تہ انهن کي سامهون نوراني، حڪمت پري سُنّت مصطفوي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي نظر ايندي آهي. دنيا ۾ جيترو چاهيو گهمو ڦرو، جيترو چاهيو عيش و عشرت ڪيو پر توهان جي دل کي حقيقي سُڪون نہ ملندو، دل جو سڪون صرف ۽ صرف يادِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ملندو، سَرورِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عشق ۾ ئي دل جو چين حاصل ٿيندو. دنيا ۽ آخرت جون راحتون سائنسي اوزارن V.C.R, T.V ۽ INTERNET جي سامهون نہ بلڪ سُنّت جي پيروي ۾ ئي نصيب ٿينديون. جيڪڏهن توهان واقعي بنهي جهانن جون ڀلايون چاهيو ٿا تہ نمازن ۽ سنّتن کي مضبوطي سان پڪڙيو ۽ انهن کي سکڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. هر اسلامي ڀاء نيّت ڪري تہ مان زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ يڪمشت (لاڳيتو) 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ هر مهيني 3 ڏينهن سنّتن جي تربيّت جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندو رهندس. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

تری سنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر
چلے تُو گلے لگانا مدنی مدینے والے

## بيان 8

# كراماتِ فاروق اعظم

تخريج شده

- صداءِ فاروقي ۽ مسلمانن جي ڪاميابي
- درياءِ نيل جي نالي خط
- ناجائز رسم و رواج ۽ مسلمانن جي نازڪ حالت
- فاروق اعظم جو جنتي محل
- مردو زڙيون ڪرڻ لڳو ساٿي يڇي ويا
- فاروق اعظم بابت اهلسنت جو عقيدو
- پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل

پنو اٿلايو...

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪراماتِ فاروق اعظم*

شيطان پلي ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دل ۾ حضرت سيدنا عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي عقيدت ۽ محبت جي جذبي کي وڌندي محسوس ڪندؤ.

## دُرود پاڪ جي فضيلت

وزيرِ رِسالتِ مآب، آسمان صحابِيّت جا روشن ماهتاب، نِظامِ عدل جا روشن آفتاب، اَمِيرُالمؤمِنِين حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: اِنَّ الدُّعَآءَ مَوْقُوْفٌ بَيْنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ لَا يَصْعَدُ مِنْهُ شَيْءٌ حَتّٰى تُصَلِّيَ عَلٰى نَبِيِّكَ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) يعني بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رڪيل رهندي آهي ۽ ان مان ڪا شيء مٿي ناهي ويندي جيستائين توهان پنهنجي نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ نہ پڙهي وٺو. (ترمذي ج 2 ص 28 حديث 486)

حضرت علامہ ڪفايت علي ڪافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الشَّافِي فرمائن ٿا:

دُعا کے ساتھ نہ ہووے اگر دُرود شریف | نہ ہووے حَشر تلک بھی بر آوَر حاجات
قبولیّت ہے دُعا کو دُرود کے باعِث | یہ ہے دُرود کہ ثابِت کرامت و بَرَکات

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

* هي بيان امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع (29 ذوالحجة الحرام 1430ھ 17/12/09) ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي. (مجلس مکتبة المدينہ)

## صداءِ فاروقي ۽ مسلمانن جي ڪاميابي

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 346 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ڪراماتِ صحابه“ صفحي 74 تي شيخ الحديث حضرت علامہ مولانا عبدالمصطفيٰ اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی لکن ٿا جنهن جو خلاصو هي آهي: اَمِيرُالْمؤمِنِين، حامي دينِ مَتين، مُحِبُّ الْمُسلِمِين، غيظُ الْمُنافِقين، امامُ الْعادِلين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت سَيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي هڪ لشڪر جو سپهه سالار بڻائي ”نهاوند“ ڏانهن جهاد لاءِ موڪليو. اسلامي لشڪر جا سپهه سالار حضرت سَيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪافرن سان جنگ ۾ مصروف هئا تہ وزيرِ رسولِ انور، حضرت سَيِّدُنا عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مسجد نبوي شريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي منبر تي خطبو پڙهندي اوچتو ارشاد فرمايو: ”يَا سَارِيَةُ الْجَبَل يعني اي ساريہ! جبل ڏانهن پُٺ ڪريو“ مسجد ۾ وينل ماڻهو حيران ٿي ويا تہ اسلامي لشڪر جا سِپهه سالار حضرت سَيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تہ مديني منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا کان سوين ميل پري ”نهاوند“ جي سرزمين تي جهاد ۾ مشغول آهن، اڄ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان کي ڇو ۽ ڇا جي ڪري پڪاري رهيا آهن؟ انهي معاملي جي تصديق تڏهن ٿي جڏهن اتان کان فاتحِ نهاوند حضرت سَيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو قاصد (يعني نمائندو) آيو ۽ ان خبر ڏني تہ ميدان جنگ ۾ بدبخت ڪافرن سان مقابلي دوران جڏهن اسان کي شڪست جا آثار نظر اچڻ لڳا ايتري ۾ آواز آيو: ” يَا سَارِيَةُ الْجَبَل يعني اي ساريہ! جبل ڏانهن پُٺ ڪريو.“ حضرت سَيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: هي تہ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين، خليفةُ الْمُسلِمِين، حضرت سَيِّدُنا عمر

www.dawateislami.net

فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جو آواز آهي ۽ پوءِ هڪدم پنهنجي لشڪر کي جبل ڏانهن پُٺ ڪري صف بندي جو حڪم ڏنائون ان کان پوءِ اسان ڪافرن تي زبردست ڪاهه ڪئي ته يڪدم جنگ جو پاسو پلٽجي ويو ۽ ٿوري دير ۾ اسلامي لشڪر بدبخت ڪافرن جي فوج کي چيپاٽي ڇڏيو ۽ اسلامي لشڪر جي زبردست حملن کي برداشت نه ڪندي ڪافرن جو لشڪر ميدان جنگ مان ڀڄڻ لڳو ۽ اسلامي لشڪر فتح جو جهنڊو بلند ڪيو. (دلائل النبوة للبيهقي ج 6 ص 370، تاريخ دمشق لابن عساكر ج 44 ص 336، تاريخ الخلفاء ص 99، مشكاة المصابيح ج 4 ص 401 حديث 5954، حجة الله علي العالمين ص 612)

مُراد آئی مُرادیں ملنے کی پیاری گھڑی آئی
ملا حاجت روا ہم کو درِ سلطانِ عالم سا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَمِيرُ الْمُؤمِنِين، فاتحِ اعظم، حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جي عظيمُ الشّان ڪرامت مان علم ۽ حِڪمت جا هينئان مدني گل حاصل ٿيا:

﴿1﴾ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين، مُحِبُّ الْمُسلِمِين، ناصرِ دينِ مُبِين، حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن مديني شريف کان سوين ميل پري ”نهاوند“ جي ميدانِ جنگ ۽ ان جي حالتن ۽ ڪيفيتن کي ڏسي ورتو پوءِ اسلامي لشڪر جي مشڪلاتن جو حل به يڪدم لشڪر جي سپهه سالار کي ٻڌائي ڇڏيو. هن مان خبر پئي ته الله وارن جي ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ جي قوت کي عام ماڻهن جي قوت سان ڀيٽي نه ٿو سگهجي، بلڪ اهو عقيدو رکڻ گهرجي ته الله ربُّ

www.dawateislami.net

العزت عَزَّوَجَلَّ پنھنجي محبوب ٻانھن جي ڪنن ۾ اکين ۾ عام انسانن ڪان وڌيڪ طاقت رکي آھي ۽ انھن جون اکيون، ڪن ۽ ٻين عضون جي طاقت ايتري قدر بي مثل ۽ بي مثال آھي ۽ انھن سان اهڙا ڪارناما سرانجام ڏيندا آهن جن کي ڏسي ڪرامت ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ تو چئي سگھجي ﴿2﴾ وزير شهنشاهِ نُبُوت، رڪنِ قصرِ ملّت، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو آواز سوين ميل پري "نهاوند" پھتو ۽ اتي سيني لشڪر وارن ٻڌو ﴿3﴾ جانشينِ رسولِ مقبول، حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطّاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي برڪت سان ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ انھي جنگ ۾ مسلمانن کي فتح عطافرمائي. (ڪرامات صحابہ ص 74 تا 76، مرقاۃ المفاتيح ج 10 ص 296 تحت الحديث 5954 ملخصاً) الله عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

کس نے ذرّوں کو اُٹھایا اور صحرا کر دیا
کس نے قطروں کو ملایا اور دریا کر دیا
کس کی حکمت نے یتیموں کو کیا دُرِّ یتیم
اور غلاموں کو زمانے بھر کا مولا کر دیا
شوکتِ مغرور کا کس شخص نے توڑا طِلِسم[7]
مُنہدِم[8] کس نے اِلٰہی! قصرِ کسرٰی[9] کر دیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو تعارف

اسلام جي ٻئي خليفي حضرت سَيِّدُنا عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪُنيَت "ابوحفص" ۽ لقب "فاروقِ اعظم" آھي. ھڪ روايت ۾ آھي

7. جادو
8. ٽوڙڻ، ڊاھڻ
9. ايران جي بادشاھ جو محل

www.dawateislami.net

پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ 39 مردن کان پوءِ خاتَمُ المُرسَلين، رحمةٌ لِّلعٰلمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي دعا سان اعلانِ نبوت جي ڇهين سال ايمان آندو. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اسلام قبول ڪرڻ سبب مسلمانن کي بيحد خوشي ٿي ۽ انهن کي وڏو سهارو ملي ويو، ايستائين جو حضور رحمتِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسلمانن سان گڏجي حرم شريف ۾ اعلانيه نماز ادا فرمائي. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ اسلامي جنگين ۾ وڏي بهادري سان ڪافرن سان مُهاڏو اٽڪايو ۽ سروَرِ ڪائنات، شهنشاهه موجودات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تمام اسلامي تحريڪن، صُلح ۽ جنگ جي سمورن منصوبن ۾ وزير ۽ مُشير جي حيثيت سان وفادار ۽ ساٿي رهيا. محسنِ اُمت، خليفه اول، امير المؤمنين حضرت سَيِّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کي پاڻ کان پوءِ خليفو مُنتخب ڪيو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ خلافت سنڀالي رسولِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي جانشيني جي سمورين ذميدارين کي تمام سٺي نموني ادا ڪيو.

فجر جي نماز کانپوءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ تي هڪ بدبخت ابولُؤلُؤ فيروز نالي (مَجُوسي يعني باهه جي پوڄاري) ڪافر خنجر جا وار ڪيا ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ زخمن کي نه سهندي ٽيئن ڏينهن شهادت جو شرف ماڻيو. شهادت وقت سندن عمر مبارڪ 63 سال هئي، سندن جي جنازي نماز حضرت سَيِّدُنا صُهَيب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ پڙهائي. خليفهءِ رسالتِ مآب، حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ روضي مبارڪ جي اندر، پهرين مُحرم الحرام 24 هجري، آچر جي ڏينهن

حضرت سَيِّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي پرسان دفن ٿيا جيڪي رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ پهلو ۾ آرامي آهن. (الرياض النضرة في مناقِب العَشرة ج 1 ص 285، 408، 418، تاريخ الخلفاء ص 108 وغيره)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## قُربِ خاص

حضرت سَيِّدُنا صِدّيقِ اَڪبر ۽ حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کي دنياوي زندگي ۾ ۽ وفات کان پوءِ به سرورِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خاص قُرب عطا ڪيو ويو. عاشقِ مصطفيٰ، فداءِ جمله صحابہ، مُحِبِ اَولياءِ و اَصفياءِ الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

محبوبِ ربِّ عرش ہے اس سبز قُبّہ میں
پہلو میں جلوہ گاہ عتیق و عُمر کی ہے
سَعدَین کا قِران ہے پہلوئے ماہ میں
جھرمٹ کئے ہیں تارے تجلّی قمر کی ہے[10]

ڪنهن ٻئي عاشق چيو آهي:

حیاتی میں تو تھے ہی خدمتِ محبوبِ خالق میں
مزار اب ہے قریبِ مصطفٰے فاروقِ اَعظم کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[10] سَعْدَين ۾ سعيد سيارن جا نالا آهن هتي سعدين مان مراد حضرت سَيِّدُنا صديق اڪبر ۽ فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا آهن ۽ ماه قمر يعني رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ چند تارا 70 هزار ملائڪ آهن جيڪي مزار شريف تي موجود آهن.

## صاحبِ ڪرامت

بارگاھ نُبُوَّت مان فيضياب، آسمانِ رِفعت جا روشن ماھتاب حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ عاشق اڪبر حضرت سَيِّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان پوءِ سيني صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪان افضل آھن. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ صاحبُ الڪرامات ۽ جامعُ الفضائل والڪمالات آھن. ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ بين خصوصيتن سان گڏوگڏ ڪيئي ڪرامتن سان نوازي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کي بين ڪان ممتاز ڪري ڇڏيو.

## ڪرامت حق آھي

نُبُوَّت جي زماني ڪان وٺي اج تائين ھن مسئلي ۾ اھلِ حق جي وچ ۾ اختلاف ناھي ٿيو سيني جو مُتَفِق عقيدو آھي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰہ السَّلام جون ڪرامتون حق آھن ۽ ھر زماني ۾ اللّٰہ وارن ڪان ڪرامتون ظاھر ٿينديون رھيون آھن ۽ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ قيامت تائين ڪڏھن بہ ھي سلسلو ختم نہ ٿيندو بلڪ ھميشہ اولياءِ اللّٰہ رَحِمَهُمُ اللّٰہ ڪان ڪرامتون ظاھر ٿينديون رھنديون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرامت ڇا کي چئبو آھي

ھاڻي اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ جن جون وڌيڪ ڪجھ ڪرامتون بيان ڪيون وينديون پر پھرين ڪرامت جي وصف ٻڌي وٺو. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد پهريون صفحي 58 تي صَدرُالشَّريعة، بَدرُ الطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ڪرامت جي وصف بيان ڪن ٿا: ولي کان جيڪا ڳالهہ عادت جي خلاف ظاهر ٿئي ان کي ”ڪرامت“ چئبو آهي. (بهار شريعت)

## اَفضلُ الاولياءِ

عالمن، اڪابرن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ تمام صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن ”اَفضلُ الاولياءِ“ آهن. قيامت تائين سيئي اولياءَ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جيتوڻيڪ ولايت جي اعلىٰ درجن تي فائز ٿي وڃن تڏهن بہ اهي هرگز ڪنهن صحابي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ولايت جي ڪمال تائين نٿا پهچي سگهن. الله ربُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ رِسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامن کي ولايت جو اهو عظيم مرتبو عطا فرمايو ۽ انهن پاڪ هستين کي اهڙين عظيمُ الشان ڪرامتن سان نوازيو جو ٻين سيني اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي لاءِ انهيءَ ڪمال ۽ عروج جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. هن ۾ شڪ ناهي تہ صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن بابت ڪرامتن جو ايترو ذڪر نٿو ملي جيترو ٻين اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جون ڪرامتون منقول آهن. اها ڳالهہ واضح رهي تہ ڪرامت جي ڪثرت ولايت جي افضليت جو دليل ناهي ڇو تہ ولايت حقيقت ۾ ربّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ قرب جو نالو آهي ۽ قُربِ الٰهي جنهن کي جيترو وڌيڪ حاصل هوندو ان جي ولايت جو درجو اوترو مٿانهون هوندو. صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن

جيئن تہ نگاھِ نُبُوَّت جي انوار ۽ فيضانِ رسالت جي فيض ۽ برڪتن سان مُسْتَفِيض ٿيا، انھيءَ ڪري بارگاھِ ربِّ لَم يَزَل عَزَّوَجَلَّ ۾ جيڪو قُرب ۽ تَقَرُّب انھن پاڪ ھستين کي حاصل آھي اھو بين اولياء اللّٰہ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي حاصل نہ آھي. ان ڪري جيتوڻيڪ صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن کان نھايت گھٽ ڪرامتون نقل ڪيون ويون آھن پر پوءِ بہ انھن جي ولايت جو درجو بين اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام کان افضل و اعليٰ، بلند و بالا آھي.

سرکارِ دو عالَم سے ملاقات کا عالَم
عالَم میں ہے مِعراجِ کَمالات کا عالَم
یہ راضی خدا سے ہیں خدا اِن سے ہے راضی
کیا کہئے صحابہ کی کرامات کا عالَم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## درياءِ نيل جي نالي خط

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 192 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سوانحِ کربلا“ صفحي 56 کان 57 تي صَدرُالاَفاضل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي لکن ٿا جنھن جو خلاصو ھي آھي: جڏھن مِصر فتح ٿيو تہ ھڪ ڏينھن مِصر وارن حضرت سَيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي عرض ڪيو: اي امير! اسان جي درياءِ نيل جي ھڪ رسم آھي جيستائين ان رسم کي ادا نہ ڪيو وڃي درياءُ وھندو ناھي. انھن پڇا ڪئي: ڪھڙي رسم؟ چيائون: اسان ھڪ ڪنواري ڇوڪريءَ کي ان جي والدين کان وٺي سھڻو لباس ۽ قيمتي زيورن سان سينگاري درياءِ نيل ۾ داخل ڪندا آھيون. حضرت سَيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: اسلام ۾ ھرگز

ائين نٿو ٿي سگهي ڇوته اسلام ته پراڻي بُرين رسمن کي ختم ڪندو آهي. پوءِ اها رسم روڪي وئي ته درياء جي وهڪري ۾ گهٽتائي اچڻ لڳي ايستائين جو ماڻهن اتان ڪان لڏ پلاڻ جو ارادو ڪيو. اهو ڏسي حضرت سَيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اَميرُ المُؤمِنِين، خليفهءِ ثاني، حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي خدمت ۾ سڄو احوال لکي موڪليو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جواب ۾ لکيو: توهان نيڪ ڪيو بيشڪ اسلام اهڙين رسمن کي ختم ڪري ٿو. منهنجي هن خط ۾ هڪ چٺي آهي ان کي درياءِ نيل ۾ وجهجو. حضرت سَيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ جڏهن اَميرُ المُؤمِنِين جو خط پهتو ۽ انهن اها چٺي هن خط مان ڪڍي ته ان ۾ لکيل هو: ”(اي درياءِ نيل!) جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ جاري آهين ته جاري نه ٿي ۽ اللّٰه تعاليٰ جاري فرمايو آهي ته مان واحد ۽ قهّار ربّ عَزَّوَجَلَّ کي عرض ڪيان ٿو تو کي جاري فرمائي.“ حضرت سَيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اها چٺي درياءِ نيل ۾ وڌي ته هڪ رات ۾ سورهن گز پاڻي وڌي ويو ۽ اها رسم مصر مان بالڪل ختم ٿي وئي. (العظمة لابي الشيخ الاصبهاني ص 318 حديث 940)

چاہیں تو اِشاروں سے اپنے کایا ہی پلَٹ دیں دُنیا کی
یہ شان ہے خدمت گاروں کی، سردار کا عالَم کیا ہوگا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿيو ته اَميرُ المُؤمِنِين، حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي حڪمراني دريائن جي پاڻي تي به جاري هئي ۽ درياء جو وهڪرو به پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي نافرماني نه ڪندو هو. نگاهِ نُبُوّت مان فيض و برڪت يافته،

www.dawateislami.net

بارگاهِ رسالت مان تعليم و تربيت يافتہ حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي حُسنِ ايمان جون برڪتون هيون، ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ مصر وارن کي ان بُري رسم مان نجات عطا فرمائي.

ہم نے تقصیر کی عادت کر لی      آپ اپنے پہ قیامت کر لی
میں چلا ہی تھا مجھے روک لیا      مِرے اللہ نے رحمت کر لی      (ذوقِ نعت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ناجائز رَسَم ورَواج ۾ مسلمانن جي نازڪ حالت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح مصر وارن ۾ درياءِ نيل کي جاري رکڻ جي لاءِ بُري رسم جاري هئي، اهڙي طرح هن دؤر ۾ بہ ڪجهہ بريون ۽ ناجائز رسمون وڌي رهيون آهن ۽ شَرِيعت مخالف رسمون مسلمانن کي زوال ۽ بربادي ڏانهن ڌڪي، سنّتِ رسول کان پري ڪري رهيون آهن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 170 صفحن تي مُشْتَمِل هڪ زبردست ڪتاب ”اسلامی زندگی“ جي صفحي 12 کان 16 تي مُفسّرِ شهير، حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمةُ الْحَنَّان برين رَسَمن ۽ مسلمانن جي بگڙيل حالتن جون ڪجهہ ڪيفيتون بيان ڪيون آهن جن جو خلاصو هي آهي: ”اڄ ڪهڙي درد رکندڙ دل آهي جيڪا مسلمانن جي اجوڪي ذلت و خواري ۽ ناداري تي ڏکي نہ ٿيندي هوندي ۽ ڪهڙي اک آهي جو انهن جي غربت، مفلسي بيروزگاري تي لُڙڪ نہ وهائيندي هوندي! حڪومت هنن کان وئي، دولت کان اهي مَحروم ٿيا، عِزّت ۽ وقار ختم ٿي چڪو، سڀئي زماني جي مُصِيبَتن جا شڪار مسلمان ٿي رهيا آهن، انهن حالتن

www.dawateislami.net

ڪي ڏسي ڏاڍو افسوس ٿئي ٿو. پر دوستو! فقط روئڻ سان ڪم نہ هلندو بلڪ ضروري آهي تہ ان جي عِلاج تي بہ غور ڪيو وڃي. علاج لاءِ ڪجھ شين تي غور ڪرڻ گهرجي: ﴿1﴾ اصل بيماري ڪهڙي آهي ﴿2﴾ انهي جو سبب ڪهڙو آهي؟ مرض ڇو پيدا ٿيو؟ ﴿3﴾ هن جو علاج ڇا آهي ﴿4﴾ ان علاج ۾ پرهيز ڪهڙي ڪجي؟ جيڪڏهن انهن چئن ڳالهين تي غور ڪجي تہ سمجهي وٺو تہ علاج آسان آهي. ڪيترن ئي قومي اڳواڻن ۽ رهنمائن مسلمانن جي علاج جي ذميداري ڪنئي پر ناڪام ٿيا، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ڪنهن نيڪ ٻانهي مسلمانن کي هن جو صحيح علاج ٻڌايو تہ بعض ناسمجھ مسلمانن ان جو مذاق اڏايو، ان تي ٺٺول ڪئي، طعني بازي ڪئي، غرض تہ صحيح طبيبن جي آواز تي ڪن نہ ڌرائون .

مسلمانن جي بادشاهي وئي، عزّت وئي، دولت وئي، وقار ويو. انهيءَ جو هڪ سبب صِرف اهو آهي جو اسان شريعتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڇڏي ڏني، اسان جي زندگي اسلامي زندگي نہ رهي آهي. انهن سيني براين جو سبب هي آهي تہ اسان کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو خوف ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان شرم ۽ آخرت جو ڊپ نہ رهيو. اعلٰي حضرت مجدِّد دين و ملت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:

دن لہو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی، خوفِ خدا، یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں (حدائقِ بخشش شریف)

مسجدون اسان جون ويران، مسلمانن جي ڪري سينيما ۽ تماشا آباد، هر قسم جا عيب مسلمانن ۾ موجود، ناجائز رسمون

www.dawateislami.net

اسان ۾ جاري آهن، اسان ڪهڙي طرح عزت حاصل ڪري سگهون ٿا! جيئن ڪنهن چيو آهي:

وائے ناکامی! متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دِل سے اِحساسِ زِیاں جاتا رہا

## 3 بيماريون

مسلمانن جي اَصل بيماري تہ رب تعالٰي جي احڪامن ۽ مصطفٰي ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي ڇڏي ڏيڻ آهي، هاڻي هن مَرض جي ڪري وڏيڪ ٻيون بيماريون پيدا ٿي ويون آهن. مسلمانن جون وڏيون ٽي بيماريون آهن: پهرين بيماري اها جو روزانو نوَن نوَن مَذهبن جو نڪرڻ ۽ هر آواز تي مسلمانن جو اکيون بند ڪري پويان هلڻ. ٻي مسلمانن جو پاڻ ۾ رنجشون، نفرتون ۽ مقدمي بازيون. ٽين جاهل ماڻهن جون هٿرادو شرع مُخَالفِ رِسمون، انهن ٽنهي قسمن جي بيمارين مسلمانن کي تباهہ ۽ برباد ڪري، گهر مان بي گهر ڪري ڇڏيو آهي، مَقروض ڪري ڇڏيو آهي، مطلب تہ ذلت جي اونهي کاهي ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي .

## ذڪر ڪيل بيمارين جو علاج

پهرين بيماري جو علاج هي آهي تہ هر بدمذهب جي صحبت کان بچو، ان عالمِ حق ۽ سني مذهب واري شخص وٽ ويهو جنهن جي سني صحبت سان سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عشق ۽ شريعت جي پيروي جو جذبو پيدا ٿئي. ٻي بيماري جو علاج هي آهي تہ فتني ۽ فساد جو وڏو سبب

گهٽو ڪري ھي بہ شيون آھن: ھڪ غُصُو ۽ پنھنجي وڏائي، ٻيو شرعي حُقوق کان غَفلَت. ھر ماڻھو چاھي ٿو تہ مان سڀ کان مٿانھون رھان ۽ سڀ منھنجا حق ادا ڪن پر مان ڪنھن جو حق ادا نہ ڪيان، جيڪڏھن اسان جي طبيعت مان غرور ۽ تڪبُّر نڪري وڃي، عاجزي نِوڙت پيدا ٿي وڃي، اسان مان ھر ماڻھو ٻين ماڻھن جي حقن جو خيال رکي تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڪڏھن پاڻ ۾ جھيڙو ئي نہ ٿئي.

ٽين بيماري اھا آھي تہ مسلمانن ۾ بار چمڻ کان مرڻ تائين مختلف موقعن تي اھڙيون تباھ ڪندڙ رسمون جاري آھن جن مسلمانن کي مالي طور تي ڪمزور ڪري ڇڏيو آھي. شادي مرادي جي رسمن رواجن جي سبب ھزارين مسلمانن جون جائدادون، دوڪان وياج جي قرضن ۾ ختم ٿي ويا ۽ ڪيترائي وڏا خاندان اڄ ڪرائي جي جاين تي گُذر ڪري رھيا آھن ۽ ڌڪا کائي رھيا آھن. پنھنجي قوم جي انھي مصيبت کي ڏسي منھنجي دل پرجي آئي، طبيعت ۾ جوش پيدا ٿيو تہ ڪجھ خدمت ڪيان، مس جا ڪجھ قطرا حقيقت ۾ منھنجي لُڙڪن جا قطرا آھن خدا ڪري جو ھن سان قوم جي اصلاح ٿئي. مون محسوس ڪيو تہ ڪيترائي ماڻھو شادي ۽ ٻين فُضُول رسمن کان بيزار آھن پر برادري جي طعنن ۽ پنھنجي عزت گھٽجڻ جي ڪري ھر حال ۾ جيئڻ تي سگھي قرض وٺي انھن جاھلاڻي رسمن کي پورو ڪندا آھن، ڪو تہ اھڙو مرد مجاھد ھجي جيڪو بنا ڪنھن ڊپ ۽ خوف جي ھر ڪنھن جي طعني کي برداشت ڪري سمورين ناجائز ۽

حرام رسمن کي ختم ڪري ۽ سروَرِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت کي زنده ڪري ڏيکاري ۽ جيڪو شخص سنّت کي زنده ڪري ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو آهي، چاڪاڻ ته شهيد هڪ ڀيري تلوار جو زخم کائي دنيا مان هليو ويندو آهي پر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو هي نيڪ ٻانهو سڄي زندگي ماڻهن جي زبانن جا زخم سهندو رهندو آهي. واضح رهي اهي رائج ٿيل رسمون ٻن طرحن جون آهن: هڪ اهي جيڪي شرعاً ناجائز آهن، ٻيون اهي جيڪي تباهه ڪندڙ آهن ۽ ڪڏهن ته انهن کي پوري ڪرڻ لاءِ مسلمان وياج واري قرض جي نحوست ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، حالانڪ وياج جو ڏي وٺ ڪبيره گناهه آهي ائين اهي رسمون ڪيترين ئي آفتن ۾ ڦاسائي ڇڏينديون آهن، انهن کان پاسو ڪرڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. (اسلامي زندگي ص 12 تا 16 بتصرف)

(غلط ۽ خراب رسمن جا نقصان ڄاڻڻ لاءِ ۽ ان جي علاج جي تفصيلي ڄاڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ڪيل ڪتاب ”اسلامي زندگي“ هديو ڏئي خريد ڪري مطالعو فرمايو)

شاديوں ميں مت گنہ نادان کر | خانہ بربادی کا مت سامان کر
چھوڑ دے سارے غلط رسم و رواج | سنّتوں پر چلنے کا کر عہد آج
خوب کر ذِکرِ خدا و مصطفٰے | دل مدینہ اُن کی یادوں سے بنا

(وسائل بخشش ص670)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبر واري سان گفتگو

مُدّعاءِ رسول، رفيقِ رسول، مُشيرِ رسول، جان نثار رسول، اَميرُ المُؤمِنِين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ

پيري هڪ نيڪ، پرهيزگار نوجوان جي قبر وٽ تشريف وٺي ويا ۽ فرمايائون: اي فلان! الله عَزَّوَجَلَّ واعدو فرمايو آهي:

وَ لِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪو پنهنجي ربّ جي بارگاهہ ۾ بيهڻ کان ڊڄي ان جي واسطي ٻہ جنتون آهن.

(پ 27 الرحمٰن 46)

اي نوجوان! ٻڌاءِ! تنهنجو قبر ۾ ڪهڙو حال آهي؟ ان صالح (يعني باعمل) نوجوان قبر مان پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو نالو ورتو ۽ وڏي آواز سان ٻہ ڀيرا جواب ڏنو: قَدْ اَعْطَانِيْهِمَا رَبِّيْ عَزَّوَجَلَّ فِي الْجَنَّةِ يعني منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کي اهي ٻئي جنتون عطا فرمايون آهن.

(تاريخ دمشق لابن عساکر ج 45 ص 450)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دے بھر عمر اپنا ڈر یاالٰہی
دے عشقِ شہِ بحر و بر یاالٰہی

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ڪيڏو نہ وڏو شان آهي فاروق اعظم حضرت سَيِّدُنا عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو، ربّ تعاليٰ جي عطا سان قبر واري جو احوال بہ معلوم ڪري ورتائون، هن روايت مان اها بہ خبر پئي تہ جيڪو شخص نيڪين ڀري زندگي گذاريندو ۽ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو، بارگاهہ الٰهي ۾ بيهڻ کان ڊڄندو، اهو ربّ تعاليٰ جي

www.dawateislami.net

رحمت سان ٻن جنتن جو حقدار ٿيندو. جواني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ خوفِ خدا رکڻ وارن کي مبارڪ هجي جو قيامت جي ڏينهن جڏهن سج هڪ ميل تي رهي سخت گرمي وسائي رهيو هوندو، عرش جي ڇانوَ کان علاوه ان ايذاء ڏيندڙ گرمي کان بچڻ جو ٻيو ڪو به ذريعو نه هوندو ته الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ اهڙي خوش نصيب مسلمان کي پنهنجي عرش جي ڇانوَ عطا فرمائيندو:

## عرش جي ڇانوَ حاصل ڪرڻ وارا خوش نصيب

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 88 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سایہ عرش کس کس کو ملے گا؟" جي صفحي 20 تي حضرت سَيِّدُنا امام جلالُ الدّين سُيُوطي شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی نقل فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا سلمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ حضرت سَيِّدُنا ابو الدرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن ڏانهن خط لکيو ته هنن صفتن وارا مسلمان عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا: (جن مان ہ هي آهن) ﴿1﴾ اهو شخص جنهن جي واڌ ويجهه ائين ٿي جو ان جي صحبت، جواني ۽ قوت الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي پسند ۽ رضا وارن ڪمن ۾ گذري ﴿2﴾ اهو شخص جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيو ۽ ان جي خوف سبب ان جي اکين مان لُڙڪ وهي پيا. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 8 ص 179 حديث 12)

یا رب! میں ترے خوف سے روتا رہوں ہر دَم
دیوانہ شہنشاہِ مدینہ کا بنا دے

(وسائل بخشش ص 110)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اوچتو ٻہ شينهن ظاهر ٿيا

حضرت سَيِّدُنا فَاروقِ اَعۡظَم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪي هڪ شخص ڳولي رهيو هو، ڪنهن ٻڌايو تہ شهر کان ٻاهر ڪٿي آرامي هوندا. اهو ماڻهو شهر کان ٻاهر نڪري اوهان کي ڳولڻ لڳو ۽ ان حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي هن حالت ۾ ڏٺائين جو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ مٿي جي هيٺان دُرّو رکي زمين تي آرامي آهن. ان مياڻ مان تلوار ڪڍي وار ڪرڻ چاهيو تہ غَيۡبَ مان ٻہ شينهن ظاهر ٿي ان تي حملي ڪرڻ لاءِ وڌيا، اهو منظر ڏسي اهو دانهون ڪرڻ لڳو. ان جي آواز تي حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سجاڳ ٿيا، ان پنهنجو سچو واقعو بيان ڪيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي مسلمان ٿي ويو. (تفسير ڪبير ج 7 ص 433)

# گهر وارن کي تَهَجُّد لاءِ جاڳائيندا هئا

حضرت سَيِّدُنا اِبۡنِ عُمَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا روايت ڪن ٿا تہ سندن والد ماجد حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ رات جو اٿي نماز پڙهندا هئا، ان کان پوءِ جڏهن رات جو آخري وقت ٿيندو هو تہ گهر وارن کي جاڳائي فرمائيندا هئا تہ نماز پڙهو. پوءِ هي آيت مبارڪ تلاوت ڪندا هئا:

وَ اۡمُرۡ اَهۡلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصۡطَبِرۡ عَلَيۡهَا ؕ لَا نَسۡـَٔلُكَ رِزۡقًا ؕ نَحۡنُ نَرۡزُقُكَ ؕ وَالۡعَاقِبَةُ لِلتَّقۡوٰى ﴿۱۳۲﴾ (پ 16 طٰهٰ 132)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز جو حڪم ڏي ۽ پاڻ ان تي ثابت رهہ اسان توکان ڪا روزي نہ ٿا گهرؤن پاڻ اسان توکي روزي ڏينداسين ۽ چڱي پڇاڙي پرهيزگاري واسطي آهي.

(موطا امام مالڪ ج 1 ص 123 حديث 265)

اميرُ المُؤمِنِين، اِمامُ الْعادِلِين، حضرتِ سَيِّدُنا فاروقِ اَعۡظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي نمازين جي خبرچار لهڻ جي هڪ ٻي روايت ملاحظه ڪيو، پڻ ان مطابق عمل جو ذهن ٺاهيو. جيئن اَميرُ المُؤمِنِين، فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ صبح جي نماز ۾ حضرت سَيِّدُنا سُليمان بن ابي حَثۡمَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي نه ڏٺو، بازار تشريف فرما ٿيا، رستي ۾ سَيِّدُنا سُليمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو گهر هو ان جي والده حضرتِ سَيِّدَتُنا شِفا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا وٽ ويا ۽ ان کي فرمايائون ته صبح جي نماز ۾ مون سُلَيمان کي نه ڏٺو. سندن والده چيو: رات جو نماز (يعني نفل) پڙهندا رهيا پوءِ ننڊ اچي وين. سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: منهنجي ويجهو صبح جي نماز جماعت سان پڙهڻ ان کان بهتر آهي جو رات جو قيام ڪيان. (يعني سڄي رات نفل پڙهان)

(موطا امام مالک ج 1 ص 134 حديث 300)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ گهر وڃي خبرچار لڌي. ان روايت مان اهو به معلوم ٿيو ته سڄي رات نفل پڙهڻ يا اجتماعِ ذڪر ۽ نعت يا سنتن ڀريي اجتماع ۾ رات دير تائين شرڪت ڪرڻ جي ڪري صبح جي نماز جو قضا ٿيڻ ته پري! جيڪڏهن فجر جي جماعت به نڪري ويندي هجي ته لازم آهي اهڙن قسمن جي مستحب ڪمن کي ڇڏي رات جو آرام ڪري فجر جي نماز جماعت سان ادا ڪجي.

## فاروق اعظم جن جو محبوب

فرمانِ فاروقِ اَعۡظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ: مون کي اهو شخص محبوب (يعني پيارو) آهي جيڪو مون کي منهنجا عيب ٻڌائي.

(الطبقات الکبریٰ لابن سعد ج 3 ص 222)

www.dawateislami.net

## ماکيءَ جو پيالو

حَضرتِ سَيِّدُنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جي خدمت ۾ ماکيءَ جو پيالو پيش ڪيو ويو، ان ڪي پنھنجي ھٿ تي رکي ٽي پيرا فرمايائون: ”جيڪڏھن مان ان ڪي پي ڇڏيان تہ ان جي حلاوت (يعني لذت ۽ مناس) ختم ٿي ويندي پر حساب باقي رھندو.“ پوءِ اوھان کنھن ٻئي کي ڏئي ڇڏيو. (الزھد لابن المبارک ص 219)

## فاني دنيا جو نقصان برداشت ڪندا ڪريو

اَميرُالْمُؤمِنين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مون ان ڳالھ تي غور ڪيو آھي تہ جڏھن دنيا جو ارادو ڪيان ٿو تہ آخرت جو نقصان ٿيندي نظر اچي ٿو ۽ جڏھن آخرت جو ارادو ڪيان ٿو تہ دنيا جو نقصان محسوس ٿئي ٿو جيئن تہ معاملو ئي اھڙي طرح جو آھي. ان ڪري توھان (آخرت جو نہ بلڪ) فاني دنيا جو نقصان برداشت ڪندا ڪريو. (الزھد للامام احمد ص 152)

## فاروق اعظم جو روئڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيّدُ الخائِفِين، اَميرُ المُؤمِنِين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ قَطّعي جنّتي ھجڻ جي باوجود اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان روئندا ھئا بلڪ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي خوف ۾ روئڻ سبب سندن نوراني چھري تي ٻہ ڪاريون لڪيرون نھي ويون ھيون. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل 695 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”اللّٰہ والوں کی باتیں“ جلد اول صفحي 123 تي حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي پاڪيزہ زندگي جو ھڪ سھڻو ۽ عمل جوڳو

نمونو بيان ٿيل آهي: حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن عيسيٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي: صاحب خوف ۽ خَشِيَّت، نَجَمِ راهِ هدايت، مَنبعِ عِلم و حِڪمت حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي چهري مبارڪ تي گهڻو روئڻ سبب ٻه ڪاريون لڪيرون نهي ويون هيون. (الزهد للامام احمد بن حنبل ص 149)

رونے والی آنکھیں مانگو رونا سب کا کام نہیں
ذِکرِ مَحبّت عام ہے لیکن سوزِ مَحبّت عام نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻ کي عذاب کان ڊيڄارڻ جو نرالو طريقو

حضرت سَيِّدُنا حَسَنْ بَصَرِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطّاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اڪثر ڪري باهه جي طرف هٿ وڌائي پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندا هئا: اي خطّاب جا پٽ! ڇا تو ۾ هن باهه جي برداشت ڪرڻ جي طاقت آهي؟

(مناقب عمر بن الخطاب لابن الجوزي ص 154)

## ٻڪريءَ جو ٻچّو به مري ويو ته...

اَميرالْمُؤمنين، حضرت سَيِّدُنا مولٰي مُشْڪِل ڪُشا، عَليُّ الْمُرْتَضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْڪَرِيْم فرمائن ٿا: مون اميرُالْمُؤمِنين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ڏٺو ته اُٺ تي سوار ٿي تمام تيزي سان وڃي رهيا آهن، مون چيو: يا اميرالمؤمنين! ڪيڏانهن تشريف وٺي وڃي رهيا آهيو؟ جواب ڏنائون: صدقي وارو اُٺ ڀڄي ويو آهي ان جي ڳولا ۾ وڃي رهيو

آهيان، جيڪڏهن فرات درياء جي ڪناري تي ٻڪري جو هڪ ٻچو بہ مري ويو تہ قيامت جي ڏينهن عمر (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) کان ان جي باري پڇا ڳاڇا ٿيندي. (ايضاً ص 153)

## جهنّم کي گهڻو ياد ڪيو

حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائيندا هئا: جهنّم کي ڪَثرت سان ياد ڪيو ڇو جو ان جي گرمي تمام سخت ۽ اونهائي تمام گهڻي آهي ۽ ان جا گُرز يعني هٿوڙا لوهہ جا آهن. (جيڪي مجرمن کي هنيا ويندا) (ترمذي ج 4 ص 260 حديث 2584)

## ماڻهن جي اجازت سان بَيۡتُ المال مان ماکي ڪڍڻ

حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ دفعي بيمار ٿي پيا، طبيبن علاج لاءِ ماکي جي تجويز پيش ڪئي. بيت المال ۾ ماکي موجود هئي پر ملسمانن جي اجازت کان سواءِ ڪڍڻ تي راضي نہ هئا. اهڙي طرح ان حالت ۾ مسجد اچي حاضر ٿي، مسلمانن کي گڏ ڪري اجازت گهريائون، جڏهن ماڻهن اجازت ڏني تہ استعمال فرمايائون. (طبقات ابن سعد ج 3 ص 209)

## لاڳيتو روزا رکندا هئا

حضرت سَيِّدُنا اِبۡنِ عُمَر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٻن سالن کان وٺي وصال تائين لاڳيتو روزا رکندا رهيا. ٻي روايت ۾ آهي: عيدالاضحيٰ، عيدالفطر ۽ سفر کان علاوه حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ لاڳيتو روزا رکندا هئا. (مناقب عمر بن الخطاب لابن الجوزي ص 160)

## ست يا نوَ گره

حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ 7 يا 9 گرهن کان وڌيڪ ماني نہ کائيندا هئا. (احياءُ العلوم ج 3 ص 111)

## اُنن کي تيل هٽي رهيا هئا

حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ پيري صدقي جي اُنن جي جسمن تي قطران (يعني تيل) هٽي رهيا هئا. هڪ شخص عرض ڪيو: سائين! اهو ڪم ڪنهن غلام کان ڪرايو ها! جواب ڏنائون: مون کان وڌيڪ غلام ڪير تي سگهي ٿو، جيڪو شخص مسلمانن جو والي آهي اهو انهن جو غلام آهي.

(ڪنزالعمال ج 5 ص 303 رقم 14303)

## فاروقِ اَعظم جو جنتي محل

محبوبِ ربُّ العِزّت، رسولِ رحمت، مالڪِ جنت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بشارت مطابق حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ عَشَرَہ مُبَشَّرَہ ۾ شامل قطعي جنتي آهن، حضرت سَيِّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ محبوبِ رحمٰن، نبيءِ غيب دان، رسولِ ذيشان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مان جنت ۾ ويس اتي مون هڪ محل ڏٺو مون پڇا ڪئي تہ هي محل ڪنهن جو آهي؟ ملائڪ عرض ڪيو: حضرت عمر (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ) جو. مون چاهيو تہ وڃي اندر ڏسان پر (اي عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ) تنهنجي غيرت ياد آئي. هي ٻڌي حضرت سَيِّدُنا عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪرڻ لڳا: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان قربان ڇا آءُ توهان تي غيرت ڪري سگهان ٿو؟

(صحيح بخاري ج 2 ص 525 حديث 3679)

اعليٰ حضرت امام اهلسنّت، مجدد دين ۽ ملت شاهه امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمةُ الحَنَّان فرمائن ٿا:

لَا وَرَبِّ الْعَرْش جس کو جو ملا اُن سے ملا | بٹتی ہے کونین میں نعمت رسول اللہ کی
خاک ہو کر عشق میں آرام سے سونا ملا | جان کی اِکسیر ہے اُلفت رسول اللہ کی

پهرين شعر جو مطلب: عرشِ اعظم جي پيدا ڪرڻ واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن کي جيڪو ڪجهه مليو آهي سرڪار والاتبار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ در تان مليو آهي ڇوته ٻنهي جهانن ۾ رسول ڪريم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جو ئي صدقو ورهائجي پيو.

ٻئي شعر جي معنيٰ: عشقِ رسول جي باهه ۾ سڙي خاڪ ٿيڻ وارن کي (مرڻ کان پوءِ) سڪون جي ننڊ نصيب ٿيندي آهي ڇوته روح ۽ جان لاءِ محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت نهايت اثرائتي ۽ فائديمند آهي.

## ڏرّو لڳنديئي زَلزَلو ختم ٿي ويو

هڪ ڀيري مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعظِيمًا ۾ زلزلو آيو ۽ زمين زور سان لڏڻ لڳي اهو ڏسي ڪرامت ۽ عدالت جي اعليٰ مثال، صاحب عظمت ۽ جلال، اَمِيرُالمُؤمِنِين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جلال ۾ اچي زمين تي ڏُرو هڻي فرمائڻ لڳا: قِرِّیْ اَلَمْ اَعدِلْ عَلَيْکِ (يعني اي زمين! بيهي رهه ڇا مون تو تي عدل ۽ انصاف ناهي ڪيو؟) پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جو عظيم فرمان ٻڌي زمين بيهي رهي ۽ زلزلو ختم ٿي ويو.

(طبقات الشافعيه الڪبريٰ للسبڪي ج 2 ص 324)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مقبول ٻانهن ڪي ڪيتري طاقت ۽ قوت مليل هوندي آهي ۽ ڪيڏي وڏي شان جا مالڪ هوندا آهن، سچ آهي تہ جيڪو خدا جو ٿي وڃي ٿو خدائي (يعني دنيا) ان جي ٿي ويندي آهي.

## ”عمر فاروق“ جي 8 اکرن جي نسبت سان 8 فضائلِ حضرتِ عمر بزبانِ محبوبِ ربِ اکبر

﴿1﴾ مَا طَلَعَتِ الشَّمْسُ عَلٰى رَجُلٍ خَيْرٍ مِّنْ عُمَرَ يعني حضرت عمر (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ) کان بهتر ڪنهن ماڻهو تي سج ناهي اڀريو. (سنن ترمذي ج 5 ص 384 حديث 3704)

ترجمانِ نبی ہم زبانِ نبی
جانِ شانِ عدالت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش شریف)

﴿2﴾ آسمان جا سيئي فرشتا حضرت عمر (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ) جي عزت ڪن ٿا ۽ زمين جو هر شيطان ان جي خوف کان ڏڪي ٿو. (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 44 ص 85) ﴿3﴾ لَا يُحِبُّ اَبَا بَكْرٍ وَّ عُمَرَ مُنَافِقٌ وَّلَا يُبْغِضُهُمَا مُؤْمِنٌ يعني حضرت عمر ۽ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا سان مؤمن محبت ڪري ٿو ۽ منافق انهن سان بُغض رکي ٿو. (ايضاً ص 225) ﴿4﴾ عُمَرُ سِرَاجُ اَهْلِ الْجَنَّةِ يعني (حضرت عمر) بن خطاب (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ) جنتين جا چراغ آهن. (مجمع الزوائد ج 9 ص 77 حديث 14461) ﴿5﴾ هٰذَا رَجُلٌ لَا يُحِبُّ الْبَاطِلَ يعني هي (حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ) اهي شخص آهن جيڪي باطل کي پسند ناهن ڪندا. (مسند امام احمد ج 5 ص 302 حديث 15585) ﴿6﴾ توهان وٽ هڪ جنتي شخص ايندو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ تشريف فرما ٿيا. (ترمذي ج 5 ص 388 حديث 3714) ﴿7﴾ رِضَا اللّٰهِ رِضَا عُمَرَ وَ رِضَا عُمَرَ رِضَا اللّٰهِ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پسند حضرت عمر (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ) جن جي پسند

آهي ۽ حضرت عمر (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جن جي پسند اللّٰه تعاليٰ جي پسند آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 4 ص 368 حديث 12556) ﴿8﴾ اِنَّ اللّٰہَ جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰی لِسَانِ عُمَرَ وَ قَلْبِہٖ يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زبان ۽ دل تي حق جاري فرمايو. (ترمذي ج 5 ص 383 حديث 3702)

مُفسّرِ شهير حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیہِ رَحْمَۃُ المَنّان هن حديث پاڪ (نمبر 8) تحت فرمائن ٿا: يعني سندن جي دل تي جيڪي خيال اچن ٿا اهي حق هوندا آهن ۽ زبان مان جيڪو ڳالهيندا آهن سو حق ڳالهائيندا آهن. (مرآة ج 8 ص 366)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسان کي حضرت عمر سان پيار آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي وڏو مرتبو عطا فرمايو ۽ تمام گهڻي عزت و شرافت ۽ فضيلت و ڪرامت سان نوازيو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي عظيم شان کي مڃڻ، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي حق تي سمجهي راهِ هدايت جو مينار سمجهڻ ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان محبت ۽ عقيدت رکڻ تمام ضروري آهي، جيئن جليلُ القدر صحابي حضرت سَيّدُنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا ته رحمت عالميان، سروَرِ ذيشان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ توجُّهه نشان آهي: مَنْ اَبْغَضَ عُمَرَ فَقَدْ اَبْغَضَنِیْ وَمَنْ اَحَبَّ عُمَرَ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ يعني جنهن شخص حضرت عمر (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) سان بُغض رکيو ان مون سان بُغض رکيو ۽ جنهن حضرت عمر (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي. (المعجم الاوسط ج 5 ص 102 حديث 6726)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا پيارا، هدايت واري آسمان جا چمڪندڙ تارا، ڏڪويل دلين جا سهارا، غلامان مصطفيٰ جي اکين جا تارا، حضرت ابوحفص عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي شان ۽ ان سان محبت ڪرڻ جو انعام اوهان ملاحظ فرمايو جو پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سان محبت ڪرڻ جڻ ته رسول پاڪ، صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪرڻ آهي ۽ معاذ اللّٰہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سان بغض ۽ دشمني تاجدار رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بغض ۽ دشمني جي مترادف آهي جنهن جو نتيجو دنيا و آخرت جي ذلت ۽ خواري آهي.

وہ عُمَر وہ حبیبِ شہِ بحر و بر     وہ عمر خاصہ ہاشمی تاجور
وہ عمر کھل گئے جس پہ رحمت کے در     وہ عمر جس کے اعداء پہ شیدا سَقَر
اُس خدادوست حضرت پہ لاکھوں سلام

## جنهن سان محبّت، ان سان گڏ حشر

”بخاري شريف“ جي حديث پاڪ ۾ آهي: بارگاهِ رسالت جا خادم حضرت سَيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته ڪنهن صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ رسولِ رحمت، شفيعِ روز قيامت، مخبر احوال دنيا و آخرت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو قيامت ڪڏهن ٿيندي؟ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان ان لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ انهن عرض ڪيو: يارسول اللّٰہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ ته ڪو عمل ناهي سواءِ ان جي ته مان اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪيان ٿو. سروَرِ

www.dawateislami.net

ڪائنات، شاهِ موجودات، محبوب ربُّ الارض والسمٰوٰت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَنْتَ مَعَ مَنْ اَحْبَبْتَ توهان ان سان گڏ هوندؤ جنهن سان محبت ڪيو ٿا. حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته اسان ڪي ڪنهن خبر ايترو خوش نه ڪيو جيترو حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هن فرمانِ محبت نشان خوش ڪيو ته توهان ان سان گڏ هوندؤ جنهن سان محبت ڪيو ٿا. پوءِ حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: آئون حضور نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪيان ٿو ۽ حضرت ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا سان به، انهي ڪري اميدوار آهيان ته انهن جي محبت سبب انهن سان گڏ هوندس جيتوڻيڪ منهنجا عمل انهن جهڙا ناهن. (صحيح بخاري ج 2 ص 527 حديث 3688)

هم کو شاہِ بحر و بر سے پیار ہے    اِنْ شَاءَ اللّٰہ اپنا بیڑا پار ہے
ہم کو بُوبکر و عُمر سے پیار ہے    اِنْ شَاءَ اللّٰہ اپنا بیڑا پار ہے

## عظمتِ صحابه

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 192 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سوانح کربلا" ۾ صفحي 31 تي حديث منقول آهي، حضرت سَيِّدُنا عَبدُالله بن مُغَفَّل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته منهنجي اصحابن جي حق ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو! خدا جو خوف ڪيو!! انهن کي مون کان پوءِ نشانو نه بڻائجو، جنهن انهن کي محبوب رکيو منهنجي محبت جي سبب محبوب (يعني پيارو) رکيو ۽ جنهن انهن کان بُغض رکيو ان مون سان بُغض رکيو،

جنهن انهن کي ايذاءُ ڏنو ان مون کي ايذاءُ ڏنو، جنهن مون کي ايذاء ڏنو ان بيشڪ **الله** تعاليٰ کي ايذاء ڏنو، جنهن **الله** تعاليٰ کي ايذاء ڏنو قريب آهي تہ **الله** تعاليٰ اُن جي پڪڙ ڪري.

(ترمذي ج 5 ص 463 حديث 3888)

ہم کو اصحابِ نبی سے پیار ہے
اِن شاءَ اللّٰہ اپنا بیڑا پار ہے

صَدرُالأفاضل حَضرت علامہ مولانا سيِّد مُحمَّد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا: مُسلمانن کي گهرجي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ادب رکن ۽ دل ۾ هنن جي عقيدت ۽ محبت کي جڳهہ ڏين. انهن جي محبت حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت آهي ۽ جيڪو بدنصيب صحابہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي شان ۾ بي ادبي سان زبان کولي اهو خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دشمن آهي، مُسلمان اهڙي ماڻهو وٽ نہ ويهن. (سوانح ڪربلا ص 31)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:

اِہلسنّت کا ہے بیڑا پار اَصحابِ حُضُور
نَجم ہیں اور ناؤ ہے عِترَت رسولُ اللہ کی

(حدائقِ بخشش)

ان شعر جو مطلب آهي تہ اَهلسنّت جو ٻيڙو پار آهي ڇو جو صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان انهن لاءِ تارن جيان ۽ اهلبيّت اَطهار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٻيڙي جيان آهن.

www.dawateislami.net

# مردو رڙيون ڪرڻ لڳو ساٿي ڀڄي ويا

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عُيُونُ الحِكَايَات“ حصو اول صفحي 246 تي حضرت سَيِّدُنا امام عبدالرَّحمٰن بن علي جَوزي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی لکن ٿا: حضرت سَيِّدُنا خَلَف بن تَمِيم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡعَظِيم فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِّدُنا ابوالحُصَيب بشير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَدِيۡر جو بيان آهي مان واپار ڪندو هئس ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان گهڻو مالدار هئس، مون کي هر قسم جون آسائشون مُيَسَّر هيون ۽ مان اڪثر ايران جي شهرن ۾ رهندو هئس، هڪ ڀيري مون کي منهنجي مزدور ٻڌايو تہ فلان مسافر خاني ۾ هڪ لاش بنا ڪفن جي پيو آهي ڪو دفنائڻ وارو ناهي، اهو ٻڌي مون کي ان مرڻ واري جي بيڪسي تي رحم آيو ۽ ان جي خير خواهي جي نيّت سان ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻ جي لاءِ مسافر خاني پهتس تہ ڏٺم هڪ لاش پيو آهي جنهن جي پيٽ تي ڪجھ ڪچيون سرون رکيل آهن، مون ان تي چادر وڌي، ان لاش جي ويجهو ان جا ساٿي بہ وينل هئا، انهن ٻڌايو هي شخص وڏو عبادت گذار ۽ نيڪو ڪار هو، اسان وٽ ايتري رقم ناهي جو هن جي ڪفن دفن جو انتظام ڪيون، اهو ٻڌي مون اُجرت تي هڪ شخص کي ڪفن وٺڻ ۽ ٻئي کي قبر تيار ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ۽ اسان گڏجي ان جي قبر لاءِ ڪچيون سِرون تيار ڪرڻ ۽ ان کي غسل ڏيڻ لاءِ پاڻي گرم ڪرڻ لڳاسين. اجا اسان هن ڪم ۾ مشغول ئي هئاسين تہ هڪدم اهو مردو اُٿي وينو، سرون ان جي پيٽ تان ڪري پيون ۽ خوفناڪ آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو: هاءِ باهہ! هاءِ

هلاڪت! هاءِ بربادي! هاءِ باهہ! هاءِ هلاڪت! هاءِ بربادي! ان جا ساٿي اهو خوفناڪ منظر ڏسي اتان ڀڄي ويا پر مان همٿ ڪري ان جي ويجهو ويس ۽ ٻانهن مان وٺي لوڏي پڇڻ لڳس: تون ڪير آهين ۽ تنهنجو معاملو ڇا آهي؟ اهو چوڻ لڳو: مان ڪوفي جو رهائشي هئس ۽ بدقسمتي سان مون ڪي اهڙن برن ماڻهن جي صحبت ملي جيڪي حضرت سَيِّدُنا صديقِ اڪبر ۽ حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ڪي گاريون ڏيندا هئا، مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي بري صحبت سبب مان بہ انهن سان ملي شيخَين ڪريمَين يعني حضرت سَيِّدُنا صديقِ اڪبر ۽ حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جن ڪي گاريون ڏيندو هئس ۽ انهن سان نفرت ڪندو هئس. حضرت سَيِّدُنا ابوالحُصَيب بشير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَدِيۡر فرمائن ٿا: اهو ٻڌي مون توبهہ ۽ اِستِغفار ڪئي ۽ ان کي چيم: اي بدبخت! پوءِ تہ تون واقعي سخت سزا جو حقدار آهين پر اهو تہ ٻڌاءِ مرڻ کان پوءِ ڪيئن زندھ ٿي پئين؟ هو چوڻ لڳو: منهنجي نيڪ عمل مون کي ڪو فائدو نہ ڏنو صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن جي گستاخين سبب مون کي مرڻ کان پوءِ گهلي جهنم ڏانهن وٺي ويا ۽ اتي مون کي منهنجو نڪاڻو ڏيکاريو ويو ۽ چيو ويو: ”هاڻي تو کي ٻيهر زنده ڪيو ويندو تہ جيئن تون پنهنجي بدعقيده ساٿين کي پنهنجي دردناڪ انجام جي خبر ڏين ۽ انهن کي ٻڌائين تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن سان دشمني رکڻ وارا آخرت ۾ ڪيڏي نہ وڏي درد ناڪ عذاب جا مستحق آهن. جڏهن تون انهن کي پنهنجي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيندين تہ تو کي ٻيهر تنهنجي اصلي نڪاڻي (يعني جهنم) ۾ وڌو ويندو.“ بس! اها خبر

www.dawateislami.net

ڏيڻ جي لاءِ مون کي ٻيهر زنده ڪيو ويو آهي تہ جيئن منهنجي هن عبرتناڪ حالت مان صحابہ جا گستاخ عبرت حاصل ڪن ۽ پنهنجي گستاخين کان مڙي وڃن، نہ تہ جيڪو انهن مُقدّس هستين جي شانِ عظمت نشان ۾ گستاخي ڪندو ان جو انجام بہ مون جيان ئي ٿيندو ايترو چوڻ ڪانپوءِ اهو شخص ٻيهر مرده حالت ۾ ٿي ويو. ايتري دير ۾ قبر کوٽجي چڪي هئي ۽ ڪفن جو انتظام بہ ٿي چڪو پر مون چيو: مان اهڙي بدبخت کي ڪفن دفن نہ ڏيندس جيڪو شيخين ڪريمين يعني حضرت سَيِّدُنا صديق اڪبر ۽ حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جو گستاخ آهي ۽ مون کي تہ ان وٽ ويهڻ بہ پسند ناهي، اهو چئي مان واپس موٽيس. بعد ۾ ڪنهن خبر ڏني ان جي بد عقيده ساٿين ئي ان کي غسل ڏنو ۽ جنازي نماز پڙهي ۽ انهن کان سواءِ ڪنهن بہ جنازي نماز ۾ شرڪت نہ ڪئي، حضرت سَيِّدُنا خَلَف بن تَمِيم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْعَظِيْم فرمائن ٿا: مون حضرت سَيِّدُنا ابوالحُصَيب بشير عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَدِيْر کان پڇا ڪئي: اوهان ان واقعي وقت اتي موجود هئا؟ انهن جواب ڏنو: جي ها! مون پنهنجي اکين سان ان بدنصيب کي ٻيهر زنده ٿيندي ڏٺو ۽ پنهنجي ڪنن سان ان جون ڳالهيون ٻڌيون اهو واقعو ٻڌي حضرت سَيِّدُنا خَلَف بن تميم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْعَظِيْم فرمايو: هاڻي مان صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي گستاخن جي انهي عبرتناڪ انجام جي خبر ماڻهن کي ضرور ٻڌائيندس تہ جيئن اهي عبرت حاصل ڪن ۽ پنهنجي آخرت جو فڪر ڪن. (عيون الحكايات (عربي) ص 152)

ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ اسان کي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شانِ عظمت نشان ۾ گستاخي ۽ بي ادبي کان محفوظ رکي ۽ سيني صحابہ

ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي سچي محبت ۽ انهن جي وڏ ۾ وڏ تعظيم جي سعادت عطا فرمائي، اللّٰه رحمٰن عَزَّوَجَلَّ اسان سيني کي پنهنجي پناهہ ۾ رکي، اسان کي هميشہ جي لاءِ بي ادبن ۽ گستاخن کان هميشہ محفوظ رکي ۽ اسان کان ڪڏهن بہ ڪا ادنيٰ گستاخي بہ نہ ٿئي.

محفوظ سدا رکھنا خدا بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو (وسائل بخشش ص 193)

اٰمِين بِجَاهِ النبِيِ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! گستاخن جو انجام وڏو دردناڪ ۽ عبرتناڪ ٿيندو آهي. اهڙا نامراد سڄي جهان جي لاءِ عبرت جو نمونو بڻجندا آهن جيڪي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهن ۾ نازيبا لفظ ڳالهيندا يا صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ عظام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جن جي مبارڪ شان ۾ گُستا لفظ بڪن ٿا آخرت ۾ تہ تباهي انهن جو مقدر ضرور بڻجي ٿي پر دنيا ۾ بہ اهي ذليل ۽ رسوا ٿي سڄي زماني جي لاءِ عبرت جو نشان بڻجندا آهن ۽ حقيقي مسلمان ڪڏهن بہ انهن جي عقيدن ۽ عملن جي پيروي نہ ڪندا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي هميشہ با ادب رهڻ ۽ با ادب يعني عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ بي ادبن جي صحبت کان اسان جي حفاظت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

از خدا جُوئيم توفيقِ ادب بے ادب محروم گشت از فضلِ رب

www.dawateislami.net

(يعني پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان ادب جي توفيق گهرو، ربّ عَزَّوَجَلَّ جي فضل کان بي ادب محروم هوندو آهي)

## فاروق اعظم بابت اهلسنت جو عقيدو

حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي بابت اهلسنت و جماعت جو عقيدو ڄاڻڻ ضروري آهي، دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب ”بہارِ شریعت“ جلد اول صفحي 241 تي آهي: ”انبياءِ ۽ مُرسَلِين عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان پوءِ، رب جي سموري مخلوق انسانن، جنن ۽ فرشتن کان افضل صديق اڪبر آهن، پوءِ عمر فاروق اعظم، پوءِ عثمان غني، پوءِ موليٰ علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمْ، جيڪو شخص موليٰ علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي صديق يا فاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان افضل چوي اهو گمراهه بد مذهب آهي.“ (بهارشريعت)

صَحابہ میں ہے افضل حضرتِ صِدِّیق کا رُتبہ
ہے اُن کے بعد اعلیٰ مرتبہ فاروقِ اعظم کا

دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل اُردو ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 974 تي الله المجيد عَزَّوَجَلَّ سورۃُ الحَدِید سيپاري 27 آيت نمبر 29 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاَنَّ الۡفَضۡلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤۡتِيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِيۡمِ ﴿۲۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هي تہ فضل الله (عَزَّوَجَلَّ) جي ئي هٿ ۾ آهي جنهن کي وڻيس ڏئي تو ۽ الله (عَزَّوَجَلَّ) وڏي فضل وارو آهي.

## بد مذهبيّت سان نفرت

دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ صفحي 302 تي آهي ته حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي آيا ته هڪ شخص آواز ڏنو: ”ڪير آهي جيڪو مسافر کي کاڌو کارائي؟“ اميرُالمومنين (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) پنهنجي خادم کي اشارو فرمايو ته ان کي گڏ وٺي اچ، اهو آيو ته ان کي کاڌو گهرائي ڏنائون، مُسافر کاڌو شروع ئي ڪيو هو ته هڪ لفظ ان جي زبان مان اهڙو نڪتو جنهن مان ”بدمذهبي جي بوءِ“ اچي رهي هئي، فوراً کاڌو کڻائي ان کي ڪڍي ڇڏيائون. (كَنزُالعُمّال ج 10 ص 117 رقم 29384)

فارِقِ حق و باطل امامُ الھُدیٰ
تیغِ مَسلولِ شدّت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش شریف)

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي انهي شعر جو مطلب آهي: حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارا، هدايت جا امام ۽ اسلام جي حمايت ۾ سختي سان بلند ڪيل تلوار جيان آهن، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ تي لکين سلام هجن.

## بد مذهبن وٽ ويهڻ حرام آهي

”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ صفحي 277 تي امام اهلسنت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کان بدمذهبن وٽ ويهڻ جو حڪم پڇيو ويو ته ارشاد فرمايائون: (بد مذهبن وٽ ويهڻ) حرام آهي ۽ بد مذهب ٿيڻ جو پورو اِمڪان

آهي ۽ دوستي هجي ته دين جي لاءِ زهر قاتل آهي. رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اِيَّاكُمْ وَاِيَّاهُمْ لَايُضِلُّوْنَكُمْ وَلَا يَفْتِنُوْنَكُمْ يعني انهن کي پاڻ کان پري ڪيو ۽ انهن کان پري ڀڄو جو متان توهان کي گمراهه نه ڪري وجهن، متان اهي توهان کي فتني ۾ نه وجهي ڇڏين.“ (مقدّمة صَحيح مُسلِم حديث 7 ص 9) ۽ پنهنجي نفس تي اعتماد ڪرڻ وارو وڏي ڪوڙي تي اِعتِماد ٿو ڪري، اِنَّهَا اَكْذَبُ شَيْءٍ اِذَا حَلَفَتْ فَكَيْفَ اِذَا وَعَدَتْ (يعني نفس جيڪڏهن ڪا به ڳالهه قسم کڻي چوي ته سڀ کان وڏو ڪوڙو آهي ۽ جڏهن ڪو خالي واعدو به ڪري) صحيح حديث ۾ فرمايائون: ”جڏهن دَجّال نڪرندو ته ڪجهه ماڻهو ان کي تماشي طور ڏسڻ ويندا ۽ (چوندا) ته اسان پنهنجي دين تي مُستَقِيم (يعني قائم) آهيون اسان کي ان کان ڪهڙو نقصان ٿيندو، پر اتي (يعني دجال وٽ) وڃي اهڙا ئي ٿي ويندا.“ (ابي داود ج 4 ص 157 حديث 4319) حديث ۾ آهي ته نبيِّ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو جنهن قوم سان دوستي رکندو آهي، ان جو حشر اُن سان گڏ ٿيندو. (اَلمُعجَم الاَوسَط ج 5 ص 19 حديث 6450)

## آقا پنهنجي مشتاق کي سيني سان لڳايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ حاصل ڪرڻ، دل ۾ صحابه ڪرام ۽ اولياءِ عظام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي محبت بيدار ڪرڻ، نيڪ صحبتن مان فيض حاصل ڪرڻ، نمازن ۽ سُنّتن جي عادت بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت

سنوارڻ جي لاءِ مدني اِنعامن جي مطابق عمل ڪري روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي 10 تاريخ تائين پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪيو ۽ دعوت اسلامي جي هر دل عزيز مدني چينل جا پروگرام ڏسو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن جي محبت کي وڌندي محسوس ڪندؤ. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان انهن پاڪ هستين جو فيضان ۽ شفقت جي نظر شامل رهندي. ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش آهي: ثنا خوان رسولِ مقبول، بلبل روضہِ رسول، مدّاحِ صحابہ و آل بتول، گلزار عطار جا گُلِ مقبول، مبلغ دعوت اسلامي الحاج ابو عبيد قاري حاجي مشتاق عطاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی جي وفات کان ڪجھ مهينا اڳ مون (سگ مدينہ عُفِیَ عَنۡهُ) کي ڪنهن اسلامي ڀاءُ هڪ مڪتوب موڪليو هو، ان ۾ هن حلفيہ پنهنجو واقعو ائين لکيو: مون خواب ۾ پنهنجي پاڻ کي سونهري ڄارين جي سامهون ڏٺو، ڄاري مبارڪ جي ٽن سوراخن مان هڪ سوراخ ۾ ڏٺو تہ مون ڏٺو تہ هڪ دلربا منظر نظر آيو، ڏسان ٿو تہ سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحب معطر پسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن ۽ گڏ شيخين ڪريمين يعني حضرت سَيِّدُنا صديق اڪبر ۽ حضرت سَيِّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا بہ حاضر آهن، ايتري ۾ حاجي مشتاق عطاري بارگاهِ محبوبِ باري صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا، سرڪار عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاجي مشتاق عطاري کي سيني سان لڳايو ۽ پوءِ ڪجھ ارشاد فرمايو پر اهو مون کي ياد ناهي پوءِ اک کلي وئي.

www.dawateislami.net

آپ کے قدموں سے لگ کر موت کی یا مصطفٰے
آرزو کب آئے گی بَرۡ بیکس و مجبور کی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عمر جي موت تي اسلام روئندو

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العيوب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون کي جبرائيل (عَلَیۡہِ السَّلَام) چيو آهي تہ عمر جي موت تي اسلام روئندو. (حلية الاولياء ج 2 ص 175)

## مرض الوصال ۾ بہ نيڪي جي دعوت

اميرُ المُؤمِنِين، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ تي جڏهن قاتلاڻو حملو ٿيو تہ هڪ نوجوان تسلي ڏيڻ لاءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي چوڻ لڳو: اي اميرُ المُؤمِنِين! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اوهان کي خوشخبري هجي ڇوتہ اوهان کي رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحبت ۽ اسلام ۾ سبقت (اڳرائي) نصيب ٿي، جيئن تہ اوهان کي معلوم آهي، جڏهن اوهان خليفہ بڻايا ويؤ تہ عدل ۽ انصاف ڪيوَ هاڻي اوهان شهيد ٿيڻ وارا آهيو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: ”مان چاهيان ٿو تہ اهي معاملا مون لاءِ برابر برابر هجن، نہ مون تي ڪنهن جو حق رهي نہ منهنجو ڪنهن تي حق رهي.“ جڏهن اهي شخص وڃڻ لڳا تہ ان جي چادر زمين تي گهلجي رهي هئي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: ان کي مون وٽ وٺي اچو. جڏهن اهي آيا تہ فرمايائون: اي ڀائيٽيا! پنهنجو ڪپڙو مٿي ڪر اهو تنهنجي ڪپڙي کي زياده صاف رکندو ۽ هي اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) کي بہ پسند آهي. (صحيح بخاري ج 2 ص 532 حديث 3700)

## سَخت زخمي حالت ۾ نماز

جڏهن حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي قاتلاڻو حملو ٿيو تہ عرض ڪيو ويو: اي اميرُ المُؤمِنِين! نماز (جو وقت آهي) فرمايائون: جي هاء پڙهو! ”جيڪو شخص نماز ضايع ڪندو آهي ان جو اسلام ۾ ڪو حصو نہ آهي.“ حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سخت زخمي هجڻ جي باوجود نماز ادا فرمائي. (ڪتاب الڪبائر ص 22)

## قبر ۾ جسم سلامت

”بخاري شريف“ ۾ آهي: حضرت عُروه بن زُبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي خليفه وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ جڏهن روضي مبارڪ جي ڀت ڪري پئي تہ ماڻهو ان کي ٺاهڻ لڳا، (بنياد کوٽڻ وقت) هڪ پير ظاهر ٿيو تہ سڀئي ماڻهو گهبرائجي ويا ۽ ماڻهن هي گمان ڪيو تہ هي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو قدم مبارڪ آهي ۽ ڪو اهڙو شخص نہ مليو جيڪو ان کي سڃاڻي سگهي، حضرت عروه بن زبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چيو: لَا، وَ اللهِ! مَا هِيَ قَدَمُ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. مَا هِيَ اِلَّا قَدَمُ عُمَرَ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ. يعني خدا جو قسم! اهو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو قدم شريف نہ آهي بلڪ اهو حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو قدم مبارڪ آهي.

(صحيح بخاري ج 1 ص 469 حديث 1390)

جبیں میلی نہیں ہوتی دَہن میلا نہیں ہوتا
غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزم هدايت، نوشهءِ بزم جنت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "ڪرم يا رسول الله" جي تيرهن اکرن جي نسبت سان پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل

✲ ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساھ ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلله چوندا ڪريو. (ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) ﴿2﴾ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿانوءَ ۾ ساھ ڪڍڻ يا ان ۾ ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي. (ابو داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728) مُفسّر شهير، حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: ٿانوَ ۾ ساھ ڪڍڻ جانورن جو ڪم آهي ۽ ساھ ڪڏهن زهريلو بہ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوَ مان وات هٽائي ساھ کڻو (يعني ساھ ڪڍڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهہ کي ڦوڪن سان ٿڌو نہ ڪيو بلڪ

ڪجهه دير صبر ڪري ٿوري ٿڌي ٿيڻ کان پوءِ پيئو. (مراٰة ج 6 ص 77) البته! دُرود پاڪ وغيره پڙهي شفا جي نيت سان پاڻي تي دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي✵ پيئڻ کان پهرين بِسۡمِ الله پڙهو✵ چوسي نندا نندا ڍُڪ پريو وڏا ڍُڪ پَرڻ سان جگر (Liver) جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ✵ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ✵ ويهي ۽ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئو ✵ ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شفا آهي ۽ اهو آبِ زَمۡ زَمۡ شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان بنهي (وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو به پاڻي بيهي پيئڻ مڪروه آهي. (فتاويٰ رضويه ج 4 ص 575، ج 21 ص 669) اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي پيئو ✵ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي شيءِ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره ته ناهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ✵ پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلله چئو ✵ حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا: بِسۡمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري، پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلله ٻي کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۽ ٽين کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي. (احياءُ العلوم ج 2 ص 8) ✵ گلاس ۾ بچيل مسلمان جي اوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نه گهرجي ✵ منقول آهي: سُؤۡرُ الۡمُؤۡمِنِ شِفَاءٌ. يعني مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي. (الفتاوىٰ الفقهية الكبرىٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، ڪشف الخفاء ج 1 ص 384) ✵ پيئڻ کان پوءِ ڪجهه گهڙين بعد خالي گلاس کي ڏسندا ته ان جي پاسن مان ڪجهه قطرا تري ۾ جمع ٿي چڪا هوندا انهن کي به پي ڇڏيو.

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديةً حاصل ڪري پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنجن کي پنجن کان پهريان

يقيناً زندگي بيحد مختصر آهي، جيڪو وقت ملي ويو، سو ملي ويو، آئنده وقت ملڻ جي اميد ڌوڪو آهي. ڪهڙي خبر آئنده لمحي اسان موت سان هم آغوش ٿي چڪا هجون، رحمتِ عالم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ پنجن شين کي پنجن شين کان پهرين غنيمت ڄاڻو: ﴿1﴾ جواني کي پوڙهائپ کان پهريان ﴿2﴾ صحت کي بيماري کان پهريان ﴿3﴾ مالداري کي تنگدستي کان پهريان ﴿4﴾ واندڪائي کي مصروفيّت کان پهريان ۽ ﴿5﴾ زندگي کي موت کان پهريان.

(اَلْمُستَدرَڪ حديث 7916 ج 5 ص 435)

بيان 8

# مٺا ٻول

تخريج شده

✿ عاشقان رسول جي مٺن ٻولن جون برڪتون

✿ ڪڏهن ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ گناهه آهي

✿ حاجت روائي ۽ بيمار پُرسي جي فضيلت

✿ واتان فضول ڳالهه نڪري وڃي ته ڇا ڪجي

✿ فون تي فضول ڳالهين جا 5 مثال

✿ ڪوڙتي مجبور ڪندڙ سوالن جا 14 مثال

✿ گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

پنو اٿلايو...

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مٺا ٻول*

شيطان کيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي، شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو.

## قبر ۾ سزا جو هڪ سبب

”اَلقولُ البَدِيع“ ۾ منقول آهي تہ حضرت سَيِّدُنا اَبوبَکر شِبلي بَغدَادي (عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی) فرمائن ٿا مان پنهنجي مرحوم پاڙي واري کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: ”مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ“ يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان چيو: مان سخت مُصِيبَتن ۾ هيس، مُنڪَر نَڪِير جي سُوالن جا جواب بہ مون کي نہ پئي آيا، مان دل ۾ خيال ڪيو تہ شايد منهنجو خاتمو اِيمان تي نہ ٿيو آهي ايتري ۾ آواز آيو تہ دُنيا ۾ زبان جي غير ضروري اِستعمال جي ڪري توکي اها سزا ڏني پئي وڃي، پوءِ عذاب جا فرشتا مون ڏانهن وڌيا تہ ايتري ۾ هڪ بُزُرگ جيڪي حُسن وجَمال جا پيڪر ءِ مُعَطَّر هئا اهي منهنجي ءِ عَذاب جي وچ ۾ رُڪاوٽ بڻجي ويا، انهن مون کي مُنڪَر نَڪِير جي سُوالن جا جواب ياد ڏياريا،

---

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ءِ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (باب المدينہ) ڪراچي ۾ (ربيع النّور شريف 1430هـ 2009) تي ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان تحريري طور پيش خدمت آهي. (مجلس مڪتبة المدينہ)

پوءِ مون انهن جا جواب ڏنا، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کان عذاب پري ٿي ويو، مون ان بُزُرگ کي عرض ڪيو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: ”توهان جي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهڻ جي برڪت سان مان پيدا ٿيو آهيان ۽ مون کي هر مصيبت جي وقت تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.“

(القول البديع ص 260)

آپ کا نامِ نامی اے صلِّ علٰی

ہر جگہ ہر مصیبت میں کام آگیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰنَ اللّٰه! ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي برڪت سان مدد ڪرڻ جي لاءِ قبر ۾ جڏهن ملائڪ اچي سگهي ٿو ته سيني ملائڪن جا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم نٿا فرمائي سگهن! ڪنهن بلڪل درست فرياد ڪئي آهي:

میں گور اندھیری میں گھبراؤں گا تنہا | امداد مری کرنے آجانا مرے آقا

روشن مری تُربت کو للّٰہ شہا کرنا | جب وقتِ نَزع آئے دیدار عطا کرنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

خُراسان جي هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي خواب ۾ حڪم مليو ”تاتاري قوم کي اسلام جي دعوت پيش ڪيو!“ ان وقت اِقتدار جون واڳون هلاڪو خان جي پٽ تگودار خان جي هٿ ۾ هيون، اهي بزرگ سفر ڪري تگودار خان وٽ پهتا، سنّتن جي پيڪر باريش مسلمان مُبَلِّغ کي ڏسي ان کي مَسخري لڳي ۽ چوڻ

لڳو: ”اهو تہ ٻُڌاءِ تنهنجي ڏاڙهي جا وار سنا يا منهنجي ڪتي جو پُڇ؟“ ڳالهہ جيتوڻيڪ ڪاوڙ ڏيارڻ واري هئي پر اهي سمجهدار مُبلّغ هيا، تنهنڪري نهايت ئي نرميءَ سان فرمايائون: ”مان بہ پنهنجي خالق ۽ مالڪعَزَّوَجَلَّ جو ڪُتو آهيان جيڪڏهن جان نِثاري ۽ وفاداري سان ان کي خوش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس تہ مان پلو آهيان، نہ تہ توهان جي ڪُتي جو پُڇ ئي پلو آهي جڏهن تہ اهو توهان جو فرمانبردار ۽ وفادار رهي.“ جيئن تہ اهي هڪ باعمل مُبلغ هيا، غيبت، چغلي، عيب ڪڍڻ، بَدڪلامي ڪرڻ ۽ فضول ڳالهائڻ وغيره کان بچندي پنهنجي زبان ذِڪرُ الله عَزَّوَجَلَّ ۾ هميشہ مشغول رکندا هيا، تنهن ڪري سندن واتان نڪتل مِٺا ٻول تاثير جا تير بڻجي تگودار خان جي دل ۾ سمائجي ويا، جڏهن ان کي پنهنجي ”زهريلن ڪَنڊن“ جي جواب ۾ باعمل مُبلّغ طرفان ”خوشبودار مَدنِي گُل“ مليا تہ اهو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ نرمي سان چوڻ لڳو: اوهان منهنجا مهمان آهيو ۽ مون وٽ ئي قيام ڪريو، اهڙي طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان وٽ رهڻ لڳا، تگودار خان روزانو رات جو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هيو ۽ پاڻ نِهايت ئي شفقت سان ان کي نيڪي جي دعوت پيش ڪندا رهيا، سندن انفرادي ڪوشش تگودار خان جي دل ۾ مدنِي اِنقلاب پيدا ڪري ڇڏيو، اهوئي ساڳيو تگودار جيڪو اڳ ۾ اسلام کي دنيا جي نقشي تان مٽائڻ جو خواهشمند هو، سو اڄ اسلام جو شيدائي بڻجي چڪو هو. ان ئي باعمل مبلغ جي هٿان تگودار پنهنجي سڄي قوم سميت مسلمان ٿي ويو، ان جو اسلامي نالو احمد رکيو ويو. تاريخ گواهہ آهي هڪ مبلغ جي مِٺي ٻول جي برڪت سان وسط ايشيا جي

www.dawateislami.net

خوني تاتاري سلطنت اسلامي حڪومت ۾ بدلجي وئي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مٺي زبان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ مبلغ هجي ته اهڙو! جيڪڏهن تڳودار جي ناپسنديده جملن تي اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪاوڙ ۾ اچي وڃن ها ته هرگز اهڙا مدني نتيجا حاصل نه ٿين ها، تنهن ڪري ڪو ڪيترو به ڪاوڙ ڏياري اسان کي پنهنجي زبان کي قابوءَ ۾ ئي رکڻ گهرجي ڇوته جڏهن اها بي قابو ٿي ويندي آهي ته پوءِ ڪڏهن ڪڏهن نهيل نڪيل ڪم به خراب ٿي ويندا آهن، اها مٺي زبان ئي ته هئي جنهن جي مناس تڳودار خان جهڙي وحشي ۽ خونخوار حيوان ڪان به بچڙي انسان کي انسانيّت جي اعليٰ مقام تي فائز ڪري ڇڏيو.

ہے فلاح وکامرانی نرمی وآسانی میں
ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

## گوشت جي ننڍي ٻوٽي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زبان جيتوڻيڪ گوشت جي ننڍي ٻوٽي آهي پر اها اللّٰه تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي ان نعمت جو قدر ته شايد گونگو ئي ڄاڻي سگهي ٿو، زبان جو درست استعمال جنت ۾ داخل ۽ غلط استعمال جهنم ۾ وجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو بدترين ڪافر به دل جي تصديق ۽ زبان سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

www.dawateislami.net

پڙهي تہ ڪفر ۽ شرڪ جي سڄي گندگي کان پاڪ ٿي ويندو آهي ان جي زبان مان نڪتل اهو ڪلمو طيّب ان جي اڳوڻن سمورن گناهن جي مير کي ڌوئي ڇڏيندو آهي، زبان سان ادا ڪيل انهيءَ ڪلمي شريف جي ڪري اهو گناهن کان اهڙو پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو آهي جهڙو ان ڏينهن هيو جنهن ڏينهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو. اهو عظيم مدني انقلاب دل جي تائيد سان زبان سان ادا ڪيل ڪلمي شريف جي ڪري ٿيو.

## هر ڳالهہ تي هڪ سال جي عبادت جو ثواب

اي ڪاش! اسان بہ پنهنجي زبان جو صحيح استعمال ڪرڻ سکي وٺون، **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرضي جي مطابق جيڪڏهن زبان کي هلايو وڃي تہ جنّت ۾ گهر تيار ٿي ويندو. ان زبان سان اسان قرآن جي تلاوت ڪيون، **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيون، درود و سلام جو وِرد ڪيون، خوب نيڪي جي دعوت ڏيون تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جا ٻاڳ کلي ويندا. مڪاشفةُ القلوب ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا موسٰي **ڪَلِيمُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڪري ۽ برائي کان منع ڪري، ان جو بدلو ڇا هوندو؟ **الله تعاليٰ** ارشاد فرمايو: "آئون ان جي هر جملي جي بدلي ۾ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنّم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آهي." (مُڪاشفةُ القلوب ص 48)

## عاشِقانِ رسُول جي مٺن ٻولن جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي ڳالهہ ٻڌائيندي، گناه کان نفرت ڏيارڻ ۽ انهن ڪمن جي لاءِ ڪنهن تي انفرادي ڪوشش جو

ثواب ڪمائڻ جي لاءِ اهو ضروري نہ آهي جو جنهن کي سمجهايو وڃي اهو مڃي وڃي تہ ثواب ملندو بلڪ جيڪڏهن اهو نہ مڃي تڏهن بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب ئي ثواب آهي ۽ جيڪڏهن اوهان جي انفرادي ڪوشش سان ڪنهن گناهن کان توبہ ڪري سنتن ڀري زندگي گذارڻ شروع ڪئي پوءِ تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جا بہ ٻيڙا پار ٿي پوندا. انهي سلسلي ۾ انفرادي ڪوشش جي هڪ مدني بهار ٻڌو: قصور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ جي تحرير ڪجھ تصرّف سان پيش آهي: مان انهن ڏينهن ۾ مئٽرڪ جو شاگرد هئس، بُري صحبت جي ڪري گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس، طبيعت بيحد چيڙاڪ هئي ۽ بدتميزي جي نوبت انهيءَ حد تائين پهچي چڪي هئي جو والد صاحب تہ ڇا ڏاڏي، ڏاڏِيءَ جي سامهون بہ زبان قينچي وانگر هلائيندو هئس. هڪ ڏينهن تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جو هڪ مدني قافلو اسان جي محلي جي مسجد ۾ حاضر ٿيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم اهڙو ٿيو جو مان عاشقان رسول جي ملاقات جي لاءِ پهچي ويس، هڪ اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي درس ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، ان جي مٺي ٻول مون تي اهڙو اثر ڪيو جو آئون انهن سان گڏ ويهي رهيس، انهن درس کان پوءِ نهايت ئي مٺي انداز ۾ مون کي ٻڌايو تہ ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ صحراءِ مدينہ مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ دعوت اسلامي جو ٽن ڏينهن جو بين الاقوامي سنتن ڀريو اجتماع ٿي رهيو آهي اوهان بہ شرڪت فرمايو. انهن جي درس مون تي ڏاڍو سٺو اثر ڪيو هو، تنهنڪري آئون انڪار نہ

ڪري سگهيس، ايستائين جو آئون سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مديند، ملتان) ۾ حاضر ٿيس، اُتان جون رونقون ۽ برڪتون ڏسي مان حيران رهجي ويس، اجتماع ۾ ٿيڻ واري آخري بيان ”گانے باجے کی هولناکیاں“ ٻڌي مان ڏڪڻ لڳس ۽ اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان گناهن کان توبہ ڪري اُٿيس ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. منهنجي مدني ماحول سان وابستگي سان منهنجي گهروارن سُک جو ساهہ ڪنيو. دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان مون جهڙي بگڙيل بداخلاق نوجوان ۾ مدني انقلاب ڏسي، منهنجي وڏي ڀاءُ بہ متاثر ٿي ڏاڙهي رکي ۽ عمامي شريف جو تاج پڻ سجائي ڇڏيو. منهنجي هڪ ئي ڀيڻ آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڀيڻ بہ مدني برقعو پاتو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ گهر جو هر ڀاتي سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي سرڪار غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مريد ٿي ويو ۽ ان انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري منهنجي مُحسِن اسلامي ڀاءُ جي مٺي ٻول جي برڪت سان مون تي **الله** عَزَّوَجَلَّ اهڙو تہ ڪرم فرمايو جو مون قرآن پاڪ حِفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ درس نظامي (عالم ڪورس) ۾ داخلا ورتي ۽ هي بيان ڏيڻ وقت مان ”درجہ ثالثہ“ يعني ٽئين ڪلاس ۾ پهچي چڪو آهيان.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي حوالي سان علاقائي قافلہ ذميدار آهيان، منهنجي نيّت آهي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شعبان المُعظّم 1427هہ، کان يڪمشت 12 مهينن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪندس.

www.dawateislami.net

دل پہ گرزنگ ہو، گھر کا گھر تنگ ہو — ہو گا سب کا بھلا قافلے میں چلو
ایسا فیضان ہو، حِفظ قرآن ہو — کر کے ہمّت ذرا قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مغفرت جي بشارت

ان زبان سان تلاوت قرآن پاڪ ڪريو، ۽ تمام گهڻو ثواب حاصل ڪريو. ”روحُ الْبَيان“ ۾ حديث قدسي آهي: جنهن هڪ ڀيرو بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم کي اَلْحَمْد شريف سان ملائي (يعني بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ختم سورة تائين) پڙهيو تہ توهان گواهہ ٿي وڃو تہ مون ان کي بخشي ڇڏيو، ان جون سڀئي نيڪيون قبول ڪيون ۽ ان جا گناهہ معاف ڪري ڇڏيا ۽ ان جي زبان کي هرگز نہ ساڙيندس ۽ ان کي قبر جي عذاب، عذابِ نار ۽ قيامت جي عذاب ۽ وڏي خوف کان نجات ڏيندس. (روح البيان ج 1 ص 9)

ملائڻ جو وڌيڪ واضح طريقو ٻڌو بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْ - مِلْ - حَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ....... (سورت پوري ڪريو)

## حورون حاصل ڪرڻ جو عمل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو زبان کي هلايو اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِيْم چئو ۽ جنّت جون حورون حاصل ڪريو. ”روض الرّياحين“ ۾ آهي: هڪ بزرگ چاليهہ سالن تائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي، هڪ ڀيرو دعا ڪئي: يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تنهنجي رحمت سان جنّت ۾ جيڪو ملڻ وارو آهي ان جي ڪا جهلڪ دنيا ۾ بہ ڏيکار. اجا دعا جاري

هئي جو هڪدم محراب چيرجي پيو ۽ ان مان هڪ خوبصورت حور نڪتي، ان چيو ته تو کي جنّت ۾ مون جهڙيون سؤ حورون عطا ڪيون وينديون، جن مان هر هڪ جون سؤ سؤ خادمائون ۽ هر خادمه جون سؤ سؤ ڪنيزون هونديون ۽ هر ڪنيز تي سؤ سؤ ناظمائون (يعني انتظام ڪرڻ واريون) هونديون. اهو ٻڌي اهي بزرگ خوشي وچان جهومڻ لڳا ۽ سوال ڪيو: ڇا جنّت ۾ ڪنهن کي مون کان وڌيڪ به ملندو؟ جواب مليو: ايترو ته هر عام جنّتي کي ملندو جيڪو صبح شام اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِيْم پڙهي. (روض الرياحين ص 55)

## ديوانا ٿي وڃو!

هن زبان کي هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رکو ۽ ثواب جو خزانو حاصل ڪريو. سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينه آهي: ايترو ڪثرت سان ذِڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ڪندا ڪيو جو ماڻهو ديوانو چوڻ لڳن. (اَلْمُستَدرِڪ لِلحَاڪِم ج 2 ص 173 حديث 1882)

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ايترو ڪثرت سان الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيو جو مُنافِق توهان کي رياڪار چوڻ لڳن. (اَلْمُعجَمُ الڪَبِير لِلطَبَرانِي ج 12 ص 131 حديث 12786)

## وڻ لڳائي رهيو آهيان

اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سَيِّدُنا اَبُوهُريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي زَبان جو ڪيترو پيارو استعمال ٻڌايو! توهان به ٻڌو ۽ جُهومو: جيئن ته اِبنِ مَاجَه جي روايت ۾ آهي (هڪ ڀيري) مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا

تہ حضرت سَيِّدُنا اَبُوهُريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي ڏٺائون تہ اھي ھڪ بوٽو ھڻي رھيا آھن. اِسۡتِفسَار ڪيائون چا ڪري رھيو آھين؟ عرض ڪيائين: وڻ ھڻي رھيو آھيان، فرمايائون: مان بھترين وڻ لڳائڻ جو طريقو ٻڌايان! سُبۡحٰنَ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّااللهُ وَاللهُ اَكۡبَر پڙھڻ سان ھر ڪلمي جي عِيوَض (يعني بدلي) جنّت ۾ ھڪ وڻ لڳي ويندو آھي. (سُنَنِ اِبنِ مَاجَہ ج 4 ص 252 حديث 3807)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن حديثِ پاڪ ۾ چار ڪلما ارشاد فرمايا ويا آھن (1) سُبۡحٰنَ اللهِ (2) اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ (3) لَآ اِلٰهَ اِلَّااللهُ (4) اَللهُ اَكۡبَر اھي چار ئي ڪلما پڙھو تہ جنّت ۾ چار وڻ لڳايا ويندا ۽ گھٽ پڙھو تہ گھٽ لڳندا. مثال طور تي صرف سُبۡحٰنَ الله چيو تہ ھڪ وڻ لڳندو، ھنن ڪلمن کي پڙھڻ جي لاءِ زبان ھَلائيندا رھو ۽ جنّت ۾ وڏ ڪان وڏ وڻ لڳرائيندا وڃو.

عُمر را ضائع مکن در گفتگو | ذِکر اُو کن ذِکر اُو کن ذِکر اُو

(يعني فالتو ڳالھين ۾ عمر عزيز نہ وڃايو ذڪرالله ڪر، ذڪرالله ڪر، ذڪرالله ڪر)

## 80 سالن جا گناھ معاف

اھڙي طرح زبان جو ھڪ بھترين استعمال ھي بہ آھي تہ دُرود وسَلام پڙھندا رھو ۽ گناھ بَخشرائيندا رھو، جيئن ”دُرِّمُختار“ ۾ آھي: جيڪو سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ھڪ ڀيرو دُرُود موڪلي ۽ اھو قبول ٿي وڃي تہ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جي 80 سالن جا گناھ مٽائي ڇڏيندو. (دُرِّمُختار ج 2 ص 284)

## بسم الله كيو چوڻ منع آهي

ڪجهه ماڻهو هن طرح چئي ڇڏيندا آهن: ”بِسۡمِ اللّٰهِ ڪيو!“ ”اچو بِسۡمِ اللّٰهِ“ ”مون بِسۡمِ اللّٰهِ ڪري ڇڏي“ واپاري ماڻهو ڏينهن ۾ جيڪو پهريون سودو وڪڻندا آهن هن کي عام طور تي ”بوهڻي“ چيو ويندو آهي، پر ڪجهه ماڻهو هن کي به ”بِسۡمِ اللّٰهِ“ چوندا آهن، مثال طور ”منهنجي اڄ نه اڃا تائين بِسۡمِ اللّٰهِ ئي ناهي ٿي!“ جن جملن جا مثال پيش ڪيا ويا آهن اهي سڀ غلط انداز آهن، اهڙي طرح کائڻ وقت جيڪڏهن ڪير اچي وڃي ته اڪثر کائڻ وارو هن کي چوندو آهي اچو! توهان به کائو! عام طور تي جواب ملندو آهي ”بِسۡمِ اللّٰهِ“ يا هي چوندا آهن ”بِسۡمِ اللّٰهِ ڪيو“ مَڪتبةُ المَدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصي 16 صفحي 22 تي آهي: هن موقعي تي هن طرح بِسۡمِ اللّٰهِ چوڻ کي عالم سڳورن تمام سخت مَمنُوع قرار ڏنو آهي. ها هي چئي سگهون ٿا: بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهي کائي ونو بلڪ اهڙي موقعي تي دعا وارا لفظ چوڻ بهتر آهن جيئن بَارَكَ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ۽ توهان کي برڪت ڏئي، يا پنهنجي مادري زبان ۾ چئي ڇڏيندا ڪيو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ برڪت ڏئي.

## ڪڏهن بِسم الله پڙهڻ ڪفر آهي

حرام ۽ ناجائز ڪم ڪان پهرين بِسۡمِ اللّٰهِ شريف هرگز هرگز هرگز نه پڙهي وڃي، حرامِ قَطعِي ڪم ڪان پهرين بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ ڪفر آهي جيئن ”فَتَاوٰي عَالَمگِيرِي“ ۾ آهي: شراب پيئڻ وقت، زِنا ڪرڻ وقت يا جُوا کيڏڻ وقت بِسۡمِ اللّٰهِ چوڻ ڪفر آهي.

(فتاوٰي عالمگيري ج 2 ص 273)

## ڪڏهن ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ گناهه آهي

ياد رکو! زبان سان ذڪر ۽ دُرُود باعثِ اجر و ثواب بہ آهي ۽ ڪجھ صورتن ۾ منع بہ مثال طور مَڪتبةُ المَدِينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهارِشريعت پهرين جلد صفحي 533 تي آهي: گراهڪ کي سودو ڏيکارڻ وقت تاجِر جو هن غرض سان دُرُود شريف پڙهڻ يا سُبْحٰنَ اللهِ چوڻ تہ ان شيء جي عُمدگي خريدار تي ظاهر ڪري تہ ناجائز آهي، اهڙي طرح ڪنهن وڏي کي ڏسي هن نيّت سان دُرُود شريف پڙهڻ تہ جيئن ماڻهن کي هن جي اچڻ جي خبر پئجي وڃي تہ جيئن هن جي تعظيم جي لاءِ اُٿن ۽ جڳھ ڇڏين اهو ناجائز آهي. (رَدُّالمُحتار ج 2 ص 281)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل مسئلي جي پيشِ نظر مان (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ) اڪثراسلامي ڀائرن کي سمجهائيندو رهندو آهيان تہ منهنجي اچڻ تي الله الله جون صدائون بلند نہ ڪندا ڪيو، ڇو تہ ظاهر ۾ اتي ذِڪرُالله نہ استقبال مراد هوندو آهي.

## کِچڙي کي حليم چوڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ صِفاتِي نالو ”حَلِيم“ بہ آهي، ان ڪري کاڌي جي شيء جي لاءِ ”حَلِيم“ جو لفظ چوڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر مون (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ) کي سٺو نٿو لڳي، ان غذا کي (اُردو) ۾ ”کِچڙو“ بہ چوندا آهن، ان ڪري ڪوشش ڪري اهو ئي لفظ استعمال ڪندو آهيان. ”تَذڪِرةُ الاولياء“ ۾ آهي تہ حضرت سَيِّدُنا بايزيد بِسطامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي هڪ ڀيري ڳاڙهي رنگ جو صوف هٿ ۾ کڻي فرمايو: ”هي تمام لَطِيف آهي“ غيب

مان آواز آيو تہ اسان جو نالو صوف لاءِ استعمال ڪندي توکي حياء نہ ٿيو؟ الله عَزَّوَجَلَّ چاليهہ ڏينهن تائين سندن دل مان پنهنجي ياد ڪڍي ڇڏي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قسم کنيو تہ هاڻي ڪڏهن بہ پنهنجي وطن بِسطام جو ميوو نہ کائيندس. (تذکرة الاولياء ص 134)

اوهان ڏٺو تہ ”لَطِيف“ جي هڪ معنيٰ ”عمده“ بہ آهي، پر جيئن تہ ”لَطِيف“ الله عَزَّوَجَلَّ جو صِفاتي نالو آهي، ان ڪري سَيِّدُنا بايزيد بِسطامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي کي تنبيه ڪئي وئي.

## لک پيرا وڏيڪ ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي جيڪڏهن اسان پنهنجي زبان جو درست استعمال ڪيون تہ وقت بوقت تمام گهڻيون نيڪيون حاصل ڪري سگهون ٿا، حديث پاڪ ۾ آهي بازار ۾ ذڪرالله ڪرڻ واري جي لاءِ هر وار جي بدلي ۾ قيامت جي ڏينهن نور هوندو. (شعب الايمان للبيهقي ج 1 ص 412 حديث 567)

ياد رهي! تلاوت قرآن، حمد و ثنا، مناجات ۽ دعا، درود وسلام، نعت، خطبہ، درس ۽ سنتن ڀريو بيان وغيره سڀ ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ شامل آهن، ان ڪري هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 12 منٽ بازار ۾ فيضان سنت جو درس ڏي، جيتري دير تائين درس ڏيندو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اوترو وقت ان کي بازار ۾ ذڪر اللهعَزَّوَجَلَّ ڪرڻ جو ثواب ملندو.

## حاجت روائي ۽ بيمار پُرسي جي فضيلت

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! ڪيترا خوش نصيب آهن، اهي اسلامي ڀائر ۽ ڀينرون جيڪي پنهنجي زبان کي نيڪي جي دعوت، سنّتن

پريي بيان ۾ ذڪر و درود ۾ مصروف رکندا آهن. مسلمان جي حاجت پوري ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ۽ بيمار يا پريشان مسلمان کي تسلي ڏيڻ به زبان جو عظيم الشان استعمال آهي. جيئن ته

## عيادت جو عظيم الشان ثواب

شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب وسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ويندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان تي پَنجهَتر هزار ملائڪن جي ذريعي ڇانوَ ڪندو آهي اهي ملائڪ ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن ۽ اهو فارغ ٿيڻ تائين رحمت ۾ رهندو آهي ۽ جڏهن هو ان ڪم کان فارغ ٿي ويندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب لکندو آهي ۽ جنهن مريض جي عيادت ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ پنجهتر هزار ملائڪن ذريعي ڇانوَ ڪندو ۽ گهر واپس اچڻ تائين ان جي هر قدم کڻڻ تي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ ان جي هر قدم رکڻ تي ان جو هڪ گناهه مٽايو ويندو ۽ هڪ درجو بلند ڪيو ويندو جڏهن اهو مريض سان گڏ ويهندو ته رحمت ان کي ڍڪي ڇڏيندي ۽ پنهنجي گهر واپس موٽڻ تائين رحمت ان کي ڍڪي رکندي. (المعجم الاوسط ج 3 ص 222 حديث 4396) جڏهن ڪنهن جو ٻار بيمار ٿي پوي، ڪو بيروزگار يا قرضدار ٿي وڃي، حادثي جو شڪار ٿي وڃي، چور يا ڌاڙيل ڦرلٽ ڪري وڃن، ڪاروبار ۾ نقصان پئجي وڃي، ڪا شيءِ گم ٿيڻ سبب بيقرار ٿي وڃي، مطلب ته ڪنهن به قسم جي پريشاني ۾ مبتلا ٿي وڃي ته ان جي دِلجوئي جي لاءِ ڪجهه لفظ ڪڍڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي.

## جنّت جا ٻہ جوڙا

حضرت سَيِّدُنا جَابِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبيّن جي تاجوَر، رسولِ انوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو ڪنهن غمگين شخص جي تعزيت ڪندو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي تَقوٰي جو لباس پهرائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّت جي جوڙن منجهان ٻہ اهڙا جوڙا پهرائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا بہ نٿي ٿي سگهي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 6 ص 429 حديث 9292)

## زبان فائديمند بہ آهي نقصان واري بہ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ زبان جي صحيح استعمال ڪرڻ جا بي شمار فائدا آهن، جيڪڏهن اها ئي زبان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرمان تي هلي تہ تمام وڏي مصيبت جو سبب آهي. مشهور صحابي حضرت سَيِّدُنا عَبداللّٰه بن مَسعُود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: انسان جون گهڻيون خطائون ان جي زبان سان ٿينديون آهن. (شعب الايمان ج 4 ص 240 حديث 4933)

## روزانو صبح جو سيئي عضوا زبان جي خوشآمد ڪندا آهن

حضرت سَيِّدُنا اَبُو سَعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي: جڏهن انسان صبح ڪندو آهي تہ ان جا سيئي عُضوَا زبان جي سامهون نِوَڙت ڪندي هي چوندا آهن: اسان جي باري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ! چو تہ اسان توسان گڏ آهيون جيڪڏهن تون سڌي

رھنديون ۽ تہ اسان سڌا رھنداسين، جيڪڏھن تون ٽيڙي ٿي وئين ۽ تہ اسان بہ ٽيڙا ٿي وينداسين. (سُنن ترمذي ج 4 ص 183 حديث 2415)

مُفَسّر شَھير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: نفعي ۽ نقصان، راحت ۽ آرام، تڪليف ۽ درد ۾ (اي زبان!) اسان تو سان گڏ آھيون جيڪڏھن تون خراب ٿينديءَ تہ اسان جي شامت اچي ويندي تون درست ٿيندين تہ اسان جي عزت رھندي، ياد رکو! زبان دل جي ترجمان آھي ھن جي چڱائي برائي دل جي چڱائي برائي جي خبر ڏيندي آھي. (مِراة ج 6 ص 465)

## زبان جي بي احتياطي جون آفتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي زبان جيڪڏھن غلط ھلندي آھي تہ ڪڏھن ڪڏھن جهيڙا ٿي پوندا آھن انھي زبان سان جيڪڏھن مرد پنھنجي مدخولہ گھرواريءَ کي طلاق طلاق طلاق (جو لفظ) چئي ڇڏي تہ طلاقِ مُغَلَّظ واقع ٿي ويندي آھي. انھي ئي زبان سان جيڪڏھن ڪنھن کي برو ڀلو چيو ۽ ان کي ڪاوڙ اچي وئي تہ ڪڏھن ڪڏھن قتل ۽ تباھي مچي ويندي آھي، انھيءَ زبان سان جيڪڏھن مسلمان کي بلا اجازتِ شرعي دڙڪا ڏنا ۽ ان جي دل آزاري ڪئي تہ يقيني طور تي گنگھار ۽ جھنّم جو حقدار آھي. ”طَبَراني شريف“ جي روايت ۾ آھي: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آھي (جنھن بنا شرعي سبب جي) ڪنھن مُسلمان کي ايذاء ڏنو ان مون کي ايذايو ۽ جنھن مون کي ايذايو تہ ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ايذايو. (المعجم الاوسط ج 2 ص 386 حديث 3607)

# دائمي راضپو ۽ ناراضگي

حضرت سَيِّدُنا بِلال بن حارِث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته مديني جي سُلطان، رحمتِ عالَميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: ڪو شخص سٺي ڳالهه ڪندو آهي ان جو انجام ناهي ڄاڻيندو، ان جي ڪري ان جي لاءِ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا ان ڏينهن تائين لکي ويندي آهي جڏهن هو ان سان ملندو ۽ هڪ شخص بري ڳالهه ڪندو آهي، جنهن جو انجام ناهي ڄاڻيندو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي ڪري پنهنجي ناراضگي اُن ڏينهن تائين لکي ڇڏيندو آهي جڏهن هو ان سان ملندو. (سنن ترمذي ج 4 ص 143 حديث 2326، مشڪوٰة المصابيح ج 2 ص 193 حديث 4833) مُفَسِّر شَهير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: (ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو) اهڙي خراب ڳالهه ڪري ڇڏيندو آهي جنهن جي ڪري رَبّ تعاليٰ هميشه جي لاءِ ناراض ٿي ويندو آهي، ان ڪري انسان کي گهرجي ته گهڻو سوچي سمجهي ڳالهائي. حضرت سَيِّدُنا عَلقمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائيندا هئا ته مون کي ڪيترن ئي ڳالهين کان بلال ابن حارِث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي (ذڪر ڪيل) حديث روڪي ڇڏيندي آهي. (مِرقاة) يعني مان ڪجهه ڳالهائڻ چاهيندو آهيان ته اها حديث منهنجي سامهون اچي ويندي آهي ۽ مان (چپ ٿي ويندو آهيان) (مِراٰة ج 6 ص 462)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بنا سوچي سمجهي ڳالهائڻ بيحد خطرناڪ نتيجن جو باعث ٿي سگهي ٿو ۽ هميشه لاءِ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جو سبب ٿي سگهي ٿو. يقيناً زبان جو قفل مدينه لڳائڻ ۾ ئي عافيت آهي، خاموشي جي عادت وجهڻ جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه لکي يا اشاري سان گفتگو ڪرڻ بيحد مفيد آهي چوته

جيڪو وڌيڪ ڳالهائيندو آهي عام طور تي اهو خطائون بہ گهڻيون ڪندو آهي، راز بہ کولي ڇڏيندو آهي. غيبت، چغلي ۽ عيب لڳائڻ جي گناهن کان بچڻ بہ اهڙي شخص جي لاءِ تمام ڏکيو هوندو آهي بلڪ بڪ بڪ ڪرڻ جو عادي ڪڏهن ڪڏهن مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪفريات پڻ بڪي ڇڏيندو آهي.

## دِل جي سختيءَ جو انجام

الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي رحم فرمائي ۽ اسان جي زبان کي لَغَام نصيب ڪري ڇو تہ هي ذِڪرُ الله کان غافل رهي فُضُول ڳالهائي دِل کي بہ سخت ڪري ڇڏيندي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مکي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: بي حيائي جي ڳالهہ سخت دلي منجهان آهي ۽ سخت دلي باهہ ۾ آهي.
(سنن ترمذي ج 3 ص 406 حديث 2016)

مُفَسّر شَهير حڪيم الامت حضرت مُفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني جيڪو زبان جو بيباڪ ٿي ڪري، هر بُري، پَلي ڳالهہ بي ڌڙڪ واتان ڪڍي تہ سمجهو تہ ان جي دل سخت آهي ان ۾ حياءُ ناهي. سختي اهو وڻ آهي جنهن جي پاڙ انسان جي دل ۾ آهي ۽ ان جي ٽاري دوزخ ۾، اهڙي بي ڌڙڪ ماڻهوءَ جو انجام اهو ٿيندو آهي جو هو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ بہ بي ادب ٿي، ڪافر ٿي ويندو آهي. (مراة ج 6 ص641)

## زبان ڏندن هيٺان ڏئي ڇڏي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ بيحد خطرناڪ آهي جو معاذ الله ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن فضول

ڳالهائيندي ڪفر جي غار ۾ ڪري سگهي ٿو. ڪاش! اسان ڳالهائڻ ڪان پهريان سوچڻ جا عادي ٿي وڃون ته اسان جيڪو ڳالهائڻ چاهيون ٿا ان ۾ آخرت جو بہ ڪو فائدو آهي يا نہ؟ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ زهي نصيب! ڳالهائڻ بدران ايتري دير درود شريف پڙهي وٺون اهڙي طرح آخرت جو عظيم فائدو حاصل ٿيندو!

”اَسرارُالاولياء“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا حاتم اصم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي زبان مان هڪ پيرو هڪ فضول ڳالهہ نڪتي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پشيمان ٿي (بيخودي جي عالم ۾) زبان کي ڏندن جي هيٺان رکي، ايترو تہ زور ڏنو جو رت نڪري آيو ۽ ان هڪ بيڪار جملي جي ڪفاري ۾ 20 سالن تائين (بلا ضرورت) ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪيائون. (اسرار اولياء ص 33) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## واتان فضول ڳالهہ نڪري وڃي تہ ڇا ڪجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! حضرت سَيِّدُنا حاتم اصم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم فضول ڳالهيون ڪرڻ جي ڪري صدمي وچان پنهنجي زبان ڏندن هيٺ ڏئي ڇڏي! هتي اهو مسئلو ياد رکو جو هوش و حواس ۾ رهندي پنهنجو پاڻ کي ايذاءُ ڏيڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي، ان ڪري بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جا پنهنجو پاڻ کي زخمي وغيره ڪرڻ جي واقعن ۾ اها تاويل ڪئي ويندي تہ انهن بيخودي جي عالم ۾ ائين ڪيو ”ہوش میں جو نہ ہو وہ کیا نہ کرے“ بهرحال اهو انهن جو حصو هو. ڪاش! اسان صرف ايترو ڪيون جو فضول ڳالهہ واتان نڪرڻ جي صورت ۾ ڪفاري طور

12 ڀيرا اللّٰه اللّٰه چئون يا هڪ ڀيرو دُرُود شريف ئي پڙهون. اهڙي طرح سان ٿي سگهي ٿو تہ شيطان اسان کي ان خوف وچان فضول ڳالهين تي نہ اڀاري جو اهي ذڪر و درود پڙهي مون کي پريشان نہ ڪن! جي ها! ”مِنهاجُ العابدين“ ۾ منقول آهي: شيطان جي لاءِ ذِڪر اللّٰه ايترو تڪليف ڏيندڙ آهي جيترو انسان جي پاسن ۾ آڪلہ. (منهاج العابدين ص 46) مرضِ آڪلہ هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا انسان جي گوشت، چمڙي وغيره کي نقصان پهچائيندي آهي ۽ جسم جو گوشت پاڻهين ڳري ڪري ڪِرڻ لڳندو آهي.

## فضول جملن جا 14 مثال

افسوس! صد افسوس! اڄڪلهہ سٺيون صحبتون گهٽ آهن، ڪيترائي سنا نظر ايندڙ بہ بدقسمتي سان ڀلائي جون ڳالهيون ٻڌائڻ بجاءِ اجايون ڳالهيون ڪرڻ ۾ مصروف نظر ايندا آهن، ڪاش! اسان صرف ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي ئي خاطر ماڻهن سان ملاقات ڪريون ۽ اسان جو ملڻ صرف ضرورت جي ڳالهہ ڪرڻ تائين مَحدُود هجي. ياد رهي! ”بي فائده ڳالهين ۾ مصروف ٿيڻ يا فائديمند گفتگو ۾ ضرورت کان وڌيڪ لفظ ملائڻ حرام يا گناهہ ناهي، پر ان کي ڇڏي ڏيڻ وڌيڪ بهتر آهي.“ (احياءُ العُلوم ج 3 ص 143) اجايون ڳالهيون ڪندي ”گناهن ڀرين“ ڳالهين ۾ وڃي پوڻ جو وڌيڪ امڪان رهندو آهي، ان ڪري خاموشي ۾ ئي ڀلائي آهي. اسان جي معاشري ۾ اڄڪلهہ بنا ضرورت جي اهڙا اهڙا سوال بہ ڪيا ويندا آهن جو سامهون وارو شرمسار ٿي ويندو آهي

۽ جيڪڏهن جواب ۾ بہ احتياط کان ڪم نہ ورتو وڃي تہ ماڻهو ڪوڙ جهڙي گناهہ ۾ وڃي پئجي سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا سوال ضرورت تحت بہ ڪيا ويندا آهن، جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ فضول نہ ٿيا، اهڙن سوالن جا 14 مثال پيش خدمت آهن: جيڪڏهن ضرورت پوي تہ نيڪ ۽ انهن ڪانسواءِ ڪم هلي ٿو وڃي تہ مسلمانن کي شرمساري يا گناهن جي امڪان کان بچايو، مثال طور: ﴿1﴾ ها ادا! چا ٿي رهيو آهي! ﴿2﴾ يار! اڄڪلهہ دعا وغيره نہ ٿو ڪرين ﴿3﴾ ادا! ناراض آهين ڇا؟ ﴿4﴾ يار! لڳي ٿو تہ اوهان کي مزو نہ آيو ﴿5﴾ اها گاڏي ڪيتري ۾ خريد ڪئي آهي؟ ﴿6﴾ ڪهڙي سال جو ماڊل آهي؟ ﴿7﴾ اوهان جي علائقي ۾ گهر جو اگهہ ڪهڙو هلي رهيو آهي؟ ﴿8﴾ يار! مهانگائي تمام گهٽي آهي ﴿9﴾ فلاڻي جڳهہ تي موسم ڪيئن آهي؟ ﴿10﴾ اُف! ايتري گرمي! ﴿11﴾ اڄڪلهہ ڏڪائينڊڙ سيءُ آهي ﴿12﴾ خبر ناهي، اها برسات بيهندي بہ يا نہ! ﴿13﴾ ٿورڙي بہ برسات ٿي تہ بجلي هلي وئي ﴿14﴾ اوهان وٽ بجلي هئي يا نہ؟ وغيره وغيره، عام طور تي مٿي ذِڪر ڪيل جملا ۽ اهڙي قسم جا بيشمار جملا اجايا ڳالهايا ويندا آهن، پر اهڙن قسمن جي جملن جي ڳالهائڻ واري جي لاءِ ڪا بہ خراب راءِ قائم نہ ڪئي وڃي، پر حُسنِ ظن (سني گُمان) کان ئي ڪم ورتو وڃي، ڇوتہ ٿي سگهي ٿو جيڪا ڳالهہ اجائي محسوس ٿي رهي آهي ان ۾ چوڻ واري جي ڪا مصلحت هجي جيڪا مان نہ سمجهي سگهيس. فرض ڪيو تہ اهو سوال يا جملو اجايو بہ هجي تڏهن بہ چوڻ وارو گنهگار ناهي.

## حج کان واپس اچڻ واري کان
## فضول سوالن جا 13 مثال

سفرِ مدينه تان موٽڻ وارن حاجين کان اڪثر دوست يار طرح طرح جا غير ضروري سوال ڪندا آهن ان جا 13 مثال ملاحظ ڪيو: ﴿1﴾ سفر ۾ ڪا تڪليف ته نه ٿي؟ ﴿2﴾ رش ته ڏاڍي هوندي؟ ﴿3﴾ مهانگائي ته نه هئي؟ ﴿4﴾ گهر سُنو مليو يا نه؟ ﴿5﴾ گهر حرم کان پري هو يا ويجهو؟ ﴿6﴾ اتان جي موسم ڪيئن هئي؟ ﴿7﴾ وڌيڪ گرمي ته نه هئي؟ ﴿8﴾ روزانو ڪيترا طوّاف ڪندو هئين؟ ﴿9﴾ گهڻا عُمرا ڪيا؟ ﴿10﴾ مڪي ۾ منهنجي لاءِ دعائون گهريون يا نه؟ ﴿11﴾ مِنيٰ ۾ اوهان جو خيمو جَمَرات کي ويجهو هو يا پري؟ ﴿12﴾ مديني ۾ گهڻا ڏينهن رهيؤ؟ ﴿13﴾ مديني ۾ منهنجو نالو وٺي سلام چيؤ يا نه؟ جن سوالن جا مثال ڏنا ويا اهي سوال جيتوڻيڪ ناجائز ته ناهن پر پوءِ به پُڇڻ کان اڳ انهن جي مَصلحت تي غور ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن انهن جي ڪا ضرورت نه هجي ته نه پڇو، ڇو ته انهن ۾ ڪي سوال حاجي کي شَرمسَار ڪرڻ وارا ۽ ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪرڻ وارا ۽ ڪن سوالن جي جوابن ۾ جيڪڏهن احتياط نه ڪيو ويو ته ڪوڙ جي گناهه ۾ ڦاسائي ڇڏڻ وارا آهن، ان ڪري ”هڪ چُپ هزار سُک“

## بري يا گناهن پري بڪواس جا 4 مثال

ڪي اجايو ڳالهائيندڙ بنا تحقيق جي گناهن ۽ تهمتن وارن جملا ڳالهائڻ کان پاسو ناهن ڪندا، ان جا چار مثال پيش آهن: ﴿1﴾ اسان جو سڄو خاندان ئي (يا سڄو ڳوٺ) بد مذهب (گمراه) ٿي ويو

آهي، هڪ مان ئي ٻچيو آهيان (عام طور تي ائين ناهي ٿيندو، وڏا پوڙها، عورتون ۽ ٻار محفوظ هوندا آهن) ﴿2﴾ اسان جا سيئي سرڪاري آفيسر رشوت خور آهن ﴿3﴾ اِليڪٽرِڪ سَپلائي (بجلي) وارا سيئي بَدمَعاش آهن (مَعَاذَ الله) ﴿4﴾ حڪومت ۾ سڀ جو سڀ چور وينا آهن وغيره.

## عيدالاضحيٰ جي موقعي تي ٿيندڙ فُضول سوالن جا 19 مثال

عيدالاضحيٰ جي موقعي تي بنا ڪنهن ضرورت جي ٿيندڙ فضول سُوالن جا 19 مثال ملاحظہ فرمايو: ﴿1﴾ ڳئون ونڻ ڪڏهن ويندين؟ ﴿2﴾ اڄڪلهه تہ ﭘڙي تيز ٿي وئي هوندي! ﴿3﴾ ها ياءُ! ڳئون گهٽي ۾ آندئي؟ ﴿4﴾ يار! ڳئون آهي تہ ڏاڍي مٺاري! ﴿5﴾ گهٽڻ ڏندن واري آهي؟ ﴿6﴾ ٽڪر تہ نہ ٿي هڻي؟ ﴿7﴾ پنڌ ڪاهي آئين يا سُوزوڪي ۾؟ ﴿8﴾ سُوزوڪي واري گهڻو ڪرايو ورتو؟ ﴿9﴾ ڪڏهن ذبح ڪندي؟ ﴿10﴾ ڪاسائي وقت تي آيو يا نہ؟ ﴿11﴾ ڪاسائي ڇُري هلائي هليو ويو پوءِ وري دير سان آيو ﴿12﴾ ها يار! ڪاسائي تہ رڳو ڦاسائين ٿا ﴿13﴾ فلاڻي جي ڳئون ڪاسائيءَ جي هٿان ڇُڙي پئي وئي، ڏاڍو مزو آيو ﴿14﴾ ها يار! ڪاسائي ڇٽ هو (انهن جملن ۾ غيبت، تهمت، دل آزاري، بدگماني ۽ خراب لقب وغيره گناهن جي بدبوءِ شامل آهي، پر جيڪڏهن واقعي ڪاسائي ڇٽ (اڻ ڄاڻ) هجي ۽ جنهن کي ٻڌايو ويو، ان کي ان ڪاسائي کان بچائڻ مقصد هجي تہ ان جملي ۾ ڪو حرج ناهي) ﴿15﴾ اوهان جو ٻڪر گهٽڻ ڏندن جو آهي؟ ﴿16﴾ گهٽي مليو؟ ﴿17﴾ اوهو! ڏاڍو مهانگو مليو آهي ﴿18﴾ هلي بہ سگهي ٿو يا نہ؟ ﴿19﴾ کُهڻ جا گهٽا ورتائين؟ وغيره وغيره

## فون تي فضول ڳالھين جا 5 مثال

فون تي پڻ گھڻو ڪري اجاين سوالن جي ترڪيب ٿيندي رھندي آھي، پنج مثال حاضر آھن: ﴿1﴾ ڇا پيو ڪرين؟ ﴿2﴾ ڪٿي آھين؟ ﴿3﴾ گاڏي ۾ فون آيو تہ سامھون واري کان سوال ٿيندو، تہ ھن وقت اوھان وٽ ڪير ڪير آھي؟ ﴿4﴾ ڪٿان پيو ٿو لنگھين؟ ﴿5﴾ ڪيستائين پھتو آھين؟ وغيره، ھا جيڪي جيڪي سوال ضرورت تحت ڪيا وڃن تہ اھي اجايا نہ چورائبا، پر ڪي سوال ماڻھو کي شرمسَار ڪري ڪوڙ تي مجبور ڪري سگھن ٿا مثال طور: ٿي سگھي ٿو تہ پھرين ٽن سُوالن جا جواب اھو صحيح نہ ڏئي سگھي، ڇو تہ ھو نہ ٿو چاھي تہ ڪنھن کي خبر پئي تہ ڇا ڪري رھيو آھي، ۽ ڪٿي آھي ۽ ان وٽ ڪير ڪير آھي، بس ڪم جي ڳالھ ۽ اھا بہ ضرورت تحت ڪرڻ ۾ ئي ٻنھي جھانن جي عافِيَت آھي.

## ڪوڙ تي مجبور ڪندڙ سوالن جا 14 مثال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪڏھن ڪڏھن ماڻھو اھڙا سوال ڪندا آھن جو جواب ڏيڻ ۾ بي احتياطي ۽ مُروّت جي ڪري ماڻھو ڪوڙ ھڻي سگھي ٿو، جيتوڻيڪ سوال ڪرڻ وارو گنھگار ناھي، پر تڏھن بہ مسلمانن کي گناھن کان بچائڻ جي لاءِ بنا ضرورت جي اھڙن سوالن کان پرھيز ڪرڻ ڪپي. اھڙن سوالن جا 14 مثال حاضر آھن: ﴿1﴾ اسان جو گھر ڳولڻ ۾ ڪا پريشاني تہ نہ ٿي؟ ﴿2﴾ اسان جي گھر جو ڪاڌو توھان کي پسند آيو؟ ﴿3﴾ منھنجي ھٿ جي نھيل چانھن ڪيئن ھئي؟ ﴿4﴾ اسان جو گھر اوھان کي سنو لڳو؟ ﴿5﴾ اسان جي لاءِ دعا ڪندا آھيو يا نہ؟ ﴿6﴾ مان ھيئنر

جيڪو بيان ڪيو، اهو توهان کي ڪيئن لڳو ﴿7﴾ مون جيڪا نعت شريف پڙهي هئي، ان ۾ اوهان کي منهنجو آواز ڪيئن لڳو؟ ﴿8﴾ منهنجي ڳالهه اوهان کي خراب ته نه لڳي؟ ﴿9﴾ منهنجي اچڻ سان توهان کي ڪا تڪليف ته نه ٿي؟ ﴿10﴾ منهنجي ڪري اوهان کي ڪا بوريت ته نه پئي ٿئي؟ ﴿11﴾ مان اچي اوهان جي ڳالهين ۾ خلل ته نه وڌو؟ ﴿12﴾ اوهان مون کان ناراض ته نه آهيو؟ ﴿13﴾ اوهان مون کان خوش ته آهيو نه؟ ﴿14﴾ منهنجي باري ۾ اوهان جي دل ته صاف آهي نه، وغيره وغيره.

## سڀ کان خطرناڪ اَبُوالفُضُول

ڪيئي ماڻهو ته انتهائي عجيب هوندا آهن ڳالهه ڳالهه تي خوامخواه هن قسم جي تائيد طلب ڪندا آهن: ﴿1﴾ ها ڀاءُ! چا سمجهين؟ ﴿2﴾ منهنجي ڳالهه جو مطلب سمجهي ته وئين نه؟ (البته ضرورت تحت شاگردن يا ماتحتن، اُستاد يا بُزُرگ وغيره جو پڇڻ ڪڏهن ڪڏهن ته فائديمند به ٿيندو آهي، ته جيئن ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آيو ته سمجهائي سگهجي. اهڙن موقعن تي سمجهه ۾ نه اچڻ جي صورت ۾ سامهون واري کي ڪپي ته ڪوڙي ها ۾ ها نه ملائي) ﴿3﴾ ڪيئن ڀاءُ! ”نيڪ آهي نه؟“ ﴿4﴾ ”مان غلط ته نه ٿو چوان؟“ ﴿5﴾ ڪهڙو خيال آهي اوهان جو؟ پوءِ ڳالهه ڪٽي لڪين ڀيرا ناقابلِ قبول هجي پر مُروّت ۾ ها ۾ ها ملائي ڪيترائي ڀيرا ڪوڙ هڻڻ جو گناهه ڪرڻو پئجي ويندو آهي. اهڙن اجائي ڳالهين ڪرڻ وارن ماڻهن جي اصلاح جي همّت نه ٿئي ته پوءِ انهن کان پري رهڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، ڇو جو انهن جي گناهن ڀريل ڳالهين ۾ به ها ۾ ها ملائڻ جي ڪري ڪٿي جهنّم ۾ نه داخل ٿيڻو پئجي وڃي! ايتري

تائين ڏنو ويو آهي جو اهڙي قسم جا بکوَاسِي ماڻهو ڪڏهن ته گمراهي جون ڳالهيون بلڪ مَعَاذَ اللّٰه ڪُفر بڪي به عادت مطابق حمايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ”ڪيئن ياءُ صحيح پيو چوان نه؟“ چئي سامهون واري کان ها چورائي، ڪڏهن ڪڏهن ان جو به ايمان برباد ڪرائي ڇڏيندا آهن، ڇو ته هوش ۽ حواس ۾ ڪُفر جي تائيد به ڪُفر ئي آهي. اَلْعِياذُبِاللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ

اے کاش! ضرورت کے سوا کچھ بھی نہ بولوں

اللّٰہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

## فضول ڳالهه ڇا کي چئبو آهي؟

گفتگو ڪندي جتي هڪ لفظ سان ڪم ٿي سگهندو هجي ته اتي وڌيڪ ٻيو لفظ به شامل ڪيو ته اهو ٻيو لفظ فضول آهي، حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سَيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي ”اِحياءُ العُلُوم“ ۾ فرمائن ٿا: جيڪڏهن هڪ لفظ سان ڳالهائڻ واري جو مقصد حاصل ٿي سگهندو هجي ۽ اهو به لفظ استعمال ڪري ته ٻيو لفظ فضول چئبو، يعني حاجت کان وڌيڪ هوندو ۽ جيڪو لفظ حاجت کان وڌيڪ آهي اهو مذموم آهي. (احياءالعلوم ج 3 ص 141)

جيڪڏهن هڪ لفظ سان مقصد حاصل نه ٿئي ته اهڙي صورت ۾ ٻه يا ضرورت مطابق جيترا به لفظ ڳالهايا ويا اهي فضول ناهن، بهرحال فضول ڳالهه ان جملي کي چئبو جيڪو بي فائده هجي. ضرورت، حاجت يا فائدي واري، انهن ٽن درجن مان ڪنهن به درجي جي مطابق جيڪا ڳالهه ڪئي وئي اها فضول ناهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن زينت جي درجي ۾ ڪئي ويندڙ گفتگو به فضول

ناهي هوندي، مثال طور شعر، بيان يا مضمون ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ جي لاءِ ضرورت مطابق مقفيٰ مسجع (يعني قافيہ وارا) **الفاظ** استعمال ڪيا ويندا آهن اهي بہ فضول نہ چورائيندا آهن. ڪڏهن مخاطب (يعني جنهن سان ڳالهايو پئي وڃي ان) جي تفهُّم يعني سمجهڻ جي صلاحيّت کي سامهون رکندي بہ ضرورت مطابق لفظن جي گهٽتائي ۽ زيادتي جي صورت بڻبي آهي، اهو فضول ناهي، تفهيم يعني سمجهائڻ جي اعتبار سان ماڻهن جا ٽي قسم آهن: (1) انتهائي ذهين (2) متوسّط يعني وچين درجي جو ذهين (3) غبي يعني ڪُند ذهن. جيڪو انتهائي ذهين هوندو آهي اهو ڪڏهن ڪڏهن تہ صرف هڪ لفظ سان ڳالهہ جي تہ تائين پهچي ويندو آهي جڏهن تہ وچين درجي واري سمجهہ رکڻ واري کي بغير خلاصي جي سمجهائڻ ڏکيو هوندو آهي، رهيو ڪُند ذهن، ان کي 10 ڀيرا سمجهايو وڃي تڏهن بہ ڪجهہ سمجهي نہ سگهندو آهي. مخاطبين جي ان ورهاست جي مطابق اها ڳالهہ ذهن نشين ڪري وٺو، جيڪو هڪ لفظ ۾ ڳالهہ سمجهي ويو ان کي جيڪڏهن انهي ڳالهہ جي لاءِ ٻيو لفظ بہ چيو وڃي تہ ٻيو لفظ فضول ٿيندو، اهڙي طرح وچولي عقل وارو جيڪڏهن 12 لفظن ۾ سمجهندو آهي تہ ان جي سمجهڻ باوجود انهي ڳالهہ جو تيرهون لفظ يا ان کان وڌيڪ جيڪي لفظ ڳالهايا ويا اهي فضول چئبا، باقي رهيو ڪند ذهن، جيڪڏهن 100 لفظن جي بغير ڳالهہ ان جي ذهن ۾ نہ ٿي ويهي تہ اهي 100 لفظ بہ جيئن تہ ضرورت جي ڪري ڳالهايا ويندا تنهنڪري فضول ڳالهائڻ نہ چئبو. بهرحال جيترن لفظن سان مقصد حاصل ٿي ويندو آهي ان کان جيڪڏهن هڪ لفظ بہ وڌيڪ

www.dawateislami.net

ڳالهايو ويو ته اهو فضول آهي. ها اهو ڪلام جيڪو جائز حق آهي پر بي فائده آهي ان جو هڪ لفظ ڳالهائڻ به فضول ئي چئبو ۽ جيڪڏهن اها ڳالهه ناجائز آهي ته ان جو هڪ لفظ به ڳالهائڻ ناجائز۽ گناهه قرار ڏنو ويندو.

## جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ آخرت تي ايمان رکندو هجي

هي تفصيل ٻڌي تي سگهي ٿو، ڪنهن جي ذهن ۾ هي ڳالهه اچي ته فضول ڳالهه کان بچڻ بيحد مشڪل آهي. همت نه هاريو، ڪوشش جاري رکو، زبان جو قفلِ مدينه لڳائڻ (يعني خاموشي) جي عادت وجهڻ جي لاءِ ممڪن صورت ۾ ڪجهه نه ڪجهه اشاري سان يا لکي ڪري، ڳالهائڻ جي ترڪيب بڻايو، جو نيّت صاف منزل آسان. چوڻي آهي: اَلسَّعْيُ مِنِّیْ وَالْاِتْمَامُ مِنَ اللّٰه يعني ڪوشش ڪرڻ منهنجو ڪم ۽ پورو ڪرڻ وارو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ آهي. خاموشي جي عادت وجهڻ جي لاءِ بخاري شريف جي حديث پاڪ ڪي ياد ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪافي سهولت رهندي. اها حديث شريف هي آهي: مديني جي سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: جيڪو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ آخرت تي ايمان رکندو هجي ان کي گهرجي ڀلائي جي ڳالهه ڪري يا خاموش رهي. (صحيح بخاري ج 4 ص 105 حديث 6018)

## عجيب فضول ڳالهائيندڙ

ڪي ماڻهو پاڻ ته فضول ڳالهائيندڙ هوندا ئي آهن ٻين کي به به ڀيرا ڳالهائڻ تي مجبور ڪندا آهن! غور فرمايو ته اڻ ڄاڻائي ۾ ڪيتي اها غلطي اوهان کان ته نٿي ٿئي! ٻه ڀيرا ڳالهائڻ

تي مجبور ڪرڻ جي صورت اها آهي: مثال طور زيد ڪجھ چوي ٿو تہ بڪر سمجھڻ جي باوجود متوجھ ٿيڻ جي انداز ۾ سواليہ طور متو مٿي ڪٽي اشارو ڪندو آهي ۽ اڪثر زبان مان سواليہ انداز ۾ هي لفظ نڪرندا آهن "هان "؟ جي؟ ڇا؟ ان جي جواب ۾ زيد کي پنهنجي ڳالھ هرويرو دهرائڻي پوندي آهي. سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ کي جيئن تہ ڪن ماڻهن جي ان عادت جو تجربو آهي ان ڪري مخاطب جي "هان، جي" چوڻ تي پنهنجي ڳالھ دهرائڻ بدران اڪثر خاموش ٿي ويندو آهيان ۽ عام طور تي نيٺ وجي اها ڳالھ ٿيندي آهي جو مخاطب (يعني جنهن سان ڳالهايو وڃي ٿو اهو) سمجهي چڪو هوندو آهي! فضول عادتون ڪڍڻ جي لاءِ خوب جدوجهد ڪرڻي پوندي، صرف هڪ بہ پيرا بيان پڙهي يا (تحرير پڙهي) اهڙي عادت نڪري وڃي، اها اميد نہ هجڻ جي برابر آهي. اوهان خوب سوچيو ۽ پنهنجو پاڻ کي ذهني طور تي تيار ڪيو تہ ڪنهن جي ڳالھ ٻڌي هڪدم "هان، ڇا" وغيره نہ چوندس، پوءِ بہ وسري وڃي تہ پنهنجو محاسبو ڪريو.

## گفتگو جو جائزو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڳالهائڻ دؤران بزرگان دين جي احتياط ملاحظہ فرمايو: "منهاج العابدين" ۾ آهي: هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ سُفْيان ثَوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي، انهن پاڻ ۾ گفتگو ڪئي ۽ پوءِ ٻئي رُنا، سَيِّدُنا سُفيان ثَوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: اي ابو علي (اها سَيِّدُنا فُضَيل جي ڪُنيَت آهي) مان اڄ جي صحبت مان گھڻي ثواب جي

اميد رکان ٿو. سَيِّدُنا فُضَيل بِن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: مان اڄ جي ان صحبت کان گهڻو خوفزده آهيان. سَيِّدُنا سُفيان ثَوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيو: ڇو؟ سَيِّدُنا فُضَيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جواب ڏنو: ڇا اسان ٻئي پنهنجي گفتوءَ کي سنواريل نہ پئي ڪيو؟ ڇا اسان تَڪلّف ۾ مبتلا نہ هئاسين؟ سَيِّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهو ٻڌي روئي ڏنو. (منهاج العابدين ص 44)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور جو مقام آهي، انهن نيڪ ٻانهن جي ملاقات رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ۽ انهن جي ڳالهہ ٻولهہ خالص اسلامي هوندي هئي پر انهن جو خوفِ خدا ملاحظ فرمايو! ٻئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمَا اللهُ السَّلَام ان خوف وچان روئي رهيا آهن تہ اسان جي گفتگوءَ ۾ ڪٿي الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني تہ ناهي ٿي. ڪٿي اسان فضول يا بنا ڪنهن سبب جي خوبصورت جملا تہ ناهن ڳالهايا! ان مان اهي ماڻهو سبق حاصل ڪن جيڪي پنهنجي معلومات جو ڌاڪو ويهارڻ جي لاءِ رياڪاري طور اردو ۾ ڳالهائڻ دؤران عربي، فارسي ۽ انگريزي جي مشڪل لفظن، محاورن ۽ مُقفّيٰ جملن جو ڪثرت سان استعمال ڪندا آهن.

خاتم المُرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: جيڪو شخص ان مقصد جي لاءِ ڳالهائڻ ۾ هيرا ڦيري سکي جو ان جي ذريعي ماڻهن جي دلين کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن نہ ان جا فرض قبول فرمائيندو نہ نفل. (سنن ابي داوٗد ج 4 ص 391 حديث 5006)

مُحَقِّق عَلَي الاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين، حضرت علاّمہ شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی ان حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا:

صرفُ الکلام (يعني ڳالهين ۾ هير ڦير) مان مراد اها آهي جو گفتگو ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙ، بناوٽي ڳالهيون رياڪاري جي لاءِ ڪيون وڃن ۽ اِلتِباس ۽ اِبهام (يعني هڪجهڙائي جو شبهو پيدا ڪرڻ جي لاءِ ان ۾ تبديلي ڪئي وڃي. (اشعة اللمعات ج 4 ص 66)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰۃ المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”مديني جي حاضري“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴾1﴿ جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو: ”بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ“ ترجمو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، مون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪيو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوّت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095)

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي.

www.dawateislami.net

﴿2﴾ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡۤ اَسۡئَلُکَ خَیۡرَ الۡمَوۡلَجِ وَخَیۡرَ الۡمَخۡرَجِ بِسۡمِ اللّٰہِ وَلَجۡنَا وَبِسۡمِ اللّٰہِ خَرَجۡنَا وَعَلَی اللّٰہِ رَبِّنَا تَوَکَّلۡنَا۔ (ايضًا حديث 5096)

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کان داخل ٿيڻ جي ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، اللهعَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار اللهعَزَّوَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو (دعا پڙهڻ کان پوءِ گهر وارن کي سلام ڪري، پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ سوره اِخلاص شريف پڙهي. ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو.

﴿3﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرِمات (مثال طور ماءُ، ڀيڻ، پيءُ، ڀاءُ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو.

﴿4﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ جي بغير مثال طور بِسۡمِ اللّٰہِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي.

﴿5﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (چاهي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَیۡنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰہِ الصّٰلِحِیۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهيءَ سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هيئن چوي: اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ اَیُّھَاالنَّبِیُّ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (يعني يا نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان تي سلام) ڇوتہ حضور اقدسصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118)

﴿6﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَیۡکُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟

﴿7﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ

اجازت نہ ڏني هجي.

﴿8﴾ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو کڙڪائي تہ سنّت اها آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهرين کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهي موقعي تي ”مدينہ!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي.

﴿9﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي.

﴿10﴾ ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن تنهنڪري بالڪوني وغيره مان جهاتي پائڻ وقت ان ڳالھ جو خيال رکڻ گهرجي تہ انهن جي گهرن ۾ نظر نہ پوي.

﴿11﴾ ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتان جي انتظامات تي اجائي تنقيد نہ ڪريو، ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي.

﴿12﴾ واپسيءَ تي گهروارن جي حق ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگهي تہ ڪو سنّتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

بيان 10

# كراماتِ عثمانِ غني

(۽ ٻيون حڪايتون)

تخريج شده

- پر اسرار معذور
- امورخير جي لاءِ چندو ڪرڻ سنت آهي
- عثماني غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي ڪرم
- ڪرامت جي تعريف
- شهادت کان پوءِ غيبي آواز
- گستاخ کي وحشي جانور ڦاڙي ڇڏيو
- مصافحي جون سنتون ۽ آداب

پنو اٿلايو...

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ڪراماتِ عثمانِ غني* (۽ ٻيون حڪايتون)

شيطان ڀلي ڪيترو ئي سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهي وٺو، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي دل ۾ صحابہ جي عظمت وڌندي.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ منوّره، سردار مڪّہِ مڪرّمہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان برڪت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهٻراهٽن) ۽ حساب ڪتاب مان جلدي نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.

(الفردوس بماثور الخطاب ج 5 ص 277 حديث 8175)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پُراَسرار مَعذور

حضرت سَيِّدُنا ابو قِلابہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو بيان آهي مون ملڪِ شام ۾ هڪ ماڻهو ڏٺو جيڪو هر هر هي صدا لڳائي رهيو هو:

---

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (باب المدينہ) ڪراچي ۾ ٿيڻ واري (20ذوالحجة الحرام1429هـ 2008ع) جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو جيڪو ترميم ۽ اضافي سان شايع ڪيو ويو. (مجلس مڪتبة المدينہ)

”هاءِ افسوس! منهنجي لاءِ جهنّم آهي“. مان اُٿي ان ڏانهن ويس تہ هي ڏسي حيران ٿي ويس تہ ان جا ٻئي هٿ پير ڪٽيل آهن، ٻنهي اکين کان انڌو آهي ۽ منهن پر زمين تي اونڌو پيل آهي، هر هر ائين چئي رهيو آهي: ”هاءِ افسوس! منهنجي لاءِ جهنم آهي.“ مون ان کان پڇا ڪئي: اي شخص! تون ائين ڇو ۽ ڇا جي ڪري ٿو چوين؟ اهو ٻڌي ان چيو: اي شخص! منهنجو حال نہ پُڇ، مان انهن بدنصيبن مان آهيان جيڪي اميرُ الْمُؤمِنِين حضرت سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي شهيد ڪرڻ لاءِ سندن گهر ۾ داخل ٿيا هئا، مان جڏهن تلوار کڻي ويجهو پهتس تہ سندن گهرواريءَ مون کي دڙڪا ڏيڻ لڳي تہ مون ڪاوڙ ۾ بيبي صاحبہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي ٿڦ هنئي! اهو ڏسي اميرُ الْمُؤمِنِين حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هي دعا گهري: ”اللّٰه تعالیٰ تنهنجا ٻئي هٿ ۽ ٻئي پير ڪٽي، تو کي اَنڌو ڪري ۽ تو کي جهنم ۾ داخل ڪري“. اي شخص! اميرُ الْمُؤمِنِين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي جلال واري چهري کي ڏسي ۽ انهن جي غضبناڪ دعا ٻُڌي منهنجي بدن جي لونءَ لونءَ ڪاندارجي وئي ۽ مان خوف وچان ڏڪندي اتان ڀڄي نڪتس. آئون اَميرُالْمُؤمِنِين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي چئن دعائن مان ٽن دعائن جي پڪڙ ۾ اچي چڪو آهيان، توهان ڏسي رهيا آهيو تہ منهنجا ٻئي هٿ ۽ ٻئي پير ڪٽجي چڪا ۽ اکيون بہ انڌيون ٿي چڪيون آهن، هاءِ! هاڻي صرف چوٿين دعا يعني منهنجو جهنّم ۾ داخل ٿيڻ باقي رهجي ويو آهي. (الرياض النضرة للمحب الطبري ج 3 ص 41)

دو جہاں میں دشمنِ عثمان، ذلیل و خوار ہے
بعد مرنے کے عذابِ نار کا حقدار ہے

www.dawateislami.net

# ڪُنّيَت ۽ لَقَب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** 18 ذُوالحِجَّةُ الحرام 35 سن هجري تي الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مکي مدني صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جليلُ القدر صَحابي، عُثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ نِهايَت مَظلوميّت سان شهيد ڪيا ويا. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ خُلفاءِ راشِدين (يعني حضرت سَيِّدُنا ابوبکر صديق، حضرت سَيِّدُنا عمر فاروق، حضرت سَيِّدُنا عثمانِ غني، حضرت سَيِّدُنا علي المرتضيٰ رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) مان ٽيان خليفا آهن. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڪُنيت "ابو عَمرو" ۽ لقب جامِعُ القرآن آهي، پڻ هڪ لقب "ذُوالنُّورَين" (يعني ٻن نورن وارو) آهي، ڇوته الله غفور عَزَّوَجَلَّ جا نور، آقا حُضور، شافِعِ يومُ النُّشور، شاهِ غَيور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجون ٻه شهزاديون هڪٻئي پٺيان حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي نِڪاح ۾ ڏنيون هيون.

نُور کی سرکار سے پایا دو شالہ نُور کا
ہو مبارک تم کو ذُوالنورَین جوڑا نور کا (حدائقِ بخشش شریف)

پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اسلام جي آغاز ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي "صاحبُ الهِجرَتين" (يعني ٻن هجرتن وارو) به چيو وڃي ٿو ڇوته پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پهرين حَبشه ۽ پوءِ مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ڏانهن هجرت فرمائي.

# ٻه ڀيرا جنّت خريد ڪيائون

اَميرُ المؤمِنين حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو شان تمام بلند ۽ بالا آهي، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي زندگي مبارڪ ۾

نبي رَحمَت، شفيعِ اُمت، مالڪِ جنّت، تاجدار نُبُوَّت، شهنشاهِ رِسالتّ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ہ پيرا جنّت خريد ڪئي هئائون، هڪ پيري ”بِيرِ رُومہ“ يهودي کان خريد ڪري مسلمانن جي پاڻي پيئڻ لاءِ وقف ڪري، ۽ ٻئي پيري ”جيش عُسرت“ جي موقعي تي. جيئن تہ ”سُنَنِ تِرمذي“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا عبدالرحمٰن بن خَبَّاب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: مان بارگاهِ نبوي عَلٰى صَاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ حاضر هئس ۽ حضور اڪرم، نورِ مُجَسَّم، رسولِ محتَرم، رحمتِ عالَم، نبيِّ مُحتَشم، سراپا جود و ڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ”جيش عُسرت“ (يعني غزوه تَبوڪ) جي تياري لاءِ ترغيب ارشاد فرمائي رهيا هئا. حضرت سَيِّدُنا عثمان بن عفّان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اٿي بيهي عرض ڪيو: يا رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻلاڻ ۽ ٻئي سامان سميت سؤ اُٺ منهنجي ذمي آهن.

حضور سراپا نور، فيضِ گنجور، شاهِ غيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيهر اُٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سموري سامان سميت ٻہ سؤ اُٺ حاضر ڪرڻ منهنجي ذميداري آهي، ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان سموري سامان سميت ٽي سؤ اُٺ پنهنجي ذمي قبول ڪيان ٿو.

راوي فرمائن ٿا: مون ڏٺو تہ حضورِ اَنور، مديني جا تاجوَر، شافِعِ مَحشر، بِاِذنِ ربِّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوب داوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هي ٻُڌي مِنبرِ مُنَوَّر ڪان هيٺ تشريف فرما ٿي ٻه ڀيرا فرمايو: ”اڄ ڪان عثمان (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ) جيڪو ڪجھ ڪري ان تي مُواخَذو (يعني پڇا ڳاڇا) ناهي.“ (ترمذي ج 5 ص 391 حديث 3720)

اِمامُ الاَ سخياء! ڪردو عطا جذبہ سخاوت ڪا!
نڪل جائے ہمارے دل سے حُبِّ دولتِ فانی
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 950 اُٺ ۽ 50 گھوڙا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ ڏٺو ويو آهي ڪجھ ماڻھو هڪ ٻئي ڪي ڏَسي جذبات ۾ اچي چندو لکرائيندا تہ آهن پر جڏهن ڏيڻ جو وارو ايندو آهي تہ انهن کي ڏيڻ ڏکيو لڳندو آهي، ۽ ايستائين جو ڪي تہ ڏيندا بہ ناهن! پر قربان وڃجي محبوبِ مصطفيٰ، سيّدُ الاَسخِياء، عثمان باحيا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي جُود ۽ سَخا تان، جو پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي اعلان کان وڌيڪ چندو پيش ڪيو. جيئن مُفسّر شهير، حڪيمُ الأمت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحمةُ الحَنّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: خيال رهي اهو تہ سندن جو اعلان هو پر حاضر ڪرڻ مهل پاڻ 950 اُٺ، 50 گھوڙا ۽ 1000 اشرفيون پيش ڪيون، ۽ بعد ۾ 10 هزار اشرفيون وڌيڪ پيش ڪيون (مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا) خيال رهي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ پھرين ڀيري هڪ سؤ جو اعلان ڪيائون، ٻئين ڀيري 100 اُٺَن کان علاوه 200 جو، ٽئين ڀيري وڌيڪ 300 جو، ڪُل 600 اُٺَ (پيش ڪرڻ) جو اعلان ڪيائون.

(مِراة المناجيح ج 8 ص 395)

www.dawateislami.net

مجھے گر مل گیا بحرِ سخا کا ایک بھی قطرہ
مرے آگے زمانے بھر کی ہوگی ہیچ سلطانی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ ڪمن جي لاءِ چندو ڪرڻ سنّت آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪجھ نادان ديني ڪمن لاءِ چندي ڪرڻ کي بُرو سمجھندا آھن ۽ ان کان روڪيندا آھن، ياد رکو! بنا ڪنھن شرعي سبب جي ھن نيڪ ڪم کان روڪڻ شرعاً منع آھي. منھنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اھلسنّت مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحي 127 تي ھڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: نيڪ ڪمن جي لاءِ مسلمانن کان اھڙي طرح چندو ڪرڻ بِدعت ناھي بلڪ سنت مان ثابت آھي جيڪي ماڻھو ان کان روڪين ٿا (اھي) مَنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ (ترجمو ڪنزالايمان: خير کان گھڻو روڪڻ وارو حد کان لنگھندڙ گنھگار) ۾ داخل ٿين ٿا.

حضرت سَيِّدُنا جرير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي: ڪي (ماڻھو) پيرين اگھاڙين، ننگي بدن صرف ھڪ چادر ڪفن وانگر ڦاڙي ڳچي ۾ پائي، حُضُورِ پُرنور، سيّدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا. حضور پُر نور، رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انھن جي محتاجي (يعني غُربت) ڏٺو تہ چھري مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو، بلال (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ) کي اذان جو حڪم ڏنائون، نماز کانپوءِ خطبو ارشاد فرمايائون، مبارڪ آيتن

جي تلاوت ڪان پوءِ ارشاد فرمايائون: ڪو شخص پنهنجي اشرفي سان صدقو ڪري، ڪو رُوپئي سان، ڪو ڪپڙي سان، ڪو پنهنجي ٿوري اَناج سان، ڪو پنهنجي ٿورن ڇوهارن سان، ايستائين فرمايائون: ”پلي ڪٽي اڌ ڇوهارو هجي.“ ان ارشاد گرامي (يعني چندو ڏيڻ جي ترغيب) کي ٻُڌي هڪ انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پيسن جو ٿيلهو کڻي آيو جنهن کي کڻڻ جي ڪري سندن هٿ ٿڪجي پيا، پوءِ ماڻهو لڳيتو صدقا آڻڻ لڳا ايستائين جو ٻه اَنبار (ڍير) کاڌي ۽ ڪپڙي جا ٿي ويا، ايستائين جو مون ڏٺو ته رسول **الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مبارڪ خوشي جي ڪري ڪُندن (يعني خالص سون) وانگر چمڪڻ لڳو ۽ ارشاد فرمايائون: ”جيڪو شخص اسلام ۾ ڪا سٺي راهه ڪڍي، ان لاءِ ان جو ثواب آهي ۽ ان ڪان پوءِ جيترا ماڻهو ان راهه تي عمل ڪندا سڀني جو ثواب ان (سٺي راهه ڪڍڻ واري) لاءِ آهي بغير ان جي جو ان (عمل ڪرڻ وارن) جي ثوابن ۾ ڪا گهٽتائي ٿئي.“ (صحيح مسلم ص 508 حديث 1017) (چندي جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبة المدينه جو 83 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”چندي جي باري ۾ سوال جواب“ جو مطالعو ڪيو.)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عثمانِ غني جو اتّباع رسول

امير ُالمؤمِنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ زبردست عاشق رسول بلڪ عشقِ مصطفيٰ جو عملي نمونو هئا. پنهنجي قول ۽ فعل ۾ محبوب ربِ ذُوالجلال صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون تمام گهڻيون سنتون ۽ ادائون اپنائيندا هئا، جيئن ته هڪ ڏينهن

حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجد جي دروازي تي ويهي، ٻڪري جي ران وارو گوشت گهرائي کاڌو ۽ بغير تازي وضو جي نماز ادا ڪيائون پوءِ فرمايائون ته رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به انهيءَ جڳهه تي ويهي اهوئي کاڌو هو ۽ اهڙي طرح ڪيو هئائون. (مسند امام احمد بن حنبل ج 1 ص 137 حديث 441)

حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ڀيري وُضو ڪندي مُسڪرائڻ لڳا! ماڻهن سبب پڇيو ته فرمايائون: مون هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انهيءَ جڳهه تي وُضو ڪرڻ کان پوءِ مُسڪرائيندي ڏٺو هو. (ايضاً ص 130 حديث 415 ملخّصاً)

وُضو کرکے خنداں ہوئے شاہِ عثماں کہا: کیوں تبسُّم بھلا کر رہا ہوں؟
جوابِ سُوالِ مخاطَب دیا پھر کسی کی ادا کو ادا کر رہا ہوں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## کاڌي ۾ مثالي سادگي

حضرت سَيِّدُنا شُرَحبِيل بن مسلم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي امير المؤمنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ماڻهن کي اميرن وارو کاڌو کارائيندا هئا ۽ پاڻ گهر وڃي سِرڪي ۽ زيتونن تي گذارو ڪندا هئا. (الزُّهد للامام احمد ص 155 حديث 684)

## ڪڏهن ساڄو هٿ شرمگاهه کي نه لڳايائون

امير المؤمنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: جنهن هٿ سان مون رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ

www.dawateislami.net

تي بيعت ڪئي اهو (يعني ساڄو هٿ) پوءِ مون ڪڏهن بہ پنهنجي شرمگاهہ کي ناهي لڳايو. (ابن ماجہ ج 1، ص 198، حديث 311)

حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون نہ ڪڏهن جاهليت جي زماني ۾ بدڪاري ڪئي ۽ نہ ئي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ. (حلية الاولياء ج 1، ص 99)

## بند ڪمري ۾ بہ عجيب شرم ۽ حيا

حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی امير المؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شرم ۽ حيا جي شدت بيان ڪندي فرمايو: ”جيڪڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪنهن ڪمري ۾ هجن ۽ ان جو دروازو بہ بند هجي تڏهن بہ غسل ڪرڻ لاءِ ڪپڙا نہ لاهيندا هئا ۽ حيا جي ڪري چيلهہ سڌي بہ نہ ڪندا هئا.“

(حلية الاولياء ج 1، ص 94 حديث 159)

## هميشہ روزا رکندا هئا

امير المؤمنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هميشہ نفلي روزا رکندا هئا ۽ رات جي ابتدائي حصي ۾ آرام فرمائي رات جي باقي حصي ۾ عبادت ڪندا هئا. (مصنف ابن ابي شيبہ ج 2، ص 173)

## خادم کي تڪليف نہ ڏيندا هئا

پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تواضُع (يعني عاجزي) جو هي حال هو جو رات جو تَهَجُّد جي لاءِ اٿندا هئا ڪو سڄاڳ نہ هوندو هو تہ پاڻ ئي وضو جو بندوبست ڪندا هئا ۽ ڪنهن کي جاڳائي ان جي ننڊ ۾ رخنو نہ وجهندا هئا. جيئن تہ امير المؤمنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن رات جو تَهَجُّد لاءِ اٿندا هئا تہ وضو جو پاڻي

پاڻ ئي ڪٽندا هئا. عرض ڪيو ويو: پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چو تڪليف ڪندا آهيو، خادم کي حڪم فرمائيندا ڪيو. فرمايائون: نہ رات انهن جي آهي ان ۾ آرام ڪندا آهن. (ابن عساکر ج 39 ص 236)

## ڪاٺين جي پري ڪٽي اچي رهيا هئا

امير المؤمنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ پيري پنهنجي باغ مان ڪاٺين جي پري ڪٽي اچي رهيا هئا حالانڪ ڪيترائي غلام بہ موجود هئا. ڪنهن عرض ڪيو: اوهان هي پري پنهنجي غلامن کان چو نہ تا ڪڻايو؟ فرمايائون: ڪڻائي تہ سگهان پيو پر مان پنهنجي نفس کي آزمائي رهيو هئس تہ ان کان عاجز تہ ناهي يا انهيءَ کي ناپسند تہ نہ ٿو ڪري! (اللمع ص 177)

## مون توهان جو ڪَن مَروڙيو هو

حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي هڪ غلام کي فرمايو: مون هڪ ڀيري توهان جو ڪن مروڙيو هو ان ڪري توهان مون کان ان جو بدلو وٺو. (الرياض النضرة ج 3، ص 45)

## قبر ڏسي سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ زار و قطار روئندا هئا

امير المؤمنين، جامع القرآن، حضرت سَيِّدُنا عُثمان ابن عفان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ قطعي جنّتي هئڻ جي باوجود بہ قبر جي زيارت جي موقعي تي ڳوڙها نہ روڪي سگهندا هئا. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 695 صفحن تي مشتمل ڪتاب "الله والوں کی باتیں" (جلد اول) جي صفحي 139 تي آهي: امير المؤمنين، حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن

ڪنهن قبر وٽ بيهندا هئا تہ ايتري قدر روئندا هئا جو ڳوڙهن سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي رِيش (يعني ڏاڙهي) مبارڪ پُسي ويندي هئي. (ترمذي ج 4 ص 138 حديث 2315)

## ...تہ مان هي پسند ڪندس تہ خاڪ ٿي وڃان

حضرت سَيِّدُنا عُثمان غنيرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: ”جيڪڏهن مون کي جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ بيهاريو وڃي پر مون کي هي خبر نہ هجي تہ مون کي ڪهڙي طرف وڃڻ جو حڪم ٿيندو تہ مان هي پسند ڪندس تہ خاڪ ٿي وڃان، ان کان پهريان جو مون کي ڪنهن طرف وڃڻ جو حڪم ڏنو وڃي.“

(الزهد للامام احمد ص 155 حديث 686)

قطعي جنّتي هجڻ جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ خوفِ خدا کان عاجز ٿي هي فرمايو. ان ارشاد ۾ اللّٰہ تعالیٰ جي خفيہ تدبير کان خوف جو اظهار آهي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مون کي جنت بدران جهنم وڃڻ جو حڪم ڏنو وڃي، تنهن ڪري عذابِ دوزخ جي ڊپ کان خاڪ ٿيڻ کي پسند ڪيائون.

ڪاش! ايسا ہو جاتا خاک بن کے طيبہ کی
مصطفٰے کے قدموں سے میں لپٹ گیا ہوتا
(وسائل بخشش شريف ص257)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آخرت جو فڪر دل ۾ نور پيدا ڪندو آهي

حضرت سَيِّدُنا عُثمان ابن عفان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائيندا آهن: دنيا جو فڪر دل ۾ انڌيرو، جڏهن تہ آخرت جو فڪر نور پيدا ڪندو آهي. (المنبهات ص 4)

## عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي ڪرم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مڪي مدني جا سلطان، رحمت عالميان، محبوب رحمٰن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جامِعُ القران، حضرت سَيِّدُنا عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ تي بيحد ۽ بي انتها مهربان هئا. انهي باري ۾ هڪ واقعو ملاحظ فرمايو: جيئن حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن سلام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته جن ڏينهن باغين حضرت سَيِّدُنا عثمان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي گهر مبارڪ جو گهيرو ڪيو هو، سندن جي گهر ۾ پاڻي جو هڪ ڦڙو به نه پئي وڃڻ ڏنو ويو ۽ حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اُڃ جي سختي کان تڙپي رهيا هئا، مان ملاقات لاءِ حاضر ٿيس ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ان ڏينهن روزو رکيو هيائون، مون کي ڏسي فرمائڻ لڳا: اي عبدالله بن سلام (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) مون اڄ رات ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان، مديني جي سلطان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي انهيءَ روشندان ۾ ڏٺو. سلطانِ زمانه، رسولِ يگانه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڏي شفقت ڀري لهجي ۾ ارشاد فرمايو: "اي عثمان (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ)! انهن ماڻهن پاڻي بند ڪري اوهان کي اُڃ جي ڪري بيقرار ڪري ڇڏيو آهي؟" مون عرض ڪيو: جي ها، ته پوءِ جلدي پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏول مون ڏانهن لٽڪايو، جيڪو پاڻي سان ڀريل هو، مون ان مان ڍؤ ڪري پيتو، اجا تائين ان پاڻي جي ٿڌاڻ پنهنجي ٻنهي ڇاتين ۽ ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان، پوءِ حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسّم، شاهِ بني آدم، شافعِ اُمَم، سراپا جُود و ڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: اِنْ شِئْتَ نُصِرْتَ عَلَيْهِمْ وَاِنْ شِئْتَ اَفْطَرْتَ عِنْدَنَا "يعني جيڪڏهن اوهان جي

خواهش هجي ته انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ اسان توهان جي مدد ڪيون ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو ته اسان وٽ اچي روزو افطار ڪيو.“ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربارِ پُر اَنوار ۾ حاضر ٿي روزو افطار ڪرڻ مون کي وڌيڪ پسند آهي. حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن سلام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: مان ان ڪان پوءِ اجازت وٺي موٽي آيس ۽ انهيءَ ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي باغين شهيد ڪري ڇڏيو. (ڪتاب المنامات مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 3 ص 74 رقم 109)

حضرت علامه جلال الدّين سُيُوطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل ڪن ٿا ته حضرت علامه ابن باطِيش رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه (مُتَوَفّٰي 655 ھ) ان مان اهو سمجهندا آهن ته (سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ديدار وارو) هي واقعو خواب ۾ نه بلڪ بيداري جي حالت ۾ پيش آيو.

(الحاوي للفتاويٰ للسيوطي ج 2 ص 315)

ڪئی دن تک رہے محصُور ان پر بند تھا پانی
شہادت حضرتِ عثمان کی بے شک ہے لاثانی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيڪسن جو سهارو اسان جو نبي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهيءَ حڪايت مان معلوم ٿيو ته سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا سيئي حالات ظاهر ۽ واضح هئا. گڏوگڏ هي به معلوم ٿيو ته اسان جا مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بيڪسن جا مددگار ﷺ آهن تڏهن ته فرمايائون: اِنۡ شِئۡتَ نُصِرۡتَ عَلَيۡهِمۡ ”يعني جيڪڏهن تنهنجي خواهش هجي ته انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ تنهنجي مدد ڪيان.“

غمزدوں کو رضاؔ مژدہ دیجے کہ ہے
بیکسوں کا سہارا ہمارا نبی (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رتو چاڙنا منظور

حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جي بي مثال صبر ۽ تَحَمُّل تان قربان! جو شهادت جو جام ته پيتائون پر مديني شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا ۾ مسلمانن جو رت وهائڻ پسند نه فرمايائون، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي گهر مبارڪ جو گهيراءُ ٿيو ۽ پاڻي بند ڪيو ويو، جان نثارن، گهر ۾ حاضر ٿي باغين سان مقابلي جي اجازت گهري پر پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جا غلام هٿيار کڻي اجازت جي لاءِ حاضر ٿيا ته فرمايائون: جيڪڏهن اوهان منهنجي خوشنودي چاهيو ٿا ته هٿيار ڦٽا ڪيو ۽ ٻُڌو! توهان مان جيڪو غلام هٿيار ڦٽا ڪندو مون ان کي آزاد ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! رتوچاڻ کان پهرين منهنجو قتل ٿيڻ مون کي وڌيڪ پسند آهي، بمقابل جي جو رتوچاڻ کان پوءِ قتل ڪيو وڃان. (نهاية الارب في فنون الادب للنويري ج 3 ص 7)

يعني منهنجي شهادت لکجي چڪي آهي ۽ نبي غيب دان، رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ان جي بشارت ڏني آهي. حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ پنهنجي غلامن کي فرمايو:

www.dawateislami.net

”جيڪڏهن اوهان جنگ ڪئي تڏهن بہ منهنجي شهادت ضرور ٿي ٿيندي.“ (تحفہ اثنا عشريہ ص 327)

جو دل کو ضیاء دے جو مقدّر کو جِلا دے
وہ جلوۂ دیدار ہے عثمانِ غنی کا

## حَسنَين ڪرِيمَين پھرو ڏنو

مولاءِ ڪائنات، مولا مشڪل ڪشا، شيرِخدا، عليُّ المُرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان بيحد محبت ڪندا هئا. نازڪ حالات ڏسي پاڻ پنهنجي ٻنهي شهزادن حَسنَين ڪرِيمَين يعني امام حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کي فرمايائون: توهان ٻئي پنهنجون تلوارون کڻي حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي دروازي تي وڃي پھرو ڏيو، قضاءِ الٰهي جڏهن غالب آئي ۽ حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت ٿي تہ مولاءِ ڪائنات، مولا مشڪل ڪشا، شير خدا، عليُّ المُرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي سخت صدمو پھتو ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ پڙهي.

خدا بھی اور نبی بھی خود علی بھی اُس سے ہیں ناراض
عَدُو اُن کا اُٹھائے گا قِیامت میں پریشانی (وسائلِ بخشش ص 497)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گستاخ پيولو ٻڏجي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان بُغض ۽ عَداوت رکڻ دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان ۽ تباهي جو سبب آهي. جهڙي

طرح عارف بالله سَيِّدُنا نورالدين عبدالرحمٰن جامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِی پنھنجي مشھور ڪتاب شَواهِدُالنُّبُوَّة ۾ نقل ڪن ٿا: 3 شخص يمن ڪان سفر تي نڪتا انھن مان ھڪ ڪوفي (يعني ڪوفي جو رھاڪو) ھو جيڪو شَيخَين ڪرِيمَين (حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھُمَا) جو گستاخ ھو، ان ڪي سمجھايو ويو پر اھو نہ مُڙيو، جڏھن اھي ٺئي يمن جي ويجھو پھتا تہ ھڪ جڳھ تي ترسيا ۽ سُمھي پيا، جڏھن اتان رواني ٿيڻ جو وقت آيو تہ انھن مان ٻن ڄڻن اُٿي وضو ڪيو ۽ پوءِ ان گستاخ ڪوفي ڪي جاڳايائون، اھو اٿي چوڻ لڳو: افسوس! مان توھان ڪان ان منزل ۾ پوئتي رھجي ويو آھيان توھان مون ڪي بالڪل انھي وقت سُجاڳ ڪيو جڏھن شھنشاھِ عَجم و عرب، محبوبِ ربّ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منھنجي سيراندي تشريف فرما ٿي ارشاد فرمائي رھيا ھئا: ”اي فاسِق! الله عَزَّوَجَلَّ فاسق ڪي ذليل ۽ خوار ڪندو آھي، انھيءَ سفر ۾ تنھنجي شڪل بدلجي ويندي.“ جڏھن اھو گستاخ اُٿي وضو ڪرڻ لاءِ وينو تہ ان جي پيرن جون آڱريون مَسخ ٿيڻ (يعني بِگڙڻ) شروع ٿي ويون، پوءِ ان جا ٻئي پير پولي جي پيرن جيان ٿي ويا، پوءِ گوڏن تائين پولي وانگر ٿي ويو، ايستائين جو ان جو سڄو بدن پولي وانگر ٿي ويو ان جي ساٿين ان پولي جيان گستاخ ڪي پڪڙي اُٺ جي پَلاڻ سان ٻَڌي ڇڏيو ۽ پنھنجي منزل ڏانھن ھلڻ لڳا، سج لھڻ مھل اھڙي جھنگ ۾ پھتا جتي ڪجھ پولا جمع ھئا. جڏھن ان انھن ڪي ڏٺو تہ مُضطَرب (يعني بيتاب) ٿي رسي ڇڏائي انھن سان وڃي مليو، پوءِ سيئي پولا انھن جي ويجھو آيا تہ اھي خوفزده ٿيا، پر انھن ھن ڪي ڪا تڪليف نہ ڏني ۽ اھو پولي نُما گستاخ انھن ٻنھي

وٽ ويھي رھيو ۽ انھن کي ڏسي لُڙڪ وھائيندو رھيو، ھڪ ڪلاڪ کان پوءِ جڏھن پولا واپس ويا تہ ھو بہ انھن سان گڏ ھليو ويو. (شواھد النبوة ص 203)

ہم اُن کی یاد میں دھومیں مچائیں گے قیامت تک
پڑے ہو جائیں جل کے خاک سب اعدائے عثمانی (وسائل بخشش ص498)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوھان ڏٺو! شيخين ڪرِيمَين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جو گستاخ پولو ٻڌجي ويو. ڪنھن ڪنھن کي ھن دنيا ۾ بہ سزا ڏئي ماڻھن جي لاءِ عبرت جو نمونو بڻايو ويندو آھي تہ جيئن ماڻھو ڊڄن، گناھن ۽ گستاخين کان بچن، اللّٰہ تعاليٰ اسان کي صحابہ ڪرام ۽ اھلبيت عِظام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان سان محبت ڪرڻ وارن ۾ رکي.

ہم کو اصحابِ نبی سے پیار ہے ان شاءَاللہ اپنا بیڑا پار ہے
ہم کو اہلبیت سے بھی پیار ہے ان شاءَاللہ اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايمان تي خاتمو

حضرت سَيِّدُنا عبداللّٰہ اِبْن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان روايت آھي: سرڪارِ والاتبار، اسان بيڪسن جا مددگار، شفيع روز شمار، ٻنھي جھانن جا مالِڪ و مختار، حبيب پَرْوَرْدگار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ھڪ فِتني جو ذڪر ڪيو ۽ حضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي لاءِ فرمايو ھئائون تہ ھي ان ۾ ظلماً شھيد ڪيا ويندا.

(ترمذي ج 5 ص 395 حديث 3728)

www.dawateislami.net

مُفسّرِ شَهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: هن ارشاد ۾ ڪجهه غيبي خبرون آهن، حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وِصال جي تاريخ، سندن جي وفات جي جڳهه، سندن جي وفات جي نوعيت تہ شهيد ٿي ڪري ٿيندي، سندن جو ايمان تي خاتمو ڇوتہ شهادت جي لاءِ اسلام تي موت ضروري آهي، هي آهي حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو علم غيب. (ملخص از مراة ج 8 ص 403)

جس آئینے میں نورِ الٰہی نظر آئے
وہ آئینہ رُخسار ہے عثمانِ غنی کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدنگاهي جي خبر پئجي وئي

حضرت علاّمہ تاجُ الدّين سُبڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی پنهنجي ڪتاب ”طَبقَات“ ۾ لکن ٿا: هڪ شخص واٽ تان گذرندي ڪنهن عورت کي بُري نگاهہ سان ڏٺو پوءِ جڏهن اهو اميرُالمُؤمِنين حضرت سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمتِ باعظمت ۾ حاضر ٿيو تہ حضرتِ اميرُالمُؤمِنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ نهايت جلال سان پريل لهجي ۾ فرمايو: توهان اهڙي حالت ۾ منهنجي سامهون اچو ٿا جو توهان جي اکين ۾ زِنا جا اثر هوندا آهن! ان شخص چيو: ڇا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ هاڻي اوهان تي بہ وحي نازل ٿيڻ لڳي آهي؟ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي اها ڪيئن خبر پئي جو منهنجي اکين ۾ زِنا جا اثرات آهن؟ ارشاد فرمايائون: مون تي وحي تہ نازل ناهي ٿيندي پر مون جيڪو ڪجهه چيو اها بلڪل سچي ڳالهہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ

الله ربُ العزّت مون کي اهڙي فِراست (نوراني بصيرت) عطا فرمائي آهي جنهن سان مان ماڻهن جي دلين جا حالات ۽ خيالات ڄاڻي وٺندو آهيان. (طبقات الشافعية الڪبرىٰ للسبڪي ج 2 ص 327 وغيره)

## اکين ۾ پگهريل شيهو

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اهلِ بصيرت ۽ صاحبِ باطن هئا تنهنڪري پاڻ پنهنجي ڪرامت واري نگاهه سان ان شخص جي اکين ذريعي ڪيل گناهه ملاحظ فرمائي ان کي اکين جو زناڪار قرار ڏنو، بيشڪ اَجْنَبِيه يعني نامَحْرَمَ جو جنهن سان شادي هميشه جي لاءِ حرام نہ هجي ان ڏانهن بلا اجازت شرعي نظر ڪرڻ وڏي جُرئت آهي. منقول آهي: جيڪو شخص شهوت سان ڪنهن غير عورت جي حُسن ۽ جَمال کي ڏسندو قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ شيهو ڳاري وڌو ويندو. (هِدايه ج 4 ص 368)

## مختلف عُضون جو زنا

مڪّي مديني جي تاجدار، محبوبِ رَبّ غفّار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: ”اکين جو زنا ڏسڻ، ڪنن جو زنا ٻُڌڻ، زبان جو زنا ڳالهائڻ، هٿن جو زنا پڪڙڻ ۽ پيرن جو زنا وڃڻ آهي.“ (مسلم ص 1428 حديث 21-(2657)) مُحَقِّق عَلَي الاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين، حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: اکين جو زنا بدنگاهي، ڪنن جو زنا حرام ۽ فحش ڳالهين جو ٻُڌڻ، زبان جو زنا حرام ۽ بي

حيائي جي گفتگو ۾ پيرن جو زنا ٻُرن ڪمن ڏانهن وڃڻ آهي.
(اشعة اللمعات ج 1 ص 100)

## اکين ۾ باهہ ڀري ويندي

بدنگاهي کان بچڻ بيحد ضروري آهي نہ تہ خدا جو قسم! عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو. منقول آهي: جيڪو پنهنجن اکين کي حرام نظر سان ڀريندو قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باهہ ڀري ويندي.
(مُڪاشفةالقلوب ص 10)

## باهہ جي سَرائي

فِلمون ڊراما ڏسڻ وارن، غير مَحرَمن ۽ اَمرَدن (خوبصورت ڇوڪرن) کي بدنگاهي سان ڏسڻ وارن لاءِ گهٽتي جو مقام آهي، ٻُڌو! ٻُڌو! حضرت سَيِّدُنا علامہ اِبن جَوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل ڪن ٿا: عورت جي مُحاسِن (يعني حُسن ۽ جمال) کي ڏسڻ ابليس جي زهر سان ڀريل تيرن مان هڪ تير آهي. جنهن غيرمَحْرَم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اکين ۾ قِيامت جي ڏينهن باهہ جي سَرائي ڦيري ويندي. (بَحرالدموع ص 171)

## نظر دل ۾ شهوَت جو ٻِج پوکيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر وقت اکين جي حفاظت جي ڪوشش ڪندا رهو، انهن کي آزاد نہ ڇڏيو نہ تہ هي هلاڪت جي اونهي کڏ ۾ اڇلائي سگهن ٿيون، جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ روحُ اللّٰه عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: ”پنهنجي نظر جي حفاظت ڪيو ڇوتہ هي دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي ۽ فتني جي لاءِ

اهوئي ڪافي آهي.“ (احياءُ العلوم ج 3 ص 126) نبي ابن نبي حضرت سَيِّدُنا يحيٰي بن زڪريا عَلَيۡهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪان پڇيو ويو: زنا جي ابتدا ڪهڙي آهي؟ فرمايائون: ”ڏسڻ ۽ خواهش ڪرڻ“ (ايضاً)

18 سيپاري سورةُ النّور آيت نمبر 30 ۾ اللّٰه ربُّ العبّاد عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد عافيت بنياد آهي:

قُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَغُضُّوۡا مِنۡ اَبۡصَارِهِمۡ وَ يَحۡفَظُوۡا فُرُوۡجَهُمۡ ؕ ذٰلِكَ اَزۡكٰى لَهُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿۳۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** مسلمان مردن کي حڪم ڏي تہ پنهنجي نظر جهڪي رکن ۽ پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن اهو انهن جي واسطي گهڻو پاڪيزه آهي بيشڪ اللّٰه کي انهن جي ڪمن جي خبر آهي.

## ڪرامت ڇا کي چئبو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ صاحبِ ڪرامت صحابي هئا، تڏهن تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ان شخص کي بدنگاهي تي تَنبِيه فرمايائون. ڪرامت ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ بلڪ اِرهاص، مَعُونَت، اِسۡتِدراج ۽ اِهانت جي جدا جدا تعريف بہ سمجهي وٺو. جيئن تہ **مڪتبة المدينه** جو شايع ٿيل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد اول صفحي 58 تي لکيل آهي: ”نبي کان جيڪا خلافِ عادت ڳالهہ، نُبُوَّت کان پهرين ظاهر ٿئي ان کي اِرهاص چوندا آهن ۽ ولي کان ڪا اهڙي ڳالهہ ظاهر ٿئي ان کي ڪرامت چون ٿا. عام مُؤمِنَن کان جيڪا ظاهر ٿئي تہ ان کي مَعُونَت چوندا آهن ۽ بيباڪ فاجِر ۽ ڪافرن کان جيڪا انهن جي موافق ظاهر

ٿئي ان کي اِسۡتِدراج چئبو آهي ۽ ان جي خلاف ظاهر ٿئي ته اِهانت آهي.“

عُلوئے شان کا کیوں کر بیاں ہو اے مرے پیارے
حیا کرتی ہے تیری تو شہا مخلوقِ نورانی

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنهنجي مَدفن جي خبر ڏنائون!

حضرت سَيِّدُنا اِمام مَالِڪ عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ المَلِک فرمائن ٿا ته امير المُؤمِنين حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ ڀيري مدينه منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي قبرستان ”جنّتُ البَقيع“ جي ان حصي ۾ تشريف وٺي ويا جنهن کي ”حَشِّ ڪَوڪَب“ چيو ويندو هو، پاڻ اتي بيهي هڪ جڳهه تي هي فرمايائون: ”عنقريب هتي هڪ شخص دفن ڪيو ويندو.“ اهڙي طرح ٿوري عرصي بعد سندن جي شهادت ٿي ۽ باغين سندن جي جنازي مبارڪ تي ايتري قدر شور ڪيو جو پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي نه روضي پاڪ جي ويجهو دفن ڪيو ويو، نه جنّتُ البَقيع جي ان حصي ۾ دفن ڪيو ويو جيڪو اَڪابِرِ صحابه (يعني وڏن صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جو قبرستان هو، بلڪ سڀ کان الڳ ”حَشِّ ڪَوڪب“ ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جتي ڪو سوچي به نه پيو سگهي، ڇو ته ان وقت اتي ڪا قبر ئي نه هئي. (ڪرامات صحابه ص 96، الرياض النضرة ج 3 ص 41)

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا
محبوبِ خدا یار ہے عثمانِ غنی کا (ذوقِ نعت)

www.dawateislami.net

## شهادت کان پوءِ غيبي آواز

حضرت سَيِّدُنا عَدي بن حاتم رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جو بيان آهي: حضرت سَيِّدُنا امير المؤمنين عثمان غني رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شهادت جي ڏينهن مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌو تہ ڪو وڏي آواز سان چئي رهيو آهي: اَبۡشِرِ ابۡنَ عَفَّانَ بِرَوۡحٍ وَّرَيۡحَانٍ وَّبِرَبٍّ غَيۡرِ غَضۡبَانَ ط اَبۡشِرِ ابۡنَ عَفَّانَ بِغُفۡرَانَ وَ رِضۡوَان (يعني حضرت عثمان بن عفان رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي راحت ۽ خوشبو جي خوشخبري ڏيو ۽ ناراض نہ ٿيڻ واري رب عَزَّوَجَلَّ جي ملاقات جي خوشخبري ڏيو ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي غفران ۽ رضوان (يعني بخشش ۽ رضا) جي بہ بشارت ڏيو حضرت سَيِّدُنا عَدي بن حاتم رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ مان ان آواز کي ٻڌي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس ۽ پوئتي ڪنڌ ورائي بہ ڏٺم پر مون کي ڪو شخص ڏسڻ ۾ نہ آيو.

(ابن عساڪر ج 37 ص 355، شواهد النبوة ص 209)

اللّٰہ غنی حد نہیں انعام و عطا کی

وہ فیض پہ دربار ہے عثمانِ غنی کا (ذوقِ نعت)

## تدفِين وقت فِرشتن جو هجوم

رِوايت آهي تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جو جنازو مبارڪ ڪجھ جان نثار رات جي اونداهي ۾ کڻي جنّتُ البَقيع پهتا، اجا قبر کوٽي رهيا هئا تہ اوچتو سُوَارن جو تمام وڏو تعداد جنّتُ البَقيع ۾ داخل ٿيو انهن کي ڏسي اهي ماڻهون خوفزده ٿي ويا، سوارن وڏي آواز سان چيو: اوهان نہ ڊڄو، اسان بہ سندن تدفين ۾ شرڪت جي لاءِ حاضر ٿيا آهيون. اهو آواز ٻڌي ماڻهن جو خوف ختم ٿيو ۽

اِطمِينان سان حضرت سَيِّدُنا عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي دفن ڪيو ويو. قبرستان مان واپس ٿي انهن اصحابن (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم) قسم کڻي ماڻهن کي ٻڌايو ته حقيقت ۾ اها فرشتن جي جماعت هئي. (ڪرامات صحابه ص 99، شواهد النبوة ص 209 ملخصا)

رُک جائیں مرے کام حسنؔ ہو نہیں سکتا
فیضان مددگار ہے عثمانِ غنی کا (ذوق نعت)

## گستاخ کي درندي ماري وڌو

منقول آهي ته حاجين جو هڪ قافلو مديني منوره زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا پهتو. سيئي قافلي وارا اميرُالمُؤمِنين حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مَزارِ پُر انوار جي زيارت لاءِ ويا پر هڪ گستاخ توهِين ۽ اِهانت جي ڪري زيارت لاءِ نه ويو ۽ هن طرح بهانو ٻڌايائين ته مزار گهڻو پري آهي. جڏهن قافلو پنهنجي وطن واپس آيو پئي ته رستي تي هڪ خوفناڪ درندي ان گستاخ تي حملو ڪيو ۽ ان کي چيري ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري وڌو! هي پيانڪ منظر ڏسي سڀ قافلي وارن چيو ته هي حضرت سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گستاخي جو انجام آهي. (شواهد النبوة ص 210)

بیمار ہے جس کو نہیں آزارِ محبت
اچھا ہے جو بیمار ہے عثمانِ غنی کا (ذوق نعت)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضرت سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪيڏا نه عظيم رتبي وارا صحابي آهن. هتي ڪو هي نه سمجهي جو صرف مزار پُر انوار جي ديدار جي لاءِ نه وڃڻ جي ڪري اهو شخص هلاڪ ٿيو، بلڪ ڳالهه هيءَ هئي جو اهو حضرت

سَيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو گستاخ هو ۽ پنهنجي دل ۾ دشمني رکڻ جي ڪري حاضر نہ ٿيو.

## صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مدني آپريشن فرمايو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت عظام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي اُلفت، محبت ۽ پيار حاصل ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مهڪندڙ مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪريو، روزانو فڪر مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو ڀري، پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ دعائن جي قبوليت ۽ سُنّتن جي تربيت لاءِ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ سنتن ڀريي سفر جي سعادت حاصل ڪريو ۽ نہ رڳو اڪيلا بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن تي بہ انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي مدني قافلي جي لاءِ تيار ڪيو. اچو! مدني قافلي جي هڪ مهڪندڙ مدني بهار ملاحظہ فرمايو: جيئن تہ هڪ عاشق رسول جو بيان پنهنجي انداز ۽ الفاظ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: اسان جو مدني قافلو "ناڪوکهارڙي" (بلوچستان، پاڪستان) ۾ سنتن جي تربيت جي لاءِ ويو. مدني قافلي جي هڪ مسافر جي مٿي ۾ چار ننڍا ننڍا ڳوڙها (داڻا) ٿي پيا هيا، جنهن جي ڪري هن کي اڌ مٿي جو سور رهندو هو، جڏهن سور ٿيندو هو تہ سور واري پاسي چهرو ڪارو ٿي ويندو هو ۽ تڪليف سبب ايتري قدر تڙپندو هو جو ڏسي نہ سگهبو هو. هڪ رات اهڙي طرح اهو سور سبب تڙپڻ لڳو اسان

گوريون ڪارائي ان کي سمهاري ڇڏيو، صبح جو اُٿيو تہ بلڪل تندرست هيو. ان ٻڌايو تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون تي ڪرم ٿي ويو، منهنجي خواب ۾ سرڪار رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چار يارن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان گڏ ڪرم فرمايو. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ڏانهن اشارو ڪندي حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي فرمايو: ”هن جو سور ختم ڪري ڇڏيو“ پوءِ يار غار ۽ يار مزار سَيِّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ منهنجو اهڙي طرح مدني آپريشن فرمايو جو منهنجو مٿو کولي منهنجي دماغ مان چار ڪارا داڻا ڪڍيا ۽ فرمايائون: ”پٽ! هاڻي توهان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو.“ مدني بهار بيان ڪرڻ واري اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي: واقعي اهو اسلامي ڀاء تندرست ٿي چڪو هو. سفر کان واپس موٽي جڏهن ان ٻيهر ”چيڪ اپ“ ڪرايو تہ ڊاڪٽر حيران ٿي چوڻ لڳو: ادا ڪمال آهي، توهان جي دماغ جا چار ئي داڻا غائب ٿي چڪا آهن، پوءِ هن مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت ۽ خواب جو روئي تذڪرو ڪيو، ڊاڪٽر تمام گهڻو متاثر ٿيو انهي اسپتال جي ڊاڪٽرن سميت 12 ماڻهن 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جون نيّتون لکرايون ۽ ڪجهہ ڊاڪٽرن هٿو هٿ پنهنجي چهري تي سروَرِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني يعني ڏاڙهي شريف سجائڻ جي نيّت ڪئي.

ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر   آؤ سارے چلیں، قافلے میں چلو
سیکھنے سنّتیں، قافلے میں چلو   لوٹنے رحمتیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(فيضان سنت جلد اول ص 45)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت، محبوب ربُّ العِزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”هٿ ملائڻ سنت آهي“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان هٿ ملائڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ٻن مسلمانن جو ملاقات وقت ٻنهي هٿن سان مصافحو ڪرڻ يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنت آهي ﴿2﴾ هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪجي ﴿3﴾ موڪلائڻ وقت به سلام ڪيو ۽ (گڏوگڏ) هٿ به ملائي سگهو ٿا ﴿4﴾ نبي مڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: ”جڏهن به مسلمان ڀائر ملاقات ڪرڻ وقت مصافحو ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي خيريت معلوم ڪندا آهن ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي جن ۾ 99 رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي طريقي سان پنهنجي ڀاءُ جي خيريت معلوم ڪرڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.“ (المعجم الاوسط ج 5 ص 380 حديث 7672) ﴿5﴾ هٿ ملائڻ وقت درود شريف پڙهو،

اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا ﴿6﴾ هٿ ملائڻ وقت درود شريف پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهجي "يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ" (يعني الله تعالىٰ اسان جي ۽ اوهان جي مغفرت فرمائي) ﴿7﴾ بہ مسلمان هٿ ملائڻ وقت جيڪا دعا گهرندا اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ قبول ٿيندي ۽ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ﴿8﴾ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي ﴿9﴾ مسلمان کي سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ان جو ديدار ڪرڻ سان بہ ثواب ملندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نظر سان ڏسندو ۽ ان جي دل ۾ دشمني نہ هجي تہ نگاهہ واپس ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا پنيان گناهہ بخشيا ويندا. (ايضاً ج 6 ص 131 حديث 8251) ﴿10﴾ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهجي ٿو ﴿11﴾ اڄڪلهہ کي ماڻهو ٻنهي طرفن کان هڪ هٿ ملائي بلڪ رڳو آڱريون ئي ملائيندا آهن اهي سڀ سنت جي خلاف آهن ﴿12﴾ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي. (ايضاً ج 3 ص 472) (هٿ ملائڻ کان بعد پنهنجو ئي هٿ چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي عادت ڪڍي ڇڏين) باقي جيڪڏهن ڪنهن بزرگ سان هٿ ملائڻ کان پوءِ برڪت جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو هٿ چميائين تہ ڪراهت ناهي، جيئن اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن سان مصافحو ڪيائين پوءِ برڪت جي لاءِ پنهنجو هٿ چميائين تہ ممانعت جو ڪو سبب ناهي. جڏهن تہ جنهن سان هٿ ملائي اهو انهن هستين مان هجي جن کان برڪت حاصل ڪئي ويندي هجي. (جدالممتار، ڪتاب الحظروالاباحة مقولہ 4551 غير مطبوعہ) ﴿13﴾

جيڪڏهن اَمرد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان (يا ڪنهن بہ مرد سان) هٿ ملائڻ سان شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز نہ آهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ سان شهوت ٿيندي هجي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي (در مختار ج 2 ص 98) ﴿14﴾ مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره حائل نہ هجي، ٻئي هٿ خالي هجن ۽ ترڻيءَ سان ترڻي ملڻ گهرجي. (بهار شريعت ج 3 ص 471)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو

ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنت ۾ وڻ لڳايو!

وقت جي اهميّت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو، جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ هن دنيا ۾ رهندي صرف هڪ سيڪنڊ ۾ جنت ۾ هڪ وڻ لڳرائي سگهو ٿا ۽ جنت ۾ وڻ لڳائڻ جو طريقو بہ نهايت آسان آهي، ”ابن ماجہ“ جي هڪ حديث پاڪ جي مطابق انهن چئن ڪلمات مان جيڪو بہ هڪ ڪلمو چوندو، جنت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو، اهي ڪلمات هي آهن:
{1} سُبْحٰنَ اللهِ {2} اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ {3} لَآاِلٰهَ اِلاَّ اللهُ {4} اَللهُ اَكْبَر
(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 252 حديث 3807)

www.dawateislami.net

بيان 11

# سامونڊي گنبذ

تخريج شده

- روزانو جنت جي چانئٺ چُمو
- باربارحجِ مَبرورجو ثواب ڪمايو
- ماءُ ڪي جواب نه ڏيڻ وارو گونگو ٿي ويو
- ڪير پياڪ ٻارڳالهايو!
- ماءُ ڪي ڪلهن تي کڻي گرم پٿرن تي ڇهه ميل...
- گڏهه جهڙو مردو
- جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪن ته اولاد ڇا ڪري؟
- ماءُ پيءُ جو قرض لاهيو
- هلڻ جون 15 سنتون ۽ ادب

پنو اٿلايو...

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ساموندي گنبذ[1]

شيطان ڪيتري ئي سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ خوف خدا نصيب ٿيندو .

## وڏي آواز سان درود شريف پڙهڻ واري جي بخشش ٿي وئي

ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪيائين: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ چيائين: الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو، پڇا ڪيائين: ڪهڙي سبب سان؟ چيائين: مان هڪ مُحَدِّث صاحب وٽ حديث شريف لکندو هئس، انهن مديني جي تاجدار، احمد مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڙهيو ته مون به وڏي آواز سان دُرُود شريف پڙهيو ۽ حاضرين ٻڌو ته انهن به دُرُود شريف پڙهيو، الله تعالي ان جي برڪت سان اسان سڀني کي بخشي ڇڏيو.

(القول البديع ص 254 مؤسسة الريان بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ (18رجب المرجب 1431ھ 10 /7 /1 ) فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي. (مجلس مڪتبة المدينه)

www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيِّدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي وحي فرمائي تہ سمنڊ جي ڪناري ڏانهن وڃو ۽ اسان جي قدرت جو نظارو ڪيو. پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي پيروڪارن سان گڏ تشريف وٺي ويا پر ڪا شيءِ نظر نہ آئي، پوءِ پاڻ هڪ جِنّ کي حڪم ڏنو تہ سمنڊ ۾ غوطو لڳائي اندر جي خبر آڻي ڏي، ان غوطو لڳائڻ ڪانپوءِ واپس اچي عرض ڪيو: مان تہ تائين پهچي نہ سگهيس ۽ نہ ئي ڪا شيءِ نظر آئي، پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان کان وڏيڪ طاقتور جِن کي حڪم ڏنو، ان پهريان کان وڏيڪ اُونهائي ۾ غوطو هنيو پر اهو بہ ڪا خبر نہ آڻي سگهيو، پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي وزير آصِف بن بَرَخِيا رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه کي حڪم ڏنو تہ انهن ٿوري ئي دير ۾ هڪ عاليشان ڪافوري چار دروازن وارو سفيد ساموندي گنبذ آڻي سَيِّدُنا سُلَيمان عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت ۾ پيش ڪيو! ان جو هڪ دروازو موتي جو، ٻيو ياقوت جو، ٽيون هيري جو، چوٿون زَمَرُّد جو هو، چار ئي دروازا کُليل هجڻ جي باوجود اندر سمنڊ جي پاڻي جو قطرو بہ نہ هو. ان ساموندي گنبذ جي اندر هڪ خوبصورت نوجوان صاف ستري لباس ۾ نماز پڙهڻ ۾ مشغول هو. جڏهن اهو نماز مان فارغ ٿيو تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سلام ڪري ساموندي گنبذ جي راز بابت پڇا ڪئي. ان عرض ڪيو: يا نبيَّ الله! منهنجو پيءُ مَعذُور ۽ ماءُ نابِين هئي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون ستر سال انهن جي خدمت ڪئي، ماءُ وفات کان پهرين دعا ڪئي: يا الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي پٽ کي وڏي عمر عطا فرماءِ، والد محترم وفات وقت دعا فرمائي: ياالله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي پٽ کي اهڙي جڳهہ عبادت تي لڳاءِ جو شيطان رنڊڪ نہ وجهي، والد محترم کي دفن

ڪرڻ ڪان پوءِ جڏهن سمنڊ جي ڪناري آيس تہ مون کي اهو ساموندي گنبذ نظر آيو مان ان ۾ داخل ٿي ويس، ايتري ۾ هڪ فرشتو آيو ان هن گنبذ کي سمنڊ جي تھہ ۾ لاٿو. سَيِّدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پڇا ڪرڻ تي ان عرض ڪيو: مان حضرت سَيِّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مُقَدَّس دؤر ۾ هتي آيو آهيان، حضرت سَيِّدُنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جاٽي ورتو تہ هن کي ٻہ هزار سال هن ”**ساموندي گنبذ**“ ۾ ٿي چڪا آهن پر اجا تائين جوان آهي، ان جو هڪ وار بہ اڇو ناهي ٿيو، غِذا بابت ان ٻڌايو: روزانو هڪ سائو پکي پنهنجي چهنب ۾ ڪا زَرد (يعني هيڊي) شيءِ کڻي ايندو آهي، مان هن کي کائيندو آهيان، ان ۾ دنيا جي تمام نعمتن جي لذّت هوندي آهي، ان سان منهنجي بک ۽ اُڃ ختم ٿي ويندي آهي. ان کان علاوه اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ گرمي، سردي، ننڊ، سُستي، غُنُودگي، اَجنَبِيَّت ۽ وَحشَت (يعني گهٻراهٽ ۽ خوف) اُهي تمام شيون مون کان پري رهنديون آهن. ان کان پوءِ ان نوجوان جي خواهش تي سَيِّدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي حڪم تي حضرت سَيِّدُنا آصِف بن بَرَخِيا رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ ساموندي گنبذ کي کڻي سمنڊ جي تھہ ۾ پهچايو، ان کان پوءِ حضرت سَيِّدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو: اي انسانو! الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي ڏٺو توهان والدين جي دعا ڪيڏي تہ مقبول ٿيندي آهي! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان بچو. (روض الرياحين ص 233 ملخصاً دارالكتب العلمية بيروت)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ ماءُ پيءُ جي خدمت تمام وڏي سعادت آهي، جيڪڏهن انهن جي دل خوش ٿي وڃي ۽ دعا ڪن تہ بيڙو پار آهي، انهيءَ ضمن ۾ هڪ ٻي ايمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ جهومو:

## زخمي آڱر

حضرت سَيِّدُنا بايزيد بِسطامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي فرمائن ٿا: سياري جي هڪ سخت رات منهنجي ماءُ مون کان پاڻي گهريو. مان آبْخُورو (يعني گلاس) ڀري ڪٽي آيس پر اَمڙ کي ننڊ اچي وئي، مون جاڳائڻ مناسب نہ سمجهيو. پاڻيءَ جو گلاس ڪٽي انهيءَ انتظار ۾ ماءُ جي ويجهو بيهي رهيس تہ سجاڳ ٿين تہ پاڻي پيش ڪيان. بيهي بيهي گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ گلاس جو ڪجھ پاڻي وهي منهنجي آڱر تي ڄمي برف بڻجي ويو هو. بهرحال جڏهن اَمڙ سُجاڳ ٿي تہ مون پاڻي پيش ڪيو برف جي ڪري منهنجي ڄميل آڱر جيئن ئي گلاس کان جدا ٿي تہ ان جي کل بہ لهي وئي ۽ رت وهڻ لڳو ماءُ هي ڏسي فرمايو: هي ڇا ؟ مون سڄي حقيقت بيان ڪئي تہ انهن هٿ کڻي دعا ڪئي: اي الله عَزَّوَجَلَّ! آءُ هن کان راضي آهيان تون بہ هن سان راضي رهہ. (نزهة المجالس ج 1 ص 261 دارالكتب العلميه بيروت) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزانو جنّت جي چانئٺ چُمو

جن خوش نصيبن جا ماءُ پيءُ زنده آهن انهن کي گهرجي تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو انهن جا هٿ پير ضرور چُمن،

والدين جي تعظيم جو وڏو درجو آهي . فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَلْجَنَّةُ تَحْتَ اَقْدَامِ الْاُمَّهَاتِ يعني جنت مائرن جي قدمن هينان آهي . (مسند الشهاب ج 1 ص 102 حديث 119) يعني انهن سان ڀلائي ڪرڻ جنت ۾ داخلا جو سبب آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصي 16 صفحي 88 تي آهي: ماءُ جي پيرن کي چُمي ڏئي سگهي ٿو. حديث ۾ آهي: ”جنهن پنهنجي ماءُ جو پير چُميو ته ائين آهي جيئن جنت جي چائنٺ (يعني دروازي) کي چُميائين .“ (درمختار ج 9 ص 606 دارالمعرفة بيروت)

## ماءُ جي اڳيان آواز بلند ٿيڻ تي ٻه غلام آزاد ڪيا

ماءُ يا پيءُ کي پري کان ايندي ڏسي ادب کندي بيهي رهو، انهن سان اکين ۾ اکيون وجهي نه ڳالهايو، سڏ ڪن ته فوراً لَبَّيک (يعني حاضر آهيان) چئو، ادب سان ”اوهان، توهان“ جي لفظن سان ڳالهايو، انهن جي آواز کان پنهنجو آواز بلند ٿيڻ نه ڏيو . حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن عون رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي سندن جي ماءُ آواز ڏنو ته جواب ڏيڻ وقت سندن آواز ڪجهه بلند ٿي ويو ته پاڻ انهي سبب ٻه غلام آزاد ڪيا. (حلية الاولياء ج 3 ص 45 رقم 3103 دارالكتب العلمية بيروت)

## بار بار حجِ مَبرور جو ثواب ڪمايو

سُبحٰنَ الله! اسان جا بُزرگ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ماءُ پيءُ جا ڪيڏا نه قدردان هئا ۽ انهن جي ڪيڏي نه پياري مدني سوچ هوندي هئي، اسان ”ٻه غلام“ ڪٿان آڻيون! افسوس! اهڙن معاملن ۾. ”ٻه

ڪڪڙ“ بلڪ ٻه آنا ٻه خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو اسان ۾ ناهي! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ماءُ پيءُ جي اَهَمِيَّت سمجهڻ جي توفيق ڏي، اٰمين. اڇو! بغير ڪنهن خرچ جي بالڪل مفت ۾ ثواب جو خزانو حاصل ڪيو، وڏي شفقت ۽ پيار ۽ محبت سان ماءُ پيءُ جو ديدار ڪيو، ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪرڻ جي چا ڳالهه ڪجي! سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: جڏهن اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر نظر جي بدلي حجِّ مَبْرُور (يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: پلي ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا نظر ڪري! فرمايائون: نَعَمْ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَ اَطْيَبُ يعني ها الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڪ آهي.“ (شعب الايمان ج 6 ص 186 حديث 7856) يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ هر شيءِ تي قادر آهي اهو جيتري قدر چاهي ثواب ڏئي سگهي ٿو، هرگز عاجز ۽ مجبور ناهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن روزانو 100 ڀيرا به رحمت جي نظر ڪري ته اهو ان کي سؤ مقبول حَجّن جو ثواب عطا فرمائيندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنت جو ساٿي

حضرت سَيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ ڀيري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ عرض گذار ٿيا ته ياربِّ غَفّار عَزَّوَجَلَّ! مون کي منهنجو جنت جو ساٿي ڏيکار. الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: فلاڻي شهر ۾ وڃو، اتي فلاڻو قاصائي آهي اهو جنّت ۾ توهان جو ساٿي

آهي، پوءِ سَيِّدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اتي ان قاصائيءَ وٽ تشريف وٺي ويا، (ناواقفيت جي باوجود مسافر ۽ مهمان هجڻ جي ڪري) ان پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دعوت ڪئي . جڏهن ماني کائڻ وينا تہ ان وڏو ٽوڪرو پاڻ وٽ رکي ڇڏيو، ان جي اندر ہِ گرهہ وجهندو هو پاڻ هڪ گرهہ کائيندو هو. ايتري ۾ ڪنهن دروازو کڙڪايو، قاصائي ٻاهر هليو ويو، سَيِّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان زَنبِيل (يعني ٽوڪري) ۾ ڏٺو تہ ان ۾ وڏي عمر جا مرد ۽ عورت هئا، سَيِّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي نظر پوندي ئي انهن جي چَپن تي مُرڪ اچي وئي انهن پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي رسالت جي شهادت (يعني گواهي) ڏني ۽ انهيءَ وقت وفات فرمائي ويا. قاصائي آيو تہ ٽوڪري ۾ پنهنجي والدين کي فوت ٿيل ڏسي معاملو سمجهي  ويو ۽ پاڻ عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا هٿ مبارڪ چُمي عرض ڪيائين: توهان الله  عَزَّوَجَلَّ جا نبي حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام معلوم ٿيو ٿا، پاڻ فرمايائون: توکي ڪيئن اندازو ٿيو؟ عرض ڪيائين: منهنجا ماءُ پيءُ روزانو روئي روئي دعا ڪندا هئا تہ ياالله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جَلْوَن ۾ موت نصيب فرماءِ، انهن ٻنهي جي اوچتي وفات تي مون اندازو لڳايو تہ اوهان ئي حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هوندا. قاصائي وڌيڪ عرض ڪيو: منهنجي ماءُ جڏهن ماني کائي وٺندي هئي تہ خوش ٿي منهنجي لاءِ اها دعا گهرندي هئي: ياالله عَزَّوَجَلَّ منهنجي پٽ کي جنت ۾ حضرت سَيِّدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو ساٿي

ٻڌائجان ۔ سَيِّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو: مبارڪ هجي الله عَزَّوَجَلَّ تو ڪي جنت ۾ منهنجو ساٿي ٻڌايو آهي. (نزهة المجالس ج 1 ص 266 دارالكتب العلمية بيروت) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔

## ماءُ پيءُ جي نافرمان کي زندگيءَ ۾ سزا ملندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ماءُ پيءُ جي دعا اولاد جي حق ۾ ڪيڏي نہ قبول ٿيندي آهي! جيڪڏهن والدين ناراض ٿي بددعا ڪن تہ اها بہ مقبول آهي تنهنڪري ماءُ پيءُ کي هميشہ خوش رکڻ کپي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ماءُ پيءُ تنهنجي دوزخ ۽ جنت آهن ۔ (ابن ماجہ ج 4 ص 186 حديث 3662) هڪ ٻي جڳهہ تي ارشاد آهي: سيني گناهن جي سزا الله عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ قيامت تائين ناهي ڏيندو پر ماءُ پيءُ جي نافرماني جي سزا زندگي ۾ ئي ڏيندو آهي ۔ (المستدرك للحاكم ج 5 ص 216 حديث 7345 دار المعرفة بيروت)

## ماءُ کي جواب نہ ڏيڻ وارو گونگو ٿي ويو

منقول آهي: هڪ شخص کي ان جي ماءُ سڏ ڪيو پر ان جواب نہ ڏنو، ان تي سندس ماءُ ان کي بد دعا ڏني تہ اهو گونگو ٿي ويو۔ (بِرّ الوالدين للطرطوشي ص 79 مؤسسة الكتب الثقافية بيروت)

## ماءُ پيءُ بددعا ڏيڻ کان بچڻ تہ سٺو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ماءُ جي سڏ تي جواب نہ ڏيڻ وارو زندگي ۾ ئي گونگو ٿي ويو! ان ۾ ماءُ پيءُ جي نافرمانن

جي لاءِ جتي عبرت جا مدني گل آهن اتي ماءُ پيءُ جي لاءِ بہ غور جو مقام آهي، خصوصاً اهي مائرون جيڪي ڳالهہ ڳالهہ تي پنهنجي اولاد کي ائين چوَن تہ تنهنجو سَتياناس ٿئي، خدا شل توکي ماري، تو کي ڪوڙهہ ٿئي وغيره بددعائون ڏين ٿيون انهن کي پنهنجي زبان قابو ۾ رکڻ گهرجي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو قبوليت جي گهڙي هجي دعا قبول ٿي وڃي ۽ اولاد کي حقيقت ڪجهہ ٿي وڃي ۽ ائين ماءُ پاڻ بہ تڪليف ۾ اچي وڃي! لِهٰذا اولاد کي صرف دعاءِ خير سان نوازڻ وڌيڪ مناسب آهي .

## والدين ٻئي ملڪ مان گهرائن تہ بہ اچڻو پوندو

دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بيشڪ سعادت جي ڳالهہ آهي، دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۽ ٻين مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ ٻاهرين ملڪ سفر ڪرڻ اتي 12 يا 25 مهينا رهڻ بہ شرف جي ڳالهہ آهي پر والدين جي دل آزاري ٿئي ۽ انهن کي سخت پريشانيءَ کي منهن ڏيڻو پوي تہ هرگز سفر نہ ڪيو، دعوت اسلامي کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو مقصد پنهنجي ”واهہ واهہ“ ڪرائڻ ناهي بلڪ رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ آهي، ۽ ماءُ پيءُ جي دل ڏکائي رضاءِ الٰهي جي منزل هرگز نہ ملي سگهندي، ۽ پڻ ٻين شهرن يا ملڪن ۾ نوڪري يا ڪاروبار ڪرڻ وارا بہ ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪندي سفر اختيار ڪن ۽ هي مسئلو چڱي طرح ذهن نشين ڪن. جيئن تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب

www.dawateislami.net

”بهار شريعت“ حصو 16 صفحو 202 تي آهي: ”پٽ پرديس ۾ آهي والدين گهرائين ٿا ته اچڻو پوندو خط لکڻ ڪافي ناهي، ائين ئي والدين کي ان جي خدمت جي حاجت آهي ته اچي ۽ انهن جي خدمت ڪري.“

## ڪير پياڪ پار ڳالهايو!

ماءُ پيءُ جي سڏ تي بِنا عُذر جي جواب ۾ تاخير نه ڪيو، ڪجھ ماڻھو ان ۾ ڏاڍي لاپرواهي ڪندا آهن ۽ جواب ۾ تاخير کي مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ بُرو ناهن سمجهندا، حالانڪ جيڪڏهن نفل پڙهي رهيا آهن ۽ ماءُ پيءُ کي ان جي خبر ناهي جيڪڏهن اهي معمولي آواز ڏين ته نماز ٽوڙي جواب ڏيڻو پوندو. (ماخوذ از بهارشريعت ج 1 ص 638) (بعد ۾ ان نفل نماز جو ٻيهر پڙهڻ واجب آهي) جيڪي والدين جي سڏ تي هرويرو بي ڌيانيءَ (NO LIFT) جو مظاهرو ڪري انهن جي دل ڏکائيندا آهن اهي سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جا حقدار آهن، ماءُ آخر ماءُ هوندي آهي ڪڏهن ڪڏهن غلط فهمي ۾ ان جي واتان بددعا نڪري وڃي ۽ جيڪڏهن قبوليت جي گهڙي هجي ته اولاد آزمائش ۾ پئجي ويندو آهي، هن ضمن ۾ ”بخاري شريف“ ۾ هڪ اسرائيلي بزرگ جي نهايت عبرت انگيز حڪايت بيان ڪئي وئي آهي. رحمت عالميان، سروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: بني اسرائيل ۾ جُرَيْج نالي هڪ شخص هو، اهو نماز پڙهي رهيو هو ته ان جي ماءُ آئي ۽ ان کي سڏ ڪيو پر ان جواب نه ڏنو، چوڻ لڳو: نماز پڙهان يا ان کي جواب ڏيان وري ان جي ماءُ جو آواز آيو (۽ جواب نه ڏيڻ تي) بددعا ڏني ”يا الله عَزَّوَجَلَّ!

هن کي ان وقت تائين موت نہ ڏجان جيستائين هي ڪنهن فاحِشہ (يعني بد پيشي واري) عورت جو منهن نہ ڏسي“ . جُرَيج هڪ ڏينهن عبادت خاني ۾ هو، هڪ عورت چيو: مان هن کي ورغلائي ڇڏيندس، تنهنڪري اها اچي جُرَيج سان ڳالهائڻ لڳي پر ان انڪار ڪيو، آخرڪار اها هڪ ٻڪرار وٽ وئي ۽ پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيو، پوءِ ان هڪ ٻار ڄڻيو ۽ ان کي جُرَيج ڏانهن مَنسوب ڪري ڇڏيو. ماڻهو جُرَيج وٽ آيا، ان جو عبادت خانو ٽوڙي ان کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان کي بُرويلو چيائون . جُرَيج وضو ڪري نماز پڙهي ان ٻار وٽ آيو ۽ پڇا ڪئي: اي ٻار! تنهنجو پيءُ ڪير آهي؟ ان جواب ڏنو: فلاڻو ٻڪرار، پوءِ ماڻهن چيو اسان تنهنجو عبادت خانو سون جو ٺاهينداسين، ان چيو نہ مون کي ساڳي طرح مٽي جو ٺاهي ڏيو.

(بخاري ج 2 ص 139 حديث 2482، مسلم ص 1380 حديث 2550)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔**

## ماءُ کي ڪلهن تي کڻي گرم پٿرن تي ڇهہ ميل...

والدين جا حق تمام گهڻا آهن انهن کان بريءُ الذِمہ ٿيڻ ممڪن ناهي، جيئن هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بارگاهہ نبوي عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۾ عرض ڪيو: هڪ راهہ ۾ اهڙا گرم پٿر هئا جيڪڏهن گوشت جو ٽڪر ان تي رکيو وڃي تہ اهو ڪَبَاب ٿي وڃي! مان پنهنجي ماءُ کي ڪلهي تي ڇهہ ميل تائين کڻي هليس، ڇا مان ماءُ جي حقن مان فارغ ٿي ويو آهيان؟ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجي پيدا ٿيڻ تي سُور جا جيترا جهٽڪا ان برداشت

ڪيا شايد ان مان هڪ جهٽڪي جو بدلو ٿي سگهي .

(المعجم الصغير للطبراني ج 1 ص 92 حديث 256)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-**

## جيڪڏهن عورت بدران مرد کي ٻار ڄڻڻو پوي ها ته..!

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! واقعي ماءُ پنهنجي ٻار جي لاءِ سخت تڪليفون برداشت ڪندي آهي، ٻار جي ڄمڻ (Delivery) وقت ٿيڻ واري تڪليف کي ماءُ ئي سمجهي سگهي ٿي مرد جي لاءِ ڪيڏي آساني آهي جو ان کي ڊليوري ناهي ٿيندي . منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحمةُ الرَّحمٰن فتاويٰ رضويه جلد 27 صفحي 101 تي فرمائن ٿا: مرد جو تعلق رڳو لذت سان آهي ۽ عورت کي سوين مصيبتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، نوَ مهينا پيٽ ۾ رکندي آهي هلڻ، ڦرڻ، اُٿڻ ويهڻ، دشوار هوندو آهي پوءِ ويم جي موقعي تي هر جهٽڪي تي موت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي پوءِ مختلف تڪليفن ۾ نفاس واري (يعني ولادت کان پوءِ رت جي تڪليف ۾ ورتل) جي ننڊ اڏامي ويندي آهي ان جي لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 26 سورة الاَحقَاف جي آيت نمبر 15 ۾ فرمائي ٿو:

حَمَلَتۡهُ اُمُّهٗ كُرۡهًا وَّ وَضَعَتۡهُ كُرۡهًا ؕ وَ حَمۡلُهٗ وَ فِصٰلُهٗ ثَلٰثُوۡنَ شَهۡرًا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ماءُ ڪيس پيٽ ۾ رکيو تڪليف سان ۽ ڪيس ڄڻيائين تڪليف سان ۽ ان کي کڻڻ ۽ ان کان ٿڃ ڇڏائڻ (جو مدو) ٽيهه مهينا آهي.

تہ ھر ٻار جي پيدائش ۾ عورت کي گھٽ ۾ گھٽ ٽي سال سخت جيل آھي، مرد جي پيٽ مان جيڪڏھن ھڪ پيرو بہ ”ڪوئي جو ٻچو“ پيدا ٿئي ھا تہ سڄي عمر جي لاءِ توبہ ڪري وڃي ھا.

(فتاويٰ رضويہ ج 27 ص 101 رضا فائونڊيشن مرڪز الاولياء لاھور)

## زال ھمدردي جي حقدار ھوندي آھي

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مبارڪ فتويٰ مان جتي ماءُ جي حيثيت معلوم ٿي، اتي گھر واريءَ جي اھميت بہ ظاھر ٿي. مڙس کي گھرجي تہ خاص ڪري ”اُميد“ يعني حمل جي ڏينھن ۾ پنھنجي گھر واريءَ تي خصوصي شفقت ڪري، ڪم ڪار ۾ ان جو ھٿ ونڊائي محنت جو ڪم نہ وٺي، ڏڪن ذريعي يا ڪنھن بہ طرح ان جي لاءِ صدمي (Tension) جو سبب نہ ٻڻجي، الغرض جيترو ٿي سگھي آرام پھچائي جڏھن بہ پنھنجي مدني مني کي پيار ڪري تہ گڏوگڏ ان جي ماءُ تي بہ رحم جي نظر وجھي جو اھو من موھيندڙ ۽ دل کي ڀلائڻ وارو ”رانديڪو“ مھيا ڪرڻ جي لاءِ ويچاريءَ ڪيتريون تڪليفون برداشت ڪيون آھن.

## ڪير پيارڻ جي مسئلي جي وضاحت

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مبارڪ فتويٰ ۾ آيت مبارڪ ۾ جيڪو ارشاد آھي ”ان جو کير ڇڏائڻ ٽيھہ مھينا آھي“ ان جو تعلق کير جي رشتي ۽ حُرمتِ نڪاح سان آھي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1182 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بھارشريعت“ جلد 2 صفحي 36 تي آھي: ٻار کي

(هجري سال جي حساب سان) ٻہ سال کير پياريو وڃي، ان کان وڌيڪ جي اجازت ناهي، کير پيئڻ وارو ڇاهي ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري. ۽ عوام ۾ هي جيڪو مشهور آهي تہ ڇوڪرِيءَ کي ٻہ سال ۽ ڇوڪري کي اڍائي سالن تائين پياري سگهجي ٿو هي صحيح ناهي، اهو حڪم کير پيارڻ جو آهي ۽ نڪاح حرام هجڻ جي لاءِ اڍائي سالن جو وقت آهي يعني ٻن سالن کان پوءِ جيتوڻيڪ کير پيارڻ حرام آهي پر (هجري سن جي اعتبار سان) اڍائي سالن جي اندر جيڪڏهن کير پياري ڇڏيائين نڪاح جي حُرمتِ ثابت ٿي ويندي، ۽ ان کان پوءِ پيتائين تہ حرمتِ نڪاح ناهي جيتوڻيڪ پيارڻ جائز ناهي.

## ظالم والدين جي بہ فرمانبرادري لازمي آهي

حضرت سَيِّدُنا عبداللّٰه بن عبّاس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي. ”جنهن هن حال ۾ صبح ڪئي جو پنهنجي ماءُ پيءُ جو فرمانبردار آهي ان جي لاءِ صبح جو ئي جنت جا دروازا کلي ويندا آهن ۽ ماءُ پيءُ مان هڪ هجي تہ هڪ دروازو کلندو آهي، ۽ جنهن هن حال ۾ شام ڪئي جو ماءُ پيءُ جي باري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو آهي ان جي لاءِ صبح جو ئي جهنّم جا دروازا کلي ويندا آهن ۽ (ماءُ پيءُ مان) ڪو هڪ هجي تہ هڪ دروازو کلندو آهي، هڪ شخص عرض ڪيو: جيتوڻيڪ ماءُ پيءُ ان تي ظلم ڪن، فرمايائون: جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن.“ (شعب الايمان ج 6 ص 206 حديث 7916)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اهو شخص خوش نصيب آهي جيڪو ماءُ پيءُ کي خوش رکي ٿو، جيڪو بد نصيب ماءُ پيءُ کي ناراض ڪندو آهي ان جي لاءِ بربادي آهي، اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ 15 سيپاري سورة بني اسرائيل آيت نمبر 23 تا 25 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ قُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾ؕ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهائپ کي پهچي وڃن ته انهن کي اُف (هُون) نه چئجان ۽ نه انهن کي جهڻڪ ۽ انهن سان ڳالهه تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزيءَ جا پر وڇاءِ، نرم دلي سان عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو، توهان جو رب خوب ڄاڻي ٿو جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي.

## ننڍپڻ ۾ ماءُ به ته اولاد جي ”گندگي“ برداشت ڪندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مٿي ذڪر ڪيل آيت ڪريم ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ والدين سان حُسنِ سُلوڪ جو حڪم ڏنو آهي ۽ خاص ڪري انهن جي پوڙهائپ ۾ وڌيڪ خدمت ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي آهي يقيناً ماءُ پيءُ جي پوڙهائپ انسان کي امتحان ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. سخت پوڙهائپ ۾ ڪڏهن ڪڏهن بستر تي ئي بَول و بَراز (يعني

گندگي) جي ترڪيب ٿيندي آهي جنهن جي ڪري عموماً اولاد بيزار ٿيندي آهي، پر ياد رکو! اهڙي حالت ۾ بہ والدين جي خدمت لازمي آهي، ننڍپڻ ۾ ماءُ بہ آخر ٻار جي گندگي برداشت ڪندي آهي. پوڙهائپ ۽ بيمارين سبب ماءُ پيءُ ۾ ڪيتري بہ چڙ جي عادت پيدا ٿئي، عقل ويندو رهي، گهڻو هُل ڪن، بنا ڪنهن سبب جي وڙهن، چاهي ڪيترو بہ بُرو پلو چون، بيشڪ پريشان ڪري ڇڏين پر صبر صبر ۽ صبر ئي ڪرڻو آهي ۽ انهن جي عزت ئي ڪرڻي آهي، انهن سان بدتميزي ڪرڻ انهن کي دڙڪا ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ پر انهن کي ”اُف“ بہ ناهي چوڻون نہ تہ بازي هٿن مان نڪري سگهي ٿي ۽ ٻنهي جهانن ۾ تباهي مقدر بڻجي سگهي ٿي چوتہ والدين جي دل ڏکائڻ وارو هن دنيا ۾ بہ ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ عذاب جو حقدار هوندو آهي.

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا
ورنہ اس میں ہے خسارہ آپ کا (وسائل بخشش ۳۷۷)

# گڏھ جهڙو مردو

حضرت سَيِّدُنا عوام بن حَوشَب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه (جيڪي تبع تابعي بزرگ گذريا آهن ۽ سندن وفات 148ھ ۾ ٿي) فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ڪنهن پاڙي مان گذريس، ان جي ڪناري تي قبرستان هو، عصر کان پوءِ هڪ قبر ڦاٽي ۽ ان مان هڪ اهڙو ماڻهو نڪتو جنهن جو مٿو گڏھ جو ۽ باقي جسم انسان جو هو، ان ٽي ڀيرا گڏھ وانگر هينگون ڪيون (يعني آواز ڪڍيائين) پوءِ قبر ۾ هليو ويو ۽ قبر بند ٿي وئي هڪ پوڙهي عورت سُٽ ڪَتي

رهي هئي عورت مون کي چيو: هن پوڙهي عورت کي ڏسي رهيا آهيو؟ مون چيو: هن جو ڪهڙو معاملو آهي؟ چيائين: هي قبر واري جي ماءُ آهي، اهو شرابي هو جڏهن شام جو گهر ايندو هو تہ ماءُ نصيحت ڪندي هئي تہ اي پٽ! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ آخر ڪيستائين هن ناپاڪ کي پيئندين! هي جواب ڏيندو هو: تون گڏهہ وانگر چو ٿي رڙيون ڪرين . هن شخص جو عصر جي وقت انتقال ٿيو، جڏهن کان وفات ٿي آهي هر ڏينهن عصر کان پوءِ هن جي قبر ڦاٽندي آهي ۽ هي ائين ٿي پيرا گڏهہ وانگر آواز ڪڍي پوءِ قبر ۾ هليو ويندو آهي ۽ قبر بند ٿي ويندي آهي .

## والدين جي نافرمان جي ڪا عبادت قبول ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تَوَّاب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ اسان توبهہ ڪيون ٿا ۽ ان کان عافِيّت جو سوال ڪيون ٿا. آهہ! ماءُ پيءُ جي دل آزاري ڪيتري وڏي رُسوائي ۽ درد ناڪ عذاب جو سبب آهي حديث پاڪ ۾ آهي: عَذَابُ الْقَبْرِ حَقٌّ يعني عذاب قبر حق آهي. (نسائي ص 225 حديث 1305) ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ ان جو نظارو ڏيکاريو ويندو آهي تہ جيئن ماڻهو عبرت حاصل ڪن . پيءُ جي نافرمان جي باري ۾ پڇا ڪيل هڪ سوال جي جواب ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: پيءُ جي نافرماني الله جَبّار ۽ قَهّار جي نافرماني آهي ۽ پيءُ جي ناراضگي الله جَبّار و قَهّار جي ناراضگي آهي، ماڻهو ماءُ پيءُ کي راضي ڪري تہ اهي ان جي لاءِ جنّت آهن ۽ ناراض ڪري تہ اهي هن جي لاءِ دوزخ آهن . جيستائين پيءُ کي راضي نہ ڪندو ان جو

ڪو فرض، ڪو نفل ۽ ڪو نيڪ عمل اصلاً مَقبول ناهي، آخرت جي عذاب کان علاوه دنيا ۾ ئي سخت بلا (يعني شديد آفت) نازل ٿيندي، مرڻ مهل مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪلمو نصيب نہ ٿيڻ جو خوف آهي . (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 384، 385)

ماءُ پيءُ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪافر بہ هجن تڏهن بہ شريعت جي دائري ۾ رهندي انهن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ ضروري آهي . دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1182صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 2 صفحي 452 تي صدر الشريعة، بدرالطريقة حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی ”عالمگيري“ جي حوالي سان نقل ڪن ٿا: ”جيڪڏهن ڪنهن مسلمان جو پيءُ يا ماءُ ڪافر آهن ۽ چون تہ مون کي بت خاني ۾ پهچائي اچو تہ وني نہ وڃي جيڪڏهن اتان اچڻ چاهين تہ وني آٽي سگهي ٿو“. (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 350)

## ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيارڻ وارا

جيڪي ماڻهو ٻين جي ماءُ کي گاريون ڏيڻ وارا هوندا آهن اهي تمام برا ماڻهون آهن، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصي 16 صفحي 195 تي صدرُالشَّريعه، بدرُالطريقه حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظميعَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی نقل ڪن ٿا: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان حقيقت نشان آهي: اها ڳالھ ڪبيره گناهن مان آهي تہ ماڻهو پنهنجي والدين کي گاريون ڏي. ماڻهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڇا کو پنهنجي والدين کي بہ گاريون ڏيندو آهي؟ فرمايائون: ها ان جي هي صورت آهي جو ماڻهو ٻئي جي پيءُ کي گار ڏيندو آهي، سامهون وارو هن جي پيءُ کي گار ڏيندو آهي ۽ هي ٻئي جي ماءُ کي گار ڏيندو آهي، سامهون وارو هن جي ماءُ کي گار ڏيندو آهي . (صحيح مسلم ص 60 حديث 146) اها حديث نقل ڪرڻ کان پوءِ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَانْ جن عرب جي جاهليت جو زمانو ڏٺو هو، انهن کي اهو سمجھ ۾ نہ آيو تہ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪو گار ڪيئن ڏيندو يعني (ڪو ماءُ پيءُ کي گار بہ ڏئي سگھي ٿو) اها ڳالهہ انهن جي سمجھ کان ٻاهر هئي، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌايو تہ مراد ٻئي کان گار ڏيارڻ آهي ۽ هاڻي اهو زمانو اچي ويو آهي ڪجھ ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيندا آهن ۽ ڪو لحاظ ناهن ڪندا. (بهار شريعت)

## باهہ جي تارين سان لٽڪڻ وارا

حضرت سَيِّدُنا امام احمد بن حَجَر مڪي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل ڪن ٿا: سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: مِعراج جي رات مون ڪجھ ماڻهو ڏٺا جيڪي باهہ جي تارين سان لٽڪيل هئا، مون پڇا ڪئي: اي جبرئيل! اهي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيائين:

اَلَّذِیْنَ یَشْتُمُوْنَ اٰبَاءَهُمْ وَ اُمَّهَاتِهِمْ فِی الدُّنْیَا

يعني اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ کي بُرو ڀلو چوندا هئا. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 2 ص 139 دار المعرفة بيروت)

www.dawateislami.net

## برسات جي قطرن برابر ٽانڊا

منقول آهي: جنهن پنهنجي والدين کي گار ڏني ان جي قبر ۾ باهه جا ايترا ٽانڊا لهندا آهن جيترا (برسات جا) قطرا آسمان مان زمين تي ڪرندا آهن . (ايضاً ص 140)

## قبر پاسريون ڀڃي ڇڏيندي آهي

منقول آهي: جڏهن پيءُ جي نافرمان کي دفن ڪيو ويندو آهي ته قبر ان کي دٻائيندي آهي ايستائين جو ان جون پاسراڻيون (ٽُٽي) هڪٻئي ۾ ملي وينديون آهن . (ايضاً)

## جنت ۾ نه ويندا

حضرت سَيِّدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي رسول ذيشان، نورِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ٽي شخص جنت ۾ نه ويندا ﴿1﴾ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو ﴿2﴾ دَيُّوث ۽ ﴿3﴾ مرداڻي وضع رکڻ واري عورت .

(المستدرڪ ج ا ص 252 حديث 252)

## جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪن ته اولاد ڇا ڪري؟

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضاخان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ وڙهن ته نه ماءُ جو ساٿ ڏي نه پيءُ جو، هرگز ائين نه ڪري جو ماءُ جي محبت ۾ پيءُ تي سختي ڪري. پيءُ جي دل آزاري يا ان کي سامهون جواب ڏيڻ يا بي ادبي سان اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائڻ هي سڀ حرام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني آهي. اولاد کي ماءُ پيءُ

مان ڪنهن جو ائين ساٿ ڏيڻ هرگز جائز ناهي، اهي ٻئي ان جي لاءِ جنت ۽ دوزخ آهن، جنهن کي بہ ايذاء ڏيندو جهنم جو حقدار ٿيندو. والعِياذُ بِاللّٰه (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ). خالق (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) جي نافرماني ڪرڻ ۾ ٻئي ڪنهن جي فرمانبرداري ناهي . مثلاً ماءُ چاهي ٿي تہ پٽ پيءُ کي ڪنهن طرح آزار پهچائي ۽ جيڪڏهن پٽ نٿو مڃي يعني سختي ڪرڻ لاءِ راضي نہ ٿو ٿئي تہ هو ناراض ٿئي ٿي تہ ماءُ کي ناراض ٿيڻ ڏي ۽ هرگز انهي معاملي ۾ ماءُ جي ڳالهہ نہ مڃي اهڙي طرح ماءُ جي باري ۾ پيءُ جي ڳالهہ نہ مڃي علماءِ ڪرام هن طرح وضاحت فرمائي آهي تہ خدمت ۾ ماءُ کي ترجيح آهي ۽ تعظيم پيءُ جي وڏيڪ آهي ڇاڪاڻ تہ هو ماءُ جو حاڪم ۽ آقا آهي . (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 390)

## والدين ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو حڪم ڏين تہ نہ مڃي

خبر پئي تہ ماءُ پيءُ جيڪڏهن ڪنهن ناجائز ڳالهہ جو حڪم ڏين تہ انهن جي ڳالهہ نہ مڃو، جيڪڏهن ناجائز ڳالهين ۾ انهن جي پيروي ڪنداسين تہ گناهگار ٿينداسين، مثلاً ماءُ پيءُ ڪوڙ ڳالهائڻ جو حڪم ڏين يا ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو حڪم ڏين يا هڪ مُٺ کان گهٽائڻ جو حڪم ڏين تہ انهن جون اهي ڳالهيون ڪنهن بہ صورت ۾ نہ مڃو چاهي اهي ڪيترو بہ ناراض ٿين، اوهان هرگز نافرمان نہ چورائيندا، ها جيڪڏهن مڃي ورتيون تہ خداءِ حنّان و منّان عَزَّوَجَلَّ جا ضرور نافرمان ٿيندا، اهڙي طرح ماءُ پيءُ جي پاڻ ۾ طلاق ٿي پئي تہ هاڻ پلي ماءُ روئي ڪري چوي ڪير نہ بخشيندس ۽ حڪم ڏي پنهنجي والد سان نہ ملجان تہ اهو حڪم نہ

مجي، والد سان ملڻو بہ پوندو ۽ ان جي خدمت بہ ڪرڻي پوندي. انهن جي جيتوڻيڪ جدائي ٿي چڪي هجي پر اولاد جو رشتو ساڳئي طرح سان باقي آهي اولاد تي ٻنهي جا حق برقرار آهن .

## جيڪڏهن والدين ناراضگيءَ ۾ فوت ٿين تہ ڇا ڪري؟

جنهن جا والدين ناراضگي ۾ فوت ٿي وڃن اهو انهن جي لاءِ بخشش جي دعا وڌيڪ ڪري، مرڻ واري جي لاءِ سڀ کان وڏو تحفو بخشش جي دعا آهي ۽ انهن جي طرفان وڌ ۾ وڌ اِيصالِ ثواب ڪري، اولاد جي طرفان مسلسل نيڪين جا تحفا ملندا تہ اميد آهي مَرحُوم والدَين راضي ٿي ويندا، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصي 16 صفحي 197 تي آهي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن جا ماءُ پيءُ ٻنهي يا ڪنهن هڪ جو انتقال ٿي وڃي ۽ هي انهن جي نافرماني ڪندو هو، هاڻي انهن جي لاءِ سدائين اِستِغفار ڪندو رهندو آهي ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي نيڪو ڪار لکي ڇڏيندو آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 202 حديث 7902) ٿي سگهي تہ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل رسالا وغيره حسبِ توفيق اِيصالِ ثواب جي نيّت سان ورهايو جيڪڏهن اِيصالِ ثواب جي لاءِ والدين جا نالا ۽ پنهنجو پتو وغيره رسالي يا ڪتاب تي ڇپرائڻ چاهيو تہ مکتبة المدينہ سان رابطو ڪيو.

## ماءُ پيءُ جو قرض لاهيو

سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان خوشگوار آهي: جيڪو شخص پنهنجي والدين جي انتقال کانپوءِ انهن جو قسم سچو ڪري ۽ انهن جو قرض لاهي ۽ ڪنهن جي پيءُ ماءُ

کي بُرو پلو چئي ڪري انهن کي بُرو پلو نہ چورائي اهو والدين سان پلائي ڪنڌڙ لکيو ويندو جيتوڻيڪ (انهن جي حياتي ۾) ”نافرمان“ هو ۽ جيڪو انهن جو قسم پورو نہ ڪري ۽ انهن جو قرض نہ لاهي ۽ ڪنهن جي والدين کي بُرو پلو چئي انهن کي بُرو پلو چورائي اهو نافرمان لکيو ويندو جيتوڻيڪ انهن جي حياتي ۾ ”پلائي ڪرڻ وارو هو“. (المعجم الاوسط للطبراني ج 4 ص 232 حديث 5819)

## جمعي جي ڏينهن والدين جي قبر تي حاضري ءِ جو ثواب

خاتَمُ المُرسَلِين، رحمةللعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان رحمت نشان آهي: جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ ٻنهي يا هڪ جي قبر تي هر جمعي تي حاضر ٿيندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪرڻ وارو لکيو ويندو.

(نوادرالاصول للحكيم الترمذي ص 97 حديث 130)

## مدني چينل گهر گهر سنتن جون بهارون آڻيندو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** والدين جي نافرماني کان پاڻ کي بچائڻ ۽ انهن جي اطاعت جو جذبو حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي دل ۾ عشق رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ سينو محبت رسول جو مدينو بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هن مدني ماحول جي برڪت سان راهِ سنّت تي هلڻ، نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي تڙپ پيدا ٿيندي . سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ۽ نيڪ بڻجڻ جي نسخي ”مدني انعامات“ جي مطابق پنهنجي زندگي گذاريو ۽ روزانو گهٽ ۾

گهٽ 12 منٽ فڪرِ مدينہ ڪريو ۽ ان ۾ مدني انعام جو رسالو پري ونو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ بيڙا پار ٿيندا، دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن کي سمجهڻ لاءِ هن مدني بهار کي ملاحظہ فرمايو: ميرپور نمبر 11 (ڍاڪا بنگلاديش) جي هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي بيان جو خلاصو آهي: منهنجي هڪ پيري راهہ تي هلندي هڪ شخص سان ملاقات ٿي مونکي ڏسندي ئي اهو چوڻ لڳو: ڇا اوهان کي خبر آهي مان ٻارن ٻچن سان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان؟ پوءِ پاڻ جواب ڏيندي چيائين: دراصل ڳالهہ هي آهي تہ منهنجا والدين مون کان ناراض هئا ۽ مان والدين کان ناراض هئس، دعوت اسلامي جي مدني چينل تي ٿيندڙ سنتن ڀريي بيان "ماں باپ کے حقوق" ڏسڻ جي برڪت سان مون کي احساس ٿيو تہ مان والدين جي نافرماني ڪري وڏو گناهہ ڪيو آهي تنهن ڪري معافي گهرڻ لاءِ ٻارن ٻچن سان گڏ والدين جي خدمت ۾ حاضري لاءِ وڃي رهيو آهيان، اللہ تعاليٰ دعوت اسلامي ۽ مدني چينل کي ترقي عطا فرمائي . اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

راہِ سنّت پر چلا کر سب کو جنّت کی طرف
لے چلے بس اِک یہی ہے مَدَنی چینل کا ہدَف

یا خدا ہے التجا عطّارؔ کی
سنّتیں اپنائیں سب سرکار کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ماءُ جي بددعا سان ٽنگ ڪٽجي وئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن مدني بهار مان مدني چينل جي افاديت معلوم ٿي. هن مدني بهار ۾ ”والدين جي حقوق“ جو بيان آهي واقعي ماءُ پيءُ جي حقن کان آجو ٿيڻ نهايت دشوار آهي ان جي لاءِ سڄي عمر ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ ماءُ پيءُ جي ناراضگي کان سدائين بچڻو پوندو، جيڪي ماڻهو ماءُ پيءُ کي ستائيندا آهن انهن جو دنيا ۾ بہ انجام برو ٿيندو آهي جيئن علامہ ڪَمالُ الدين دَميري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا: ”زَمَخشَري (جيڪومُعتَزلي فرقي جو وڏو مشهور عالم هو ان) جي هڪ ٽنگ ڪٽيل هئي ماڻهن جي پڇڻ تي ان انڪشاف ڪيو تہ هي منهنجي ماءُ جي بددعا جو نتيجو آهي، ڳالهہ هي آهي تہ مون ننڍپڻ ۾ هڪ جهرڪي پڪڙي ان جي ٽنگ ۾ هڪ ڏور ٻڌي ڇڏي، اتفاق سان اها منهنجي هٿ مان اُڏري هڪ ديوار جي سوراخ ۾ گهڙي وئي پر ڏور ٻاهر ئي هئي مون ڏور مان پڪڙي زور سان ڇڪ ڏني تہ جهرڪي ٻاهر آئي پر ويچاري جي ٽنگ ڏور سان ڪٽجي چڪي هئي، منهنجي اَمڙ هي دردناڪ مَنظر ڏسي صدمي وچان تڙپي وئي ۽ سندن جي واتان منهنجي لاءِ هي بددعا نڪتي: ”جهڙي نموني تون هن بي زبان جي ٽنگ ڪٽي آهي الله تعاليٰ تنهنجي بہ ٽنگ ڪٽي.“ ڪجھ وقت کان پوءِ مون علم حاصل ڪرڻ لاءِ ”بخارا“ ڏانهن سفر ڪيو سفر ڪندي مان سواري تان ڪري پيس، ٽنگ تي شديد ڌڪ لڳو، ”بخارا“ پهچي ڪافي علاج ڪرايو پر تڪليف نہ وئي آخرڪار ٽنگ ڪٽرائڻي پئي (ائين ماءُ جي بددعا پوري ٿي) (حياة الحيوان الكبريٰ ج 2 ص 163)

## پيرپڪڙي ماءُ پيءُ کان معافي وٺي ڇڏيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اوهان جا ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪو هڪ ناراض آهي ته جلد ئي هٿ ٻڌي، پيرين پئي روئي ڪري معافي جي ترڪيب ٺاهيو، انهن جا جائز مطالبا پورا ڪيو ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي والدين جي حقن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي جاري ڪيل ٻه عدد V.C.Ds (1) ”ماں باپ کے حقوق“ (2) رمضان المبارڪ جي اِعتِڪاف (1430ھ) ۾ ٿيڻ واري مدني مُذاڪري جي V.C.D بنام ”والدین کے نافرمانوں کا انجام“ ملاحظ فرمايو.

دل دُکھانا چھوڑدیں ماں باپ کا
ورنہ ہے اِس میں خسارہ آپ کا
کینۂِ مسلم سے سینہ پاک کر
اِتّباعِ صاحِبِ لو لاک کر
یا خدا ہے التجا عطّار کی
سنّتیں اپنائیں سب سرکار کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساكر ج 9 ص 343)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”راهہ مدينہ جو مسافر“ جي پندرهين اکرن جي نسبت سان هلڻ جون 15 سنتون ۽ اداب

﴿1﴾ سيپاري 15 سورة بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿۳۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

﴿2﴾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصي16 صفحي 78 تي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ دٻايو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ ڌٻجندو ئي ويندو. (مسلم ص 1156 حديث 2088) ﴿3﴾ سروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن هلندي پنهنجي ڪنهن صحابي جو هٿ پنهنجي مبارڪ هٿ ۾ پڪڙيندا هئا. (المعجم الكبير للطبراني ج 7 ص 277) ﴿4﴾ رسولِ اڪرم، نورِمُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجهہ اڳئين طرف جهڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿان ڪان هيٺ پيا لهن. (الشمائل المحمدية للترمذي ص 87 رقم 118) ﴿5﴾ گهٽي ۾ سون يا ڪنهن بہ ڌاتو (يعني ميٽل) جي چين پائي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ گلو کولي هرگز نہ هلو چوتہ هي بيوقوفن، مغرُورن ۽ فاسِقن جي چال آهي، گهٽي ۾ سون جي

چين پائڻ مرد جي لاءِ حرام ۽ ٻي ڌاتو جي بہ ناجائز آهي ﴿6﴾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري ڪناري وچٽري چال هلي نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو. اَمرَد جو هٿ نہ پڪڙيو، شهوت سان ڪنهن بہ اسلامي ڀاءُ جو هٿ پڪڙڻ يا مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) يا ڀَڪُلي ملڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ﴿7﴾ راهہ هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو. حضرت سَيِّدُنا حَسَّان بن ابي سِنان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عيد جي نماز جي لاءِ ويا، جڏهن گهر موٽيا تہ گهرواري چوڻ لڳي: اڄ ڪيتريون عورتون ڏٺيون؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خاموش رهيا، جڏهن ان گهڻو زور ڏنو تہ فرمايو: ”گهر مان نڪرڻ کان توهان وٽ واپس موٽڻ تائين مان پنهنجي (پيرن جي) آڱوٺن ڏانهن ئي ڏسي رهيو هئس“ (ڪتاب الورع مع موسوعہ امام ابن ابي الدنيا ج1 ص 205) سُبْحٰنَ الله! الله وارا راهہ تان گذرندي بلا ضرورت خاص ڪري رش جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسندا هئا متان ائين نہ ٿئي جو شرعاً جنهن جي اجازت ناهي ان تي نظر پئجي وڃي! هي سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تقويٰ هئي، شرعي مسئلو هي آهي تہ ڪنهن عورت تي اوچتو نظر پئجي وڃي ۽ يڪدم نظر هٽائي تہ گناهگار ناهي ﴿8﴾ ڪنهن جي گهر جي صَحن يا دري ڏانهن بلا ضرورت نظر ڪٽي ڏسڻ مُناسِب ناهي ﴿9﴾ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جوتن جو

آواز پسند نہ هو ﴿10﴾ راهہ ۾ بہ عورتون بينيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي ﴿11﴾ راهہ تان هلندي، بيني بلڪ ويني بہ ماڻهن جي سامهون ٿُڪ اڇلائڻ، نڪ صاف ڪرڻ، نڪ ۾ آڱر وجهڻ، ڪن کنهڻ، بدن جو مير آڱر سان صاف ڪرڻ، پردي جي جڳهہ کنهڻ وغيره تهذيب جي خلاف آهي ﴿12﴾ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پاڪيٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ ۾ بي ادبي بہ آهي ﴿13﴾ پيادل هلڻ جا اهي قانون جيڪي شريعت جي خلاف نہ هجن انهن جي پاسداري ڪيو، مثلاً گاڏين جي اچ وڃ تي رستو پار ڪرڻ لاءِ ميسر هجي تہ "زيبرا ڪراسنگ" يا "اوور هيڊ پل" (يعني رستو پار ڪرڻ واري پل) استعمال ڪيو ﴿14﴾ جنهن پاسي کان گاڏيون اچي رهيون هجن ان پاسي نهاريندي رستو پار ڪيو، جيڪڏهن اوهان وچ رستي تي آهيو ۽ گاڏي اچي رهي هجي تہ ڀڄڻ کان بهتر آهي اتي بيهي رهي انهيءَ ۾ وڌيڪ حفاظت آهي. ريل گاڏي جي گذرڻ جي وقت پٽڙي تان گذرڻ پنهنجي موت کي دعوت ڏيڻ آهي ۽ ريل گاڏي کي گهڻو پري سمجهي گذرڻ وارن کي جلدي يا بي خيالي ۾ ڪنهن تار ۾ پير ڦاسڻ جي صورت ۾ مٿان کان ريل گذرڻ جي خطري کي سامهون رکڻ گهرجي ۽ ڪجهہ اهڙين جڳهن تي گذرڻ خلاف قانون هوندو آهي خاص ڪري اسٽيشن تي، هنن قانونن تي

www.dawateislami.net

عمل ڪيو ﴿15﴾ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ڪوشش ڪري روزانو منو ڪلاڪ ذڪر ۽ درود ڪندي پيادل هلو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ صحت بهتر رهندي هلڻ جو بهتر طريقو هي آهي تہ شروع ۾ 15 منٽ تيز تيز پوءِ 15 منٽ وچٿري ۽ آخر ۾ 15 منٽ تيز قدم هلو، ائين هلڻ سان سڄي جسم کي ورزش ملندي، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ هاضمي جو نظام درست رهندو، دل جي بيمارين ۽ ٻين بيشمار بيمارين کان اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ حفاظت ٿيندي .

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينه جا شايع ٿيل 2 ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتين اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**وضو سان گناهہ ختم ٿيندا آهن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :**

جڏهن انسان وضو ڪندو آهي تہ هٿ ڌوئڻ سان هٿن جا ۽ چهرو ڌوئڻ سان چهري جا ۽ مٿي جو مسح ڪرڻ سان مٿي جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن جا گناهہ ختم ٿي ويندا آهن. (المسند للامام احمد بن حنبل حديث 415 ج 1 ص 130 ملتقطا)

بيان 12

# قبر جي پهرين رات

**تخريج شده**

- قبرون ڏسڻ ۾ هڪجهڙيون پر اندر....
- هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي
- آخرت جي پهرين منزل قبر آهي
- عاليشان محل جو عبرتناڪ واقعو
- جنت جو باغ يا جهنم جو کڏو
- هينئر کان ئي تياري ڪريو
- فنڪار دعوتِ اسلامي ۾ ڪيئن آيو؟
- لباس جا 14 مدني گل

پنو اٿلايو...

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# قبر جي پھرين رات *

شيطان ھرگز نہ چاھيندو تہ ھي رسالو مڪمل پڙھي قبر جي پھرين رات جي تياريءَ جو اوھان جو ذھن ٺھي، شيطان جي انھيءَ وار کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

## دُرود شريف جي فضيلت

رحمت عالميان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آھي: مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھڻ پلصراط لاءِ نور آھي، جيڪو جمعي جي ڏينھن اَسي ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙھندو تہ ان جي اَسي سالن جا گناھ معاف ٿي ويندا.

(الجامع الصغير للسيوطي ص 320، حديث 5191)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

کوئی گل باقی رہے گا نہ چمن رہ جائیگا
پر رسولُ اللہ کا دِینِ حَسَن رہ جائیگا

ہم صفیر و باغ میں ہے کوئی دم کا چہچہا
بُلبلیں اُڑ جائیں گی سُونا چمن رہ جائیگا

اَطلَس کمخواب کی پُوشاک پر نازاں نہ ہو
اِس تنِ بے جان پر خاکی کفن رہ جائیگا

---

*ھي بيان امير اھلسنت حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽي روزه سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي) ۾ 27 ربيع النُّور 1431ھ بمطابق 2010-03-14 آچر ڏينھن فرمايو. (مجلس مڪتبة المدينہ)

www.dawateislami.net

جليلُ القدر تابعي حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى پنهنجي گهر جي دروازي تي تشريف فرما هئا ته اتان هڪ جنازو گذريو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه به اٿيا ۽ جنازي جي پويان هلڻ لڳا. جنازي جي هينان هڪ مدني منيءَ زارو قطار روئندي تيز هلي رهي هئي، اها چئي رهي هئي: پيارا بابا! اج مون تي اهو وقت آيو آهي جيڪو پهريان ڪڏهن نه آيو هو. حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى جڏهن اهو درد ڀريو آواز ٻڌو ته اکيون اشڪبار، دل بيقرار ٿي وئي، شفقت وچان ان يتيم ۽ غمگين ڇوڪريءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ فرمايائون: ڌيءَ! توتي نه بلڪ تنهنجي مرحوم بابا تي اهو وقت آيو آهي جيڪو اج کان پهريان ڪڏهن نه آيو هو. ٻئي ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان مدني منيءَ کي ڏٺو ته ڳوڙها ڳاڙيندي قبرستان ڏانهن وڃي رهي آهي. حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى به عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي پويان هلڻ لڳا. قبرستان پهچي ڪري مدني منيءَ پنهنجي مرحوم والد جي قبر وٽ ويهي رهي، حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى هڪ وڻ جي اوٽ ۾ ويهي رهيا. مدني منيءَ پنهنجا ڳل مٽيءَ تي رکي روئي ڪري چوڻ لڳي:

پيارا بابا! توهان انڌيري ۾ ڏيئي ۽ ڪنهن ساٿيءَ بنا قبر جي پهرين رات ڪيئن گذاري؟ پيارا بابا! ڪالهه رات ته مان گهر ۾ توهان جي لاءِ ڏيئو ٻاريو هو، اج رات قبر ۾ ڏيئو ڪنهن ٻاريو هوندو! پيارا بابا! ڪالهه رات گهر ۾ مون توهان جي لاءِ بسترو وڇايو هو، اج رات قبر ۾ بسترو ڪنهن وڇايو هوندو! پيارا بابا! ڪالهه رات گهر ۾ مون توهان جي هٿن پيرن کي زور ڏنا هيا اج

رات قبر ۾ هتن پيرن کي ڪنهن زور ڏنا هوندا! پيارا بابا! ڪالهه رات گهر ۾ مون توهان کي پاڻي پياريو هو، اڄ رات قبر ۾ جڏهن اُڃ لڳي هوندي ۽ توهان پاڻي گهريو هوندو ته پاڻي ڪنهن ڏنو هوندو! پيارا بابا! ڪالهه رات ته توهان جي جسم تي چادر مون رکي هئي اڄ رات ڪنهن رکي هوندي! پيارا بابا! ڪالهه رات ته گهر جي اندر توهان جي منهن تان پگهر مان اگهندي رهي هيس اڄ رات قبر ۾ پگهر ڪنهن صاف ڪيو هوندو! پيارا بابا! ڪالهه رات تائين ته توهان مونکي جڏهن به سڏيو مان ايندي هئس، اڄ رات قبر ۾ توهان ڪنهن کي سڏيو هوندو ۽ توهان جو سڏ ٻڌي ڪير آيو هوندو! پيارا بابا! ڪالهه رات تائين جڏهن توهان کي بک لڳي هئي ته مان ماني ڪڍي آئي هيس، اڄ رات جڏهن قبر ۾ بک لڳي هوندي ته ڪاڏو ڪنهن ڏنو هوندو! پيارا بابا! ڪالهه تائين ته مون توهان جي لاءِ مختلف قسمن جا ڪاڏا تيار ڪيا هئا، اڄ قبر ۾ پهرين رات ڪنهن تيار ڪيا هوندا!

حضرت سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی غمگين ۽ ڏکويل مدني منيءَ جون اهي درد ڀريون ڳالهيون ٻڌي روئي پيا ۽ ويجهو وڃي فرمايو: اي ڌيءَ! ائين نه بلڪ هينئن چئو: پيارا بابا! دفن ڪرڻ وقت توهان جو منهن قبلي ڏانهن ڪيو ويو هو، ڇا هاڻي به انهيءَ حالت ۾ آهي يا ٻئي طرف منهن ڦيريو ويو آهي؟ پيارا بابا! توهان کي صاف سٿرو ڪفن پارائي دفن ڪيو ويو هو ڇا اهو اڃا تائين صاف سٿرو ئي آهي؟ پيارا بابا! توهان کي قبر ۾ صحيح سلامت جسم سان رکيو ويو هو، ڇا اڃا تائين جسم سلامت آهي

يا ان کي ڪيڙن مڪوڙن ڪائي ڇڏيو آهي؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ قبر جي پهرين رات ٻانهي کان ايمان جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو تہ ڪو جواب ڏيندو ۽ ڪو مايوس رهندو تہ توهان ان سوال جو صحيح جواب ڏنو يا ناڪام ٿي ويؤ؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ ڪن مُردن تي قبر ڪشاده ٿي ويندي آهي ۽ ڪن تي تنگ، تہ توهان تي قبر تنگي ڪئي آهي يا ڪشادگي؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ ڪنهن ميت جي ڪفن کي جنتي ڪفن سان ۽ ڪنهن جي ڪفن کي جهنمي باهہ جي ڪفن سان بدلايو ويندو آهي تہ توهان جو ڪفن باهہ سان بدلايو ويو آهي يا جنتي ڪفن سان؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ قبر ڪنهن کي اهڙي طرح دٻائيندي آهي جهڙي طرح ماءُ پنهنجي وڇڙيل پٽ کي شفقت وچان سيني سان لائيندي آهي ۽ ڪنهن کي غضب ناڪ ٿي ايتري زور سان ڇيپاٽيندي آهي جو ان جون پاسراٽيون ٽٽي هڪ ٻئي ۾ ملي وينديون آهن تہ قبر توهان کي ماءُ وانگر نرميءَ سان ڳلي لڳايو، يا پاسراٽيون ڀڃي ڇڏيون؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ مُردي کي جڏهن قبر ۾ لاٿو ويندو آهي تہ اهو ٻنهي صورتن ۾ پڇتائيندو آهي، جيڪڏهن نيڪ ٻانهو آهي تہ ان ڳالهہ تي پڇتائيندو آهي تہ ان گهٽيون نيڪيون ڇو نہ ڪيون ۽ جيڪڏهن گنهگار آهي تہ ان لاءِ پڇتائيندو تہ گناه ڇو ڪيا؟ پيارا بابا! توهان نيڪين جي گهٽ هئڻ جي ڪري پڇتايو يا گناهن تي؟ پيارا بابا! ڪالهہ تائين جڏهن مان توهان کي سڏيندي هيس تہ مون کي جواب ڏيندا هئا، اڄ مان ڪيتري بدنصيب آهيان جو قبر جي سيراندي کان توهان کي سڏي

رهي آهيان پر مون کي توهان جي جواب جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي! پيارا بابا! توهان تہ مون کان اهڙا جدا ٿي ويؤ جو قيامت تائين ٻيهر وري نہ ملي سگهندؤ. اي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ميدان ۾ مون کي پنهنجي بابا جي ملاقات کان محروم نہ ڪجانءِ.

حضرتِ سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى جون اهي ڳالهيون ٻڌي ان مدني مُنيءَ عرض ڪيو: اي منهنجا سردار! توهان جي نصيحت ڀرين ڳالهين مون کي غفلت مان سجاڳ ڪري ڇڏيو آهي. ان کانپوءِ اها مدني مني روئندي حضرتِ سَيِّدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى سان گڏ واپس موٽي آئي. (المواعظ العصفورية لا بي بکر بن محمد العصفوري مترجم ص 118)

آنکھیں رو رو کے سُوجانے والے جانے والے نہیں آنے والے
کوئی دن میں یہ سرا اُوجڑ ہے ارے او چھاؤنی چھانے والے
نفس! میں خاک ہوا تو نہ مٹا ہے! مری جان کے کھانے والے
ساتھ لے لو مجھے میں مجرم ہوں راہ میں پڑتے ہیں تھانے والے
ہو گیا دَھک سے کلیجہ میرا
ہائے رُخصت کی سنانے والے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبرون ڏسڻ ۾ هڪجهڙيون پر اندر......

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان سڀني جو ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ قبرستان وڃڻ جو اتفاق ٿيو هوندو. جا ڪڏهن غور ڪيو تہ قبرستان جون سوڳوار فضائون، غمناڪ هوائون ڇڻ تہ اعلان ڪري رهيون آهن:

اي دنياوي زندگي ۾ مطمئن رهڻ وارؤ! توهان سيني کي هڪ نه هڪ ڏينهن هن ويراني ۾ اونداهي قبر ۾ داخل ٿيڻو آهي. ياد رکو! هي قبرون جيڪي مٿان کان هڪجهڙيون نظر اچن ٿيون ضروري ناهي ته انهن جون اندروني حالتون به ساڳيون هجن، جِي ها ان مٽي جي ڍير هيٺان دفن ٿيڻ وارو جيڪڏهن کو نمازي هيو، رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ وارو هيو، سڄو مبارڪ مهينو يا گهٽ ۾ گهٽ آخري عشري جو اعتڪاف ڪرڻ وارو هيو، رمضان جو عاشق ۽ قدر دان هيو، فرض هئڻ جي صورت ۾ پنهنجي زڪوٰة پوري ادا ڪرڻ وارو هيو، رزقِ حلال ڪمائڻ وارو هيو، ڪفايت موجب حلال روزي ملڻ تي قناعت ڪرڻ وارو هيو، تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارو هيو، تَهَجُّد، اِشراق، چاشت ۽ اَوّابين جا نفلَ ادا ڪرڻ وارو هيو، عاجزي ڪرڻ وارو هيو، حُسنِ اخلاق جو پيڪر هيو، شريعت جي مطابق هڪ مٺ ڏاڙهي رکڻ وارو هيو، مٿي تي عمامي جو تاج سجائڻ وارو هيو، سنتن تي عمل ڪرڻ وارو هيو، ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ڪرڻ وارو هيو، ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ وارو هيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چاهڻ وارو هيو، صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، اهليبيتِ عظام ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جو عاشق هيو، ته ان جي قبر جيڪا مٿان کان مٽيءَ جو ڍير نظر اچي پئي، ٿي سگهي ٿو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل ۽ ڪرم سان ان جو اندروني حصو حدِ نگاهه تائين وسيع ٿي چڪو هجي، قبر ۾ جنت جي دري کلي وئي هجي ۽ ان مٽي جي ظاهري ڍير هيٺان جنت جو خوبصورت باغ موجود هجي. ٻئي طرف ان مٽي جي ڍير

هينئان دفن ٿيڻ وارو جيڪڏهن بي نمازي هيو، رمضان المبارڪ جا روزا ڇاڏي واٽي برباد ڪرڻ وارو هيو، رمضان المبارڪ جي راتين جو گهٽين ۾ ڪرڪيٽ وغيره راندين جي ذريعي مسلمانن جي عبادتن يا ننڊ ۾ خلل پيدا ڪرڻ وارو يا ان طرح جي راندين وارن جو تماشائي بڻجي انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ وارو هيو، فرض هجڻ جي باوجود زڪوٰة جي ادائگي ۾ بخل ڪرڻ وارو هيو، حرام روزي ڪمائڻ وارو هيو، وياج ۽ رشوت جو واپار ڪرڻ وارو هيو، ماڻهن جو قرض کائڻ وارو هيو، شراب پيئڻ وارو هيو، جوا کيڏڻ وارو هيو، شراب ۽ جوا جا اڏا هلائڻ وارو هيو، بنا اجازتِ شرعي مسلمانن جي دل ڏکائڻ وارو هيو، مسلمانن کي ديڄاري ڌمڪيون ڏئي پتو وصول ڪرڻ وارو هيو، پيسن جي ڪري مسلمانن کي اغوا ڪرڻ وارو هيو، چوري ڪرڻ وارو هيو، ڦر ڪرڻ وارو هيو، امانت ۾ خيانت ڪرڻ وارو هيو، زمينن تي ناجائز قبضا ڪرڻ وارو هيو، بي وس هارين جو رت پيئڻ وارو هيو، ڪرسي جي لالچ ۾ مست ٿي ڪري غريبن تي ظلم و ستم جا پهاڙ ڪيرائڻ وارو هيو، ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارو هيو، فلمون ڊراما ڏسڻ وارو هيو، گانا باجا ٻڌڻ وارو هيو، گاريون ڏيڻ وارو هيو، ڪوڙ، غيبت، چغلي، الزام تراشي، بدگماني ۽ تڪبُّر جو عادي هيو، ماءُ پيءُ جو نافرمان هيو، ٿي سگهي ٿو تہ ان مٽيءَ جي پر سڪون نظر اچڻ واري ڍير هيٺان بيقراري وارو ماحول هجي، جهنم جي دري کلي وئي هجي، باھ ڀڙڪي رهي هجي، نانگ ۽ وڇون دفن ٿيڻ واري جي جسم تي چنبڙيل هجن ۽ دانهن ۽ ڪوڪن جو وڏو آواز هجي

www.dawateislami.net

جنهن کي اسان نٽا ٻڌي سگهون.

منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا:

ہائے غافل وہ کیا جگہ ہے جہاں　　پانچ جاتے ہیں چار پھرتے ہیں
بائیں رستے نہ جا مسافر سُن　　مال ہے راہ مار پھرتے ہیں
جاگ سُنسان بن ہے رات آئی　　گرگ بہرِ شکار پھرتے ہیں
نفس یہ کوئی چال ہے ظالم
جیسے خاصے بِجار پھرتے ہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي

اي عاشقانِ رسول! هنن قبرستانن جي ويرانين کي ڏسو ۽ غور ڪريو تہ ڇا جيئري اسان مان ڪو ڪنهن قبرستان ۾ صرف هڪ رات اڪيلو گذاري سگهي ٿو؟ شايد ڪو بہ همت نہ ڪري سگهي، تہ جڏهن جيئري اڪيلي رهڻ کان گهبرايون ٿا تہ مرڻ کان پوءِ جڏهن سيئي دوست ۽ مٽ مائٽ موٽي ويا هوندا، عقل سلامت هوندو، سڀ ڪجھ ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هونداسين پر ڇُرڻ پُرڻ ۽ ڳالهائڻ کان لاچار هونداسين اهڙين هوش اڏائيندڙ حالتن ۾ انڌيري قبر ۾ اڪيلا ڪيئن رهي سگهنداسين! آھ! اسان جو تہ حال هي آهي جو جيڪڏهن سهولتن سان ڀرپور خوبصورت ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ بہ اڪيلو قيد ڪيو وڃي تہ گهبرائجي وڃون!

اندھیری رات ہے غم کی گھٹا عصیاں کی کالی ہے　　دلِ بے کس کا اِس آفت میں آقا تُو ہی والی ہے
اُترتے چاند ڈھلتی چاندنی جو ہو سکے کر لے　　اندھیرا پاکھ آتا ہے یہ دو دن کی اُجالی ہے

اندھیرا گھر، اکیلی جان، دَم گھٹتا، دل اُکتاتا
خدا کو یاد کر پیارے وہ ساعت آنے والی ہے

نہ چو نکا دن ہے ڈھلنے پر تِری منزل ہوئی کھوٹی
ارے او جانے والے نیند یہ کب کی نکالی ہے

رضاؔ منزل تو جیسی ہے وہ اِک میں کیا سبھی کو ہے
تم اس کو روتے ہو یہ تو کہو یاں ہاتھ خالی ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقين ڪريو! قبرستان ۾ دفن ٿيڻ وارو اڄ اسان کي چئي ته خاموش نصيحت ڪري رهيو آهي: ”اي غافل انسانؤ! ياد رکو! ڪلهه اسان به اتي (يعني دنيا ۾) هياسين جتي اڄ توهان آهيو ۽ سڀاڻي توهان به هتي (يعني قبر ۾) اچي پهچندؤ جتي اڄ اسان آهيون.“ يقينًا جيڪو دنيا ۾ پيدا ٿيو آهي ان کي ضرور مرڻو آهي، جنهن زندگي جا مزا ماڻيا، ان کي موت جي سختين ضرور رنج ڏنو، جنهن خوشين جا خزانا ماڻيا، ان کي موت جو غم ضرور مليو!

## اسان دنيا ۾ ترتيب وار آيا آهيون پر......

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان هن دنيا ۾ هڪ ترتيب سان آيا ضرور آهيون مطلب ته پهريان ڏاڏو، پوءِ پيءُ، پوءِ پٽ، پوءِ پوٽو پر موت لاءِ ترتيب ضروري ناهي، پيرسن ڏاڏو زنده هوندو آهي ۽ ڪير پياڪ پوٽو موت جي ور چڙهي ويندو آهي، ڪنهن جو نانو زنده هوندو آهي پر ماءُ جدائي جو صدمو ڏئي ويندي آهي. اسان مان ڪنهن جي گهر مان پاءُ جو جنازو نڪتو هوندو، ڪنهن ماءُ جي نظرن جي سامهون دم ڏنو هوندو، ڪنهن جي پيءُ موت کي ڳلي لڳايو هوندو، ڪنهن جو جوان پٽ حادثي جو شڪار ٿي موت

جي منهن ۾ وجي پيو هوندو، ڪنهن جي ڏاڍِي آخري گهر يعني قبرستان رواني ٿي هوندي ته ڪنهن جي ناني لاڏاٽو ڪري وئي هوندي. پنهنجي فوت ٿي ويل انهن مٽن مائٽن وانگر هڪ ڏينهن اسان به اوچتو هيءُ دنيا ڇڏي ويندا سين.

دِلا غافل نہ ہو یک دم یہ دنیا چھوڑ جانا ہے
بَغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
ترا نازک بدن بھائی جو لیٹے سیج پھولوں پر
یہ ہوگا ایک دن بے جاں اسے کیڑوں نے کھانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے اِینٹوں کا سرہانا ہے
نہ بَیلی ہو سکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی
تُو کیوں پھرتا ہے سَو دائی عمل نے کام آنا ہے
کہاں ہے زورِ نَمرودی! کہاں ہے تختِ فرعونی!
گئے سب چھوڑ یہ فانی اگر نادان دانا ہے
عزیزا یاد کر جس دن کہ عزرائیل آئیں گے
نہ جاوے کوئی تیرے سَنگ اکیلا تُو نے جانا ہے
جہاں کے شُغل میں شاغِل خدا کے ذِکر سے غافل
کرے دعویٰ کہ یہ دنیا مرا دائم ٹِھکانہ ہے
غُلام اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی پہ نہ ہو غرّہ
خدا کی یاد کر ہر دم کہ جس نے کام آنا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پهريان ڪا اهڙي رات نه گذاري هوندي

حضرت سَيِّدُنا اَنَس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا مان توهان کي ان ٻن ڏينهن ۽ ٻن راتين جي باري ۾ نه ٻڌايان! (1) هڪ ڏينهن اهو آهي جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اچڻ وارو توهان وٽ رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي خوشخبري کڻي ايندو يا ان جي ناراضگي جو پيغام ۽ (2) ٻيو ڏينهن اهو جڏهن تون پنهنجو اعمال نامو کڻڻ لاءِ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ حاضر ٿيندين ۽ اهو اعمال نامو تنهنجي

ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو يا کابي هٿ ۾. (۽ ٻن راتين مان) (1) هڪ رات اها آهي جيڪا ميت پنهنجي قبر ۾ گذاريندو ۽ ان کان پهريان ان کڏهن بہ اهڙي رات نہ گذاري هوندي ۽ (2) ٻي رات اها آهي جنهن جي صبح جو قيامت جو ڏينهن هوندو ۽ ان کان پوءِ ڪا رات نہ ايندي. (شُعَبُ الايمان ج 7 ص 388 حديث 10697)

## اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وصيت

اي اڄ جا زندؤ ۽ سڀاڻي جا مُردؤ! اي فنا ٿيڻ وارؤ، اي ڪمزورؤ، اي ضعيفؤ، اي ٻارؤ، اي جوانؤ، اي پوڙهؤ! يقينًا قبر جي پهرين رات نهايت اهم رات آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، عاشقِ ماهِ نُبُوت، وليءِ نعمت، عظيم البَرَڪت، عظيم المَرتبت، مجدّدِ دين و ملت، عالِمِ شريعت، پيرِ طريقت، حضرتِ علامہ مولانا الحاج الحافِظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن جن تمام وڏا ولي الله ۽ زبردست عاشقِ رسول هئڻ جي باوجود هيءَ وصيت فرمايائون: دفن ڪرڻ کان بعد (تلقين ڪانپوءِ) ڏيڍ ڪلاڪ منهنجي قبر جي سيراندي واري پاسي کان درود ۽ سلام اهڙي آواز سان پڙهندا رهجو جو مان ٻڌان. پوءِ مونکي اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡن جي حوالي ڪري هليا وڃجو، ۽ جيڪڏهن تڪليف برداشت ڪري سگهو تہ مڪمل ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون پهرو ڏيڻ سان گڏوگڏ ٻہ عزيز يا دوست سيراندي کان قرآن شريف ۽ درود شريف ايتري آواز سان ٻنا وقفي پڙهندا رهن تہ جيئن الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو تہ ان نئين گهر (يعني قبر) ۾ دل لڳي ويندي.

(حياتِ اعليٰ حضرت، حصو 3 ص 291)

## سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ جي وصيت

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پيروي كندي سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ بہ ان طرح جي وصيت كري ڇڏي آهي دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 436 صفحن تي مشتمل ”رسائلِ عطاريہ“ ۾ شامل رسالي ”مدني وصيت نامو“ ۾ آهي: ٿي سگهي تہ مون سان محبت كرڻ وارا منهنجي تدفين كان پوءِ 12 ڏينهن تائين، اهو نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 12 كلاك ئي سهي منهنجي قبر تي حلقو لڳائن ۽ ذكر و درود ۽ تلاوت و نعت سان منهنجي دل خوش كندا رهن اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نئين جڳهہ ۾ دل لڳي ئي ويندي، ان دوران بہ باجماعت نماز جو اهتمام كريو.

## محبوبِ باري صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي اشكباري

اسان جي كريم آقا، اسان كي بخشائڻ واري مٺي مٺي مكي مدني مصطفيٰ، شافعِ يومِ جزا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قبر بابت خوفِ خدا ملاحظ فرمايو. حضرت سَيِّدُنا براءِ بِن عازِب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان سركار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هك جنازي ۾ شريك هئاسين تہ پاڻ كريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هك قبر جي پرسان ويهي ايترا تہ رُنا جو قبر جي مٽي آلي ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: ان جي لاءِ تياري كيو. (سننِ ابن ماجہ ج 4 ص 466 حديث 4195)

سويا كيئے ناكار بندے
رويا كيئے زار زار آقا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## آخرت جي پهرين منزل قبر آهي

اَميرالمُؤمِنِين حضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جڏهن ڪنهن جي قبر تي تشريف آڻيندا تيندا هئا تہ ايتري قدر روئندا هئا جو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي. عرض ڪيو ويو: جنت ۽ دوزخ جو تذڪرو ڪرڻ وقت توهان روئندا ناهيو پر قبر تي گهڻو روئندا آهيو ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون: مان نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان ٻڌو آهي: آخرت جي سڀ کان پهرين منزل قبر آهي، جيڪڏهن قبر واري ان کان نجات حاصل ڪئي تہ بعد وارو معاملو ان تي آسان آهي ۽ جيڪڏهن ان نجات حاصل نہ ڪئي تہ بعد وارو معاملو ڏاڍو سخت آهي. (سننِ ابنِ ماجہ 4 ص 500 حديث 4267)

## جنازو خاموش مبلغ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان ذوالنّورَين، جامِعُ القُرآن حضرتِ سَيِّدُنا عثمان ابنِ عفّان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو خوفِ خدا! پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عشره مبشره يعني ان ڏهن خوش نصيب صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مان آهن جن کي اللہ عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ حقِ ترجمان سان خصوصي طور تي جنتي هئڻ جي بشارت ڏني هئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان معصوم فرشتا بہ حيا ڪندا هئا. ان جي باوجود بہ قبر جي خوف، وحشتن، اڪيلائپ ۽ انڌيري جي باري ۾ بي انتها خوفزده رهندا هئا ۽ هڪ پاسي اسان آهيون جو پنهنجي قبرن کي وساري وينا آهيون، روزانو ماڻهن جا جنازا نڪرندي ڏسڻ جي باوجود اهو نہ ٿا سوچيون تہ هڪ ڏينهن اسان

جو جنازو به کنيو ويندو، يقينًا اهي جنازا اسان جي لاءِ خاموش مبلغ جي حيثيت رکن ٿا. اهي جيڪي ڪجهه چئي رهيا هوندا آهن ان کي ڪنهن هن طرح نظم ۾ بيان ڪيو آهي:

جنازہ آگے آگے کہہ رہا ہے اے جہاں والو
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

## اونداهي خوف جو سبب آهي

اي عاشقانِ رسول! افسوس صد ڪروڙ افسوس! چو ته اسان ٻين کي قبر ۾ دفن ٿيندي ڏسون ٿا پر اهو وساري ڇڏيون ٿا ته هڪ ڏينهن اسان کي به قبر ۾ لاٿو ويندو. آه! اسان جي حالت اها آهي جو رات جو بجلي بند ٿي وڃي ته دل گهبرائيندي آهي خاص ڪري اڪيلي ۾ ته تمام گهڻو خوف ٿيندو آهي ۽ انڌيرو ماري ڇڏيندو آهي، هاءِ! هاءِ! ان ڪان پوءِ به قبر جي سخت انڌيري جو ڪو احساس ناهي. نمازون اسان ڪان نٿيون پڙهيون وڃن، رمضان المبارڪ جا روزا اسان ڪان نٿا رکيا وڃن، فرض هجڻ جي باوجود به زڪوٰة اسان ڪان پوري نٿي ادا ڪئي وڃي، ماءُ پيءُ جا حق اسان ادا نٿا ڪري سگهون، آه! رات ڏينهن گناهن ۾ گذري رهيا آهن، يقيناً موت جو هڪ وقت مقرر آهي ان کي ٽارڻ ممڪن ناهي، جيڪڏهن ان طرح گناه ڪندي ڪندي هڪدم موت جو پيغام اچي ويو ۽ اسان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويو ته نه ڄاڻ اسان جي قبر جي پهرين رات ڪيئن گذرندي!

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے    بن تُو مت انجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی    عاقل و نادان آخر موت ہے

کیاخوشی ہو دل کو چندے زِیست سے　　غمزدہ ہے جان آخر موت ہے
ملکِ فانی میں فنا ہر شَے کو　　سن لگا کر کان آخر موت ہے
بارہا علمیؔ تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عاليشان محل جو عبرتناڪ واقعو

انسان تمام وڏا منصوبا تيار ڪندو آهي مگر ان جو هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ئي نہ هوندو آهي تہ زندگي ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي، جڏهن هڪدم زندگيءَ جي ڏور چڪي ويندي ۽ مرڻو ئي پوندو تہ سڀ ڪيو ڪمايو اتي جو اتي رهجي ويندو، چيو وڃي ٿو: ”مدينةالاولياءِ ملتان“ جو هڪ نوجوان دولت ڪمائڻ جي نشي ۾ پنهنجي وطن، شهر ۽ خاندان وغيره کان پري ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهيو. خوب مال ڪمايائين ۽ گهر وارن کي موڪليندو رهيو، پاڻ ۾ مشوري سان عاليشان بنگلو تيار ڪرڻ لاءِ طئي ٿيو. اهو نوجوان سالن تائين پيسا موڪليندو رهيو، گهر وارا گهر نهرائيندا رهيا ۽ ان کي خوب سجائيندا رهيا، ايتري تائين جو هڪ عظيم الشّان بنگلو نهي تيار ٿي ويو. هي نوجوان جڏهن واپس آيو تہ ان عظيم الشّان بنگلي ۾ رهائش جي لاءِ تياريون عروج تي هيون پر آه! قسمت ان عاليشان بنگلي ۾ شفٽ ٿيڻ کان تقريباً هڪ هفتو اڳ ان نوجوان جو اِنتِقال ٿي ويو ۽ اهو نوجوان پنهنجي روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ عاليشان بنگلي جي بجاءِ انڌيري قبر ۾ منتقل ٿي ويو.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ وبو نے
جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## دنيا جا طلبگار

افسوس! اسان جي اڪثريت اڄ دنيا جي طلبگار ۽ آخرت جي فڪر کان خالي آهي، اسان مان ته ڪجھ اهي به آهن جيڪي فاني دنيا جي لذتن جي سبب خوش ۽ خرم، زوال و فنا کان بي خوف، موت جي تصور کان بي خبر، دنيا جي لذتن ۾ بدمست آهن ڪجھ ته اهڙا آهن جيڪي هن ناپائيدار دنيا ۾ هڪدم موت اچڻ کان بي خبر آهن، سهولتن ۽ آسائشن جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ ان ۾ ايتري قدر مگن ٿي ويا جو قبر جو انڌيرو، وحشت ۽ تنهائي کي وساري وينا آهن. آه! اڄ اسان جي پوري قوت دنياوي زندگي کي بهتر بنائڻ ۾ وقف ٿي رهي آهي، آخرت جي بهتري لاءِ فڪر تمام گهٽ نظر اچي. ٿورو غور ته ڪريو هن دنيا ۾ ڪيئي امير ماڻهو اهڙا به ٿي گذريا آهن جيڪي دولت و حڪومت، عزت ۽ دبدبي، گهر وارن ۽ خاندان وارن جي عارضي قرب، دوستن جي وقتي ميل جول ۽ نوڪرن جي خوشامدانہ خدمت جي پرم ۾ قبر جي تنهائي کي وساري چڪا هئا. پر آه! اوچتو فنا جا ڪڪر آيا، موت جو طوفان هليو ۽ دنيا ۾ گهڻو عرصو رهڻ وارن جون اميدون خاڪ ۾ ملي ويون، موت انهن جي پُررونق ۽ خوشين ڀرين گهرن کي ويران ڪري ڇڏيو. روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ محلات مان ڪڍي

انهن کي گهپ انڌيري قبرن ۾ منتقل ڪيو ويو. آه! اهي ڪله تائين پنهنجي خاندان جي رونقن ۾ شادمان ۽ مسرور هئا اهي اڄ قبرن جي وحشتن ۽ تنهائين ۾ غمزده ۽ رنجيده آهن.

اَجَل نے نہ کِسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا　　اِسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا
ہر اِک لیکے کیا کیا نہ حسرت سدھارا　　پڑا رہ گیا سب یُونہی ٹھاٹھ سارا
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## دنيا جو ڌوڪو

افسوس آهي ان تي جيڪو دنيا جي ناپائيداري ڏسڻ باوجود ان جي ڌوڪي ۾ مبتلا رهي ۽ موت کان بلڪل غافل ٿي وڃي. واقعي جيڪو دنياوي زندگي جي ڌوڪي ۾ اچي پنهنجي موت ۽ قبر و حشر کي وساري ويهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ لاءِ عمل نه ڪري، نهايت ئي قابلِ مذمت آهي. ان ڌوڪي کان خبردار ڪندي اسان جو **الله** عَزَّوَجَلَّ سيپاري 22 سورةُ الفاطر جي آيت نمبر 5 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۥ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۵﴾

(پ 22، الفاطر: 5)

**ترجموڪنزالايمان: اي انسانو! بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي، پوءِ توهان کي هرگز ڌوڪو نه ڏئي دنيا جي زندگي ۽ هرگز توهان کي الله جي حڪم تي ڌوڪو نه ڏئي اهو وڏو ڌوڪيباز** (يعني شيطان).

اي عاشقان رسول! ۽ منهنجا مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً جيڪو موت ۽ ان کان بعد وارن معاملن جي سٺي نموني ڄاڻ رکي ٿو

اهو دنيا جي رنگينين ۽ ان جي آسائشن جي ڏوڪي ۾ نٽو اچي سگهي. ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن مرڻ واري جي لاءِ قبر ۾ رکڻ لاءِ فرنيچر تيار ڪرائيندي، قبر ۾ ايئرڪنڊيشنڊ لڳرائيندي، پيسا رکڻ لاءِ تجوڙي نهرائيندي، راندين ۾ ڪٽيل ڪپ ۽ دنياوي ڪاميابين ۾ ڪٽيل تحفا سجائڻ لاءِ ڪبٽ نهرائيندي ڏٺو آهي؟ نہ ڏٺو هوندو ۽ هي ڪم شرعاً صحيح بہ ناهي، تہ پوءِ جڏهن سڀ ڪجھ هتي ڇڏي وڃڻو آهي تہ هي ڊگريون اسان جي ڪهڙي ڪم جون؟ جنهن دولت جي لاءِ سڄي زندگي محنت ۽ مشقت ڪريون ٿا اها اسان جي ڪهڙي مدد ڪندي؟ جنهن منصب جي ڪري آڪڙ ڪندا رهياسين تہ آخر اهو اسان جي ڪهڙي ڪم ايندو؟ مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڃا بہ وقت آهي، هوش ۾ اچو ۽ قبر و آخرت جي تياري ڪريو.

## دنيا ۾ مسافر ٿي رهو

حضرت سَيِّدُنا عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ارشاد فرمايو: "دنيا ۾ ايئن رهو جڻ توهان مسافر آهيو." حضرت سَيِّدُنا عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائيندا هئا: جڏهن تون شام ڪرين تہ اچڻ واري صبح جو انتظار نہ ڪر ۽ جڏهن صبح ڪرين تہ شام جو منتظر نہ رھ ۽ تندرستي جي حالت ۾ بيماري لاءِ ۽ زندگيءَ ۾ موت جي لاءِ تياري ڪري ڇڏ. (صحيح بخاري ج 4 ص 223 حديث 6416)

## دنيا، آخرت جي تياري لاءِ خاص آهي

حضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن سڀ کان آخري خطبو جيڪو ارشاد فرمايو ان ۾ هي بہ آهي: اللّٰه تعاليٰ توهان کي دنيا

صرف ان لاءِ عطا ڪئي آهي تہ توهان ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪيو ۽ ان لاءِ عطا ناهي فرمائي تہ توهان ان ”دنيا“ جا ئي ٻڌجي وڃو، بيشڪ دنيا فاني ۽ آخرت باقي آهي. توهان کي فاني (دنيا) ڪٿي ورغلائي ڪري (آخرت) کان غافل نہ ڪري ڇڏي، فنا ٿيڻ واري دنيا کي باقي رهڻ واري آخرت تي ترجيح نہ ڏيو ڇو تہ دنيا منقطع ٿيڻ واري آهي ۽ بيشڪ **الله** تعاليٰ ڏانهن واپس موٽڻو آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ڇو تہ ان جو خوف ان جي عذاب جي لاءِ (آڙ ۽) ڍال ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي.

(ذَمُّ الدُّنيا مع موسوعة ابن اَبِي الدُّنيا ج 5 ص 83 رقم 146)

ہے یہ دنیا بےوفا آخر فنا
نہ رہا اس میں گدا نہ بادشہ

اي عاشقانِ رسول ۽ منهنجا مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن دنيا جي حقيقت هڪ رستي وانگر آهي جنهن کي طئي ڪرڻ کان پوءِ ئي اسان منزل تائين پهچندا آهيون، هاڻي اها منزل جنت هوندي يا جهنم! ان جو دارو مدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اسان اهو سفر ڪيئن طئي ڪيو! **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪندي يا نافرماني ڪندي؟ جيڪڏهن اسان جنت جا انعام حاصل ڪرڻ ۽ جهنم جي عذابن کان بچڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي ”پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي پوندي.“

الله کرے دل میں اتر جائے میری بات

## ميّت جو اعلان

سرڪارِ مدينہ، سلطانِ با قرينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضۂ قدرت ۾

منهنجي جان آهي جيڪڏهن ماڻهو ان جو (يعني مرڻ واري جو) نڪاڻو ڏسي وٺن ۽ ان جي گفتگو ٻڌي وٺن تہ مردي کي وساري ڇڏين ۽ پنهنجي جانين تي روئن. جڏهن مردي کي تختي تي رکي اتاريو ويندو آهي تہ ان جو روح ڦٿڪي تخت تي ويهي آواز ڏيندو آهي: اي منهنجا اهل و عيال! دنيا توهان سان بہ ائين نہ ڪيڏي جيئن اها مون سان ڪيڏي، مان حلال ۽ حرام مال جمع ڪيو ۽ اهو ٻين لاءِ ڇڏي آيس. ان جو نفعو انهن جي لاءِ آهي ۽ نقصان منهنجي لاءِ، بس جو ڪجھ مون تي گذريو آهي ان کان ڊڄو (يعني عبرت حاصل ڪريو)

(التّذکرة للقرطبي ص 76)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مُردي جي پڪار

حضرت سَيِّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ خاتمُ المرسلين، رَحمةٌ لِّلْعٰلمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جڏهن جنازو تيار ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهو ان کي پنهنجي ڪلهي تي کڻندا آهن، جيڪڏهن اهو نيڪ آهي تہ چوندو آهي تہ مون کي جلدي وٺي هلو، جيڪڏهن اهو برو هوندو آهي تہ پنهنجي رشتيدارن کي چوندو آهي: هاءِ! مون کي توهان ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا آهيو! انسانن کان علاوه هر هڪ شيء ان جو آواز ٻڌندي آهي، جيڪڏهن انسان ان کي ٻڌي وٺي تہ بيهوش ٿي وڃي.

(صحيح بخاري ج 1 ص 465 حديث 1380)

## قَبر جي پڪار

حضرتِ سَيِّدُنا ابُو الحَجّاج ثُمالِي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

www.dawateislami.net

ارشاد فرمايو: جڏهن ميت کي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي تہ قبر ان کي چوندي آهي: اي انسان تون برباد ٿين! تون ڇا جي ڪري مون کي وساريو هو؟ ڇا توکي ايتري بہ خبر نہ هئي تہ مان فتنن جو گهر آهيان، اونداهي جو گهر آهيان، پوءِ تون ڇا جي ڪري مون تي آڪڙجي گهمندو ڦرندو هئين؟ جيڪڏهن اهو مردو نيڪ ٻانهو هوندو تہ هڪ غيبي آواز قبر کي چوندو: اي قبر! جيڪڏهن هي انهن مان هجي جيڪي نيڪي جو حڪم ڪندا رهيا ۽ برائي کان روڪيندا رهيا تہ پوءِ! (تنهنجو سلوڪ ڇا هوندو؟) قبر چوندي آهي: جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ ان لاءِ گلزار بڻجي وڃان ٿي. پوءِ ان شخص جو جسم نور ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ان جو روح ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ڏانهن پرواز ڪري ويندو آهي!

(مسند ابي يعليٰ ج 6 ص67 حديث 6835)

**اي عاشقانِ رسول ۽ منهنجا مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو تہ** سهي ان وقت جڏهن قبر ۾ اڪيلا هونداسين، گهٻراهٽ محسوس ٿيندي، نہ ڪيڏانهن وڃي سگهنداسين نہ ڪنهن کي سڏي سگهنداسين ۽ ٻاهر نڪرڻ جي بہ ڪا صورت نہ هوندي. ان وقت قبر جي اُپ ڏاريندڙ رڙين ٻڌڻ کان پوءِ ڇا گذرندو!

قَبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار ۔۔۔ مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بے شمار
یاد رکھ! میں ہوں اندھیری کوٹھڑی ۔۔۔ مجھ میں سُن وَحشت تجھے ہوگی بڑی
میرے اندر تُو اکیلا آئیگا ۔۔۔ ہاں مگر اعمال لیتا آئیگا
تیرا فن تیرا ہنَر، عُہدہ ترا ۔۔۔ کام آئے گا نہ سرمایہ تِرا
دولتِ دنیا کے پیچھے تُو نہ جا ۔۔۔ آخِرت میں مال کا ہے کام کیا
دل سے دنیا کی محبّت دُور کر ۔۔۔ دل نبی کے عِشق سے معمور کر

لندن و پیرس کے سپنے چھوڑ دے
بس مدینے ہی سے رِشتہ جوڑ لے

## جنت جو باغ يا جهنم جو کڏو

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”قبر جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي يا جنهم جي کڏن مان هڪ کڏو.“ (سنن تِرمذي ج 4 ص 208 حديث 2468)

گورِ نیکاں باغ ہو گی خُلد کا
مجرِموں کی قَبْر دوزخ کا گڑھا

## فرمانبردار تي قبر جي رحمت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نمازن ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ قبر ۾ راحتون ۽ بي نمازين، ۽ گناهن پريا غير شرعي فيشن ڪرڻ وارن لاءِ آفتون ئي آفتون هونديون، حضرتِ علامہ جلالُ الدّين سُيُوطِي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: حضرتِ سَيِّدُنا عُبيد بن عُمير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته، قبر مردي کي چوندي آهي ته جيڪڏهن تون پنهنجي زندگي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانبردار هُئين ته اڄ مان توتي رحمت ڪنديس ۽ جيڪڏهن تون پنهنجي زندگيءَ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو نافرمان هُئين ته مان تنهنجي لاءِ عذاب آهيان، مان اهو گهر آهيان جو جيڪو مون ۾ نيڪ ۽ فرمانبردار تي داخل ٿيو اهو مون کان خوش ٿي نڪرندو ۽ جيڪو نافرمان ۽ گنهگار هيو، اهو مون کان تباهه حال ٿي نڪرندو.

(شَرحُ الصُّدُور ص 114، اهوال القبور لابن رجب ص 27)

## پاڙي واري مردن جي پُڪار

منقول آهي: جڏهن مردي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ان کي عذاب ٿيندو آهي تہ پاڙي وارا مردا ان کي سڏي چوندا آهن: اي دنيا مان اچڻ وارا! ڇا تون اسان جي موت مان نصيحت حاصل نہ ڪئي؟ ڇا تو ڪونہ ڏٺو تہ اسان جا اعمال ڪيئن ختم ٿيا؟ ۽ توکي تہ عمل ڪرڻ جي مهلت ملي هئي، پر تو وقت ضايع ڪري ڇڏيو، قبر جو هر حصو ان کي سڏي چوندو آهي: اي زمين تي آڪڙجي هلڻ وارا! تو مرڻ وارن مان عبرت حاصل چونہ ڪئي؟ ڇا تو نہ ڏٺو تہ تنهنجي مُرده رشتيدارن کي ماڻهو ڪهڙي طرح قبرستان ڏانهن کڻي ويا. (شَرحُ الصُّدُور ص 116)

## مُردن سان گفتگو

”شَرحُ الصُّدُور“ ۾ آهي: حضرت سَيِّدُنا سعيد بن مُسيَّب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي اسان اميرُالمُؤمِنِين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتَضيٰ، شيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم سان گڏ مدينہ منوره جي قبرستان وياسين. حضرتِ مولا علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جن قبر وارن کي سلام ڪيو ۽ فرمايو: اي قبرن وارؤ! توهان پنهنجي خبر ٻڌائيندؤ يا اسان توهان کي ٻڌايون؟ سَيِّدُنا سعيد بن مسيَّب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ اسان قبر مان ”وَعَلَيۡكَ السَّلَامُ وَرَحۡمَةُاللهِ وَبَرَكَاتُهٗ“ جو آواز ٻڌو ۽ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هيو: يا اميرَ المُؤمِنِين! توهان ئي ٻڌايو تہ اسان جي مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيو؟ حضرت مولا علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جن فرمايو: ٻڌي ڇڏيو! توهان جو مال تقسيم ٿي ويو، توهان جي گهروارين ٻيو نڪاح ڪري ڇڏيو، توهان جو اولاد يتيمن ۾ شامل

ٿي ويو، جنهن گهر کي توهان مضبوط ٺهرايو هو ان ۾ توهان جا دشمن آباد ٿي ويا. هاڻي توهان پنهنجو حال ٻڌايو. اهو ٻڌي هڪ قبر مان آواز اچڻ لڳو: يا اميرُالمُؤمِنِين! اسان جا ڪفن ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا، اسان جا وار ڇڻي وڪرجي ويا، اسان جون گلون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون، اسان جون اکيون ٻاهر نڪري ڳلن تي اچي ويون ۽ اسان جي ناسن مان پيپ وهي رهيو آهي ۽ اسان جيڪو ڪجھ اڳتي موڪليو (يعني جهڙا عمل ڪيا) انهن جو بدلو مليو، جيڪو ڪجھ پوئتي ڇڏيو ان ۾ نقصان ٿيو.

(شَرحُ الصُّدُور ص 209، ابن عساکر ج 27 ص 395)

## ڪٿي آهن اهي خوبصورت چهرا

حضرتِ سَيِّدُنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ خطبي جي دوران فرمائيندا هئا: ڪٿي آهن اهي خوبصورت چهري وارا؟ ڪٿي آهن پنهنجي جوانيءَ تي ناز ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا اهي بادشاهـ جن عاليشان شهر تعمير ڪرايا ۽ انهن کي مضبوط قلعن سان محفوظ ڪيو؟ ڪيڏانهن هليا ويا ميدانِ جنگ ۾ غالب اچڻ وارا؟ بيشڪ زماني انهن کي ذليل ڪيو ۽ هاڻي اهي قبر جي اونداهين ۾ پيا آهن. جلدي ڪيو! نيڪين ۾ اڳتي وڌو ۽ نجات طلب ڪيو.

(شُعَبُ الايمان لِلبَيهَقِي ج 7 ص 365 حديث 10595)

## هينئر کان ئي تياري ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمُؤمِنِين حضرت سَيِّدُنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اسان کي دنيا جي ناپائيداري، ان جي بيوفائين ۽ قبر جي اونداهين جو احساس ڏياريندي غفلت ڀري ننڊ مان سجاڳ

ڪندي، قبر ۽ حشر جي تياري جو ذهن ڏئي رهيا آهن. واقعي عقلمند اهو ئي آهي جيڪو موت کان پهريان موت جي تياري ڪندي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪري ۽ سنتن جو مدني ڏيئو قبر ۾ گڏ کڻي وڃي ۽ ائين قبر جي روشني جو انتظام ڪري، نه ته قبر هرگز اهو لحاظ نه ڪندي ته منهنجي اندر ڪير آيو آهي! امير هجي يا فقير، وزير هجي يا ان جو مُشِير، حاڪم هجي يا محڪوم، آفيسر هجي يا پٽيوالو، سيٺ هجي يا ملازم، ڊاڪٽر هجي يا مريض، ٺيڪيدار هجي يا مزدور جيڪڏهن ڪنهن به آخرت جي تياري ۾ گهٽتائي ڪئي، نمازون گهٽي قدر قضا ڪيون، رمضان شريف جا روزا بنا عذرِ شرعي نه رکيا، فرض هوندي به زڪوٰة نه ڏني، حج فرض هيو پر ادا نه ڪيو، طاقت هئڻ باوجود به شرعي پردو نه ڪرايو، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪئي، ڪوڙ، غيبت، چغلي جي عادت رهي، فلمون ڊراما ڏسندا رهيا، گانا باجا ٻڌندا رهيا، ڏاڙهي ڪوڙائيندا يا هڪ مُٺ کان گهٽائيندا رهيا. مطلب ته تمام گهڻا گناه ڪندا رهيا ته الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جي صورت ۾ حسرت ۽ ندامت کان سواءِ ڪجهه به هٿ نه ايندو. جنهن فرضن سان گڏوگڏ نفلن جي به پابندي ڪئي، رمضان المبارڪ کان علاوه نفلي روزا به رکيا، گهٽي گهٽي، چوڪ چوڪ، نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايون، قرآنِ پاڪ جي تعليم نه صرف پاڻ حاصل ڪئي پر ٻين کي به ڏني، ”چوڪ درس“ ڏيڻ ۾ گهٻراهٽ محسوس نه ڪئي، ”گهر درس“ شروع ڪيو، سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين مسلمانن کي به ان جو ذهن

ڏنو، روزانو مدني انعامات جو ڪارڊ پري ھر مدني مهيني جي ابتدائي 10 ڏينهن ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو، **اللہ** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل و ڪرم سان ايمان سلامت ڪٽي دنيا مان ويو تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي قبر ۾ حشر تائين رحمتن جو نزول ٿيندو رهندو ۽ نورِمصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جلوا عام رهندا.

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی (حدائق بخشش)

## فنڪار دعوتِ اسلامي ۾ ڪيئن آيو؟

اي عاشقانِ رسول! بس ھر دم دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿي ويندا. اچو! توهان جي ترغيب لاءِ هڪ ايمان افروز مدني بهار توهان جي اڳيان پيش ڪيان ٿو: ملير (بابُ المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريباً 27 سال) جو ڪجهه هن طرح سان بيان آهي تہ مون کي ننڍپڻ ۾ نعتون پڙهڻ جو شوق هيو، گهريلو فنڪشن (پروگرامن) ۾ ڪڏهن ڪڏهن فرمائش تي گانا ڳائيندو هيس آواز سٺو هجڻ سبب خوب داد ملندو هو جنهن سبب مان خوشيءَ ۾ نہ ماپندو هيس. جڏهن ٿورو وڏو ٿيس تہ گِٽار (موسيقي جو اوزار) سکڻ جو شوق ٿيو، پوءِ مون باقاعده گانا سکڻ لاءِ اڪيڊمي ۾ داخلا ورتي، ڪافي سالن تائين سکڻ کان پوءِ مان ڳائڻ جي مقابلي ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو، ڪيترن ئي ٽي وي چينلن تي بہ ڳايو. وقت سان گڏوگڏ شهرت بہ ملندي وئي. پوءِ مون کي دبئي جي تمام وڏي

پروگرام ۾ شرڪت جو موقعو مليو، اتان ڪان هِند (ڀارت) هليو ويس جتي تقريباً ڇهه مهينن تائين ڳائڻ جي مختلف پروگرامن ۾ حصو ورتو، وڏن وڏن پروگرامن ۾ ۽ فلمن ۾ گانا ڳايا ۽ ڪافي نالو ۽ مال ڪمايو. پوءِ ڳائڻ جي ٽيم سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ويس جن ۾ ”ڪينيڊا (ٽورنٽو، وِينڪوُور)، آمريڪا جي 10 رياستن (شڪاگو، لاس اينجلس، سان فرانسيڪو وغيره)، انگلينڊ (لنڊن) به ويس. جڏهن ڪجهه عرصي لاءِ وطن موٽي آيس ته گهر وارن ۽ محلي وارن تمام گهڻي حوصلا افزائي ڪئي، جيتوڻيڪ ان سان نفس کي ته ڏاڍو مزو آيو پر دل جي دنيا بي سڪون هئي، ڪجهه گهٽتائي محسوس ٿي رهي هئي. دل روحانيت جي طلبگار هئي، نماز جي لاءِ مسجد ۾ اچڻ وڃڻ ٿيو ته اتي عشاء جي نماز کان پوءِ ٿيڻ واري فيضانِ سنت جي درس ۾ شرڪت جي سعادت ملي. درس سنو لڳو ان ڪري مان ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ ويهڻ لڳس پر دل ۽ دماغ ۾ بار بار ملڪ کان ٻاهر وڃڻ گانا ڳائڻ، مال ملڪيت ڪمائڻ ۽ شهرت حاصل ڪرڻ جو ڀوت سوار هو، درس کان بعد اسلامي ڀائر مون تي جيئن ئي انفرادي ڪوشش شروع ڪندا هئا ته مان بهانا ڪري نڪري ويندو هيس. هڪ رات سمهي پيس ته خواب ۾ دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغ جي زيارت ٿي جيڪو مٿانهين جڳهه تي بيٺو مون کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ سڏي رهيو هو ائين لڳو ڄڻ مون کي گناهن جي دلدل کان نڪرڻ لاءِ چئي رهيو هو، جڏهن صبح جو اٿيس ته پنهنجي موجوده زندگي جي معمولات تي ڪجهه دير غور وفڪر ڪيو پر گناهن واري ساڳي حالت رهي، ڪجهه عرصي بعد مان هڪ خواب وري ڏٺو جنهن

www.dawateislami.net

مون کي جهنجهوڙي ڇڏيو! ڇا ٿو ڏسان تہ مان مري ويو آهيان ۽ منهنجي لاش کي غسل ڏنو پيو وڃي پوءِ مون پاڻ کي برزخ ۾ ڏٺو، ان وقت مان پنهنجو پاڻ کي تمام گهڻو بي وس محسوس ڪيو، هاڻي مون پنهنجو پاڻ کي چيو: "تون تمام گهڻو مشهور ٿيڻ پيو چاهين نہ، ڏٺئي پنهنجي اوقات!" صبح جڏهن اک کلي تہ مان پگهر ۾ آلو هيس ۽ منهنجو جسم ڏڪي رهيو هو ۽ ائين لڳي رهيو هو هڪ دفعو ٻيهر موقعو ڏئي ڪري مون کي دنيا ۾ موڪليو ويو آهي. هاڻي منهنجي دماغ تان گانا ڳائڻ جو شوق بالڪل ختم ٿي چڪو هو، مان گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ اهو پڪو عزم ڪيو تہ اڳتي ڪنهن بہ صورت ۾ گانا نہ ڳائيندس. جڏهن گهر وارن کي ان ڳالهہ جي خبر پئي تہ انهن سخت مزاحمت ڪئي پر **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان منهنجو مدني ذهن ٺهي چڪو هو ۽ مان پنهنجي فيصلي تي قائم رهيس. مون کي خواب ۾ ٻيهر انهيءَ ئي مبلغ جي زيارت ٿي، انهن منهنجي حوصلا افزائي فرمائي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي هن ارشاد مبارڪ:

وَالَّذِيۡنَ جَاهَدُوۡا فِيۡنَا لَنَهۡدِيَنَّهُمۡ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۶۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جن اسان جي راهہ ۾ ڪوشش ڪئي اسان ضرور انهن کي پنهنجي راهہ هلائينداسين ۽ بيشڪ **الله** نيڪن سان گڏ آهي.

(پاره 21، العنڪبوت 69)

جي مطابق مون کي دعوتِ اسلامي ۾ استقامت ملي وئي. مان نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي، پنهنجي چهري تي ڏاڙهي

شريف سجائي ۽ پنهنجي مٿي کي سبز سبز عمامي سان سرسبز ڪري ڇڏيو. پهريان مان ڳانن جا شعر پڙهندو هيس هاڻي مکتبة المدينہ مان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪرڻ منهنجو معمول هيو. هڪ رات ڪجهن ڪتاب پڙهندي پڙهندي ستس تہ منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ مون کي خواب ۾ پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي جنهن تي مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو جيترو بہ شڪر ادا ڪريان گهٽ آهي. ان سان منهنجي دل کي تمام گهڻي خوشي ملي. پوءِ مفتيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ حافظ مفتي محمد فاروق عطّاري مدَني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قبر مسلسل برسات جي ڪري کلي تہ ان جي صحيح سلامت بدن، تازه ڪفن، سبز سبز عمامي ۽ زلفن جا جلوه ڏسي خوشيءَ منجهان جهومي پيس تہ دعوتِ اسلامي سان وابستہ رهڻ وارن تي **الله**عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نہ ڪرم ۽ احسان آهي. مدني ڪم ڪندي ڪندي ڪالھ جو ڳائڻو جنيد شيخ مدني ماحول جي برڪت سان اڄ مبلغ دعوتِ اسلامي ۽ نعت خوان بڻجي ويو، **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ! هي بيان لکڻ تائين مون کي دعوتِ اسلامي جي ذيلي مشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان مسجد ۽ بازار ۾ فيضانِ سنت جو درس ڏيڻ، صداءِ مدينہ لڳائي يعني نمازِ فجر لاءِ جاڳائڻ، علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي سعادت حاصل آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي مرڻ گهڙي تائين مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي 99 نالن جي خواب ۾ ترغيب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جي مشهور ۽ معروف اڳوٽي ڳائٽي جنيد شيخ هيءُ "مدني بهار" لکرائڻ جي ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنۡهُ کي ٻڌايو تہ "اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪجھ ڏينهن اڳ مونکي هڪ دفعو ٻيهر سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيو، جنهن ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نالا ياد ڪرڻ جو اشارو مليو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون اهي ياد ڪري ڇڏيا آهن." پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هونءَ تہ حديثِ پاڪ ۾ اللّٰه تعاليٰ جا 99 نالا ياد ڪرڻ جي فضيلت موجود آهي پر وڌيڪ خوشنصيبي اها جو آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خواب ۾ تشريف ڪٽي پنهنجي عاشق کي خصوصيت سان ان جي ترغيب ارشاد فرمائي. 99 اَسماءُ الحُسنيٰ جي فضيلت ٻڌو ۽ خوش ٿيو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا 99 نالا آهن جنهن انهن کي ياد ڪيو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (صحيح بخاري ج 2 ص 229 حديث 2736)

(تفصيلي معلومات لاءِ "نزهة القاري شرح صحيح البخاري" صفحي 895 کان 898 تائين ملاحظ فرمايو)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت

سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سنّتیں عام کریں، دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان، مدینے والے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”مدني حليو اپنايو“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان لباس جا 14 مدني گل

ٽي فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ۞ جِنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي ته بِسْمِ اللّٰهِ چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 10 ص 173 حديث 10362) مُفسِّرِ شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جِنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جِنَّ ان کي ڏسي نه سگهن. (مرأة المناجيح ج1 ص 268) ۞ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ هي پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ کَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِیْهِ مِنْ غَیْرِ حَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ (تمام تعريفون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن مونکي هي ڪپڙا پارايا ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت بغير مون کي عطا فرمايو) ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. (ابو داؤد ج 4 ص 59 حديث 4023) ۞ جيڪو قدرت هئڻ باوجود سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني جنتي لباس) پارائيندو. (ابو داؤد ج 4 ص 326 حديث 4778)

www.dawateislami.net

تری سادگی پہ لاکھوں تری عاجزی پہ لاکھوں
ہوں سلام عاجزانہ مدنی مدینے والے

۞ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36) ۞ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي. (ايضاً 41) ۞ منقول آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌو، يا بيهي ڪري سَراوِيل (يعني پاجامو يا شلوار) پاتي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي. (ايضاً 39) ۞ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين ساڄي آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾. (ايضاً 43) ۞ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پائنچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ۞ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهہ اڌ پِنّيءَ تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهہ وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٽ هجي (ردالمحتار ج 9 ص 579) ۞ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مرآة ج 6 ص 94) ۞ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو ۞ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 1

www.dawateislami.net

صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪڻ فرض آهي، دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. (درمختار و ردالمحتارج 2 ص 93) هن زماني ۾ ڪيئي اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) ائين پائيندا آهن جو پيڙو (يعني دُن جي هيٺ) جو ڪجھ حصو کليل رهندو آهي جيڪڏهن ڪُرتي وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت ظاهر نہ ٿئي تہ خير، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي برابر کليل رهي تہ نماز نہ ٿيندي. (بهارشريعت) ۞ اڄڪلھ ڪجھ ماڻهو سر عام ماڻهن جي سامهون نيڪر (هاف پينٽ) پائي گهمندا آهن جنهن سان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر ايندي‌ون آهن هي حرام آهي، اهڙن جي کليل گوڏن ۽ رانن ڏانهن نظر ڪرڻ بہ حرام آهي، بالخصوص سمند جي ڪناري، راند روند جي ميدان، ورزش جي جڳهن تي اهڙا منظر گهڻا هوندا آهن، تنهنڪري اهڙين جڳهن تي وڃڻ لاءِ سخت احتياط ضروري آهي ۞ تڪبّر طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي، تڪبر آهي يا نہ ان جي سڃاڻپ ائين ڪري جو ان ڪپڙن جي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ اها ئي حالت آهي تہ خبر پئي ان ڪپڙن ۾ تڪبّر پيدا نہ ٿيو، جيڪڏهن اها حالت باقي نہ رهي تہ تڪبر اچي ويو، تنهن ڪري اهڙن ڪپڙن کان بچي جو تڪبّر بُري صفت آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 52، ردالمحتارج 9 ص 579)

## مَدَني حُليو

ڏاڙهي، زُلفَ، مٿي تي سبز سبز عمامو شريف (سائو رنگ گهڻو ڊارڪ نہ هجي) ڪَلِيَن وارو سفيد ڪُرتو سنت جي مطابق اڌ

پنّيءَ تائين ڍڳهو، آستينون هڪ گراٺ ويڪريون، سيني تي دل واري پاسي کيسي ۾ نمايان مسواڪ، پاجامو يا سلوار پيڊين کان مٿي، ۽ مٿي تي سفيد چادر ۽ مدني انعامات تي عمل ڪندي پردي ۾ پردو ڪرڻ لاءِ ناسي چادر به گڏ هجي ته مدينو مدينو.

بيان ڪيل مدني حليي ۾ جڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي ڏسندو آهيان ته منهنجي دل باغ باغ بلڪ باغ مدينو ٿي ويندي آهي.

**دعاءِ عطار**: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي، ۽ مدني حليي ۾ رهڻ وارن تمام اسلامي ڀائرن کي سبز سبز گنبذ جي ساَيي ۾ شهادت، جنتُ البقيع ۾ مدفن ۽ جنتُ الفردوس ۾ پنهنجي پياري محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف و رِیش میں
لگ رہا ہے مَدَنی حُلیے میں وہ کتنا شاندار

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان وٽ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات گذاريو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذمدارڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻ آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net